کالاباغ ڈیم



ترتیب: اسلم خواجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالاباغ ڊيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالاباغ ڊيم

ترتيب:
اسلم خواجا

ڪتاب پبلشرس ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر 2

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	ڪالاباغ ڊيم
مرتب	:	اسلم خواجا
پهريون ڇاپو	:	آگسٽ 1998ع
ڇپيندڙ	:	علمي پرنٽرس ڪراچي فون: 2625254
لي آئوٽ سيٽنگ	:	الطاف پيرزادو
ڇپائيندڙ	:	ڪتاب پبلشرس
قيمت	:	هڪ سؤ روپيا
ٽائيٽل	:	Zed Books لنڊن جي ڪتاب Silenced Rivers جي ٽورن سان.

Book Title: Kala Bagh Dam
Compiled by: Aslam Khwaja
Published by: Kitab Publishers Karachi.
(Title courtesy of Zed Books London)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

ندين تي راتاهن خلاف هلندڙ
عالمي جدوجهد جي نالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

١- مرتب پاران		9
٢- پاڻيءَ جو مسئلو ۽ تاريخي پس منظر	جي ايم سيد	11
٣- پاڻيءَ منجهه پساهه	مير محمد بلوچ	35
٤- سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو مسئلو	حافظ محمد صديق ميمڻ	59
٥- وڏا ڊئم: فني ناڪاميءَ جو ثبوت	پيٽرڪ مِڪ ڪَلي	78
٦- ڪالاباغ ڊيم - تصوير جو درست رُخ	قاضي عبدالمجيد	100
٧- ڪالاباغ ڊيم بابت ڪجهه ويچار	انجنيئر عبدالرسول ميمڻ	109
٨- ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ ڪيس	ابرار قاضي	129
٩- ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌو ڊيلٽا تي ٿيندڙ نقصان	پيٽر جان مئنل	152
١٠- ڪالاباغ تي ڊيم	علي ارسلان ۽ محمد نعمان	160
١١- ضميما		166

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتب پاران

ڪالاباغ ڊيم ذريعي سنڌو تي راتاهي جي ڪوشش ڪيتري پراڻي آهي، انڪان پڙهندڙ ڀلي ڀت واقف آهن ۽ هيءَ ڪتاب انجا تاريخي ۽ ٽيڪنيڪي ثبوت ٿو فراهم ڪري. جيتوڻيڪ سنڌ واسي ڪالاباغ ڊيم سميت انيڪ سنڌ دشمن پاليسين کان مڪمل طور تي واقف آهي پر هڪ تنقيد اڪثر سنڌ واسين تي ٿيندي رهي آهي ته هو پنهنجو ڪيس غير جذباتي بنيادن تي نٿا رکن ۽ پنهنجي خول ۾ محدود آهن. هيءَ ڪتاب انهن ئنهي تنقيدن جي جواب جي هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي، جنهن ۾ نه رڳو ڪالا باغ ڊيم جي حوالي سان سنڌ ڪيس ٽيڪنيڪل بنيادن تي پيش ڪيو ويو آهي پر عالمي سطح تي وڏن ڊيمن ذريعي دريائن تي راتاهن خلاف مزاحمت بابت شامل مضمون اهو ثابت ٿو ڪري دريائي پاڻي کي غير فطري انداز ۾ روڪڻ جا مزاحمتي رڳو سنڌ واسي ئي ناهن.

ادارو پاڻي جي مسئلي ۽ ڊيمن خلاف جدوجهد تي ڪتابن جو هڪ سلسلو شايع ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو پر ان جو دارومدار پڙهندڙن جي موٽ تي هوندو.

سات سلامت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي - ايم - سيد

پاڻيءَ جو مسئلو ۽ تاريخي پس منظر

سنڌو درياهه جي پاڻي جي ورهاست ۽ منصوبه بندي:

اهو بين الاقوامي قانون آهي تہ جملي درياهن جي پاڻي تي جن ملڪن مان هو لنگهن ٿا، انهن جو حق تسليم ڪيل آهي. سنڌو درياهه ۽ ان سان ملحق مددگار نديون جهڙوڪ چناب، جهلم، راوي، ستلج ۽ بياس موجوده وقت جي پارٽ وارين ايراضين مان نڪري سمنڊ تائين وڃن ٿيون.

(الف) ٣- ١٩٠١ع ڌاري انهن درياهن جي پاڻي جي ورهاست بابت، هند سرڪار طرفان هڪ انڊين اريگيشن ڪميشن انهيءَ مقصد لاءِ مقرر ڪئي ويئي. جنهن فيصلو ڪيو تہ مٿي ذڪر ڪيل درياهن مان پنجاب سرڪار ۽ سنڌ سرڪار جي رضامنديءَ کان سواءِ ڪوبہ پاڻي ڪٽي نہ سگهندو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ بمبئي پريزيڊنسي سان ملحق هئي.

(ب) ان نهراءِ ۽ پاليسيءَ کي ١٩١٩ع جي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ ۾ بہ تسليم ڪيو ويو هو. جنهن موجب فيصلو ٿيل هو تہ انهن درياهن جي پاڻي بابت ڪنهن بہ صوبي طرفان ڪوبہ نئون پراجيڪٽ گورنمينٽ آف انڊيا جي منظوريءَ کان سواءِ ٺهي نہ ٿي سگهيو.

(ت) سنڌو درياهه ۽ ان سان ملحق مددگار ندين جي پاڻيءَ جي ورهاست جو سوال گهڻو پراڻو هو پر ١٩١٩ع کان ان تي زوردار اختلاف شروع ٿيا.

بمبئي سرڪار ۽ پنجاب سرڪار جي وچ ۾ انهيءَ پاڻيءَ جي ورهاست تان اختلاف پيدا ٿيا، جنهن جو احوال ٢ جون ١٩٢٧ع تي سنڌ سرڪار طرفان سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏي موڪليل لکپڙهہ مان پئجي سگهي ٿو. ان مان ڪي مختصر ٽڪر هيٺ ڏجن ٿا تہ جيئن مسئلي جي پس منظر بابت پڙهندڙن کي پتو پئجي سگهي تہ ڪهڙيءَ طرح اهي اختلاف شروع ٿيا.

(ٿ) انڊين ڪاٽن ڪميٽيءَ جي رپورٽ ١٩١٩ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. ان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي خاص دلچسپي سنڌ جي ايراضيءَ کي ڪپهہ جي پوک هيٺ آڻڻ سان هئي، جو ان ۾ مانچسٽر ۽ بمبئيءَ جي ڪپهہ ڪارخانن وارن جو هٿ هو.

ان رپوٽ ۾ خاص طور تي چاتايل هو تہ پنجاب سرڪار طرفان ڪوبہ نئون پراجيڪٽ شروع نہ ڪيو وڃي. جيسين سکر بيراج جو ڪم پورو نہ ٿئي ۽ جيسين آئيندي سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورتن جو پتو نہ پوي.

(ج)آگسٽ ١٩١٩ع ۾ بمبئي سرڪار (جنهن سان سنڌ ملحق هئي) هند سرڪار کي عرضداشت ڪئي چاڪاڻ تہ هن ڪان پوءِ جيڪي بہ پراجيڪٽ پنجاب سرڪار طرفان سنڌن آباديءَ جي وڌائڻ لاءِ شروع ڪيا ويندا، تن جو اثر سکر وٽان لنگهندڙ پاڻيءَ تي ضرور پوڻو آهي. تنهن ڪري بمبئي سرڪار کي پنجاب سرڪار طرفان نون پراجيڪٽن لاءِ گهربل رپورٽ موڪلڻ گهرجي.

(ح) - سيپٽمبر ١٩١٩ع تي پنجاب سرڪار ٿل پراجيڪٽ اسڪيم ٺاهڻ لاءِ هند سرڪار کي عرضداشت پيش ڪئي تہ اُن پراجيڪٽ کي سکر بيراج جي ٺاهڻ تي ترجيح ڏني وڃي. اُن اسڪيم موجب پنجاب سرڪار جو، پنجاب جي آبادگارن کي سترنهن لک ڏهہ هزار ايڪڙن لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ جو ارادو هو.

(د)- لارڊ چيملسفورڊ، هندستان جي گورنر جنرل، پنجاب جي اُن عرضداشت قبولڻ کان انڪار ڪيو چاڪاڻ تہ اُن پراجيڪٽ هيٺ گهٽ قسم جي ايراضي واري زمين آباد ٿيڻ واري هئي. انکان سواءِ هنن کي سکر ۽ ستلج وئلي پراجيڪٽن جي منظوري سيڪريٽري آف اسٽيٽ کان ملڻ جي اُميد هئي، جي سنڌن نقطي نگاهہ موجب وڌيڪ ترجيح ڏيڻ جي لائق هئا.

(ذ) وري ٿورو ترسي، ڪجهہ مهينن کان پوءِ، پنجاب سرڪار ٿل پراجيڪٽ اسڪيم کي پيهر ترميم ٿيل صورت ۾ هند سرڪار اڳيان پيش ڪيو ۽ ستلج وئلي پراجيڪٽ جي اسڪيم شروع ڪرڻ کان پوءِ ٿل ۽ حويلي پراجيڪٽن جي شروع ڪرڻ جي منظوري گهري، ان تي هند سرڪار اهي پراجيڪٽ منظور نہ ڪيا. مرڳو ڪين چيو تہ اُنهن پراجيڪٽن لاءِ ضروري سروي ۽ ٻيو مواد هٿ ڪري، ڪين موڪلي ڏين، جو ان مان ڪين سکر بيراج تي پوندڙ اثر جو اندازو پئجي سگهندو.

(ر)- اپريل ١٩٤٣ع تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا سکر بيراج جي کوٽائڻ جي منظوري ڏني. اُن تي پنجاب سرڪار اعتراض ورتو تہ سنڌن بيراجن تي سکر بيراج کي ڇو ترجيح ڏني ويئي هئي ۽ اُن جي آباديءَ لاءِ جيڪي پاڻي جون ڊيوٽيز بمبئي سرڪار طرفان مقرر ڪيون ويون هيون، تن تي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتراض ورتائون. جنهن تي بمبئي سرڪار سخت احتجاج ڪندي، جواب ڏنو تہ پنجاب سرڪار سنڌو درياھ ۽ ان جي مددگار ندين مان پاڻيءَ جو گھڻو حصو اڳئي وٺي ڇڏيو هو ۽ سنڌن سڀ پراجيڪٽ پيرينيل (دائمي وهندڙ واهن جا) هئا ۽ ٻئي طرف سنڌ ۾ اڃا هڪڙو بہ پراجيڪٽ شروع نہ ڪيو ويو هو. ان موقعي تي بمبئي سرڪار ٿل پراجيڪٽ جي ناهڻ تي بہ اعتراض ورتو، جو ان جي نڪرڻ ڪري ڪين سنڌ جي آباديءَ لاءِ مستقبل ۾ گھربل پاڻي لاءِ گھڻو خطرو نظر آيو ٿي.

(ز) هند سرڪار ٻنهي بمبئي ۽ پنجاب جي سرڪارن جي اعتراضن تي غور ڪيو ۽ سکر بيراج تي آباديءَ لاءِ پاڻي جي ڊيوٽز تي نئين سر غور ڪيو. جنهن صورت ۾ آخري فيصلي لاءِ وقت پهچي چڪو هو. ان ڪري هند سرڪار هڪ اعلان ذريعي ٢١ آگسٽ ١٩٢٣ع تي ٻنهي سرڪارن کي پنهنجي فيصلي کان آگاھ ڪيو.

ان ۾ چاٿايل هو تہ سنڌ وارن کي سکر بيراج ۽ ٻيا پراجيڪٽ کوٽائڻ جو پورو حق حاصل هو. تنهنڪري انهن جي لاءِ سنڌ وارن کي گارنٽي ڏيڻ ضروري هئي. ازان سواءِ ان اعلان ۾ اهو بہ چاٿايل هو تہ سکر بيراج لاءِ زمين جي آباديءَ واسطي جيڪي پاڻيءَ جون ڊيوٽيون مقرر ڪيل هيون، سي گھڻي غور ۽ فڪر بعد مقرر ڪيل هيون ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ بارش گھٽ پيئي ٿي ۽ ان ۾ زير زمين پاڻيءَ جي بہ قلت هئي. هند سرڪار صاف ظاهر ڪري ڇڏيو تہ ان مسئلي کي وري اٿلائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ هئي. ازان سواءِ ان اهو بہ چاٿائي ڇڏيو تہ آئيندي سنڌ ۽ پنجاب جو ڪوبہ پراجيڪٽ منظور نہ ڪيو ويندو، سواءِ ٻي پارٽيءَ کي وقتائتي اطلاع ڏيڻ ۽ ان بابت ٻنهي جي وچ ۾ قابل قبول فيصلي مهيا ڪرڻ جي.

(س) ان فيصلي کان پوءِ ١٥ مهينن تائين پنجاب سرڪار ۽ بمبئي سرڪار کان ڪجھہ بہ ان مسئلي بابت لکپڙھ جو پتو پئجي نٿو سگھي، جو ماٺ ٿي ويئي.

(ش) سنڌو درياھ ۽ ان سان ملحق ندين جي پاڻيءَ تي پنهنجي حق جمائڻ لاءِ پنجاب سرڪار نومبر ١٩٢٤ع ۾ وري ٿل پراجيڪٽ جي اجازت لاءِ سوال اٿاريو. هن ڀيري تجربي خاطر ننڍي واھ کوٽائڻ جي تجويز ڏني هئائون، جنهن ۾ صرف ٧٥٠ ڪيوسڪ پاڻيءَ جي ضرورت هين. هند سرڪار جي چوڻ تي بمبئي سرڪار ان مسئلي تي غور ڪري رهي هئي تہ پنجاب سرڪار

پنهنجي عرضداشت ڪان ڦيرو ڪائي، سيپٽمبر ١٩٢٥ع ۾ وري ٻي عرضداشت ڪئي، جنهن ۾ مڪمل تل پراجيڪٽ بنائڻ جي تجويز ڏنل هئي ۽ چاٿايل هو تہ اهو پراجيڪٽ هو شروع ڪرڻ وارا هئا. ٻئي مهيني ۾ هند سرڪار، پنجاب سرڪار کي ننڍي تل پراجيڪٽ جي اجازت ڏني، جنهن موجب ٨،٨٠،٠٥٠ ايڪڙ آباد ٿيڻ وارا هئا ۽ سرديءَ جي موسم ۾ کين ٢٠٨٥ ڪيوسڪ پاڻي سنڌو درياهہ مان وٺڻ جي اجازت ڏنل هئي.

اهو اختلاف هلندو رهيو، جڏهن فيبروري ١٩٢٦ع ۾ لارڊ ريڊنگ جي هند سرڪار، انصاف جي بنياد تي، مجبور ٿي، بمبئي سرڪار جي رويي جي تائيد ۾ هيٺيون فيصلو ڏنو:

(١) جيسين تائين سکر بيراج اسڪيم مڪمل ٿي، چالو نہ ٿي آهي ۽ آئيندي لاءِ سنڌ ۾ دائمي پاڻي ڏيڻ جي ضرورتن بابت پتو نہ پيو آهي، ان وقت تائين تل اسڪيم لاءِ گهربل پاڻيءَ جي تجويز کي نئين سر نہ اٿلايو ويندو.

(٢) جيئن تہ ستلج وئلي ڪئنال مان پاڻي جي کھرج جو اجا پوريءَ طرح پتو ڪونہ پيل هو، انهيءَ ڪري بمبئي سرڪار کي حق هو تہ سنڌو درياهہ ۽ انجي مددگار ندين مان پنجاب جي وڌيڪ پاڻي کڻڻ تي اعتراض ڪري سگهي. جيسين تائين ڪو پورو ثبوت مهيا نہ ڪيو ويو هو تہ انهيءَ ڪري سکر بيراج جي گهربل پاڻيءَ کي خطري جو امڪان هو.

(٣) ان بابت پتو تڏهين پئجي سگهندو جڏهين سنڌو درياهہ ۽ انجي مددگار ندين جي ماپ پوري طرح معلوم ٿي سگهي، جنهن لاءِ سر ٿامس وارڊس جي نوٽ مطابق ١٠ ڊسمبر ١٩٢٩ع تائين انتظار ڪرڻو هو.

(ص) باوجود انجي بہ پنجاب سرڪار اعتراض اٿاريندي رهي. ان تي هند سرڪار ان سوال تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ڏي فيصلي لاءِ رجوع ڪيو. ان جواب ڏنو تہ برٽش سرڪار کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ پنجاب سرڪار کي مطلع ڪيو وڃي تہ "هن وقت هوءَ سندس درخواست ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي".

(ض) ان مان پتو پوندو تہ پنجاب سرڪار ابتدا کان وٺي سنڌ کي معمولي پاڻي ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هئي. جڏهين هند سرڪار، برٽش سرڪار طرفان پنجاب سرڪار کي مٿي ذڪر ڪيل جواب ڏنو، تڏهن لاچار پنجاب سرڪار انهيءَ صورتحال کي تسليم ڪيو.

1935ع کان پوءِ جو عرصو:

١٩٣٥ع تائين سکر بيراج ۽ ستلج وئلي پراجيڪٽ مڪمل ٿي، آباديءَ لاءِ پاڻي ڏيڻ لڳا هئا. اُن وچ ۾ بيڪانير، بهاولپور ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻي جي مسئلي تان اختلاف پيدا ٿيا. خيرپور رياست ربيع ۾ وڌيڪ پاڻيءَ لاءِ گهر ڪئي ۽ پنجاب سرڪار حويلي پراجيڪٽ لاءِ وڌيڪ پاڻي جي گهر ڪئي. ان مسئلي کي فيصل ڪرڻ لاءِ هند سرڪار "اندرسن ڪاميٽي" مقرر ڪئي، جنهن تي جملي صوبن ۽ رياستن جا عيوضي رکيا ويا تہ ان مسئلي تي پارٽين جي تقاضائن کي مد نظر رکي فيصلو ڪري. اندرسن ڪاميٽي ١٩ سيپٽمبر ١٩٣٥ع تي متفقہ طور پنهنجون سفارشون پيش ڪيون، جن تي هند سرڪار نهراءَ ڪري انهن کي منظور ڪيو ۽ سيني پراجيڪٽن جي پاڻي جي ورهاست لاءِ حدون مقرر ڪيون، جن ۾ سنڌو نديءَ ۽ ان سان ملحقہ ندين تي مختلف مهينن لاءِ پاڻي جي الاٽمينٽ منظور ڪيل هئي.

جيتوڻيڪ ڪاميٽيءَ جي تجويز ڪيل ٽرمس ۾ ٿل پراجيڪٽ جو ذڪر ڪيل ڪونہ هو پر پنجاب سرڪار ڪاميٽيءَ کان ٿل پراجيڪٽ لاءِ وڌيڪ پاڻي منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي.

تاريخي "راءِ ڪميشن" جو قيام:

جنهن صورت ۾ پنجاب سرڪار وڌيڪ پاڻي ڪڻڻ ۽ بند ٻڌائڻ لاءِ رٿائون تيار ڪندي رهي هئي، انهيءَ ڪري سنڌ سرڪار مجبور ٿي بمبئي سرڪار معرفت ١٩٣٩ع ۾ هند سرڪار کي عرضداشت ڪئي. بمبئي سرڪار، ١٩٣٥ع جي انڊيا ائڪٽ مطابق، اُها درخواست آخري صورت ۾ هند سرڪار جي گورنر جنرل اڳيان ٧ جون ١٩٤١ع تي پيش ڪئي ۽ گهر ڪئي تہ فيصلي ٿيڻ تائين پنجاب سرڪار جي اهڙن رٿائن تي بندش وڌي وڃي. هن عرضداشت تي غور ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل ١١ سيپٽمبر ١٩٤١ع تي هڪ ڪميشن مسٽر جسٽس بي. اين راءِ، هاءِ ڪورٽ ڪلڪتي جي چيئرميني هيٺ مقرر ڪئي.

"راءِ ڪميشن" فيصلو ڪيو تہ پنجاب سرڪار طرفان جيڪي رٿيل پراجيڪٽ وجود ۾ آيل آهن يا وڌيڪ جن لاءِ گهر ڪري رهي هئي، ان مان سنڌ جي آباديءَ کي آبڪلاٽي جي سيپٽمبر مهيني ۾ نقصان پهچڻ جو انديشو هو. انڪري ڪميشن فيصلو ڪري تجويز ڏني تہ ان سوال جي حل لاءِ سنڌ ۾ ٻن نون بيراجن ڪوٺڻ جي ضرورت هئي: هڪ اُپر سنڌ ۾ ۽ هڪ لور سنڌ ۾. ڪميشن وڌيڪ اهو بہ ڄاڻايو تہ جنهن صورت ۾ سنڌ کي انهن بيراجن جي ڪوٺائڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيسر جي ضرورت پوڻ واري هئي. تنهنڪري معاوضي طور سنڌ کي انهن بيراجن کوٽڻ لاءِ پنجاب سرڪار ٻن ڪروڙ روپين جي مدد به ڏئي. ڪميشن انهيءَ سوال تي به پنهنجو فيصلو صادر ڪيو ته سنڌ بيراجن لاءِ پاڻي جي کپت جي ڪيتري ضرورت ٿيندي.

اُن تي هند سرڪار مسٽر گرانٽ ۽ راءِ بهادر ڪوسلا کي، ڪميشن جي سفارشن جي روشني ۾ معاهدي جي شرائط طيءِ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. جن ١٨ مهينن جي محنت بعد هڪ ائگريمينٽ جو مسودو پيش ڪيو. جو هيٺ ڏجي ٿو. ان تي ٻنهي ڌرين ١٨ سيپٽمبر تي صحيحون ڪيون. اها ائگريمينٽ پنجاب حڪومت سرڪاري طور ١٣ آڪٽوبر تي قبول ڪئي. پيسن جي سوال تي ڪجهه گهٽتائي ڪرڻ جي شرطن سان.

هند سرڪار ان ائگريمينٽ کي قبولڻ جي منظوري ڏني. ان بعد پنجاب سرڪار تجويز قبول ڪندي، برٽش سرڪار کي صرف رقم گهٽائڻ لاءِ درخواست ڪئي، جنهن تي لکپڙهه هلندڙ هئي ته هندستان ورهائجي ويو ۽ هند سرڪار ۽ برٽش سرڪار جو هٿ نڪري ويو، ۽ سنڌ پاڪستان سرڪار جي تسلط هيٺ اچي ويئي، جنهن جي ڪارڪردگي تي ائين چئجي ته پنجاب سرڪار جو فيصلو ڪن اثر هو.

پنجاب ۽ سنڌ صوبن جي وچ ۾ سنڌوندي ۽ پنجاب جي پنجن ندين جي پاڻيءَ جي ورهاست جو معاهدو (ائگريمينٽ 1945ع)

١- ناهم جو دائرو

هي ائگريمينٽ سنڌونديءَ جي پاڻي جي سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ورهاست سان تعلق رکي ٿي. پنجاب جي حصي ۾ سنڌونديءَ ۽ اُن سان تعلق رکندڙن ندين جو صوبي پنجاب ۽ ڪن ڏيهي رياستن کي ملندڙ پاڻي شمار ٿيندو.

پنجاب جي حصي ۾ ترجيح نمبر ٥ هيٺ تفصيل ۾ ڄاڻايل پاڻي ۽ اُتر الهندي سرحدي صوبي جو پاڻي به شمار ٿيندو.

سنڌ جي حصي ۾ ترجيحن نمبر ٣، ٤ ۽ ٥ ۾، جيئن هيٺ ڄاڻايل آهي، صوبي سنڌ ۽ خيرپور جو پاڻي شمار ٿيندو.

سنڌ جي پاڻيءَ جو حصو، ترجيح نمبر ١١ جو (جيئن هيٺ تفصيل ۾ ڏنل آهي)، اُهو صرف برٽش سنڌ لاءِ مخصوص رهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2- ترجيحن جا گريڊ:

١- هن ائگريمينٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ترجيحن جا پنج گريڊ مقرر ڪيا آهن.

ترجيح ١- موجوده پاڻيءَ جي ڪٽڻ جا گريڊ هيٺينءَ طرح آهن،

الف: پنجند (پنجاب جون نديون). پهرين ترجيح پنجاب جي ندين تي.

ب: سنڌوندي، پهرين ترجيح سنڌودرياهه تي ۽ ٻي ترجيح پنجاب جي ندين تي.

ترجيح نمبر II ۾ پراجيڪٽ ٿيل واهه ڪلاز ١١ ۾ ڄاڻايل آهن.

ترجيح نمبر III وڏيڪ پاڻي ڏيڻ لاءِ رٿيل پراجيڪٽن سان تعلق رکي ٿي.

ترجيح نمبر IV پاڻيءَ جي اسٽور ڪرڻ يا پوءِ ڏنل الوڪيشن (حصي) سان تعلق رکي ٿي.

ترجيح نمبر V جو تعلق بچت پاڻيءَ سان هوندو.

(٢) سواءِ اُن حالت جي جنهن لاءِ ٻي طرح ڄاڻايل هوندو گهٽي خاص ترجيح سبب اُن جي ننڍين ترجيحن تي فوقيت هوندي.

(٣) ترجيح نمبر ١- (موجوده ورهاست بابت).

جنهن ۾ ١ اپريل کان ٢٠ سيپٽمبر جو مدو ڄاڻايل هوندو. سواءِ ٻي طرح ڄاڻايل حالت جي.

(٨) پنجند (پنجاب جون نديون).

هن ترجيح ۾ هي ڳالهيون داخل هونديون:

(١) اهي ورهاستون، جي اڳين واهن کي ڏنل هونديون، يعني:

١- اُتر وارا واهه (اپر ۽ لوئر چناب، اپر ۽ لوئر جهلم ۽ باري دواب واهه) (اپر چناب ۽ اپر جهلم واهن جي ورهاست ۾ ٻاڦ ذريعي نقصان ٿيل پاڻي).

٢- اپر باري دواب ڪئنال ۽ ڪشمير ڪئنال،

٣- سرهند ڪئنال.

ب - اُهي ورهاستون جي اڳي اڻ سڌريل واهن کي مليل هونديون. يعني:

١- ستلج وئلي ڪئنال،

٢- حويلي ڪئنال، پاڪ پتن لنڪ سميت،

٣- پنجند ڪئنال، جن ۾ آئينده سڌاري جي گنجائش رکيل هوندي.

[II] انهن ورهاستن کي پنجاب جي ندين جي پاڻيءَ تي پهريون حق هوندو، پر سنڌونديءَ جي پاڻي تي ڪوبہ حق نہ هوندو. سواءِ انهن پابندين جي تہ اهي ورهاستون کنهن بہ ڏينهن ٽيبل (الف) ۾ ڄاڻايل ورهاستن ۾ واڌارو نہ ڪيل هوندو. سواءِ ان جي جو ترجيح ١ (ب) لاءِ III جي ضرورتن کي مد نظر رکيو ويو هجي، جيئن هيٺ ڄاڻايل آهي.

[B] سنڌو درياهہ:

(١) هن ترجيح ۾ هيٺيون ڏنل ورهاستون شامل آهن:

١- ٽل ڪئنال.

٢- سکر بئراج ڪئنال، خيرپور رياست جي ڪئنالن سميت.

[II] ٽل ۽ سکر بئراج ڪئنالن جو سنڌو درياهہ ۽ پنجاب جي پنجن درياهن تي هڪجهڙو حق هوندو، کنهن بہ ڏينهن پنجاب کي ترجيح ١- الف ۾ ڄاڻايل پاڻي کان زيادهہ پاڻي نہ ملندو. سواءِ ان صورت جي، جو پاڻي ترجيح نمبر II-III جي ضروريات کان زياده هوندو.

(٢) مدو ١- آڪٽوبر کان ٣١ مارچ جو، يا جيئن ٻيءَ طرح ڄاڻايل هوندو.

الف - پنجند - (پنجاب جون نديون).

[i] هن ترجيح ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل هونديون:

١- اَپر ڪئنال (اپر ۽ لوئر چناب، اپر ۽ لوئر جهلم ۽ لوئر باري دواب ڪئنال).

٢- اپر باري دواب ڪئنال ۽ ڪشمير ڪئنال.

٣- سرهند ڪئنال.

[A] جي ورهاستون پراڻن واهن کي مليل هونديون، يعني:

[D] ورهاستون، جي اڳي ستلج وئلي ڪئنالن کي ڏنل هونديون، بمع ان کي ڊاڊ دائمي واهہ جي درجي تي آڻڻ جي.

[C] ورهاستون، جي اڳي پنجند ۽ حويلي ڪئنالن لاءِ منظور ڪيل هونديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[D] وڏيڪ ورهاستون پنجند ۽ حويليءَ کي دائمي ڪرڻ لاءِ جيئن هيٺ B-V ۾ هيٺينءَ طرح ڄاڻايل آهي.

(II) مٿي ڄاڻايل الف - ب - ت ورهاستن کي پهرين حق پنجاب جي ندين تي هوندو ۽ اُن جو حق سنڌو درياهه جي پاڻي تي نه هوندو.

(III) الف ۽ ب جي ورهاست. ندين ۾ پاڻي جي موجودگيءَ يا ربيع ۾ پاڻي وٺڻ جي مقدار تي محدود رکي ويندي.

B- سنڌو درياهه.

(ا) هن ترجيح ۾ ربيع ۾ پاڻي جي ورهاست شامل آهي، جنهن ۾:

١- آبڪلاڻي واهه. جي سکر بيراج جي نون واهن ۾ سمايا ويا آهن، اُنهن جي پاڻيءَ کي ٽن سالن جي گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ڏهه سالي عرصي جي سراسريءَ تي شمار ڪيو ويندو.

٢- پنجاب جا آبڪلاڻي واهه، جن کي سنڌو درياهن مان بيراجن تي دائمي طرح بند هيٺ تبديل ڪيو ويو آهي، اُنهن جي پاڻيءَ کي ٽن سالن جي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن جي عرصي جي سراسريءَ تي شمار ڪيو ويندو.

٣- سکر بيراج ڪئنال، خيرپور رياست جي ڪئنالن سميت.

۴- ٿل ڪئنال. منظور ڪيل حد تائين.

۵- ٿل ڪئنال کي ٦٠٠٠ ڪيوسڪ جي حد تائين پاڻي کڻڻ جي اجازت هوندي.

(II) ١ کان ۴ ڪلاز ۾ ڏيکاريل ورهاست جي گهٽ ۾ گهٽ ورهاست ٽيبل نمبر C- (١) ۾ ڄاڻايل آهي.

جيڪڏهن سنڌو درياهه جو پاڻي بمع پنجند جي پاڻيءَ جي ترجيح نمبر (الف) کان گهٽ هوندو اُنهن واهن جي ورهاستن کان اُنهن واهن جي ١-٢ جي ڏيکاريل پاڻي جي الاتمينٽ کان بچيل پاڻي ٽيبل [D-1] موجب ڏنو ويندو، جو ١۵ ڏينهن جي مدي تائين بدل آهي. بشرطيڪ ٢-١٧ کان ٨-٣ (سکر بيراج) جي تاريخ پٽاندڙ سکر بيراج ڪئنالس کي پرايرائٽي هوندي. سنڌو درياهه جي پاڻي تي ٣۴٠٠٠ ڪيوسڪ جي مقدار تائين.

(الف) ٿل براج تي جيستائين پنجاب جا آبڪلاڻيءَ وارا واهه بيراج جي ڪنٽرول هيٺ نه آندا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) پنجاب جي ٿل ۽ آبڪلاڻي واهن تي سنڌ کي پريرائٽي هوندي، جيسين تائين هنن کي ويئر ڪنٽرول هيٺ نہ آندو ويو آهي.

[III] پاڻيءَ جي ڪوٽ واري زماني ۾ پنجاب کي اختيار هوندو تہ ٿل لاءِ سنڌونديءَ جو پاڻي ڪالاباغ وٽان ڪتب آڻي، بشرطيڪ ساڳئي مقدار جيترو پاڻي پنجند جو پنجاب واري حصي ڪان هيٺ سنڌ کي ڏنو ويندو.

[IV] جڏهن سنڌونديءَ جو پاڻي، بمع پنجند جي پاڻيءَ جي، پريرائٽي الف - ١ کان وڌيڪ هوندو ۽ ٿل ۽ سکر بيراج لاءِ مقرر ٿيل پاڻي کان وڌيڪ هوندو جيئن ٽيبل [C-1] ۾ ڏيکاريل آهي. ڏيکاريل ڪئنال - I - [D] ۽ [I-Z] موجب ٿل ڪئنال ڇهہ هزار ڪيوسڪ تائين پاڻي ڪٽي سگهندو ۽ سکر بيراج ربيع لاءِ ٣٤٠٠٠ ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي سگهندو. اهو [V] جي ڏيکاريل پروزين مطابق هوندو. سنڌ ۽ پنجاب جا واهہ جڏهن ويئر ڪنٽرول هيٺ آندا ويندا تہ اُن وقت اُهي سنڌن منظور ٿيل مقدار تائين پاڻي ڪٽي سگهندا.

[V] سنڌ بيراج ڪئنالن کي پنجند جي واڌو پاڻي تي ترجيح هوندي (١٠٨) تائين، جيسين تائين الوڪيشن ٽيبل [C-1] جو مقدار پورو هجي ٽيبل [I-F] تائين ڏيکاريل مقدار تائين. اُن وقت تائين سکر بيراج ڪئنالن لاءِ ربيع واسطي ٣٤٠٠٠ ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي سگهندو. ان ڪانپوءِ حويلي ۽ پنجند ڪئنالن کي پاڻي ڏنو ويندو. اُن جي حد [F-1] ۾ ڏيکاريل آهي.

[VI] ربيع ۾ پاڻي جو حساب رکيو ويندو ۽ ڏهن ڏينهن تائين هڪ جيترو بيهاريو ويندو ۽ ڪئلينڊر جي مهيني ۾ اُن جو حساب رکيو ويندو.

(٣) پريائٽي نمبر (٢) پراجيڪٽيڊ ڪئنال بابت پرائمري يعني ابتدائي سپلائيز مطابق:

١- جملي پاڻي جي ورهاست پنجاب ۽ سنڌ لاءِ هن پريرائٽيءَ موجب تفصيلوار ٽيبل [8.II] ۾ ڏيکاريل آهي. اها ورهاست هيٺينءَ طرح آهي:

الف: راويءَ جي پاڻي کي علحده ڪرڻ ۽ پاڪ پتن لنڪ ۾ گهٽ پاڻي ڪتب آڻڻ.

ب - گري ڪئنالس بابت ڏيکاريل پاڻيءَ جا حق باڪرا ڪئنالس لاءِ ڪتب آندا وڃن.

ت - آبڪلاڻي جي ڏينهن وارا پاڻيءَ جا حق سنڌ جي نون براجز لاءِ ڪتب آندا وڃن.

ج - پنجاب، سنڌونديءَ مان آبڪلاٽيءَ جي ڏينهن وارا حق ويئر ڪنٽرول وقت ڪٽب آٽي سگهي ٿو.

٢- پنهي ڌرين طرفان پاڻي صرف تڏهن ڪنيو ويجي جڏهن پاڻيءَ جي موجودگي پنجاب ۽ سنڌ جي الوڪيشنز جي پريرائٽي نمبر A-1 ۽ B-1 مطابق هجي.

٣- جڏهن پاڻي پريرائٽي نمبر II جي ضرورت کان گهٽ هجي ته وڌيڪ سپلاءِ لاءِ ڇڏيو وڃي. پنجاب ۽ سنڌ کي پاڻيءَ جي ورهاست پيريارٽي نمبر ١ موجب ڏني وڃي.

الف: جڏهن سنڌونديءَ مان پنجاب جا آبڪلاٽيءَ وارا واهه ويئر ڪنٽال هيٺ بدلايا وڃن، تڏهن سندن حصي ۾ ڇاٺايل مدي ۾ ٽيبل 11-C موجب پاڻي ڏنو وڃي.

انهن ٽيبلن ۾ تفاوت ڏينهن جو رکيو وڃي.

اهڙيءَ طرح P.C ۽ S.C خريف الوڪيشنز، پنجاب ۽ سنڌ جي ويئر ڪنٽرولڊ الوڪيشنز جي موجوده واهن لاءِ مقرر ڪيل آهن. (ٽيبل 1 A ۽ 1.B مطابق) P 1 پنجاب جي گهرج موجب آهي. سندس موجوده گهرجن مطابق جملي واهن، R ٽوٽل درياهه جي سپلاءِ جي ورهاست لاءِ آهي ۽ N 1 ۽ III.I پنجاب جي حصي رسيءَ موجب پنجاب ۽ سنڌ جي حقن لاءِ مقرر ٿيل آهي. ٽيبل 11.B ۽ 11.C مطابق جيئن بہ مسئلو هجي، پوءِ

سنڌ جو حصو - S پلس N-1 (R-PIS)

پنجاب جو حصو- P 1 پلس N-1 (R-PIS)

(٥) پيرياٽي نمبر III- پراجيڪٽيڊ ڪئنالس (زائد يا ثانوي سپلائيز لاءِ).

١- گهٽ ۾ گهٽ ماهوار پاڻيءَ جي ورهاست هن هيٺ بنسبت تفصيلوار بيان ڪيل آهي، ٽيبل III-B ۾ جنهن ۾ ٽوٽل تفاوت سنڌ ۽ پنجاب جي رٿيل ڪئنالس مطابق ٽيبل (II-A) جو بيان ڪيل آهي، هيٺينءَ طرح.

سنڌ (A) وڌيڪ يا ثانوي الوڪيشنز سنڌ جي لوور سنڌ ۽ اپر سنڌ بيراجن جو ذڪر آهي.

(B) الوڪيشنز سيلابي ايريا، خيرپور ۽ وچ سنڌ جو ذڪر آهي.

پنجاب (A) وڌيڪ الوڪيشنز بلوڪي، سليمانڪي لنڪ يا انجي بدلي ۾ قبول ڪيل مارهو ٽينل.

(B) موڪي پاڻي باڪرا ڪئنالس بمع گري ڪئنالس، بسنت دواب ڪئنال ۽ ستلج وئلي سيلاب ايريا جو ذڪر آهي.

٢- پرپارٽي نمبر III مان پاڻيءَ جو چوڙ تڏهن ڪيو ويندو، جڏهن پاڻي پنجاب جي گهرج کان مٿي هوندو يا سنڌ جي الوڪيشنز پرپارٽي نمبر A-1 ۽ B ۽ الوڪيشنز پنجاب ۽ سنڌ جي پرپارٽي II کان مٿي هوندو.

٣- جڏهن پاڻي پيرپارٽي نمبر iii موجب پوريءَ گهرج کان گهٽ هوندو ته وڏيڪ سپلاءِ پنجاب ۽ سنڌ جي الوڪيشنز جي پيرپارٽن A-1 ۽ ii جي پوري ٿيڻ کانپوءِ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ورهايو ويندو. حصہ رسيءَ موجب، انهيءَ عرصي لاءِ ٽيبل (iiii c) موجب جو ڏهن ڏينهن جي حساب سان پڌو ويو هوندو. اهڙيءَ طرح سان جتي PA- الوڪيشنز پنجاب جي موجوده ڪئنالس (مطابق ٽيبل I.A ۽ I.B) بمع مقرر ٿيل حقن پنجاب جي رٿيل واهن مطابق ٽيبل P.I 11.A- پنجاب جي مقرر ٿيل حقن رٿيل ڪئنالس (مطابق ٽيبل 11.A) ۽ پنجاب جي حقيقي گهرجن لاءِ انهي مدي لاءِ جنهن لاءِ موجوده ڪئنالس جون الوڪيشنز ٿيل آهن.

S.A = الوڪيشنز سکر بيراج ڪئنالس واڌو مقرر ٿيل حقن لوئر سنڌ ۽ اپر سنڌ براجز لاءِ مطابق ٽيبل D ii ۽ ii-A جي، R جملي درياه جي سپلائيز ڪي موجوده ۽ رٿيل واهن لاءِ هيٺينءَ طرح ورهايو وڃي:

1.N ۽ N = پنجاب ۽ سنڌ جي حصن وڌيڪ ۽ ثانوي سپلائيز ڪي ٽيبل (iii-c) موجب ورهايو ويندو.

سنڌ جو حصو = S واڌو [R-P. 1 SA]

پنجاب جو حصو = S واڌو [R-P. 1 SA]

٤- جڏهين به پاڻي جملي مقرر ڪيل سنڌ جي ٽن بيراجن جي ڪوٽا کان گهٽ هوندو، ته بلوڪي، سليمانڪي لنڪ يا انجي بدل مرهو ٽينل ڪي پنجاب جي اڻ ڪتب آندل پاڻيءَ تائين محدود ڪيو ويندو. رٿيل ڪئنالس پرپارٽي iii موجب يا روزانه گهٽي ۾ گهٽو چوڙ مطابق جيئن ٽيبل iii-D ڪالم ii ۾ ڄاڻايل آهي، جو به گهٽ هوندو.

٥- هن ڪلاز جي گنجائش جو مدار انهن حالتن تي رهندو، جي ڪلاز ٦ جي سب ڪلاز ۾ ڄاڻايل هونديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦- پيريارٽي نمبر |iv| (پاڻي کي بندن ۾ جمع ڪرڻ يا ان ڪانپوءِ پين الوڪيشنز بابت).

١- سب ڪلاز ٢ ڪان ۵ تائين جي ڪَڍيل گنجائش کي نڌهين عمل ۾ آندو ويندو، جيئن سب ڪلاز ٦ جي حالتن ۾ ڇاٿايل هوندو.

٢- جڏهين سنڌ جن ٻن نون بيراجن ۽ سکر بيراج جي الوڪيشنز جي پاڻي جي داخلائن جي پورائي ٿيندي ته ان بعد پنجاب کي حق ڏنو ويندو ته ٽيبل [IV-A] ۾ ڇاٿايل پاڻيءَ جي الوڪيشنز ۾ بيان ڪيل پاڻيءَ کي هيٺينءَ طرح ڪتب آڻي.

الف - ٻي الوڪيشن ٿل ڪئنال لاءِ.

ب - ٻي وڌيڪ الوڪيشن بلوڪي، سليمانڪي لنڪ يا ان جي بدل ٻي شاخ (مرهو تينل) ڪلاز ٣ هيٺ ڏيڪاريل شرط مطابق.

ت - ٻي الوڪيشن پنجاب جي موجوده ڪئنالن لاءِ پنجند تي.

٣- سنڌ جي ٽن بيراجن جي رٿيل الوڪيشنز کي پوري ڪرڻ بعد ڪلاز B-2 موجب، مٿي ڏيڪاريل پنجاب جي ڪتب نه آندل پر حصي ۾ رٿيل پاڻي کي محدود ڪيو ويندو. پريرائٽي iii تائين يا گهٽ ۾ گهٽ ڪالم ٣، ٽيبل [iii-D] جي ڏنل انگ موجب جيڪا به گهٽ هوندي.

۴- باوجود ان جي جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ لنڪ يا ان جي عيوض قبول ڪيل واهه ۾ پاڻي هن پريرائٽي ذريعي ڦيرائي سگهبو. بشرطيڪ پرِيز ڪلاز (۴) ۵ موجب ١٩٢٠٠ ڪيوسڪ جي حد تائين پنجاب جي واهن لاءِ يا هائيڊرو اليڪٽرڪ پاور جي ڪم لاءِ هجي، ان حالت ۾ پاڻيءَ کي بجاءِ پنجاب مان وهائڻ جي ستلج مان وهائي سگهبو.

۵- سنڌ جي ٻن نون بيراجن ۽ سکر بيراج لاءِ منظور ٿيل پاڻي جي پورائي ڪرڻ بعد پنجاب کي حق هوندو ته پاڻي کي بندن ۾ جمع ڪري، جيئن ڪلاز ٢ ۾ ڇاٿايل آهي. سندن ڇاٿايل مقدار جي پاڻي کي انهي گڏ ڪيل پاڻيءَ مان حسب ضرورت ڪتب آڻي. اهڙيءَ طرح پريرائٽيءَ هيٺ موڪي الوڪيشنز ۾ ڇاٿايل ڪم لاءِ شمار نه ڪيو ويندو.

٦- پنجاب واسطي سندن رٿيل واهن لاءِ جيئن ڪلاز II ۽ (2.C) ۾ ڏيڪاريل پريرائٽي III ۽ IV ڇاٿايل آهي، هيٺين شرطن موجب پاڻي ڪٽي سگهبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الف: ١٩۴٥ع کان اڳ يا سنڌ جي ڀنهي بيراجن جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ (جيڪو بہ اڳ هوندو) سواءِ سب ڪلاز هيٺ ڄاڻايل پاڻيءَ جي ڪوبہ پاڻي ڪٽي نہ سگهبو.

ب - پنجاب جي هيٺين رٽيل واهن لاءِ ١٩۴٥ع کان ١٩٥٧ع تائين پاڻي ڏيئي سگهبو.

١- پنجاب جا رٽيل واهہ، جيڪي پريرائٽي III ۾ ڄاڻايل هوندا.

٢- ڀاڪرا ڊئم وٺان سواءِ پهرين جولاءِ کان ٣٠ سيپٽمبر تائين.

٣- ڏيان گرهہ يا ٻين نندين بندن مان بند ڪيل پاڻي جولاءِ ۽ آگسٽ ۾، سکر جي پاڻيءَ جي حساب موجب پاڻي سب ڪلاز II موجب سنڌ لاءِ ڪٽي سگهبو.

ت - ١٩٥٧ع کان پوءِ ڏيان گرهہ ڊئم يا ٻين ننڍين بندن جو پاڻي (سکر تاريخ مطابق) جولاءِ ۽ آگسٽ لاءِ سنڌو واسطي پاڻي ڏنو ويندو.

ث- پنجاب ڪنهن بہ وقت بسنت ڪئنال اسڪيم سون سرسا ندين يا اُن جي لنڪ ڪيل ڊئم مان ٺاهي سگهي ٿو. بشرطيڪ اُنهن ٻنهي بندن ۾ گڏ ڪيل پاڻي پنج لک ايڪڙ فوٽن کان مٿي نہ هوندو يا سنڌو اُن اسڪيم لاءِ درياهہ مان پاڻي نہ کنيو ويندو. بشرطيڪ (سکر جي تاريخن مطابق) جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن کان سواءِ جيڪڏهن اُن پاڻي جي ڪٽڻ سبب سنڌ جي آبڪلائي جي واهن يا سنڌ جي نون بيراجن ۾ پاڻي ٽيبل (الف -II) ۾ ڄاڻايل حد کان گهٽ نہ ٿي ويندو.

٧- پريرائٽي نمبر ٥ (واڌو سپلاءِ بابت):

١- ڪلاز ١٢ ۾ ڄاڻايل مدي مطابق ڪنهن بہ ڌر کي حق هوندو تہ پريرائٽي ١ کان ۴ تائين ڪنهن بہ واهہ يا بند مان اُن جي مقدار جي حد تائين واڌو پاڻي پنهنجي مقرر ڪيل مقدار موجب ڪٽي سگهي، پر ان نموني ڪتب آندل پاڻي کي آئيندي لاءِ حق طور ڪتب نہ آندو ويندو. ان سبب ڪلاز ۾ ڄاڻايل وڌيڪ پاڻي صرف ٻي ڌر جي اجازت سان ڪتب آڻي سگهبو. اها اجازت جيترو جلد ٿي سگهندي، ڏني ويندي. ان کان ٻي ڌر انڪار صرف تڏهن ڪندي، جڏهين ان جي راءِ موجب اهڙيءَ طرح واڌو ڪنيل پاڻي ٻنهي سندس فائدي کي نقصان پهچائيندو.

٢- ڪلاز ١٢ ۾ ڄاڻايل مدي جي گذرڻ کان پوءِ واڌو پاڻي بمع ڪتب آندل سب ڪلاز (١) جي، ٻنهي ڌرين جي ملڪيت ٿيندو. جيئن ٽيبل [7.A] ۾ ڄاڻايل هوندو. ان کان پوءِ هرڪا ڌر ڪي پراجيڪٽ تيار ڪري، ٻي ڌر جي اجازت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪتب آڻي سگهندي. ٻي ڌر کي اهڙن پراجيڪٽن ٺاهڻ تي اعتراض جو حق هوندو، ان حالت ۾ جڏهين اهو ثابت ڪري سگهي ته اهڙن پراجيڪٽن ٺاهڻ ڪري هن اگريمينٽ موجب سنڌ ن حقن کي نقصان رسڻ جو انديشو آهي.

٣- هن ڪلاز موجب پاڻي جي ورهاست هيٺينءَ طرح ڪئي ويندي:

[i] سنڌو درياهه مان غازي گهاٽ وٽان (غازي گهاٽ تي ماپ ٽيل پاڻي مطابق) نقصان ۽ واڌاري جي حساب ڪان پوءِ، واڌو پاڻي ونڃي سگهبو.

(الف) موجوده حق غازي گهاٽ ۽ مٺن ڪوٽ وٽ (ٽيبل V.B، ڪالم ii مطابق).

(ب) - سکر بيراج جي واهن، سنڌ جي نون بيراجن، وچ سنڌ جي آبڪلاڻي واهن ۽ وچ سنڌ ۽ خيرپور جي سيلابي ايراضي (ٽيبل V.C موجب) لاءِ پاڻي.

(ت) - ٿل پراجيڪٽ لاءِ منظور ٿيل پاڻي، ٽيبل V.B موجب حقيقي طرح گهربل پاڻي ڪان سواءِ ٧٥ سيڪڙو هن واڌو پاڻي جو سنڌ جو حصو شمار ڪيو ويندو. غازي گهاٽ ڪان ڳڊو بيراج تائين آندل پاڻيءَ جو.

(ii) - پنجاب جي پنجن ندين جي پنجند وٽ ماپيل پاڻي جي واڌو حصي کي هيٺينءَ طرح ورهايو ويندو:

(الف) - موجوده پنجاب ڪئنالن جا حق (جيئن ٽيبل نمبر 2.B جي ڪالم ٢ موجب ڄاڻايل آهي) سواءِ ان وقت جي پاڻي ورهائڻ واري اصلي حقيقت جي.

(ب) - پنجند وٽ پنجاب پراجيڪٽس لاءِ منظور ٿيل پاڻي (ٽيبل نمبر V.B جي ڪالم ٥-٦ مطابق) ۽ بندن لاءِ گهربل پاڻي (٦ ڪلاز مطابق) سواءِ ان وقت جي گهٽتائيءَ جي.

ان ڪان پوءِ پنجاب جي پنجن ندين جا پنجند وٽ پنجاب ۽ سنڌ لاءِ ٽيبل نمبر (7.A) موجب واڌو پاڻي جا حصا مقرر ڪيا ويندا. پر اهي حصا پنجند وٽ اهڙي حساب سان مقرر ڪيا ويندا، جو سنڌو درياه مان سب ڪلاز (١) - ٣ موجب هر هڪ پارٽيءَ کي واڌو پاڻي جي ٽوٽل حصي رسي پريرائٽي نمبر ٥ موجب ملندي.

٤- سب ڪلاز (C) SUPRO موجب ڌرين جي اختلاف جي حالت ۾ معاملو ٽين ڌر جي فيصلي لاءِ موڪليو ويندو، جيئن ١٧ - ڪلاز موجب ڄاڻايل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨) آبڪلاٽي جي واهن جا حق.

(١) آبڪلاٽي جا واهه، درياهه جي ليول موجب جيترو به پاڻي ڪٽي سگهن، اهو ڪٽڻ جو انهن کي حق آهي. آبڪلاٽي واهن جي موجوده گنجائش، وڌيڪ پاڻي ڪٽڻ لاءِ وڌائي نه ويندي، جيسين تائين ڪو اهي واهه ويئر (بيراج) جي ڪنٽرول هيٺ اچن. انهن ۾ وڌيڪ پاڻي نه ڇڏيو ويندو، جيئن انهن جي گهربل ليول برقرار رکي وڃي.

(٢) جڏهين آبڪلاٽي واهه ويئر ڪنٽرول هيٺ آندا ويندا، ته انهن جي پاڻي جي ورهاست هيٺينءَ طرح ڪئي ويندي:

(الف) خريف جي موسم ۾ پريرائٽي نمبر ii موجب.

[i] اپريل، مئي ۽ جون مهينن ۾، ڏهن سالن ۾ هنن واهن جي ڪنيل پاڻي جي سراسري حساب موجب، هن اگريمينٽ جي تاريخ کان.

[ii] سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهينن جون سپلائيز ڏهن سالن جي سراسري حساب موجب، هن اگريمينٽ جي تاريخ کان.

[iii] جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾، انهن واهن لاءِ پوري منظور ٿيل پاڻي موجب.

(ب) ربيع جي موسم ۾ (نومبر کان مارچ تائين) پريرائٽي نمبر ١ موجب.

[i] ان وقت ۾ جڏهين درياهه جو وهڪرو سکر بيراج ۽ ٿل واهن جي گهرج کان گهٽ هجي، ته سپلائيز گذريل ٽن سالن جي سراسري موجب ڏنيون وڃن. جڏهن پاڻي گهٽ هجي ته ان موجب ڏنو وڃي، هن اگريمينٽ جي تاريخ کان.

[ii] ٻئي عرصي ۾ گذريل ڏهن سالن جي سراسري وهڪري موجب هن اگريمينٽ جي تاريخ کان سپلائيز ڏنيون وڃن.

[iii] وڌيڪ سپلائيز، مستقبل جي پراجيڪٽن لاءِ هر هڪ ڏر جي مقرر ڪيل حصي جي واڌو سپلائيز مان، جي ورتيون وڃن، اهي پريرائٽي نمبر ٧ ۾ شمار ڪبيون.

(٩) پاڻيءَ جي ورهاست جي حصي رسيءَ لاءِ قانون:

١- (الف) حصي رسيءَ جي ورهاست پريرائٽ i کان iv تائين مقرر ڪيل ڪئنالن ۾ انجي تبديلين کان ڪئي ويندي.

(ب) پنجاب سرڪار، سنڌ کي پريرائٽ نمبر i کان iv تائين جو پاڻي ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ جوابدار هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن پنجاب سرڪار، سنڌ جي حق واري پاڻي مان زياده پاڻي کڻي ٿي، ته اهو پاڻي هو سنڌ کي پنهنجي حصي مان آڻيندي يا بندن ۾ پاڻي ڪٺو ڪندي، ته اُها اوترو پاڻي جو مقدار پنهنجي حصي مان سنڌ کي مهيا ڪري ڏيندي. اهو پاڻيءَ جو ايترو مقدار، پنجاب سرڪار ٻن مهينن جي اندر سنڌ جي چوڻ موجب مهيا ڪري ڏيندي ۽ اُن جڳهه تان ڏيندي، جتان آسانيءَ سان ميسر ٿي سگهندو.

(ت) سنڌ طرفان جيڪڏهن ان وقت پاڻي سمنڊ ۾ موڪليو ويو هجي، جڏهن اُهو کڻي اچي سگهي ها، ته ائگريمينٽ موجب اهو پاڻي سنڌ جي حصي ۾ شمار ڪيو ويندو. ان بابت سنڌ کي شڪايت ڪرڻ جو حق نه هوندو، ڇو ته ان پاڻي کي کڻي آڻي سگهجي ها.

٢- (الف) پريراٽي نمبر ٥ موجب وڌيڪ پاڻي جو حصو پنجاب کي غازي گهاٽ وٽان سنڌو درياه جي سپلائيز ۾ پنجند وٽان ڏنو ويندو ۽ سنڌ جي سپلائيز پنجند وٽان پنجن دريائن مان گڏو بيراج وٽ ڏني ويندي.

(ب) جيڪڏهن پنجاب پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي کنيو هوندو ته سنڌ کي اوترو پاڻي، سنڌ جي راءِ موجب، ١٥ ڏينهن کان ٻن مهينن جي اندر موٽائي ڏنو ويندو.

(١٠) پاڻيءَ جي ورهاست حصي رسي مطابق:

هرڪا ڌر، ڪنهن به واهه مان سندس مقرر ڪيل حد يا قبول ڪيل مقدار تائين، اهو پاڻي کڻي آڻيندي، جنهنجو ان کي حق هوندو. هيٺينءَ طرح وڌيڪ پرويزلس ماتحت:

(الف) پنجاب جي الاٽمينٽ انجي واهن لاءِ پريراٽي i کان iv تائين پنجنند وٽ، سنڌو درياهه مان نه کنئي ويندي.

(ب) جڏهين پاڻيءَ جي سپلائيز سنڌ جي پراجيڪٽ ڪئنال لاءِ ii ۽ iii موجب پوريون نه هونديون، ته پنجاب سندس موجوده واهن جي پريراٽي نمبر i يا ان جي لاڳو واهن جو پاڻي تبديل نه ڪندو پر جڏهين درياهه ۾ پاڻي سنڌ جي بيراجن جي ضرورتن کان زيادهه هوندو ته پنجاب جي موجوده واهن جي الاٽ ٿيل پاڻيءَ کي تبديل ڪري، ان جي رٿيل واهن لاءِ کڻي آڻي سگهندو. بشرطيڪ انهيءَ زماني ۾ ڏيکاريل زياده پاڻيءَ لاءِ سنڌ جي منظوري ورتي هوندائين.

(ت) اهڙي ڪابه تبديلي پنجاب جي پراجيڪٽيڊ ڪئنالن وچ ۾ ڪوٽ واري عرصي تائين ستلج ۽ بياس جي پاڻي تائين محدود رهندي.

[I] سنڌ جي ٽن بيراجن جي ڪوٽ واري زماني ۾ پراجيڪٽيڊ ڪئنالن جي نہ ڪتب آندل پاڻي يا روزانہ گھٽي ۾ گھٽي ڪنيل پاڻي جي ورهاست ٽيبل نمبر III-D جي ڪالم ۲ موجب ڪري سگھبي.

[II] هئي وقت ۾ پراجيڪٽيڊ ڪئنالن ۽ بندن واري محفوظ پاڻيءَ بابت. هيٺين ڪمن جي تعمير جي تجويز کي قبول ڪيو ويو آهي.

۱- سنڌ الف: هڪ بيراج سنڌو درياھ مٿان اپر سنڌ ۾ تعمير ڪرايو ويندو، جنهن جي واهن جي پاڻيءَ جو مقدار ۴۰ هزار ڪيوسڪ فوٽ هوندو.

ب: هڪ بيراج سنڌو درياہ جي مٿان لوئر سنڌ ۾ تعمير ڪرايو ويندو، جنهن جي واهن جو پاڻي ۴۷۰۰۰ ڪيوسڪ فوٽ هوندو.

ت: سکر بيراج مان سيلابي زمين جي پاڻي ڏيڻ لاءِ ۲۰۰۰ ڪيوسڪ فوٽن جا واھ کوٽايا ويندا.

۲- پنجاب الف: هڪ لنڪ (يا لنڪون) جنهن جي جملي پاڻيءَ جو مقدار ۱۹۳۰۰ ڪيوسڪ فوٽ هوندو، چناب ۽ راوي مان ستلج تائين کوٽڻ جي اجازت هوندي.

ب: باڪرا ڊيم ٺاهڻ جي اجازت هوندي، جنهن ۾ ۲۵ لک ايڪڙ پاڻي اسٽور ٿي سگھبو.

ت: ڏيان گرھ ڊئم جي اجازت هوندي جنهن ۾ ۲۵ لک ايڪڙ فوٽ پاڻي اسٽور ڪري سگھبو.

ث: پنجاب جي درياھن تي چار ننڍا بند هيٺينءَ طرح پاڻي کڻي ڪرڻ لاءِ نهرائڻ جي اجازت هوندي.

ٽي بند، راوي نديءَ تي (بمع ڊيگھہ جي) ٽوٽل ۱۰۲۸۵۲۰ ايڪڙ فوٽ جا، ۽ ووار ڍنڍ تي هڪ بند، جنهن ۾ جملي پاڻي ۳۲۴۰۰۰ ايڪڙ فوٽ کڻو ڪري سگھبو. جنهن مان ۱۴۳۴۵۲۰ ايڪڙ فوٽ ڊيگھہ بند کي ڪتبو تہ جملي پاڻي ۹۲۸۰۰۰ وڃي بيهندو.

ج: باڪرا ڪئنالن جي کوٽائڻ جي منظوري هوندي. جن جي پاڻيءَ جو مقدار ۱۳۰۰۰ ڪيوسڪ هوندو.

ح: ٿل واھ ۾ خريف جي موسم ۾ وڌيڪ ۱۰۰۰۰ ڪيوسڪ پاڻي کڻڻ جي اجازت هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

د: بسنت دواب ڪئنال ڪوٺائڻ جي اجازت هوندي. جنهن جي پاڻيءَ جو مقدار ١٢٠٠ ڪيوسڪ هوندو ۽ سوين ۽ سرسانين تي بندن ٻڌائڻ جي اجازت هوندي، جن ۾ ٥ لک ايڪڙ فٽ پاڻي ڪٺو ڪري سگهبو.

٢- ڪابه ڌر، ٻي ڌر جي اجازت سان هڪ جيتري مقدار جي پاڻي جا واهه کوٽائي سگهندي. ٻي ڌر کي اهڙي منظوري روڪڻ جو حق ڏهين رهندو، جڏهن اها ثابت ڪندي ته اهڙيءَ طرح ڪوٽايل واهن جي ڪري سندن واهن تي اثر پوڻو آهي ۽ جنهن ڪري سندن پراجيڪٽن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. بشرطيڪ پنجاب کي ٻن بندن بمع باڪرا ڊيم ۾ ٥ لک ايڪڙ فوٽ کان مٿي پاڻي ڪٺو ڪرائي سگهڻ جو حق نه هوندو.

٣- سب ڪلاز (٢) بنسبت اختلاف جي حالت ۾ معاملو تياڪڙ امانت واري ڪميٽيءَ کي ١٧ ڪلاز موجب موڪليو ويندو.

(١٢) مستقبل جي پراجيڪٽ بابت:

(i) کي به نوان ڪم، ڪلاز ٢ يا انجي ترميم بابت پراڻن واهن جي پاڻيءَ وڌائڻ بابت هوندا، سي ڪابه پارٽي، ٻي پارٽي جي اجازت ڪانسواءِ ڪرائي نه سگهندي، جيستائين سنڌ جي ٻن نون بيراجن کي ڏهه سال نه گذريا آهن يا انهن مان پهرئين بيراج کي ويهه سال نه گذريا آهن. بشرطيڪ:

(الف) ننڍا پراجيڪٽ، جن ۾ پاڻيءَ جي ڪٺي ڪرڻ جو مقدار اڌ ملين ايڪڙ فوٽ کان گهٽ هوندو يا واهه جي پاڻي ڪڻڻ جو مقدار ١٥٠٠ ڪيوسڪ هوندو، اهي ڪابه پارٽي ٻئي پارٽيءَ جي اجازت سان ڪرائي سگهندي.

(ب) جيسين تائين سنڌ جا نوان بيراج تيار نه ٿيا آهن، ان وقت تائين ڪوبه بند نه ٻڌايو ويندو يا واهن ذريعي پاڻي ڪڻ جو بندوبست نه ڪيو ويندو. سيپٽمبر مهيني ۾ سکر جي تاريخ مطابق.

(ث) ڪلاز ٣ ۽ ٤ جي سب ڪلاز ٢ جي پابندي ماتحت پنجاب کي اجازت هوندي ته هڪ بيراج سنڌو درياه تي غازي گهاٽ کان مٿان ڪٽائي سگهي، جنهنجي پاڻيءَ جو مقدار ٢٠٠٠٠ ڪيوسڪ هوندو.

[ii] ڪوبه وڌيڪ پاڻي، جو مٿي ذڪر ڪيل ڪلاز-١ موجب ڪنيو ويندو، اهو انهيءَ پارٽيءَ جي پريرائٽي نمبر ٥ موجب منظور ٿيل پاڻيءَ مان ڪنيو ويندو.

(١٣) سنڌ جي نان پيرينيل (غير دائمي) ڪئنالن بابت:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سکر بيراج جي غير دائمي واهن ۽ سنڌ جي ٻن نون بيراجن مان واهن کي اپريل جي پهرين ٻن هفتن کان کوليو ويندو. ١٦ کان ٣١ آڪٽوبر تائين ڪليل رکبو. جيڪڏهن پنجند ۽ حويلي ڪئنالس جيئن پيرا ٢٥-٢٦ ۽ ٢۴ (ب) اندرس ڪاميٽي رپورٽ ۾ جاچايل آهي (واليوم نمبر ١) ۾ انڪري سنڌ ڪوبه وڌيڪ پاڻي کڻڻ جو حق ڇڪي نه سگهندي. جنهن ڪري ستلج وئلي ڪئنالس جي موجوده حقن کي نقصان رسڻ جو انديشو هجي.

(١۴) فلوفي ۽ فريشيٽ جي ورهاست جا حق:

١- باوجود انجي جو الوڪيشنز پريرائٽ نمبر ١ موجب مليا آهن يا نه، پنجاب کي حق هوندو ته باڪرا رزروائر ۾ پاڻي نومبر، فيبروري، مارچ ۽ اپريل ۾ ڪٺو ڪري سگهندو. جڏهين گڏيل وهڪرو ستلج ۽ بياس ندين جو ١٩٠٠٠ ڪيوسڪ کان گهٽ هوندو ۽ ڊسمبر ۽ جنوري جي مهينن ۾ ٻنهي ندين جو گڏيل وهڪرو ١٧٠٠٠ ڪيوسڪ کان گهٽ هوندو. انهيءَ مقصد واسطي ستلج ڊسچارج کي باڪرا وٽ بمع دوپر ۽ بياس کي منڊي پلين وٽ اسٽوريج ڪرڻ جو حق هوندو.

٢- پنجاب طرفان جڏهين پيا رزروائر يا اسٽوريز تعمير ڪيا ويندا ته انهن اسٽوريجز ڪري سنڌ جي حقن کي نقصان پهچڻ جو خيال رکيو ويندو.

٣- پنجاب ۽ سنڌ کي حق هوندا ته ١- جنوري کان ٣١ مارچ (پنجاب تاريخون) تائين پاڻي اسٽور ڪري يا وهندڙ پاڻي ڪتب آڻي پنهنجي واهن لاءِ اڏ فريشيٽ پاڻي جو ٽيڪ آف پائنٽ کان شمار ڪيو ويندو.

فريشيٽ پاڻي جي معنيٰ اها آهي ته جملي پاڻي، جو سنڌ ۽ پنجاب جي گهربل پاڻيءَ پريرائٽي نمبر (1.B.B) کان مٿي هوندو.

۴- پنجاب کي حق هوندو ته ڪنهن به وقت جڏهن ضرورت پويس ته ڊيورنل اسٽوريج ڪري، ٢۴ ڪلاڪن جي اليڪٽريڪل نوڊ جي تبديل مطابق پر ٽوٽل مقدار ڊسچارج ڪيل پاڻي جو رزروائر کان هرهڪ ٢۴ ڪلاڪن اندر رزروائر کان داخل ٿيڻ جي وقت کان گهٽ نه هوندو. بشرطيڪ اهڙيءَ طرح اسٽوريج ڪيل پاڻي اگريمينٽ موجب اسٽوريج ڪرڻ جي خلاف نه هوندو.

۵- سب ڪلاز نمبر ٢- SUPRO بابت جيڪڏهن ڪو اختلاف ٿي پيو ته اُن کي ١٧ ڪلاز موجب امانت لاءِ موڪلبو.

(١۵) الوڪيشنز ترميم يا تبديل ٿي نه سگهنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ائگريمينٽ مطابق ڪيل الوڪيشنز ترميم نہ ٿي سگهنديون يا اهڙيءَ طرح تبديل نہ ڪيون وينديون، ٻنهي پارٽين جي خاص قبوليت کانسواءِ.

(١٦) درياہ جي ڊيٽا وغيره:

درياہ جي وهڪري جون پوريون ماپون سنڌ ۽ پنجاب جي گڏيل انتظام هيٺ پوري بندوبست سان لانچن جي شموليت سان سنڌ ۽ پنجاب ۾ جديد اوزارن جي ذريعي پاڻي جي وهڪري جي جاين تي ڪيون وينديون. انهيءَ مقصد واسطي هڪ يا وڌيڪ نگهبان رکڻ لاءِ سنڌ کي پنجاب طرفان اجازت ڏني ويندي، تہ اُهي هر هڪ هنڌ تي ٽڪرين يا ميدانن تي چونڊيل جڳهين کي مقرر ڪري سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ يا وڌيڪ نگهبان پنجاب کي سنڌ ۾ رکڻ جي اجازت هوندي ۽ اهي سنجاب پنهنجي مرضيءَ موجب چونڊيل جڳهين تي رکندو. اهڙا نگهبان، گڏجي يا جدا جدا، جيئن ڪين مناسب نظر اچي، نيون ۽ چيڪ جون ماپون وٺندا. اُهي تڏهين صحيح سمجهيون وينديون، جڏهين اُنهن تي ٻنهي پارٽين طرفان صحيحون ٿيل هونديون.

٢- ندين، ڪئنالس ۽ اسٽوريجز جي گيج (گز) ۽ ڊسچارج ڊيٽا، ٻنهي پارٽين کي جلد ۽ قبول ڪيل وقتن تي مهيا ڪئي ويندي.

٣- جتي بہ وقت جو مدو مقرر ڪيو ويو آهي، هن قبوليت جي انگن مطابق اُهي انگ تجربي حاصل ڪرڻ بعد ٻنهي پارٽين جي منظوريءَ سان تبديل ٿي سگهندا.

۴- جڏهين بہ پاڻي جي گهٽتائي يا واڌ جا انگ اکر هن قبوليت جي پورائيءَ لاءِ گهربل هوندا تہ اُهي انگ تجربي حاصل ٿيڻ بعد ٻنهي پارٽين جي قبوليت سان فيصلا ڪيا ويندا.

۵- ڪوبہ اختلاف جنهن لاءِ امانت جو انتظام ڪيو ويو آهي، ڪلاز ١۴ جي (١۴) ١١ (٢) - ١۴ (٢) ۽ ١٦ مطابق اُن کي هند سرڪار طرفان مقرر ڪيل امين جي سپرد ڪيو ويندو، جنهن جو فيصلو ٻنهي پارٽين کي قبول ڪرڻو پوندو ۽ اُن فيصلي مطابق هلڻ لاءِ ٻڌل هوندا.

٦- هيءَ قبوليت سيني ڪلازز (فقرن) تي مدار رکي ٿي معاوضي فيصل ٿيڻ تي ڪلاز ٣-۴-۵ گرانٽ ڪوسلا ميمورنڊم فيبروري ١٩۴۵ع يا ٻي ڪنهن طريقي تي جو ٻنهي ڌرين کي قبول هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اڳريمينٽ تي هيٺين عملدارن جون صحيحون هيون.

جي ايل گرنٽ — اي – ايل – پروٽيرو

چيف انجنيئر سنڌ — سيڪريٽري پنجاب حڪومت

۽

ايف – ايف – هيگ، چيف انجنيئر پنجاب

۲۸ سيپٽمبر ۱۹۴۵ع

(نوٽ)

هن اڳريمينٽ ۾ هيٺيون چاٽايل ٽيبلون اختصار خاطر پيش نہ ڪيون ويون آهن:

ٽيبل نمبر ۱ الف – ب – ت – ث – ج

ٽيبل نمبر ۲ الف – ب – ت – ث

ٽيبل نمبر ۳ الف – ب – ت – ث

ٽيبل نمبر ۴ الف – ب – ت – ث

اُن بعد مسٽر پريٿرو، سيڪريٽري پنجاب سرڪار، پبلڪ ورڪس ۽ اريگيشن سنڌ جي فنانس ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽريءَ تي ۱۳ آڪٽوبر ۱۹۴۵ع تي قبوليت جو خط موڪليو.

آءٌ مٿي ڏيکاري آيو آهيان تہ هندستان جي ورهاڱي بعد اسان پاڪستان سرڪار جي ماتحت ٿياسون، جنهن تي مهاجر، پنجابي سامراج قائم ٿيو. جن پهرين بنگال جي اڪثريت گهٽائي ۽ مغربي پاڪستان کي ون يونٽ ۾ آندو ۽ اُن کان پوءِ هيٺيون حالتون پيدا ٿيون:

۱– ون يونٽ ٿيڻ بعد سنڌ جي جداگانہ حيثيت ختم ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ٿيل پاڻيءَ جي قبوليت کي ختم ڪيو ويو. جو قبوليت ۾ بہ صوبائي پارٽيون ڏيکاريل هيون، ۽ هاڻ هڪ پارٽي ٿيڻ ڪري سنڌ جو حق بحيثيت جداگانہ پارٽيءَ جي ختم ٿي ويو.

۲– اُن قبوليت جي ختم ٿيڻ بعد سنڌ کي پاڻيءَ بابت هيٺيان نقصان پهچايا ويا آهن:

الف: هڪ طرفو فيصلو ڪري قبوليت ڪلاز ۱۲ الف، ۱۴، ۲، ۱۵ جي خلاف ورزيءَ ڪري پنجاب ۾ پاڻي کڻي ڪرڻ لاءِ هيٺيان وڏا ڊئم بنايا ويا.

۱– تربيلا ڊئم، ۲– منگلا ڊئم، ۳– چشمہ ڊئم، ۴– راول ڊئم، جن مان هر هڪ

۾ ڪيئي هزار ملين ايڪڙ فٽ پاڻي ڪڻو ڪري، پنجاب لاءِ ڪتب آندو ويجي ٿو.

ب- پنجاب جي ٽن ندين ستلج، بياس ۽ راويءَ جو پاڻي جنهن مان ٢٥ سيڪڙو پاڻي قبوليت موجب سنڌ کي مليو ٿي، سو پارٽ سرڪار کي وڪڻي هڪ هزار ڪروڙ روپيا مختلف ذرين ڪان حاصل ڪري، انهن ندين جي وڃايل پاڻيءَ جي عيوض مٿي ذڪر ڪيل ڊئم ٺهرايا ويا ۽ سنڌوءَ جو پاڻي منتقل ڪري پنجاب کي ڏنو ويو.

(ت) قبوليت جي خلاف سنڌونديءَ تي تونسا بيراج ٺهرايو ويو.

(ث) سنڌونديءَ جو ٧٥ سيڪڙو پاڻي، جو سنڌ لاءِ مقرر ٿيل هو، اُن مان نوان واهه کوٽائي، وڌيڪ ٢٥ سيڪڙو پاڻي پنجاب کي، سنڌ جي قبوليت بغير ڏنو ويو.

(ج) اڳريمينٽ جي ڪلاز ١٧ - موجب ٻنهي صوبن جي وچ ۾ پاڻي جي مسئلي تي اختلاف ٿيڻ بعد هند سرڪار (ٿياڪڙ) جي امانت تي فيصلي واري حق کي ڪسيو ويو.

(ح) پنجاب ۾ ساليانو ٢٠ کان ٤٠ انچ سراسري بارش پوي ٿي، سنڌ ۾ ساليانو ٤ کان ١٢ انچ سراسري بارش پوي ٿي. پنجاب ۾ اندر گرائونڊ مٺو پاڻي ٢٠٠٠ M-A-F ۽ سنڌ ۾ ٣٠٠ M-A-F هو. باوجود اُن جي ٻـ درياهن جو پاڻي زياده مقدار ۾ پنجاب کي ڏنو ويجي ٿو. اُن ڪري سنڌ ۾ آبادي گهٽ ٿئي ٿي.

(د) اُن جو نتيجو اهو نڪتو تہ ٻنهي صوبن جي زرعي آباديءَ ۾ وڏو تفاوت پيدا ٿي پيو.

١٩٧٣-٧٤ع ۾ ٻنهي صوبن جي آباد ايراضي هيٺينءَ طرح هئي:

پنجاب ۾ جملي آباد ايراضي ٢،١٩،٩٤،٨٠٠ ايڪڙ.

سنڌ ۾ جملي آباد ايراضي ١،١٨،٨١،٠٠٠ ايڪڙ.

سنڌ جي آبادي پنجاب کان ١،٠١،١٣،٨٠٠ ايڪڙ گهٽ ٿي.

مکيہ پيداوار، هيٺينءَ طرح آباديءَ هيٺ آئي:

پنجاب ۾ ڪپهہ هيٺ ايراضي ٣٣،٨٢،٠٠٠ ايڪڙ آباد ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمند هيٺ ايراضي ۱۰،۹۱،۰۰۰ ايڪڙ آباد ٿي.

ڪڻڪ هيٺ ايراضي ۱،۰۹،۰۴،۰۰۰ ايڪڙ آباد ٿي.

پيداوار جا انگ اکر اڳيئي ڄاڻايل آهن. تنهنڪري ٻيهر نٿا دهرائجن.

سنڌ ۾ ڪپهه هيٺ ۱۱،٦۷،۰۰۰ ايڪڙ ايراضي آباد ٿي.

ڪمند هيٺ ۲،۵۱،۰۰۰ ايڪڙ ايراضي آباد ٿي.

ڪڻڪ هيٺ ۲۰،۷٦،۰۰۰ ايڪڙ ايراضي آباد ٿي.

پيداوار جا انگ اکر اڳيئي ڄاڻايل آهن.

(ذ) سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ جي پورائيءَ لاءِ سنڌ سرڪار ندين مان ايندڙ بارش جي پاڻيءَ کي ڪٺي ڪرڻ لاءِ ۳۲ ڪروڙ روپين جي پنهنجي خرچ سان بند ٻڌائي آبادي ڪرڻ جون، جي تجويزون تيار ڪيون هيون، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، اُنهن کي رد ڪري، اهي پيسا پنجاب جي ڪتب آندا ويا.

(ر) سنڌ مان اونهاري ۾ سنڌو درياهه جو گهڻو پاڻي بيڪار ضايع ٿي سمنڊ ۾ پيو ٿي، اُن پاڻي کي بندن ۾ اسٽوريج ڪرڻ لاءِ سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن طرفان چئن هنڌن پاڻي بند ڪري ڪتب آڻڻ جي تجويز جي سفارش ڪيل هئي پر ون يونٽ سبب سمورو اختيار لاهور ۾ وڃڻ ڪري ان باري ۾ وڌيڪ ڪجهه نه ٿي سگهيو.

(ز) سنڌ ۾ ٻيلن جي ايراضي تمام گهٽ هئي، جو سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيندي ٻيلي کاتي وارن ظاهر ڪيو هو ته سنڌ ۾ ٻيلن هيٺ ايراضي ۲ - سيڪڙو هئي، جا دنيا جي گهڻن ملڪن کان گهٽ هئي، ويندي سعودي عرب جهڙي صحرائي ملڪ کان به ٿوري هئي. ان کي وڌائڻ لاءِ، جيڪي تجويزون تيار ڪيل هيون، تن جي تعميل لاءِ پاڻي جي مٿي ذڪر ڪيل طريقين سان گهٽجي وڃڻ سبب، ڪجهه بندوبست نه ٿي سگهيو.

(ڪتاب ”سنڌوءَ جي ساڃاهه“ تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شير محمد بلوچ

پاڻيءَ منجهه پساهه

باب پهريون

”مڙيا مڇ هزار اڃ پاڳا ٿيندي سهٽي“
(ڀٽائي)

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي: ”اسان هر جيئري شيءِ کي پاڻيءَ مان بڻايو آهي. پوءِ ڇو نٿا ايمان آڻين.“ سوره انبيا سيپارو ١٧.

ٻي جاءِ تي سوره بقر ۾ ٻئي سيپاري ۾ لکيل آهي ته: ”الله تعاليٰ آسمان مان پاڻي نازل فرمايو پوءِ ان منجهان ويران زمين کي آباد ڪيائين“.

ٽي جاءِ تي سوره الانعام آيت ٩٩ ۾ لکيل آهي: ”اهوئي الله آهي جنهن آسمان مان پاڻي لاٿو، پوءِ ان سان هر شيءِ جا سلا پيدا ڪياسين پوءِ ان منجهان ساوڪ ڪڍي سون جنهن منجهان ٻنا داڻا ڪڍياسون ۽ ڪجين جي گوشن منجهان لڙڪندڙ ڇڳا ڪڍياسون ۽ انگورن جا باغ، زيتون جا باغ ۽ ڏاڙهون هڪ ٻئي جهڙا ۽ مختلف قسمن جا ڪڍياسون. جڏهن ڦر ڏين ۽ پچن تڏهن انهن ڏانهن نهاريو. بيشڪ انهن ۾ ايمان وارن لاءِ نشانيون آهن“.

مٿين آيتن مان پاڻيءَ جي ضرورت صاف صاف لفظن ۾ واضح ٿئي ٿي ته دنيا جون وڏيون وڏيون بادشاهتون ماضيءَ ۾ وڏن وڏن دريائن جي ڪنارن سان وابسته رهيون. البته ائين برابر آهي ته جڏهن الله تعاليٰ جي نعمتن جو ناجائز فائدو ورتو ويندو آهي، تڏهن قدرت جو رد عمل جنبش ۾ اچي ويندو آهي ۽ اهي ساڳيون نعمتون قومن لاءِ تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جو باعث بڻجي وينديون آهن. انهيءَ پهلو تي مان اڳتي هلي گهڻو ڪجهه لکندس پر هن وقت فقط ايترو چوندس ته جيئن ناجائز طور ڪائڻ سبب انسان کي جلندڙ يا يرقان جي بيماري ٿيندي آهي تهڙيءَ طرح زمين تي پاڻيءَ جو ناجائز گهڻو استعمال سم، ڪلر ۽ واٽر لاگنگ جي صورت ۾ زمين کي اهڙي طرح جي بيماري ڏيندو آهي. انهيءَ ابتدا سان مان سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻيءَ جي مسئلي تي اچان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزن تقريباً تقريباً سنڌ ۽ پنجاب ساڳئي وقت فتح ڪيا. لارڊ ايلنبرو ١٨٤٢ع ۾ مياڻي ۽ دبي جي جنگين ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ ٻن ٽئن سالن بعد انگريزن مدڪي، فيروزپور، علي وال ۽ سوبران جي جنگين جي نتيجي ۾ پنجاب کي پنهنجي قبضي ۾ آندو.

رواجي طور ربيع جي آبادي لاءِ سنڌ ۾ زياده ڪارآمد فضا هئي ڇو ته سنڌ جا ماٿهو بيراجن جي اڻ هوند جي حالت ۾ به ڪن واهن تي ڪٽڪ جي آبادي ڪندا هئا. گورنمينٽ آف انڊيا کي بخوبي معلوم هو ته سنڌ ۾ آبپاشي وڌائڻ لاءِ حالتون ڪافي سازگار آهن ۽ سنڌ کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي. تاهم سياسي حالتن انگريزن کي مجبور ڪيو ته پهريائين پنجاب کي ترقي ڏياري وڃي. انهيءَ انداز فڪر لاءِ هيٺان سبب هئا:

١- انگريزن کي فوج جي ڀرتي هميشه پنجاب مان ملندي هئي ۽ اهو هڪ وڏو سبب هو جو پنجاب جي باشندن جي بهتري جو خيال انگريزن کي هميشه چيندو رهيو.

٢- پنجاب جا درياءَ سنڌونديءَ کان گهٽو ننڍا هئا ۽ انهيءَ ڪري انهن تي پليون ٻڌڻ يا بيراج ٺاهڻ بمقابل سنڌوندي جي بلڪل آسان ڪم هو جيتوڻيڪ دائمي پاڻيءَ جو مواد سنڌ ۾ زياده موجود هو ڇاڪاڻ ته پنجاب جا سڀ درياءَ مٺڻ ڪوٽ وٽ سنڌونديءَ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا.

٣- انگريز سواءِ ڪن ٿوڙي گهراڻن جي سنڌ کي ڪڏهن به پنهنجو خير خواهه نه سمجهندا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته پُنجاب جا بيراج گهٽي ڀاڱي اڻويهين صديءَ ۾ ئي تيار ٿي ويا هئا ليڪن ان جي بمقابل سنڌ جا بيراج ويهين صديءَ جي شروعات تائين به هن خطي زمين تي نه ڏاريا هئا.

سر چالس نيپئر ١٨٤٣ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ بعد ڪرنل والڪرٽ اسڪاٽ جي هٿ هيٺ سنڌ ۾ واهن جو کاتو کوليو هو مگر اهو کاتو ١٨٤٨ع تائين مس هليو ان بعد جنرل فائيف ١٨٥٥ع ۾ سنڌ ۾ واهن سڌارڻ لاءِ ڪي رٿون ڏنيون ليڪن اهي به پنجاب جي فوقيت سبب سرد خاني جي حوالي ڪيون ويون. فائيف انهيءَ خيال جو هو ته سندس اندازي موجب ان وقت سنڌ کي گهٽ ۾ گهٽ ايڪتيهه لک رپيا آبياني جو نقصان ٿي پيو ۽ اهو فقط غلط آبپاشي سبب. آبادي جا هيٺيان انگ اکر ڏيکاريندا ته سنڌ ۾ آبادي پنجاب کان گهٽو مٿي هئي.

سال	پنجاب جي آبادي ايڪڙن ۾	سنڌي جي آبادي ايڪڙن ۾
١٨٥٠ کان ١٨٥٥	٧٥٠٠٠٠	١٠٠٠٠٠٠
١٨٧٥ کان ١٨٨٠	١٥٠٠٠٠٠	١٥٠٠٠٠٠
١٨٨٠ کان ١٨٨٥	٢٠٠٠٠٠٠	١٦٠٠٠٠٠
١٩١٥ کان ١٩٢٠ تائين	٩٠٠٠٠٠٠	٣٤٠٠٠٠٠

١٩١٠ع ۾ ڊاڪٽر سمرس سنڌ لاءِ روهڙي پراجيڪٽ ٺاهيو ليڪن سياسي نقطه نظر سبب ڪو ڪڙ تيل ڪونه نڪتو. اهو پهريون شخص هو جنهن محسوس ڪيو ته پنجاب جا پراجيڪٽ سنڌ جي آباديءَ تي بلڪل برو اثر وجهندا پر پنجاب جي سياسي اهميت سبب هن غريب ڪي ڪنهن ڪونه پڇو.

يوپي جو باري دوآب ڪئنال پراجيڪٽ ١٨٨٤ع ۾ شروع ڪيو ويو. پنجاب جو لوور چناب ڪئنال پراجيڪٽ ١٨٨٩ع ۾ شروع ڪيو ويو. پنجاب جو لوور جهلم ڪئنال پراجيڪٽ ١٩٠٢ع ۾ شروع ڪيو ويو. ٻئي طرف سنڌ ۾ پهريون دفعو ١٩١٢ع ۾ مستو (A A Musto) چيف انجنيئر سنڌ جي هيٺيان فقط هڪ ايگزيڪيوٽو انجنيئر مقرر ڪيو ويو ته جيئن سنڌ جي آبپاشيءَ جو ڪونه ڪو حل ڳولي لهي. مستو سکر بيراج پراجيڪٽ تيار ڪري ڏنو جو به وڏي جدوجهد کان پوءِ جولائي ١٩٢٣ع ۾ منظور ٿيو ۽ مٿس ڪم جولائي ١٩٢٥ع ۾ شروع ٿيو.

هتي حالتن کي چڱي طرح سمجهڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب جي باشندن جي ٿوري تفطيع ڪرڻ ضروري آهي. پنجاب جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي جو رجحان ٻين ماڻهن کان ڪافي نرالو آهي.

جيتوڻيڪ دنيا جي رهواسين جي ابن بطوطي کان وٺي تاريخ نويس پنهنجي راءِ زني ڏيندا رهيا آهن.

جيئن شيخ سعدي فرمايو آهي:

"اگر قحط الرجال افتد برسرتن خير کم گيري
اول افغان دوم کنبوه سوم بدذات کشميري
زافغان کينه مي آيد، زکنبوه حيله مي بايد
مگر ز کشميري نرسد خيرو واندوه دلگيري"

اهو بلڪل غلط ٿيندو جيڪڏهن ائين چئون ته اسان سڀني پاڪستانين جي تهذيب، تمدن، اٿڻي وهڻي ۽ نظريات جذبات ساڳيا آهن. پنجاب جي ماڻهن ۾

جڏهن بہ سنڌن مادي لاڀ (Materialism) جو سوال پيدا ٿئي ٿو تڏهن وٽن زندگيءَ جي ڪنهن بہ ٻئي پهلو تي سوچڻ جي سوجهہ ئي نہ ٿي رهي. هو فقط هڪ طرفو سوچي يا ڏسي سگهن ٿا. "برادري" "اخوت" سڀ پروپئگنڊا جا ڍانچا آهن. مان تہ انهيءَ حد تائين وڃڻ لاءِ بہ تيار آهيان تہ شايد اسان جي خدا جي تصور ۾ بہ ڪو فرق آهي. علامہ اقبال مشهور پنجاب جو شاعر جو اڄ ڪلهہ شاعر مشرق ڪوٺيو وڃي ٿو سو پنهنجي بياض ۾ هڪ جاءِ تي هيئين ريت فرمائي ٿو.

"خودي ڪو ڪر بلند اتنا ڪہ هر تقدير سي پهلي
خدا بنده سي خود پوچهي بتا تيري رضا ڪيا هي"

جو خدا پنهنجي بندي ڪان پڇي پوءِ هن جي قسمت متعين ڪري تہ پوءِ اهو خدا "علیٰ ڪل شيءِ قدير" تہ ڪونہ تصور ٿيندو جو تہ هنڪي ٻهريائين بندي سان مشورو ڪرڻو پوندو. اسان سنڌ ۾ خدا کي بنده جو محتاج ڪونہ ٿا سمجهون. هو قادر مطلق آهي ۽ ڪابہ شيءِ سنڌس حڪمن ڪان سواءِ چري نہ ٿي سگهي.

چاڪاڻ تہ پاڻي جو مسئلو خاص پنجاب سان ئي تعلق رکي ٿو ان لاءِ مون پنهنجو ذڪر خير فقط پنجاب تي ئي مشتمل رکيو آهي. ممڪن آهي تہ پنجاب پنهنجي پراڻي فطرت ڪان مجبور هجي ليڪن في الحال سنڌس انهي پهلو کي اتي ئي مهمل رکون ٿا.

پنجاب جي باشندن کي چڱيءَ طرح معلوم هو تہ هو پنجاب جي پنجن ئي دريائين جهڙوڪ بياس، ستلج، راوي، چناب ۽ جهلم جو پاڻي پوري طرح آساني سان ڪم آڻي پيا سگهيا انهي ڪري هنن لاءِ فقط اها آتر ويلا هئي تہ ڪنهن بہ نموني سنڌو درياءَ مان پاڻي ڪنيو وڃي ۽ جيستائين سنڌ جا ماڻهو ننڊ مان اٿن ئي اٿن تيستائين ڪنهن بہ نموني اهو پاڻي جو ذخيرو اڳ ۾ ئي ختم ڪري ڇڏجي. انهيءَ دور انديشي يا ڪٺي چئجي تہ احمقانہ دوربيني هيٺ پنجاب جي ماڻهن ١٨٧١ع ڪان وٺي سر توڙ ڪوشش ڪئي تہ جيئن ڪين سنڌو درياءَ مان ڪالاباغ وٽ پاڻي ڪڍڻ جي اجازت ڏني وڃي.

انڊيا اريگيشن ڪميشن (١٩٠٢ - ١٩٠١) جي احڪامن هيٺ پنجاب لاءِ سنڌ جو راضپو بلڪل ضروري هو. گورنمينٽ انڊيا ائڪٽ ١٩١٩ع جي ماتحت بہ اهو ضروري هو تہ اهو مسئلو پنجاب بدران گورنر جنرل يعني وائسراءِ فيصل ڪري.

ڪاٽن ڪميٽي جنهن ١٩١٩ع ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي پڻ واضح لفظن ۾ لکيو تہ پنجاب کي سنڌو درياءَ مان ڦڙو پاڻيءَ جو بہ نہ ڏنو وڃي جيستائين سکر

بيراج پراجيڪٽ جي پوري ٿيڻ بعد حالتن جو پورو اڀياس نہ ڪيو ويجي. آگسٽ ۱۹۱۹ع ۾ بمبئي سرڪار، گورنمينٽ آف انڊيا کي پنهنجي انديشن کان آگاھ ڪيو تہ پنجاب سرڪار جا سنڌو دريا مان پاڻي ڪڍڻ نسبت ڪي نيڪ ارادا نظر ڪونہ ٿا اچن ۽ جيڪڏهن ڪي رٿون پنجاب گورنمينٽ کي دل ۾ آهن تہ پوءِ انهن کان بمبئي گورنمينٽ کي آگاھ ڪيو وڃي. معلوم هجي تہ ان وقت سنڌ بمبئي پرڳڻي جو حصو هئي.

سيپٽمبر ۱۹۱۹ع ۾ سکر بيراج پراجيڪٽ جي مقابلي ۾ پنجاب گورنمينٽ ٿل پراجيڪٽ ناهي انڊيا گورنمينٽ کي موڪليو پر وقت جي وائسراءِ لارڊ چيلمسفورڊ پنجاب جي اها گهر بي واجبي سمجهي رد ڪري ڇڏي.

۱۹۲۳ع ۾ سکر بيراج پراجيڪٽ گورنمينٽ آف انڊيا منظور ڪيو پر انهيءَ ئي وقت پنجاب گورنمينٽ پنهنجو اعتراض پيش ڪيو ۽ ان جي رد عمل جي جواب ۾ بمبئي گورنمينٽ سخت الفاظن ۾ احتجاج ڪيو ۽ گورنمينٽ آف انڊيا يقين ڏهاني ڪرائي تہ بيو ڪوبہ نئون پراجيڪٽ منظور نہ ڪبو. اڃان ۱۵ مهينا ئي مس گذريا تہ پنجاب گورنمينٽ سنڌو درياءَ تي پنهنجو حق ڄمائڻ لاءِ ٻيهر گورنمينٽ آف انڊيا کان گهر ڪئي تہ کين خالي آزمائشي طور ٿل ڪئنال واسطي ۷۵۰ ڪيوسڪ پاڻي ڏنو وڃي. انڊيا گورنمينٽ ان نسبت بمبئي گورنمينٽ کي اڃان آگاھ ئي نہ ڪيو هو تہ اوچتو سيپٽمبر ۱۹۲۵ع ۾ پنجاب گورنمينٽ پنهنجي نئين عرضداشت وڏي ٿل پراجيڪٽ لاءِ گورنمينٽ آف انڊيا کي موڪلي ڏني. لارڊ ريڊنگ ان وقت جي وائسراءِ اها پنجاب جي عرضداشت نهايت ئي اهم دليلن سان رد ڪري ڇڏي ۽ فرمايو تہ ٿل پراجيڪٽ منظور ڪرڻ سان سنڌ سان نهايت سنگين بي انصافي ٿيندي. مگر بيراج ان کان اڳ منظور ٿي چڪي هئي ۽ ڪم بہ چالو ٿي چڪو هو.

اهو جيڪي ٿيو سو سکر بيراج جي واهن وهڻ کان اڳ. بيراج جي ٺهڻ بعد ڇا ٿيو سو سانحو ٽئي باب ۾ عرض رکبو.

باب ڇهون

”جو تــيـــون پڇو پنڌ پيـــرا وو پيـــرا،
واٽـون ونـدر جون وڻ پيـــــا ڏســــيندا“.
(ڀٽائي).

هن المناڪ سانحي جي سمجهڻ لاءِ ڪا خاص مطالعي جي ضرورت ڪانہ آهي جو تہ ون يونٽ جي زماني ۾ صوبن کي هڪ ٻئي کي ويجهي ڪان سڃاڻن جو موقعو مليو جيتوڻيڪ ننڍن صوبن کي ان لاءِ تمام وڏي قيمت ادا ڪرڻي پيئي. خير، مان هاڻي پنهنجي موضوع تي اچان ٿو. سکر بيراج ٺهڻ بعد ڇا ٿيو سو هڪ قسم جو عجب نوعيت جو داستان درد آهي. سکر بيراج سان گڏوگڏ ستلج پراجيڪٽ پڻ پورو ڪيو ويو هو. هنن سيني ڪمن جي پوري٫ٿيڻ بعد هڪ طرف بيڪانير ۽ بهاولپور رياستن جو پنجاب سان جهڳڙو پيدا ٿيو ۽ ٻئي طرف خيرپور رياست ربيع لاءِ وڌيڪ پاڻي گهرڻ شروع ڪيو. پنجاب پڻ حويلي پراجيڪٽ ۾ اچان وڌيڪ پاڻيءَ جي گهر ڪئي جيتوڻيڪ سنڌ جي هاءِ گهوڙا جو اچان تائين سينٽرل گورنمينٽ کو خاطرخواه علاج ڪونہ ڪيو هو.

بهرحال وفاقي حڪومت يو پيءَ جي هڪ چيف انجنيئر انڊرسن جي سرڪردگيءَ ۾ هڪ ڪميشن ويهاري تہ جيئن هنن سيني مسئلن جو اڀياس ڪري گورنمينٽ کي هڪ رپورٽ پيش ڪري. ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ ١٦ سيپٽمبر ١٩١٥ع تي پيش ڪئي ۽ گورنمينٽ آف انڊيا پنهنجي ليٽر تاريخ ٢٠ مارچ ١٩٢٧ع هيٺ انهيءَ رپورٽ تي آرڊر پاس ڪيا ۽ تقريباً ڪميٽيءَ جون سفارشون قبول ڪيون. انهن سفارشن ماتحت سکر بيراج، پهاڙ پور ڪئنال ۽ ٿل واهہ جي هر هڪ مهيني جي پاڻي جي ڪوٽا مقرر ڪئي ويئي. اها قابل ذڪر پرولي آهي تہ ٿل واهہ جو مسئلو جيتوڻيڪ ڪميٽيءَ جي سپردئي ڪونہ هو تڏهن بہ پنجاب زور آزمائي ڏيکاري ٿل واهہ جي ڪوٽا ڪميٽيءَ کان مقرر ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. حقيقت ۾ ١٩٣٩ع تائين سکر بيراج جي جانچ پڙتال لاءِ ترسٽو هو. ليڪن ”ڏاڍي جي لٺ کي بہ منا“ ۽ انهيءَ ڏس ۾ پنجاب ڪامياب ٿي ويو. پنجاب ان بعد بہ سنڌو درياءَ مان وڌيڪ پاڻي ڪڍڻ جي مهم تيز ڪئي. انهيءَ مهم جو نتيجو اهو نڪتو جو گورنمينٽ آف انڊيا ١٩٤٥ع جي ايڪٽ هيٺ، سنڌ گورنمينٽ پنهنجو اعتراض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجاب جي روبي خلاف ١٩٣٩ع ۾ وفاقي حڪومت ڪي پيش ڪيو. اهو اعتراض ٧ جون ١٩٤١ع تي گورنر جنرل آڏو پيش ڪيو ويو. گورنر جنرل سنڌ جي اعتراضن جي جانچ پڙتال لاءِ ١١ سيپٽمبر ١٩٤١ع تي هڪ ڪميشن ويهاري جنهن جو چيئرمين ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج بي اين راءِ کي مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ اها ڪميشن، راءِ ڪميشن جي نالي سان مشهور ٿي. راءِ ڪميشن اها راءِ ڏني ۽ محسوس ڪيو ته جيڪڏهن پنجاب جون گهرون سنڌونديءَ جي پاڻيءَ لاءِ زير غور ڪيون ويون ته سنڌ جي واهن تي ازخود برو اثر پوندو ۽ خاص طور سيپٽمبر جي مهيني ۾. ان لاءِ ڪميشن اها راءِ ڏني ته انهن مسئلن جو واحد علاج اهو آهي ته اپر سنڌ ۽ لوئر سنڌ ۾ ٻه نوان بيراج ٺاهيا وڃن. جن جي قيمت ڪميشن جي خيال ۾ اٽڪل سورهن ڪروڙ رپيا هئي جن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪروڙ رپيا پنجاب کي سنڌ جي نقصان جو هرجانو ڀرڻ کپي. راءِ ڪميشن جي ئي مرضيءَ پٽاندڙ پاڻيءَ نسبت ڪنهن سمجهوتي تي پهچڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب گورنمينٽ وچ ۾ اپريل ١٩٤٣ع ۾ ڳالهيون شروع ٿيون. راءِ صاحب هڪ جج هو. هن جي مرضي هئي ته طرفين جون پاڻيءَ جي ورهاست نسبت جيڪڏهن باهمي ڳالهيون هلن ته شايد سيني تصفين جو سٺو نتيجو نڪري. ٻنهي صوبن يعني سنڌ ۽ پنجاب جي گڏيل ڪميٽيءَ کي ٻه اهم ڳالهيون فيصل ڪرڻيون هيون. اهي هيون:

(الف) سيني دريائن جي پاڻي جي ورهاست.

(ب) پئسن جي رقم جو مقدار جا پنجاب کي هرجاني طور ڀرڻي هئي.

انهن ٻنهي صوبن جي ڪميٽي جن جا ٻه چيف انجنيئر ميمبر هئا. ١٨ مهينن جي ڏي وٺ بعد ٢٨ سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي پاڻيءَ جي ورهاست نسبت سمجهوتي تي صحيحون ڪيون ۽ انهي سمجهوتي کي ڪونيو ويو. ١٩٤٥ Sindh Punjab Agreement. اهو سمجهوتو خود پنجاب گورنمينٽ ١٢ آڪٽوبر ١٩٤٥ع جي ليٽر موجب قبول ڪيو ۽ ان سمجهوتي موجب پاڻيءَ جي ورهاست جو قطعي طور فيصلو ٿي چڪو هو. فقط پئسن جي رقم جو فيصلو رهيل هو. پنجاب جي مرضي هئي ته وڌيڪ ڇهه مهينا ڳالهيون هلن جيئن پئسن واري فقري تي به ڪو فيصلو ٿي وڃي. وائسراءِ پنجاب جي اها استدعا نا منظور ڪئي ۽ وڌيڪ ٻنهي صوبن کي حڪم ڏنو ته "بهتر ائين آهي ته "ثالثي" جو فقرو پئسن متعلق سمجهوتي ۾ وڌو وڃي جا ڪاڻ ته مڪيه ڳالهه پاڻيءَ جي مقدار جي فيصلي جي اڳيئي فيصل ٿي چڪي هئي". سنڌ ٧ نومبر ١٩٤٥ع تي وائسراءِ جي اها رٿا قبول ڪئي ته "جيئن ته پاڻيءَ جي ورهاست جو فيصلو قطعي طور ٿي چڪو آهي جنهن صورت ۾ فقط انهيءَ فيصلي

ڪرڻ لاءِ تہ پنجاب کي ڪيتري رقم سنڌ کي ڏيڻ کپي ان لاءِ پلي "ثالثي" جو فقرو سمجهوتي ۾ وڌو ويچي".

سنڌ پنجاب جي انهيءَ پارٽيءَ جي ورهاست واري معاهده جي فقري ۱۵ ۽ ۱۸ ۾ صاف صاف لکيو ويو آهي تہ "اگر پئسن واري معاملي ۾ ڌريون نہ بہ نهيون تڏهن بہ پارٽيءَ جي ورهاست آخري قبول سمجهي ويندي ۽ پئسن جي انداز جو فيصلو "ثالثي" ذريعي ڪيو ويندو".

بعد ۾ سياسي ۽ ملڪي تبديلين سبب پئسن جي انداز متعلق ڪو فيصلو ڪونہ ٿيو. حقيقت ائين آهي تہ پارٽيءَ جي ورهاست وارو مسودو پنجاب جي انجنيئر ٺاهيو ۽ سنڌ جي انجنيئرن کي قبول ڪرڻو پيو. بهرحال انهيءَ پارٽيءَ جي ورهاست واري مسودي جي تعريف ۾ خود پنجاب جي انجنيئرن ڪيترا قصيدا لکيا آهن جي اڃان موجود آهن ۽ سنڌ گورنمينٽ پنهنجي Case ۾ فضل اڪبر ڪميشن سامهون پيش ڪيا آهن. اها ڳالهہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ اڳتي هلي انهي پارٽيءَ واري ورهاست جي Agreement تان پنجاب منحرف ٿي ويو، ڇاڪاڻ تہ انگريزن جي وڃڻ بعد هينئر پنجاب پوري پاڪستان جو مالڪ آهي. پاڪستان ٺهڻ بعد پنجاب سنڌ سان ڪهڙا هاڃا ڪيا سو ايندڙ باب ۾ بيان ڪنداسون.

"هوگئي غالب بلائين سب تمام ايک مرگ ناگهاني اور هي".

باب ٽيون

"هاجا ٽـــيـــا هزار پـــيـنـر هن پـنـيـــور ۾"

(پٽائي)

سياست کي الڳ رکي مان فقط پاڻيءَ جي مسئلي جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. اهو قدرت جو قانون آهي ته جنهن به ڳالهه جي ابتدا بدنيتي هوندي آهي ان ڳالهه جو نتيجو به ڪو چڱو ڪونه نڪرندو آهي. پاڪستان ٺهڻ سان مغربي پنجاب صوبائي گورنمينٽ کهڙو ڪردار ادا ڪيو تنهن تي ڪيترو به ماتم ڪجي اوترو ٿورو آهي. آئينده نسل اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو ته ڪيئن اسان تنگ دلي، شخصي ضد ۽ ڪم فهميءَ سبب سموري ملڪ جو خانو خراب ڪيو. مان جڏهن "اسان" جو لفظ استعمال ڪريان ٿو ته سمجهڻ ائين کپي ته مان فقط مغربي پنجاب کي مخاطب آهيان. مغربي پنجاب جيڪو پاڪستان جي ورهاڱي وقت ڪردار ادا ڪيو تنهن لاءِ ڪوبه پاڪستان شرم کان ڪنڌ مٿي ڪٿي نه سگهندو. ڪنهن به هڪ لکيل ڪتاب مان اوهان کي هي مواد ملي نه سگهندو، تنهن ڪري عرض ڪندس ته دل جي خوض ۽ ويچار سان هي باب پڙهيو وڃي.

"رب رسي مت ڪـــسي هٿي ڪونه هٿـــيـــار،
ڏسي اهو پار جنهن کــــان جوڪـــو جيءَ کي".

ريڊ ڪلف ايوارڊ هيٺ آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو يعني پاڪستان ۽ ڀارت ٻه ملڪ ٺهيا. ريڊ ڪلف هڪ وڪيل هو. هو نه روينيو جو ماڻهو هو ۽ نه وري بي - ڊبليو- ڊي جو ماڻهو هو. انگريزن جي اها قومي خوبي يا خرابي ڪٿي چئجي ته جڏهن به ڪو ڪم ڪندا آهن ته ٻاهريون ڏيک اهوئي ڏيندا آهن ته انصاف جي دائري کان ٻاهر وڃڻ نه ٿا گهرن جيتوڻيڪ نيت بي انصافيءَ جي به ڪٿي هجين. ريڊ ڪلف نقشي تي هڪ لائن لڳائي ڀارت ۽ پاڪستان ٺاهيو، مگر هن کي بخوبي معلوم هو ته انهيءَ لائين لڳائڻ نسبت طرفين کي گهڻيون ئي مشڪلاتون درپيش اينديون. لهاذا انهن مشڪلاتن جي حل ڳولڻ لاءِ هر هڪ ڪاتي لاءِ ٻنهي ڌرين جي ميمبرن تي هڪ ڪميٽي ٺاهي ويئي ۽ انهيءَ ڪاميٽيءَ جو معياد ۳۱ مارچ ۱۹۴۸ع تائين رکيو ويو. انهيءَ ڪاميٽيءَ جنهن کي پاڻيءَ جا مسئلا حل ڪرڻا هئا. ان جو نالو ڪميٽي "Committee B" رکيو ويو. جيئن ته هن وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان فقط پاڻيءَ جي مسئلي جو ذڪر ڪري رهيا آهيون. اسان جو ذڪر خير ڪميٽي B نسبت ٿيندو. پاڪستان ٺهڻ تي اسان جي پنجابي ڀائرن کي سينٽرل گورنمينٽ خواه مغربي پاڪستان ۾ ٻين ننڍن صوبن کان وڌيڪ سبقت حاصل هئي ۽ ٻين صوبن جي باشندن کي انهن ڪميشن جي ميمبر شپ لاءِ بلڪل نظر انداز ڪيو ويو. مغربي پنجاب جا ٿي باشندا گهڻي ڀاڱي سڄي پاڪستان جا نمائندا بڻجي ويا.

ملڪ جي ورهاست وقت مغربي پنجاب جي اريگيشن کاتي ۾ هيٺيان ٽي سيڪريٽري هئا. ١- خانبهادر شيخ عبدالحميد. ٢- پير محمد ابراهيم ۽ ٣- ايس - آءِ محبوب.

سيڪريٽري ايس - آءِ محبوب ڪميٽي B ۾ رٿا آندي ته ستلج درياءَ مان هڪ واهه، جو فيروز پور هيڊ ورڪس وٽان نڪرندو هو ۽ ٻيو واهه جو راوي درياءَ جي ماڌوپور هيڊ ورڪس وٽان نڪرندو هو، سي ٻئي ناڪاره ثابت ٿيندا، جو ريڊ ڪلف ايوارڊ موجب ٻئي بيراج ڀارت ۾ اچي ويا آهن ۽ نڪرندڙ ٻئي واهه پاڪستان ۾ اچي ويا آهن. محبوب صاحب Committee B ۾ ان ڳالهه جو تصفيو گهريو ۽ اهو سوال ڪميٽي B جي ايجنڊا تي آندو ويو ته ڪهڙي نموني هي پيچيده مسئلو طئي ڪيو وڃي.

هت اهو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿيندو ته اوير پنجاب (ڀارت) ۽ اولهه پنجاب (پاڪستان) جا آفيسر ورهاڱي کان اڳ ۾ هڪ ئي صوبي يعني گڏيل پنجاب ۾ نوڪري ڪندا هئا. هو هڪ ٻئي کي چڱي طرح ڄاڻندا سڃاڻندا هئا ۽ هڪ ٻئي جا چڱي طرح اوتيل پوتيل هئا. اوير پنجاب جي اريگيشن آفيسرن کي بخوبي معلوم هو ته مغربي پنجاب جا ٽيئي مسلمان سيڪريٽري اريگيشن هڪ ٻئي جي سخت خلاف آهن ۽ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ به پسند نه ڪندا آهن. ڪميٽي B ۾ مٿيون سوال مسٽر محبوب سيڪريٽري مغربي پنجاب پيش ڪيو. ليڪن جڏهن انهيءَ تصفيه لاءِ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ٿي تڏهن غلطي وچان يا ڄاڻي ٻجهي مغربي پنجاب گورنمينٽ محبوب بدران خان بهادر شيخ عبدالحميد (جو به سيڪريٽري اريگيشن هو) کي پاڪستان جو نمائندو ڪري موڪليو. سنڌي زبان ۾ چوندا آهن ته "جو ڄٽي سو نپائي" انهيءَ جي بمصداق محبوب کي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ موڪلڻ گهرجي هو ليڪن ائين نه ڪيو ويو. آخر ڪار سوال ته محبوب ئي پيش ڪيو هو. جو ائين ڪيو ويو؟ تنهن جو جواب انهيءَ وقت جي تاريخ کي ڏيڻ گهرجي.

جڏهن ميٽنگ لاءِ طرفين جا نمائندا گڏ ٿيا تڏهن ڀارت جي نمائندي

ڪنورسين، خانبهادر عبدالحميد کي فرمايو تہ "تسي اسي بهائي بهائي. اسان نون توئاڏا پاڻي ٿهوڙائي بند ڪرنا هي، محبوب تئانون پتہ هي ڪہ اڃا بندا نهين او خواه مخواه اي مسئلہ ڪميٽي B وچ لاڪي جهڳڙا ٻڙها رها هي. بهتر هي ڪہ تسي ايجنڊا تون يہ Item واپس لي لو" خانبهادر عبدالحميد. جو شخصي طرح محبوب جو دشمن هو تنهن بنا ڪنهن سوچ ويچار جي ڪنورسين جي اها التجا يڪدم قبول ڪئي ۽ هي پاڻيءَ جو مسئلو ڪميٽي B جي ايجنڊا تان واپس ورتو ويو. ائين ڪرڻ سان خانبهادر عبدالحميد هڪ سنگين نقصانده ڪردار ادا ڪيو.

"انا الله و اِنا اليه راجعون".

نهرو صاحب ۳۱ مارچ ۱۹۴۸ع تائين پاڪستان جا ٻيٽي واهہ فل وهايا. پهرين اپريل ۱۹۴۸ع تي ڪميٽي B جي عمر ختم ٿي چڪي هئي ۽ ان ڪري ٻنهي واهن کي يڪدم بند ڪيو ويو. پوري پاڪستان ۾ هاءِ گهوڙا مچي ويئي نواب مظفر علي قزلباش ۽ ٻيا مغربي پنجاب جا ليڊر يڪدم شملا وڃي نهرو صاحب جي چرنن تي ڪريا. نهرو هنن کي فرمايو تہ "پاڪستان، راوي ۽ ستلج تي پارت جو حق قبول ڪري چڪو آهي ورنہ پاڻيءَ جو مسئلو ڪميٽي B جي ايجنڊا تان نہ ڪيرائي ها. هاڻي پاڻيءَ جي قيمت جا پئسا پري ڏيو تہ پوءِ ٻنهي واهن ۾ پاڻي ڇڏيون".

نهرو صاحب جي اها فرمائش مغربي پنجاب جي هنن پاڪستاني نمائندن قبول ڪئي ۽ شملا اگريمينٽ تي صحيح ڪري پاڻيءَ جي عيوض پئسا پرڻ قبول ڪيائون. نہ ٻين صوبن کان پڇيو ويو ۽ نہ وري ڪنهن صوبائي سرڪار کان قبوليت ورتي ويئي. ههڙو هاجو ملڪ سان ٿي گذريو ليڪن ساري پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ان وقت چون چراڪ نہ ڪئي ڇو تہ پنجاب جي باشندن ئي اها خطا ڪئي هئي ۽ قحط الرجالي ۽ مخبوط الحواسي جو عالم اهو هو جو سيني جي زبان تي قدرتي مهر لڳي ويئي. هڪ آمريڪي رسالي ۾ آرٽيڪل آيو جنهن ۾ ائين لکيل هو تہ "اسان کي تعجب آهي تہ پاڪستانين پاڻ ڪيئن پنهنجو پاڻي ههڙي سستي نموني هندستان کي ڏيئي ڇڏيو ۽ اسان کي يقين آهي تہ جي شملا سمجهوتي تي پاڪستاني صحيح نہ ڪن ها ۽ هي مسئلو هيگ ورلڊ ڪورٽ ۾ ڪٽي وڃن ها تہ يقيني ڪٽي وڃن ها" ليڪن .....

للين تال جي دلچسپيءَ سبب عالمي بئنڪ هن مسئلي ۾ دخل انداز ٿي ۽ مارچ ۱۹۵۲ع ۾ اهو طئي ٿيو تہ جيستائين عالمي بئنڪ طرفين جو ڪو سمجهوتو ڪرائي تيستائين ڪم ايندڙ گهرجن کي طرفين هيٺ مٿي نہ ڪندا. عالمي بئنڪ جي

دلچسپيءَ سبب "Indus Water Treaty" عمل ۾ آئي ۽ ان تو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪبو.

بي تڪلفي بي باڪي ڪلام معاف. هاڻي پوزيشن اها وڃي رهي هئي ته مغربي پنجاب شملا معاهده تي صحيح ڪري پنهنجو ۽ پين سيني صوبن جو پاڻي وڃائي انهيءَ آتروپلا ۾ اچي مبتلا ٿيو ته ڪهڙي طريقي پنجاب جي پاڻيءَ جي ڪوٽ سنڌ جو پاڻي ڦري پوري ڪئي وڃي. سنڌ جي پاڻي ڦرڻ ۾ پنجاب کي نه حجاب هو ۽ نه تڪليف هئي ڇو ته سنڌ هڪ سياسي يتيم هئي. توهان سنڌ جي ڪسمپرسيءَ جي حالت جو انهيءَ مان اندازو لڳايو ته اٽڪل انهيءَ زماني ۾ ڪوٽڙي بيراج کليو ۽ انهيءَ کلڻ جي تقريب ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي، غلام محمد جهڙي نااهل ۽ فالج زده پنجابي صدر کي هيئنءَ ريت مخاطب ڪيو.

"Your excellency permit me to call this Barrage as Ghulam Mohammad Barrage for the Yeomen services rendered by You to the Province of Sindh.

شرم! شرم! شرم!

غلام محمد سنڌ جي ڪهڙي خدمت ڪئي سا سنڌ جي ٻار ٻچي کان به ڳجهي ڪانه آهي. سنڌي وڏيرن کي سياسي لقمن تي پاڻ ۾ ويڙهائي هنن کان ميراثين جو ڪردار ادا ڪرايائين.

جڏهن پنجاب جي چوڌريءَ اهو محسوس ڪيو ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سنڌونديءَ جو پاڻي پنجاب ۾ ڪم آڻو آهي تڏهن هن آهستي آهستي سنڌ سان هٿ چراند ڪرڻ شروع ڪئي. هندستان جو پوت ڏيکاري پنجاب B.R.B.D (بمباولا، راوي، بيديان لنڪ) لنڪ ٺاهڻ شروع ڪري ڏنو ۽ سنڌ کان ڪا اجازت نه ورتي ويئي حتيٰ ڪ سنڌ پنجاب اگريمينٽ موجب پنجاب پنهنجي جاگرافيائي حدن ۾ کوبه ڪم سنڌ جي اجازت کان سواءِ نه پئي ڪري سگهيو.

انهيءَ وقت آئين ساز اسيمبليءَ ۾ سنڌ پاران محمد هاشم گذدر ميمبر هو ۽ هن صاحب اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي چيو ته "پنجاب کي سنڌ پنجاب اگريمينٽ موجب پنجاب ۾ ڪنهن به ڪم ڪرڻ جي اجازت ڪانه آهي ۽ اها صريحا بي انصافي آهي جو B.R.B.D لنڪ ٺاٿي ويئي آهي".

گذدر جي تقرير ڌوري چرپر پيدا ڪئي ۽ سينٽرل گورنمينٽ اعتراف ڪيو ته هيءَ غلطي ٻيهر نه ٿيندي. هن نسبت سينٽرل گورنمينٽ جو ڊي او ليٽر

نمبر P-19 (67) Dated 26-3-1953 ضميمي طور ڪتاب شامل آهي.

بهرحال پنجاب محسوس ڪيو تہ سنڌ جو پاڻي مروج انتظامي ڍانچي هيٺ ڪٽي وڃڻ ڪو آسان ڪم ڪونہ هو. لهاذا "ون يونٽ" ناهيو ويو، "نہ رهندو بانس نہ وڃندي بانسري" ظاهري سبب اهو ڏنو ويو تہ مشرقي پاڪستان جي مقابلي ۾ ون يونٽ جو وجود بلڪل ضروري آهي. درحقيقت ون يونٽ ٺاهڻ سان: ١- سنڌ جو پاڻي ۽ زمينون بنا تڪليف جي پنجاب جي باشندن کي ملي پي سگهيون. ٢- سنڌين کي سرڪاري نوڪرين جي حقن کان محروم ڪري پي سگهيا. ٣- سنڌين کي واپار وغيره ۾ ڪابہ اوليت ملي ڪانہ پي سگهي. مطلب تہ مغربي پاڪستان جا ننڍا صوبا پنجاب جا پوريءَ طرح چراگاهہ بڻجي پي سگهيا.

اها حڪمت عملي غلام محمد جي ڏائي هٿ جو کيل هئي جنهن کهڙي ۽ علي محمد راشديءَ جي پٺي ٺپري سنڌي وڏيرن کان موچڙن سان ون يونٽ جي قرارداد سنڌ اسيمبلي ۾ پاس ڪرائي ۽ ان بعد سنڌي وڏيرو رڳو "پدرم سلطان بود" جا گيت ڳائيندو رهيو.

تعجب تہ اهو آهي تہ آخرڪار سنڌي ليڊرشپ جو اهو حشر ڇو ٿيو؟ الله تعاليٰ جي ذات بي نياز آهي. نااهل قومن کي فنا ڪري اهل قومن کي بقا ڏيندو آهي. سوره ياسين سيپاري ٢٢ ۾ فرمائي ٿو: "الم يروکم اهلڪنا قبلهم من القرون انهم اليهم، لايرجعون".

ٻئي باب ۾ مان ٻڌائيندس تہ ون يونٽ ٺهڻ بعد ۽ عالمي بئنڪ جي وچ ۾ پوڻ تي ڇا وهيو واپريو.

باب چوٿون

"وڪــــــــر ســــــــو وهاءُ جو پيئي پراڻو نــہ ٿـــــــئي،
ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿــــــــئي نــہ ضــــــــاءُ،
ســـــــــــا ڪـا هـڙ هـلاءُ اڳ جنـهـين جي ابـهـين"
(ڀٽائي).

گڏيل هندستان جي ورهاڱي بعد ٿيا وهيو واپريو تنهن جو ذڪر اڳيئن باب ۾ سرسري طرح ڏنو ويو آهي. هن باب ۾ عالمي بئنڪ جي هن مسئلي ۾ پير پائڻ بعد جيڪي وهيو واپريو تنهن جو ذڪر ڏنو ويندو.

گڏيل هندستان جي ورهاڱي بعد ٽيئي درياءَ يعني راوي، ستلج ۽ بياس ڀارت جي حوالي مغربي پنجاب جي غلطين سبب اچي ويا جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي.

مغربي پنجاب جڏهن ڏٺو تہ هنن ٽنهي دريائن جي وڃڻ سبب سندن ٿورو ڪي گهڻو پاڻي جو نقصان ٿيو آهي تڏهن انهيءَ آترويلا ۾ مبتلا رهيا تہ ڪهڙي طرح سنڌوندي ۽ مان سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب ۾ ڪم آندو وڃي. هن مسئلي جي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري ٿيندو تہ هنن ٽنهي دريائن جي وڃڻ سبب پاڪستان جي هر هڪ صوبي تي ڪهڙو اثر پيو ان جو مطالعو ڪيو وڃي. خوش قسمتاً راوي ۽ ستلج تي بلڪل پاڪستاني سرحدن وٽ پاڻي ماپ ڪرڻ جا گز سو سالن کان لڳل هئا. ستلج درياءَ تي سرحد وٽ سليمانڪي بيراج آهي ۽ راويءَ جي سرحد وٽ جسر پل آهي. آباديءَ لاءِ پاڻيءَ جي خاص ضرورت اوائل خريف ۽ ربيع موسم ۾ ٿيندي آهي. مٿين ٻن جاين وٽ پاڻيءَ جي ڊسچارج جي مقدار جا انگ اکر سو سالن کان اسان وٽ موجود آهن. انهن ٻنهي جاين جي سراسري ڊسچارج جو ٽوٽل هر سال ۾ ٣ ملين ايڪڙ فوٽ رهي آهي ۽ انهن ٣ ملين ايڪڙ فوٽن مان سو سالن کان پنجند جي هيٺان ڊسچارج جو مقدار ٻہ ملين ايڪڙ فوٽ سنڌونديءَ ۾ وهندو رهيو آهي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ جيڪڏهن انهن ٽنهي دريائن جي وڃڻ ڪري ڪو نقصان ٿيو بہ تہ پنجاب جو هڪ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ويو ۽ سنڌ جو ٻہ ملين ايڪڙ فوٽ جو تہ ٽوٽل ڊسچارج ئي انهن دريائن ۾ ٽي ملين ايڪڙ فوٽ رهي آهي. هاڻي جڏهن پنجاب کي قلت جي عرصي ۾ هنن دريائن مان پاڻي ملندو ئي هڪ ملين ايڪڙ فوٽ هو تہ پوءِ وڌيڪ پاڻي ڪيڏانهن ويو؟ ان بعد پنجاب B.R.B.D. لنڪ جبراً سنڌ جي اجازت کان سواءِ ڪيڏي پنجن دريائن جي پاڻي مان ڏيڍ ملين ايڪڙ

فوٽ پاڻي ڪٽي ورتو يعني حقيقت ۾ هندستان جي ورهاڱي بعد مغربي پنجاب کي پاڻيءَ جي ڪوتا نسبت فائدو ئي پيو ۽ نہ نقصان. جي نقصان ٿيو تہ اهو سنڌ جوئي ٿيو ۽ نہ ڪنهن ٻئي صوبي جو. بهرحال مغربي پنجاب جو پاڻيءَ جي قلت جو پٽڪو فقط سنڌ جي پاڻي ڦٻائڻ لاءِ ڍونگ ئي هو ۽ نہ هڪ حقيقت.

عالمي بئنڪ جي پاڪستاني وفد ۾ سنڌ طرفان ڊاڪر قريشي کي موڪليو ويو ۽ هن صاحب واشنگٽن پهچڻ بعد جو سنڌ گورنمينٽ کي خط لکيو هو. ان ۾ واضع طور هن انهي ماجرا ڏانهن اشارو ڏيندي لکيو تہ "واشنگٽن پهچڻ بعد مون محسوس ڪيو آهي تہ مون کي سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻيءَ جي جهڳڙي نسبت هت موڪليو ويو آهي ۽ نہ هندستان ۽ پاڪستان جي جهڳڙي نسبت". انهي نسبت سندس ليٽر جي ڪاپي ڪتاب ۾ شامل آهي جا نظر مان ڪڍي وڃي.

پاڪستان جا پنجابي نمائندا سمورو وقت انهيءَ فڪر ۾ رهيا تہ ڪهڙي طرح سنڌونديءَ جو پاڻي پنجاب ۾ ڪم آندو وڃي.

هندستان سان پاڻيءَ جو جهڳڙو تہ هنن لاءِ هڪ Side Issue بڻجي پيو. هي اهو تائير هو جڏهن محمد هاشم گذدر پاڪستان دستور ساز اسيمبلي ۾ سنڌ طرفان شڪوه ۽ شڪايت جو آواز بلند ڪيو. انهيءَ جي نتيجي ۾ ون يونٽ جو آغاز ٿيو.

ون يونٽ ٺهڻ بعد جو پهريون وار ننڍن صوبن تي ڪيو ويو سو اهو هو تہ عالمي بئنڪ جي وفد ۾ جيڪي ننڍن صوبن جا نمائنده هئا انهن کي واشنگٽن مان گهرايز ويو ۽ پاڪستان جي سموري نمائندگي پنجاب جي حوالي ڪئي ويئي. ڊاڪٽر محمد صالح قريشي جو سنڌ جو نمائندو هو سو بہ خير خوبيءَ سان ٻوري بستري سميت ڪراچي اچي پهتو. "نہ هوندو بانس نہ وڄندي بانسري" هڪڙي ئي ڌڪ سان سڀ مسئلا طئي ڪيا ويا.

بهرحال عالمي بئنڪ جي ڪوشش سان گهٽي ڏي وٺ بعد سنڌ طاس معاهدو ۱۹ سيپٽمبر ۱۹٦۰ع تي هندستان ۽ پاڪستان درميان صحيح ٿيو. انهيءَ معاهدي موجب جهلم، چناب ۽ سنڌو درياءَ پاڪستان کي مليا ۽ راوي، بياس ۽ ستلج هندستان کي مليا. اهو اصول قبول ڪيو ويو تہ "هندستان مقرر شده رقم پاڪستان کي پري ڏيندو ۽ عالمي بئنڪ بہ مقرر رقم قرض ۽ مدد طور پاڪستان جي حوالي ڪندي. پاڪستان کي فل اختيار ڏنو ويو تہ جيڪي وٺيس سي منصوبا پاڪستان ۾ ٺاهي ۽ ان مسئلي ۾ ٻئي ڪنهن جو دخل ڪونہ رهيو. خالي خانہ

پوريءَ لاءِ ڪمن جي لسٽ عالمي بينڪ کي ڏيئي هئي. انڊيا ۱۷۵ ملين ڊالر ڏيئا ڪيا. ٻين همدرد ملڪن به ۱۷۵ ملين ڊالر پاڪستان کي مدد طور ڏيئا ڪيا ۽ ۱۵۰ ملين ڊالر پاڪستان کي قرض طور ملڻا ٿيا. بعد ۾ هن رقم کان وڌيڪ ۳۱۵ ملين ڊالر ۱۹۶۴ع ۾ پاڪستان کي مليا.

ڪمن جي لسٽ ٺاهڻ ۽ عالمي بئنڪ کي رابطي رکڻ لاءِ هڪ بورڊ مرتب ڪيو ويو جنهن کي انڊس بيسن انڊوائيزري بورڊ (Indus Basinadvisory Board) چيو ويندو آهي ۽ مروج طور انکي IBAB ائباب ڪوٺيو ويندو آهي. IBAB ۾ سڀ پنجابي آفيسر مقرر ڪيا ويا جن جا نالا ٻئي باب ۾ ڏنا ويا آهن. ون يونٽ ٽٽڻ بعد محبوب نالي پنجابي آفيسر پاڻيءَ جو آفيسر مقرر ڪيو ويو. IBAB جي ميمبرن کي فقط مغربي پنجاب جو مفاد ئي عزيز هو ۽ انهيءَ هڪ خيال کي سيني ڳالهين جي مٿان اوليت حاصل هئي. لهاذا IBAB مغربي پنجاب لاءِ اهو ڪي ڪيو جو گڏيل پنجاب هڪ سو سالن ۾ انگريزن جي حڪومت ۾ پنجاب لاءِ حاصل ڪري نه سگهيو هو. سنڌ طاس معاهدي وقت ڪوبه سنڌي آفيسر انهي پوزيشن ۾ نه هو ته ڪو دانهن ڪري سگهي، ۽ جن ٿوري چون چرا ڪئي انهن کي قانوني طرح زبان بنديءَ تي مجبور ڪيو ويو ۽ معاهده تي تبصرو ڪرڻ قانوني طرح ڏوهه ٺهرايو ويو. تعجب جي ڳالهه اها آهي ته وقت بوقت ننڍن صوبن اهو خدشو اظهار پي ڪيو ته هن معاهده جي آڙ ۾ پنجاب سندن حق تلفي ڪندو ۽ وفاقي حڪومت کي انهن حالتن جي اڳيئي ڄاڻ هئي. انهن انديشن کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت صوبائي گورنمينٽ کي D.O LETTER NO (IND) 735/54 DATED 6-11-1954 ذريعي آگاهه ڪيو ته اهي انديشا غلط آهن ليڪن وقت ثابت ڪري ڏيکاريو ته اهي انديشا بلڪل صحيح هئا ۽ صحيح نڪتا.

سنڌ طاس معاهدي وقت فنڊ اگريمينٽ به صحيح ڪئي ويئي هئي ليڪن اها انهيءَ معاهدي جو حصو ڪانه هئي. اها فقط پئسن جي هٿ ڪرڻ جو ذريعو هئي.

هن بعد ون يونٽ جو نهڻ ڪيتري قدر حالتن تي اثر انداز ٿيو تنهن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڏنو ويندو.

چون قـــلـــم در دســـت غدار بـــود،
لا جرم مــنــصـــــور بــردار بــود.

باب پنجون

"پاڻيءَ مــــٿي جهـــوپڙا ۽ مــــورک اچ مـــرن"

(پنائي).

ون يونٽ جو حالتن تي ڇا اثر ٿيو تنهن جو ذڪر هن باب ۾ ڪنداسون.
ون يونٽ وارو زمـــانو يعني ١۴ آڪٽـــوبر ١٩٥٥ع کـــان وٺي ٣٠ جون ١٩٧٠ع پاڪســتـان جي تاريخ جو هڪ دلخراش باب آهي. ون يونٽ کـان ٿي اڳ ۾ عـالمي بئنڪ جي مدد سان هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ پاڻيءَ جي جهيڙي نبيرڻ لاءِ ڳالهيون هلي رهيون هيون. سنڌ جي پاران نمائندگي ڊاڪٽر محمد صالح قريشي ڪري رهيو هو ۽ ون يونٽ ٺهڻ سان هن صاحب کي واپس گهرايو ويو ۽ اهڙيءَ طرح ٻين ننڍن صوبن وانگر سنڌ جي نمائندگي پاڪستاني وفد تان ختم ڪئي ويئي. انڊس بيسن ائڊوائيزري بورڊ "INDUS BASIN ADVISORY BOARD" ٺاهيو ويو جنهن جا ميمبر هيٺيان پنجابي صاحب رکيا ويا.

١- جي معين الدين.
٢- خانبهادر ايم - اي حميد چيف انجنيئر پنجاب.
٣- خليل رحمان.
۴- ايس - ڪرماني.
٥- ايس - آءِ - محبوب.
٦- ايس - ايم نياز.
٧- الطاف حسين.

اهي سڀئي پنجاب جا باشندا هئا ۽ انهن کي پاڪستان پاران رٿائن ٺاهڻ جو پروانو ڏنو ويو. ويسٽ پاڪستان گورنمنٽ کي ڪوبہ غير پنجابي انجنيئر ان ڪم لاءِ موزون نظر آيو ئي ڪونہ. انهن سڀني رٿائن جو مول مقصد اهو هو تہ ڪهڙيءَ طرح سنڌ جو پاڻي پنجاب ۾ ڪم آندو وڃي، نہ فقط سنڌ. پنجاب ائگريمينٽ ’دي نظر انداز ڪيو ويو پر جي رٿائون آباديءَ جي ليول جون خود هندستان ٿي قبول نہ ڪون هيون سي فقط پنجاب لاءِ خيال ۾ رکي گهرون ڪيون ويون. خليل الرحمان جنهن جي نوڪري جو گهڻو حصو فقط سنڌ پنجاب جي پاڻيءَ واري جهيڙي واري ڪيس تي گذريو هو ۽ جنهن جي غلط ايسٽيمينٽ جي بناءَ تي ٽرمون براج ۽ پنجند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيراج کي سنڌ درياءَ تي رکيو ويو ۽ سنڌ بلوچستان جي گهرجن کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو.

اڳئين باب ۾ رائو ڪميشن جو ذڪر ڪري آيا آهيون. انهي ڪميشن اهو فيصلو ڪيو هو تہ سکر بيراج ۽ ٻين سنڌ جي بيراجن جي وهڪري جي آزمودي تي نئين طرح پاڻيءَ جي ورهاست ڪئي ويندي جيئن سنڌ نقصان هيٺ نہ اچي.

سنڌ جي شڪايتن کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ هڪ "Water Allocation and Rates Committee" ناهي ويئي جنهن جو چيئرمين اختر حسين سابق گورنر ويسٽ پاڪستان کي ڪيو ويو. انهيءَ ڪميٽي تي پاڻيءَ جي ورهاست جو بار ٻہ رکيو ويو جنهن "آئنده جا ابا" نندن صوبن ۾ ٻئي ڪنهن اداري کي ٺي شڪايت ڪري نہ سگهن. پهريائين تہ هن ڪميٽي جا سڀ ميمبر سواءِ شير محمد بلوچ سيڪريٽري اريگيشن جو اتفاقاً سنڌي هو، پنجاب جا باشندا هئا. بعد ۾ انصاف جي ڏونگ رچائڻ لاءِ ٻي ميمبر سنڌ مان ۽ هڪ ميمبر سرحد مان پڻ ڪنيا ويا. سنڌي ميمبر هئا هر هڪ شيخ عبدالغفور، شيخ عبدالباقي ۽ بلوچ شير محمد. فرنٽيئر مان سرور جان خان کي ميمبر ڪري کنيو ويو. ان وقت پنجاب مان يارهن ميمبر هئا.

ون يونٽ جي ٽٽڻ جو اعلان ٿي چڪو هو ۽ ان ڪري هن مٿئين ڪميٽي جي بيڪار بڻجڻ جا آثار نمودار ٿي چڪا هئا. گورنر ويسٽ پاڪستان هي ڪميٽي ٽوڙي ڇڏي ۽ ان جي جاءِ تي صدر پاڪستان هڪ ڪميشن مقرر ڪئي. ننڍن صوبن جي گهر هئي تہ هن ڪميشن جو چيئرمن هڪ بنگالي گهٽ ۾ گهٽ هاءِ ڪورٽ جو جج هجي. ڪميشن جا Terms of Reference هيٺيان هئا.

١- پاڪستان جي پاڻيءَ جي ورهاست ڪرڻ

(الف) مقرر ڪيل پاڻيءَ جي مقدار يعني Allocation جو خيال رکڻ.

(ب) پراڻين Committments جو خيال رکڻ.

(ت) زير زمين پاڻيءَ جي قسم ۽ انهيءَ جي ڪم آڻڻ جو خيال رکڻ. خاص طور سنڌ جي گهر هئي تہ ڪميشن جو چيئرمين هڪ بنگالي هجي. يحيٰ خان پريزيڊنٽ پاڪستان سڀ ڳالهيون قبول ڪيون ۽ ان وقت محڪمي جو سيڪريٽري هڪ سنڌي اي جي اين قاضي هو. يحيٰ خان جي قبوليت واري ذميواري پنجاب اي - جي - اين تي عائد ڪئي ۽ ٿوري ٿي عرصي ۾ ڪيس هن محڪمي مان بدلي ڪرايو ويو. قاضيءَ جي جاءِ تي هڪ ڪٽر پنجابي قمرالاسلام کي سيڪريٽري ڪري مقرر ڪيو ويو. قمرالاسلام اچڻ شرط جسٽس فضل اڪبر کي چيئرمين ڪرايو ڇاڪاڻ

تہ هن جو گهر ۽ پڪي رهائش گاهہ لاهور ۾ هئي. ان سان گڏ چيئرمين کي خليل الرحمان چيف انجنيئر پنجاب پي – اي مقرر ڪري ڏنو ويو. خليل الرحمان جي گهٽي سروس خالي سنڌ. پنجاب ڪيس لڙڻ ۾ گذري هئي ۽ خواه مخواه مخالفت ڪرڻ هن جو مذهب بڻجي چڪو هو. هو IBAB جو باني ميمبر هو.

بدقسمتيءَ جو عالم اهو هو جڏهن هيءَ فتويٰ لکي ڏيڻي هئي تڏهن ڏاڪا پيش پئجي رهيو هو. جج صاحب کي پاڪستان جي مسئلن ۾ ڪا بہ دلچسپي ڪونہ رهي. جج صاحب اڪيون پوري سواءِ ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي پنهنجي پي – اي خليل الرحمان جي لکيل فتويٰ تي ڪٽي صحيح ڪئي ۽ اها اميد رکي تہ شايد سنڌ جو عيوضي شير محمد بلوچ جدا فتويٰ لکڻ جي زحمت گوارا نہ ڪندو ۽ اکيون پوري سندس پي – اي واري لکيل فتويٰ تي ڪٽي صحيح ڪندو. ليڪن سندس اهو خيال خام نڪتو ۽ شير محمد نہ فقط پنهنجو فيصلو جدا ڏنو پر وقت جي پريزيڊنٽ کي بہ آگاهہ ڪيو تہ چيئرمن جي صحيح ڪيل فتويٰ حقيقت ۾ سندس پي – اي خليل الرحمان جي لکيل فتويٰ آهي ۽ نہ جسٽس فضل اڪبر جي پنهنجي، سنڌ سرڪار پريزيڊنٽ صاحب کي اهو بہ لکيو تہ پي – اي بدران چيئرمن صاحب کي ڪو بنگالي انجنيئر مدد طور ڏنو وڃي. اها استدعا سينٽرل گورنمينٽ قبول ڪئي ۽ جي – ايم عباس کي ڍاڪا مان گهرايو ويو. جي – ايم عباس واعدو ڪيو تہ گورنمينٽ کي حقيقتن کان روشناس ڪرڻ لاءِ هو ڍاڪا پهچي ليٽر روانو ڪندو. بدقسمتاً جي– ايم عباس جي پهچندي ئي ڍاڪا هنيار ڦٽا ڪيا ۽ ڪيس پاڪستان گورنمينٽ کي پنهنجي تاثرات کان آگاهہ ڪرڻ جو موقعو ئي ڪونہ ملي سگهيو ۽ هن غريب جي ڳالهہ دل جي دل ۾ رهي، حتيٰ ڪہ هن سنڌ جي نمائنده شير محمد بلوچ سيڪريٽري اريگيشن سان واضح طور اظهار ڪيو هو تہ جسٽس فضل اڪبر جي فتويٰ حقيقت ۾ سندس پي – اي خليل الرحمان جي فتوي سمجهڻ گهرجي ۽ هو ليٽر ذريعي اهي لفظ پاڪستان گورنمينٽ کي لکڻ وارو هو جو ڍاڪا جي جدا ٿيڻ سبب لکي نہ سگهيو.

مان فضل اڪبر ڪميشن تي ٿوري راءِ زني ٻئي باب ۾ ڪندس جيئن سنڌ جو عام باشندو سمجهي سگهي تہ ڪهڙي نموني سنڌ جي حقن کي پائمال ڪيو ويو آهي.

باب ڇهون

”ولَيـــون ڪمـــائيـــون ۽ رنـــا ڪوه ڪندا“

(پنائي).

اڳين بابن ۾ چڱي طرح واضح ڪيو ويو آهي تہ پنجاب ڪهڙي طرح سنڌ ڪي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ پهچايو. سنڌ ۽ پنجاب جي تعلقاتن کي چڱي طرح Sindh Punjab Agreement ذريعي سلجهايو ويو هو ليڪن پنجاب جي هٺ ڌرمي حالتن کي سڌارڻ بدران گهٽو خراب ڪيو. فضل اڪبر ڪميٽي پنهنجي ليٽر تاريخ ۸ نومبر ۱۹۷۰ع موجب سيني صوبن کان پنهجي ڪيس پيش ڪرڻ جي گهر ڪئي ۽ پهريون نمبر سوال هو موجوده گهرجن جو، هر هڪ صوبي کي پنهنجي حاضر ضرورتن جو اپياس ڪري ڪميٽيءَ کي آگاهہ ڪرڻو هو. سنڌ لاءِ هن مسئلي کي سمجهڻ لاءِ سنڌ پنجاب ٺاهہ ئي اهم مسودو هو. انهيءَ مسودي کي وقت بوقت وفاقي حڪومت قبول ڪندي رهي هئي. ايتري قدر جو جڏهن پاڪستان ٺهڻ بعد B.S Link جڏهن پنجاب ڪيڏي تڏهن محمد هاشم گذدر سنڌ طرفان سنڌ پنجاب اڳريمينٽ جي فقرن ڏي ڌيان ڇڪائيندي دستور ساز اسيمبلي ۾ سخت اعتراض ورتو ۽ ان اعتراض جي جواب ۾ سنڌ گورنمينٽ کي سينٽرل گورنمينٽ ڏي او ليٽر تاريخ ۲۶ مارچ ۱۹۵۳ع ذريعي (چيف سيڪريٽري فاروقي ڏانهن لکيل) معافي ورتي ۽ يقين ڏياريو تہ آئينده سنڌ پنجاب اڳريمينٽ جي ڪابہ ڇڪڙي ڪانہ ٿيندي ۽ هر ڳالهہ ۾ سنڌ کان راضپو حاصل ڪرڻ اولين فرض سمجهيو ويندو. انهيءَ D.O ليٽر ۾ سينٽرل گورنمينٽ جي اڳوڻن ڏي او ليٽرن تاريخ ۱۲/۱۱ مارچ ۱۹۵۳ع ۽ ۱۶ جنوري ۱۹۵۳ع جو بہ ڀيهر ذڪر ڪيو ويو هو. بهرحال واضح طور وفاقي حڪومت Sindh Punjab Agreement تي عمل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل رکڻ قبول ڪيو.

ٻئي طرف تونسا بيراج تي سنڌ ان ڪري اعتراض نہ ورتو جو اهو بيراج سنڌ پنجاب اڳريمينٽ جي فقرن هيٺ ئي ٺهي رهيو هو. سنڌ پنجاب اڳريمينٽ جنهن کان پنجاب هن وقت منحرف ٿيڻ گهري ٿو خود واپڊا جي ماهرن جهڙوڪ هنٽنگ ٽيڪنيڪل سروسز، هرزا ۽ آءِ سي اي وارن پروسي جوڳو دستاويز سمجهي

پنهنجي ٽيڪنيڪل اپياس جو بنياد بڻايو ۽ واضح طور سنڌ پنجاب ائگريمينٽ کي پنهنجي رپورٽ ۾ هر جڳهه ڪتب آندو.

نہ رڳو ايترو پر ون يونٽ جي زماني ۾ ئي سنڌ پنجاب ائگريمينٽ تي عمل ڪيو ويو ۽ ماهن جي پاڻيءَ جو وارو وغيره ان بنياد تي عمل ۾ آيا. ان ۾ ڪوبہ شبهہ ڪونهي تہ ۱۹۴۵ع کان وٺي ۱۹۷۰ع تائين سنڌ پنجاب ائگريمينٽ تي ڏرين بنا ڪنهن اٽڪاءَ جي عمل ڪيو. فقط مالي "نڪتو" ئي هو جو فيصلہ طلب هو. پنجاب کي ڪيتري رقم سنڌ کي هرجاڻي طور ادا ڪرڻي هئي سو فيصلو ڪونہ ٿيو هو. رائو ڪميشن ٻن ڪروڙ روپين جو انداز لڳايو هو. پنجاب ٽي ڪروڙ رپيا پري ڏيڻ لاءِ تيار هو پر سنڌ جي گهر چار ڪروڙ رپيا هئي. اڄ ڏينهن تائين سنڌ کي پائي نہ ملي آهي ۽ ان حالت ۾ اگر شڪايت جو سبب هو بہ تہ اهو سنڌ کي هو ۽ نہ پنجاب کي جنهن ون يونٽ جي زماني ۾ سنڌ جي قيادت ئي ختم ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ پاڻيءَ مان جو پارٽ ڪٽي ويو هو ان مان ويسٽ پنجاب کي ملندو ئي هو هڪ ملين ايڪڙ فوٽ هو جنهن جي عيوض پنجاب ڏنڊي جي زور تي B.R.B.D لنڪ ڪڍي ڏيڍ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي پنجاب جي دريائن مان ڪم آڻي ڇڏيو. نتيجو ورهاڱي جو ان صورت ۾ اهو هو جو پنجاب کي پاڻيءَ جو ڪوبہ نقصان ڪونہ پهتو پر ٻين صوبن جو پاڻي پنجاب ۽ انڊيا ٻئي کٽي ويا. انڊس بيسن بورڊ جو عالمي بئنڪ سان رابطي رکڻ لاءِ بنايو ويو هو سو سمورو پنجابي آفيسرن سان ڀريو ويو. ننڍن صوبن مان ڪوبہ نمائندو رکيو ڪونہ ويو هو. سمورو قصو "ناني رڌڻ واري ۽ ڏوهٽا کائڻ وارا" جي بمصداق بڻايو ويو هو. اها حقيقت آهي تہ هندستان پاڪستان معاهدي موجب ايرندا ٽي درياءَ هندستان کي مليا ۽ الهندا ٽي درياءَ پاڪستان کي مليا ليڪن ائين هرگز نہ هو تہ ڪو ڪنهن واهہ يا بيراج جي پاڻيءَ جي مقدار ۾ ڪا تبديلي آندي ويئي هئي. انهيءَ مقدار کي ڪنهن بہ حالت ۾ تبديل ڪرڻو ڪونہ هو. فقط مقرر ڪيل پاڻيءَ جي مقدار کي مغربي دريائن ۽ "ٻين معقول طريقن" سان پورو ڪرڻو هو. اهي معقول طريقا ڪهڙا هئا ان جو ذڪر تفصيل سان ڪرڻو پوندو. اهي معقول طريقا هئا ٽيوب ويل ۽ پاڻي جا ڊيم. مان پهريائين ٽيوب ويلن جو ذڪر ڪندس.

ٽيوب ويل: ٽيوب ويل پاڻيءَ جي ذخيري پيدا ڪرڻ لاءِ اتي ڪامياب ٿيندا جتي پاڻي مٺو هوندو. هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ پنجاب ۾ مٺي پاڻيءَ جو ذخيرو ڪيترو آهي؟ ۽ ساڳي وقت سنڌ ۾ ڪيترو آهي؟ ڪوجنائن مان ائين اندازو ڪيو ويو آهي تہ پنجاب ۾ زمين جي سطح کان ۱۰۰ فوٽ هيٺ وڃڻ سان ۵۰۰ ملين ايڪڙ فوٽ

منو پاڻي ملي سگهي ٿو. اگر ٥٠٠ فوٽ هيٺ وڃجي ته ڪل ٻه هزار پنج سو ملين ايڪڙ فوٽ منو پاڻي ملي سگهي ٿو. پنجاب هميشه اهو سوال ٻي اٿاريو آهي ته ٥٠٠ فوٽ هيٺ ٽيوب ويل ڪم آڻڻ ممڪن ڪونه آهي، جيڪڏهن پنجاب جو چوڻ سچ پچ صحيح آهي ته پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو ته پنجاب پنهنجي سيني سڪارپ جي پراجيڪٽن ۾ هيڏو سارو وڏو خرچ ڪري ڇو پنج سو فوٽ اونها ٽيوب ويل هنيا. جيڪڏهن ٥٠٠ فوٽن تان پاڻي ڪٽڻو ئي ڪونه هو ته پوءِ ايڏي ساري خرچ تي انهن ٽيوب ويلن هڻن جو پنجاب کي ڪو جواز ئي ڪونه هو.

حقيقت ائين آهي ته ٥٠٠ فوٽ عمق تان پاڻي ڪٽي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ حساب سان پنجاب ۾ ٢٥٠٠ ملين ايڪڙ فوٽ جو پاڻيءَ جو ذخيرو موجود آهي. هن مقدار جو اندازو هن ڳالهه مان ڪري سگهجي ٿو ته پاڪستان جي سيني دريائن جو پاڻي هڪ سال ۾ ١٦٠ ملين ايڪڙ فوٽ ڪان وڌيڪ آهي ئي ڪونه. هن مان صاف صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن پنجاب کي دريائن جي پاڻيءَ جو هڪ قطرو به نه ڏجي تڏهن به پنجاب کي ڪا پاڻي جي ڪــهــرج ڪانه آهي. ٻئي طرف هنٽنگ رپورٽ موجب سنڌ جي زير زمين پاڻيءَ جو ذخيرو سال ۾ ٣ ملين ايڪڙ فوٽ آهي. انهيءَ حساب تي آڏار رکي خيرپور سڪارپ ناهي ويئي. خيرپور سڪارپ تيار ٿيڻ بعد اهو ظاهر ٿيو ته ٽن حصن پاڻيءَ مان ٻه حصا پاڻي سمنڊ جي پاڻيءَ جهڙو ئي ڪڙو پاڻي هو ۽ سڄي سنڌ ۾ ان اندازه موجب ڪم آڻڻ جهڙو مٺي پاڻيءَ جو ذخيرو فقط هڪ ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

هاڻي صورتحال اتي وڃي بيٺي ته پنجاب ۾ مٺي پاڻيءَ جو زير زمين ذخيرو ٢٥٠٠ ملين ايڪڙ فوٽ آهي ۽ ان جي مقابل سنڌ ۾ فقط هڪ ملين ايڪڙ فوٽه پاڻي آهي. جيڪڏهن پنجاب کي دريائن جي پاڻيءَ جو اگر هڪ قطرو به نه ڏنو وڃي ته پنجاب کي هاڻوڪين ضرورتن خواه آئينده جي Development لاءِ پاڻي جي ڪا کوٽ نه ٿيندي. جڏهين پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو صورت حال اها آهي تڏهن سنڌو درياءَ مان (چشمه جهلم لنڪ، تونسا پنجند لنڪ وغيره وغيره) لنڪون ۽ ڊئم (تربيلا، چشمه ۽ ڪالاباغ وغيره) ناهڻ جو گهٽ ۾ گهٽ پنجاب کي ڪنهن به قسم جو جواز ڪونه هو. ننڍن صوبن کي ائين چئي بيوقوف بنايو ويو ته "عالمي بئنڪ کي ڏنل ڪمن جي لسٽ فقط پئسن هٿ ڪرڻ لاءِ آهي ۽ نه انکي عملي جامون پهرائڻو آهي". ليڪن ٿيو ڇا؟ ون يونٽ جي دوران اهي سڀ ڪم جن تي گهٽ ۾ گهٽ چار هزار ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا سي ناهيا ويا ۽ انهن ڪمن جي ناهڻ جي هن ملڪ کي ڪا ضـرورت ئي ڪانه هئي. پاڻيءَ ملڻ لاءِ نه منگلا نه

هن نئين ڪاميٽي جا ميمبر سينيئر صوبن جي چيف ججن تي مشتمل آهن ۽ هن مهل تائين هن ڪميٽي جي ڪارڪردگي مان ڪو ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو آهي. عقل ۽ ديانتداري جي تقاضا اها هئي تہ جيستائين اها ڪميٽي پاڻيءَ جي ورهاست جو فيصلو ڪري تيستائين ڪنهن بہ صوبي ۾ ڪو نئون پراجيڪٽ نہ رٿيو وڃي. ليڪن حال ڇا آهي.

"جسڪي لاٺهي اسڪي بهينس"

چشمہ ڪئنال ضيا مارشل لا حڪومت ۾ شروع ٿي ويو ڇاڪاڻ تہ "ايشين بئنڪ کان اوچتو ملبل رقم ويچاري گورنمينٽ ڪٿي ٻيءَ جاءِ تي خرچ ڪري سگهي ها؟".

جنرل ضيا انجنيئرن جي ساليانی ڪانگريس ۾ لاهور ۾ فرمايو هو تہ هن وڏي ٿل "Greater Thal Project" جي بہ سنڌو درياءَ مان منظوري ڏني آهي. پنجاب جي باشندن خوشي وچان ڏاڍا ڪڪرات ڪري تاڙيون وڄايون ۽ ضيا جي گفتار تي وهوا ٿي ويئي ۽ انهي مٿين نموني پاڻيءَ جي ورهاست کي عملي جامون پهرايو ويو ڇڪ پاڻي ڪنهن خاص فرد جي ڪا خانگي ملڪيت هئي. آخر ڪميٽي مقرر ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي جڏهن صاحب اقتدار پاڻ پاڻيءَ جي ورهاست عملي طرح ڪري ٿا ڇڏين. واه سائين واهہ! واهہ جو انصاف ٿيو!.

چشم بکشا قدرت حق را بہ بين،
صورت اعمال ما شامت نادر گرفت.

(ليکڪ جي ڪتاب "پاڻي منجهہ پساهہ" جا ڪجهہ بابَ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تربيلا نہ چشمہ ۽ نہ وري سنڌ درياءَ مان لنڪن جي ڪا ضرورت هئي. ظاهر آهي تہ اهو خرچ فقط ان لاءِ ڪيو ويو تہ جيئن ڪنهن خاص صوبي جي ماڻهن کي پئسن خرچڻ سان فائدو ملي. ضرورت جو تہ بلڪل سوال ئي ڪونہ هو.

چون قـــلـــم در دســـت غدار بـــود،
لا جرم مـنـصـــــــــور بـردار بـود.

شرم پرچائڻ لاءِ ايوب صاحب پنهنجي ڪتاب "Friends Not Masters" ۾ لکيو تہ تربيلا فقط صوبي جي ڏاڪڻي پاسي (يعني سنڌ ۽ بلوچستان) جي گهرجن مد نظر ناهڻ منظور ڪيو ويو هو. ليڪن ائين چئي انهن ئي ملڪ جي حصن جي ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي ويئي. هينئر پنجاب سڀ کان وڌيڪ پاڻ کي تربيلا جي پاڻيءَ جو حقدار سمجهي ٿو. اهو وقت پري ناهي تہ اهي ڪم جن تي چار هزار ڪروڙ عوام جي رت مان ڪٺا ڪيل خرچ ڪيا ويا سي پنجاب ۽ فرنٽيئر ۾ فقط اهو ڪم ڏيندا جو "موهن جو دڙو" سنڌ ۾ ڏيئي رهيو آهي.

جيتوڻيڪ پنجاب کي ورهاڱي بعد بہ دريائي پاڻيءَ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي تہ بہ خوا مخواه هاءِ گهوڙا مچائي پهريائين تہ ٻنهي صوبن جي عوام کي بيوقوف بڻايو ويو ۽ ان سان گڏوگڏ عالمي بئنڪ ۽ ٻين قرض ڏيندڙ ملڪن کي بہ مونکي يقين آهي تہ اڃان بہ جيڪڏهن مسئلي جي جانچ پڙتال لاءِ ڪا "International Committee" ويهاري وڃي تہ ڪيترا فرد جن هن مسئلي ۾ بد ديانتيءَ جو ڪردار ادا ڪيو ۽ غلط انگ اکر ڏيئي غلط ڪم ڪري ملڪ کي هي حال ڪيو سي ڦاسيءَ جي تختي تي لٽڪايا وڃن پر ....

چاڪاڻ تہ اينڊرسن ڪميٽي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ يقين ڏهاني ڪرائي هئي تہ ٻنهي صوبن سان پاڻيءَ جي ورهاست ۾ انصاف ڪيو ويندو. ان لاءِ فضل اڪبر ڪميشن ويهاري ويئي.

ڪميشن جي ميمبرن جدا جدا فتوئي لکي، ان نسبت اڳيئي بيان ڪري چڪا آهيون تہ جسٽس فضل اڪبر جي فتوئي سنڌس پنجابي پي - اي خليل الرحمان لکي ۽ شير محمد بلوچ هن سان شامل راءِ نہ ٿي پنهنجي فتوئي پاڻ لکي. اهي ٻئي ڇپيل ڪتاب گورنمينٽ وٽ موجود آهن ۽ انهن تي ڪا عوامي گورنمينٽ فيصلو ڏيئي پي سگهي ليڪن پنجاب کي ڪابہ وقت جي گورنمينٽ ناراض ڪرڻ نہ پي گهري ۽ ان ڪري وري هڪ نئين ڪميٽي جي تشڪيل ٿي هن سموري مسئلي کي سرد خاني ۾ رکيو ويو.

حافظ محمد صديق ميمڻ

سنڌو جي پاڻيءَ جو مسئلو

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا مورک اچ مرن (شاهہ)

مشهور پهاڪو آهي تہ ”ڇا ڪانءُ مري ويا آهن جو لولو حج تي ويندو؟“ سو اسانجو خيال هئو تہ شايد اسلام جي نالي تي ورتل ملڪ ۾ اسانکي پنهنجا فطري حق پلئہ پوندا پر ڪانؤن چيو تہ ڇا اسان مري ويا آهيون؟ سنڌ لاءِ پاڻيءَ جو مسئلو اڄ جو نہ آهي پر اڄايلن کي اهي ايذاءَ ڪئين سالن کان رسايا پيا وڃن.

سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي مسئلي اڻويهين صدي جي وچ ڌاري وڏي اهميت حاصل ڪئي هئي. جو ان وقت پنجاب سرڪار سنڌو نديءَ جي مددي ندين تي بئراج ٺاهي پاڻيءَ تي ڪنٽرول حاصل ڪيو هو. ان وقت سنڌ بمبئي سان مليل هئي. تنهن ڪري ڪو خاص داد فرياد ڪونہ ٿيو پر جيئن تہ سنڌ زراعت جي لحاظ سان انگريزن لاءِ سون جي کاڻ هئي ۽ هنن جڏهن پاڻيءَ جي کوٽ کي ڏسي محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن سنڌ جي زراعت ائين تباهہ ٿيندي رهي تہ پوءِ هنن کي اتان ڪجهہ حاصل ٿي ڪونہ سگهندو. ان ڪارڻ هنن ۱۹۰۱ ڌاري ”انڊين اريگيشن ڪميشن“ قائم ڪئي، جنهن حالتن معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ هيءَ فيصلو ڏنو تہ ”ڪوبہ علائقو، ٻين واسطيدار علائقن جي حقن کي ويچارڻ ۽ انهن علائقن سان صلاح مشوري کان سواءِ، درياهن جو پاڻي ڪٽي نہ سگهندو“ ۽ اهڙوئي فيصلو سال ۱۹۱۹ ۾ ”گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ“ تحت جاري ڪيو ويو هو.

پر انهيءَ کان اڳ بمبئي سرڪار سنڌ جي اهڙي زبون حاليءَ کي ڏسي فيصلو ڪيو تہ سنڌ جي زراعت کي تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ ۾ بہ پنجاب وانگر بئريج ٺاهيا وڃن نتيجي ۾ ان سنڌ لاءِ سکر بئريج ٺاهڻ واري رٿا، گورنمينٽ آف انڊيا جي منظوريءَ واسطي موڪلي، جنهن کي انڊيا سرڪار سال ۱۹۰۳ ۾ بحال ڪيو پر ان تي عمل نہ ٿي سگهيو، ڇو تہ انگريز سرڪار سگهوئي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڦاسي پئي. ان ڪارڻ اهو پروجيڪٽ تعطل جو شڪار بڻجي ويو.

پوءِ جيئن ئي حالتون سازگار بڻيون تہ پنجاب سرڪار ۱۹۱۹ ڌاري، سنڌو نديءَ مان ۷۷۵ ڪيوسڪ پاڻي وڌيڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ”ٿل پروجيڪٽ“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالي هڪ رٿا گورنمينٽ آف انڊيا کي منظوري لاءِ ڏياري موڪلي ۽ سنڌس خيال هو ته انهيءَ پروجيڪٽ کي، سکر بئريج تي اوليت ملندي. مگر اها رٿا هندستان سرڪار رد ڪري ڇڏي. هندستان سرڪار جو اهو خيال هئو ته سنڌو نديءَ تي "سکربئريج پروجيڪٽ" جو پهريون حق آهي پر انهيءَ سان گڏ پنجاب، بهاولپور ۽ بيڪانير کي پاڻي ڏيڻ لاءِ "ستلج وئلي پروجيڪٽ" پڻ منظور ڪيو ويو. پر پنجاب سرڪار جنهن کي سنڌو نديءَ منجهان واڌو پاڻي کڻڻ جو ڏاڍو شوق هئو، تنهن سکر بئريج ۽ ان لاءِ بحال ڪيل في ڪيوسڪ ايراضي جي حد (Duty)خلاف هڪ مهيني جي اندر هيءُ اعتراض داخل ڪيو ته سنڌ سان پاسخاطري ڪئي ويئي آهي.

ان جي جواب ۾ بمبئي سرڪار هيءَ حجت پيش ڪئي ته، پنجاب کي اڳيئي پنهنجي حصي کان وڌيڪ مدامي (Perennial) يعني ٻنهي خريف ۽ ربيع ۾ ملندڙ) پاڻي ملي چڪو آهي ۽ سنڌ، جنهن کي سنڌو نديءَ جي پاڻي تي حق آهي، تنهن لاءِ اهو سکر وارو پروجيڪٽ پهريون پروجيڪٽ آهي.

هندستان سرڪار، ڳوڙهي ويچار ڪرڻ کان پوءِ هيءُ فيصلو ڏنو ته "سکر پروجيڪٽ" برقرار رکيو وڃي ۽ سنڌ سرڪار جي مٿئين موقف کي تسليم ڪندي سنڌو نديءَ تي سنڌ جي ترجيحي حق کي جائز قرار ڏنو ۽ اُن لاءِ بحال ڪيل في ڪيوسڪ ايراضي واري حد کي به واجبي قرار ڏنو .

انهن فيصلن جي باوجود پنجاب سرڪار پنهنجي مخالفت واري روش ۾ ڪا به تبديلي ڪانه آندي ۽ وقت به وقت هندستان سرڪار کي "ٿل پروجيڪٽ" لاءِ پنهنجو سفارشون موڪليندي رهي، آخر هندستان سرڪار تنگ ٿي هيءُ فيصلو ڏنو ته:

(الف) "سکر بئريج پروجيڪٽ" هيٺ مدامي (Perennial) پيچ بابت پورو آزمودو حاصل ڪرڻ بلڪل ضروري آهي، تنهن ڪري انهيءَ پروجيڪٽ جي ضرورتن جو سوال سال ١٩٣٩ تائين نه ٿو اٿاري سگهجي.

(ب) بمبئي سرڪار کي حق آهي ته، سنڌو ندي ۽ ان جي مددي ندين مان پاڻي کڻڻ تي اعتراض اٿاري، جيستائين ندين ۾ پاڻي جي ماپ جا صحيح انگ اکر ثابت ڪري ڏيکارين ته انهيءَ وڌيڪ پاڻي کڻڻ سان سکر بئرايج پروجيڪٽ لاءِ گهربل پاڻيءَ جي انداز کي ڪو به جوکو نه ٿيندو.

پر پنجاب سرڪار ان تي به راضي نه ٿي ايجان به اڳتي قدم وڌائي، "سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا" وٽ وڃي هندستان سرڪار جي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي. پر "سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا" به هندستان سرڪار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل فيصلي کي صحيح قرار ڏيئي، انهي اپيل کي خارج ڪري ڇڏيو. انهن سمورن فيصلن جو مول متو هيءُ هو تہ "سکر بئريج پروجيڪٽ" جو سنڌو نديءَ جي پاڻي تي پهريون ۽ ترجيحي حق آهي.

پر جيئن ئي، "ستلج وئلي پروجيڪٽ" ١٩٢٧ ۾ نهي راس ٿيو ۽ سکر بئريج ١٩٣٢ ۾ جڙي راس ٿيو تہ ستلج وئلي جي پاڻي واري ورهاست تي پنجاب، بهاولپور ۽ بيڪانير جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي ويئي. ۽ ٻئي طرف وري خيرپور ۽ سکر بئريج مان ربيع لاءِ وڌيڪ پاڻيءَ جي گهر ڪئي، ساڳي وقت پنجاب سرڪار هڪ ٻئي رٿا "هويلي پروجيڪٽ" لاءِ بہ پاڻي جي گهر ڪئي. تنهن ڪري هندستان سرڪار سال ١٩٣٥ ۾ "انڊرسن ڪاميٽي" مقرر ڪئي تہ انهن مسئلن جو جوڳو حل ڳولهي ۽ پاڻيءَ جي ورڇ متعلق اهڙيون سفارشون مرتب ڪري جيڪي انصاف پريون هجن ۽ سمورين ڌرين لاءِ قابل قبول بہ هجن ۽ ساڳئي وقت اڳيئي هلندڙ سکر پروجيڪٽ ۽ ستلج وئلي پروجيڪٽ لاءِ مقرر ٿيل پاڻيءَ تي اثر انداز بہ نہ ٿين.

انڊرسن ڪاميٽي پنهنجي رپورٽ ١٩٣٥ ۾ پيش ڪئي پر رپورٽ ۾ پنهنجي حدن کي اورانگهي، هندستان سرڪار جي ڪيل اڳين فيصلن کي بہ رد ڪندي هي بہ سفارش ڪئي تہ ٿل پروجيڪٽ لاءِ سنڌو نديءَ مان ڇهہ هزار ڪيوسڪ پاڻي مهيا ڪيو وڃي. حالانڪ اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون تہ خود پنجاب سرڪار ئي ٿل پروجيڪٽ لاءِ وقت بہ وقت فقط ٧٧٥ ڪيوسڪ جي گهر هوندي هئي ۽ انکي هندستان سرڪار هميشہ رد ڪندي رهي هئي پر خبر ناهي ڪهڙي مصلحت خاطر هندستان سرڪار اڳي تہ "ٿل پروجيڪٽ" لاءِ رڳو ٧٧٥ ڪيوسڪ ئي قبول ڪونہ ڪيا هئا، پر انڊرسن ڪاميٽيءَ جي سفارشن کي سال ١٩٣٧ ۾ قبول ڪيو.

پر جيئن تہ ان وقت سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي رهي هئي تنهن ڪري بمبئي سرڪار انهيءَ مسئلي تي توجهہ نہ ڏني ۽ سنڌ سرڪار بہ بمبئي کان ڪراچيءَ منتقلي ۽ رڪارڊ جي لڏ پلاڻ ۾ رڌل هئڻ سبب انهيءَ تي ڌيان نہ ڏئي سگهي پر پنهنجي پيرن تي بيهڻ کان هڪدم پوءِ پنجاب سرڪار جي نون منصوبن کي سامهون رکندي ۽ هندستان سرڪار جي سال ١٩٣٥ واري ائڪٽ ۾ مليل قانوني حق کي استعمال ڪندي ١٩٣٩ ۾ گورنر جنرل وٽ انهيءَ فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي.

جيئن ١٩٣٥ واري ائڪٽ ۾ چيو ويو هئو تہ "جيڪڏهن ڪنهن پرڳڻي

کي ٻئي پرڳڻي کان ندين جي پاڻي بابت ڪنهن جوکم رسڻ جو انديشو هجي تہ هو اهو معاملو گورنر جنرل وٽ فيصلي لاءِ ڪٽي وڃي سگهي ٿو".

گورنر جنرل سنڌ جي انهيءَ شڪايت جي نبيري لاءِ ١٩٤١ ۾ "رائو ڪميشن" مقرر ڪئي جنهن وري پنهنجي رپورٽ سال ١٩٤٢ ۾ پيش ڪئي.

رپورٽ ۾ چيو ويو هئو تہ سنڌ سرڪار انڊرسن ڪاميٽي جي سفارشن بابت شڪايت پيش ڪرڻ ۾ دير ڪئي آهي، جنهن وچ ۾ پنجاب سرڪار پنهنجي ٿل پروجيڪٽ ۽ هويلي پروجيڪٽ تي وڏو خرچ ڪري چڪي آهي، تنهن ڪري في الحال انهيءَ تي روڪ وجهڻ ممڪن نہ آهي تنهن ڪري انهن کي بحال رکيو وڃي پر ڪميشن وڌيڪ هيءَ ڳالهہ بہ چاٿائي هئي تہ. ٿل پروجيڪٽ ۽ هويلي پروجيڪٽ کي پاڻي ڏيڻ سان سنڌ جي پاڻي جي ضرورتن کي وڏو نقصان رسندو، انجي بچاءُ جو هيءُ هڪ علاج آهي تہ، سنڌ ۾ سنڌو نديءَ تي بہ بئراجون ٺاهيون وڃن، هڪ اترئين پاڳي ۾ (هاٺي گڊو بئريج) ۽ ٻي ڏاکڻي پاڳي ۾ (هاٺي غلام محمد بئريج) پر جيئن تہ انهن بئراجن جي جوڙڻ لاءِ گهربل خرچ سنڌ جي مالي حالت تي ڳرو بار وجهندو، پنجاب سرڪار جملي لاڳت جو ١٥ سيڪڙو رقم سنڌ کي عيوضي طور ڀري ڏيندي . نيٺ اپريل ١٩٤٣ ۾ رائو ڪميشن جي بنيادي نقطن جي روشني ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي چيف انجنيئرن وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿيون، آخر ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان سنڌو ۽ انجي مددي ندين جو سمورو پاڻي ورڇ جي دائري اندر آندو ويو.

هلندي هلندي ٻئي ڌريون، عيوضي طور پئسن ڏيڻ جي شق ڪانسواءِ ٻين ڳالهين تي متفق ٿيون ۽ ٢٨ سيپٽمبر ١٩٤٥ تي ٻنهي ڌرين جي چيف انجنيئرن صحيحون ڪيون. انهيءَ ٺاهہ ۾ هيءَ شق رکي ويئي هئي تہ، عيوضي طور سنڌ کي جيڪي پئسا ملڻا آهن اهي ٻئي صوبائي حڪومتون پاڻ ۾ ڳالهين ذريعي طئي ڪنديون.

اهو ٺاهہ آهي جنهن کي سنڌ - پنجاب ايگريمينٽ ١٩٤٥ چيو وڃي ٿو. جنهن جا مکيہ فقرا هيٺين ريت آهن:

(الف) اهي رٿائون جيڪي انوقت عمل ۾ هيون يا زير تعمير هيون تن لاءِ پاڻيءَ جي ڪوٽا ترجيحي ترتيب ۾ مقرر ڪئي ويئي. انهيءَ ترتيب مطابق سکر بئريج ۽ ٿل پهرئين درجي ۾ رکيا ويا.

(ب) جيڪي رٿائون ان وقت تياري هيٺ هيون، تن لاءِ پاڻيءَ جي ورڇ مقرر ڪئي ويئي. ان وقت سنڌ ۾ غلام محمد بئريج ۽ گڊو بئريج رٿجڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحلن ۾ هيون انهي لاءِ ترتيب وار (١) لوئر سنڌ جي بئريج لاءِ ستيتاليهه هزار ڪيوسڪ فٽ پاڻي (٢) اپر سنڌ جي بئريج لاءِ چاليهه هزار ڪيوسڪ فٽ پاڻي طئي ڪيو ويو.

(پ) ڪابه ڌر ٻيءَ ڌر جي اجازت سان نوان پراجيڪٽ اڏي سگهندي. ٻيءَ ڌر ڪي اهڙن پراجيڪٽن ناهڻ تي اعتراض جو حق هوندو. ان حالت ۾ جڏهن اهو ثابت ڪري سگهي ته اهڙن پراجيڪٽن ناهڻ ڪري هن ناهه موجب سنڌس حقن کي نقصان رسڻ جو انديشو آهي.

(ت) زير عمل رٿائن ڪي سنڌن مقرر ٿيل مقدار ڪان وڌيڪ جيڪو به تلائن ۾ گڏ ٿيل ۽ نهري پاڻي ٿيندو. انهيءَ ۾ ٻنهي پرڳڻن جا حصا مقرر ڪيا ويا.

(ج) ڌرين جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪي اختلاف پيدا ٿين ته انهن جي فيصلي لاءِ طريقي ڪار مقرر ڪيا ويا.

(د) پاڻيءَ جي ڪوٽ واري زماني ۾ پنجاب کي اختيار هوندو ته تل لاءِ سنڌو نديءَ جو پاڻي ڪالاباغ وٽان ڪٽب آهي پر ان ۾ شرط اهو هوندو ته ساڳئي مقدار جيترو پاڻي پنجنند وٽ پنجاب واري حصي ڪان هيٺ سنڌ کي ڏنو ويندو.

قدرتي اتفاق اهڙو ٿيو جو انهيءَ ناهه تي اجا مس عمل شروع ٿيو ته ١٩٤٧ ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. جنهن جي نتيجي ۾ پنجاب به ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هڪ اوپر پنجاب ٻيو اولهه پنجاب جيڪو پاڪستان جي حصي ۾ آيو.

انهي ورهاڱي جي ڪري پنجاب جي پنجن درياهن منجهان هڪ درياه بياس ته مڪمل طرح ڀارتي پنجاب ۾ هليو ويو. باقي ٻن درياهن ستلج، راويءَ جا به مهڙ وارا حصا هندستاني پنجاب ۾ هليا ويا. جنهن ڪري ٻنهي ۾ ڇڪتاڻ جي امڪانن کي نظر ۾ رکندي، "انڊين انڊيپينڊنس ائڪٽ" هيٺ هڪ ادارو قائم ڪيو ويو ته جيڪڏهن ٻنهي ڌرين وچ ۾ڪو جهيڙو ٿئي ته ان کي نبيري سگهجي. انهيءَ اداري جو مدو تاريخ ٣١ مارچ ١٩٤٨ تائين مقرر ڪيو ويو.

پاڪستاني پنجاب سرڪار انهيءَ جو فائدو نه ورتو ۽ سندس انهيءَ ڪوتاهيءَ ڪري هندستان سان ڪوبه درياهي تقسيم جو مستقل معاهدو نه ٿي سگهيو. ۽ ڀارت سرڪار پهرين اپريل ١٩٤٨ تي سمورن درياهن کي بند ڪري ڇڏيو اتان ئي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ پاڻيءَ جي مسئلي تي ڇڪتاڻ شروع ٿي. آخر عالمي بئنڪ وچ ۾ ٿيي پيئي ۽ ١٩٥٢ ۾ عارضي طرح فيصلو ڪرايو ته "جيستائين ڪو مستقل حل نڪري تيستائين جيئن اڳ ۾ هلندو رهيو آهي تيئن ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاست هلندي رهي".

پر سگهوئي هڪ وڏي سازش هيٺ ون يونٽ ائڪٽ نافذ ٿيو ۽ ١٩٥٥ ۾ پاڪستان جي الهندي حسي وارن پرڳڻن کي ملائي هڪ صوبو ٺاهيو ويو جنهن جي گادي جو هنڌ لاهور کي ٺاهيو ويو. اڳتي هلي ١٩٥٨ ۾ ايوب خان جي مارشل لا لاڳو ٿيڻ سان ته ويتر سنڌ جي حيثيت کي ئي ختم ڪري ڇڏيو. پوءِ اهڙي ماحول ۾ عالمي بئنڪ جي نگرانيءَ هيٺ پاڻيءَ جي ورهاست جو مسئلو طئي ٿيو جنهن ۾ سنڌ کي ڪنهن به قسم جي نمائندگي ڪانه هئي.

ان وقت عالمي بئنڪ جي اجازت سان پاڪستان سرڪار هڪ ادارو "انڊس بيسن ائڊوائيزري بورڊ" (IBAB) ٺاهيو جنهن جو سربراهه جي معين الدين کي ٺاهيو ويو جنهن جو تعلق پنجاب سان هئو. ان جا جيڪي به ميمبر کنيا ويا انهن ۾ به سنڌ جي نمائندگي نه رکي ويئي. ان ڪانسواءِ ان وقت ايريگيشن کاتي جو سربراهه ۽ واپڊا جو سربراهه پڻ پنجاب سان تعلق رکندڙ هئا. نيٺ انهيءَ اداري ڳالهين ٻولهين ڪانپوءِ سيپٽمبر ١٩٦٠ ۾ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ هڪ معاهدو تيار ڪيو جنهن کي "انڊس واٽر ٽريٽي ١٩٦٠" سڏيو ويو هو. ٻين لفظن ۾ ان کي "سنڌ طاس" معاهدو به چيو ويندو آهي. انهيءَ معاهدي مطابق:

(الف) اڀرندي وارين ٽن ندين ستلج، راوي ۽ بياس تي ڀارت جو مڪمل حق رهندو ۽ الهندي وارين ٽن ندين سنڌو، چناب ۽ جهلم تي پاڪستان جو حق هوندو.

(ب) بنا ڪنهن دير جي پاڪستان ڪوشش ڪري پنهنجي آبپاشيءَ لاءِ اهڙا ذريعا عمل ۾ آڻيندو جن سان ڪيس اوترو ئي پاڻي ميسر ٿي سگهي جيترو ١۵ آگسٽ ١٩۴٧ تي هن لاءِ موجود هئو.

(ج) انهن ذريعن پيدا ڪرڻ لاءِ پاڪستان کي جيڪي آبپاشيءَ جا ڪم ڪرڻا پوندا تن جي خرچ ۾ ڀارت ١٧٥٠ لک ڊالر حصو ڀري ڏيندو.

(د) انهن آبپاشيءَ جي ڪمن جي نمونن پسند ڪرڻ ۽ اڏاوت ڪرڻ لاءِ پاڪستان بلڪل آزاد هوندو. انهيءَ معاهدي ۾ پنجاب جي ٽن ندين جو پاڻي هندستان کي ١٧٥٠ لک ڊالرن ۾ ڄڻ ته وڪرو ڪري ڏنو ويو ۽ انهيءَ ۾ سنڌ جو به ٥٠ سيڪڙو پاڻي هندستان کي وڪرو ڪيو ويو.

انهن پئسن منجهان رڳو پنجاب جي وچايل پاڻي جي پورائي لاءِ مختلف "ڊيم" ٺاهيا ويا جن ۾ سنڌو جو پاڻي سنڌودرياهه مان منتقل ڪري پنجاب کي ڏنو ويو. سنڌو نديءَ جو ٧٥ سيڪڙو پاڻي جيڪو سنڌ لاءِ مقرر ٿيل هئو ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهان ٻه، ٿوان واهه ڪوٽائي ٢٥ سيڪڙو وڌاو پاڻي پنجاب لاءِ مهيا ڪيو ويو.

حالانڪه " سنڌ طاس " واري معاهدي مطابق پنجاب کي فقط ستلج راوي ۽ بياس ندين واري پاڻي جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ اوترو پاڻي ڏيڻو هئو جيڪو هو ننڍي ڪنڊ جي تقسيم کان اڳ ڪٽندو هئو. انهيءَ ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ منگلا ڊيم اڏيو ويو ۽ انجي گنجائش، انهن ٽنهي ندين سان پنجاب ۽ سنڌ کي ملندڙ (انهن ٽنهي ندين جو پاڻي پنجاب رڳو اڌ کان ٿوري گهٽ استعمال ڪندو هئو باقي پاڻي پنجندو وٽ وڃي سنڌ نديءَ ۾ پوندو هئو جيڪو سنڌ جي استعمال لاءِ هوندو هئو) سموري پاڻي کان ٦٠ سيڪڙو وڌيڪ آهي.

انهيءَ حقيقت منجهان هيءَ ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته سنڌ طاس واري معاهدي مطابق منگلا ڊيم منجهان ٻه پنجاب کي فقط پنهنجي وڃايل پاڻي جيترو حق حاصل آهي ۽ باقي پاڻي سنڌ کي ڏيڻو آهي.

پوءِ اهڙي صورتحال ۾ ڪين اهو حق ڪٿان ٿو حاصل ٿئي جو هنن مختلف جاين تي ايترا سارا ڊيم ۽ بئريج ڪٽي ڪاهيا اٿن؟ جيڪي هيٺين طرح آهن:

(١) تربيلا ڊيم (٢) منگلاڊيم (٣) راول ڊيم (٤) چشمه ڊيم (٥) چشمه بئريج (٦) چشمه - جهلم لنڪ واهه (٧) تونسا بئريج (٨)تونسا - پنجند لنڪ واهه (٩) چشمه رائٽ بينڪ ڪينال (١٠)نئين اسڪيم تحت ڪالا باغ وٽ سنڌو درياهه تي ڪالا باغ ڊيم.

پهتل خبرن مطابق، انڊس بيسن ائڊوائيزري بورڊ "تربيلا ڊيم" جي اسڪيم جڏهن عالمي بئنڪ ڏي منظوري لاءِ موڪلي هئي ته عالمي بئنڪ انهيءَ جي اجازت نه ڏني هئي، ڇو ته هنن کي يقين هو ته ڀارت جي ٽن ندين، ستلج، راوي ۽ بياس جو پاڻي جيڪو پاڪستان کان ڇڏايو ويو آهي، تنهن کان گهٽو وڌيڪ پاڻي، ٻين منظور ٿيل رٿائن وسيلي ميسر ٿي ويندو تنهن ڪري هن رٿا جي ضرورت ڪانه آهي. پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ وري "مغربي پاڪستان واپڊا" پيهر اها رٿ منظوري لاءِ موڪلي، جنهن ۾ چيو ويو هو ته "انهيءَ رٿا سان سنڌ جي خاص ضرورتن لاءِ پاڻيءَ جي پورائي ڪئي ويندي" انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي عالمي بئنڪ انهي رٿا جي منظوري سال ١٩٦٤ ۾ ڏئي ڇڏي. انهيءَ رٿا منظور ٿيڻ کان اڳ جيڪي رٿون رٿيون ويون هيون، سنڌ جي ماڻهن انهن کي سنڌ جي مفادن ۽ ١٩٤٥ واري ناهه جي خلاف ورزي سمجهندي، زوردار پڪارون شروع ڪري ڏنيون. ون يونٽ جي ڪري سنڌ جو تشخص ته اڳيئي ختم ٿيل هو پر انهيءَ هڪ هٿيءَ جي آڌار تي سنڌ جي زراعت کي به تباهه ڪرڻ جا منصوبا سٽيا پئي ويا. ترن پٽاندڙ هيءَ اٽڪل رٿي

هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي جيڪا پاڻيءَ جي ورهاست لاءِ ١٩٤٥ واري سنڌ ۽ پنجاب اڳريمينٽ مطابق سفارشون مرتب ڪري، جنهن جو نالو "اختر حسين ڪاميٽي" تجويز ڪيو ويو. جنهن سنڌ ۽ ٻين صوبن مان ڪوبه عيوضي نه ڪنيو ته جيئن پنهنجي من ماني ڪري سهگجي پر ماڻهن جي احتجاج تي ٻه ميمبر سنڌ مان ڪنيا ويا ۽ هڪ ميمبر سرحد مان ڪنيو ويو. انهيءَ ڪاميٽي ۾ ڪل ميمبرن جو تعداد پندرهن هو جنهن ۾ ٻارهن پنجاب جا هئا. جيڪي پنهنجي اڪثريت جي بل بوتي تي ڪارروائي کي هلائيندا رهيا ۽ ٻين ميمبرن جي اعتراضن کي نظر انداز ڪندا رهيا. پر اتفاق اهو ٿيو جو سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ جي خلاف جدوجهد ڪري انهيءَ جي ٽوڙڻ لاءِ ٢٨ نومبر ١٩٦٩ تي آرڊر پاس ڪرائي ورتو.

انهيءَ ڪري آختر حسين ڪاميٽي کي اچي فڪر لاحق ٿيو ته سندن هڪ هٿي اجهو ٿي ڊهي ناس ٿئي تنهن ڪري هن انهيءَ خيال کان تڪڙ ڪري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن پنهنجين حرڪتن کي ون يونٽ ٽوڙڻ واري ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ پاس ڪرائي وٺن. تنهن ڪري هن اها رپورٽ پنهنجي مرضي مطابق مڪمل ڪري سنڌ جي عيوضين جي صحيحن ڪرڻ کان بغير ئي مٿي موڪلي ڇڏي. پر انهن جي سازش کي عملي جامي پائڻ جو موقعو نصيب ڪونه ٿيو ۽ ون يونٽ ٽوڙيو ويو ۽ پهرين جولاءِ ١٩٧٠ کان اڳوڻا صوبا بحال ٿيا ۽ عوام جي اعتراضن کي سامهون رکي سرڪار انهيءَ ڪاميٽيءَ جي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو ١٥ آڪٽوبر ١٩٧٠ تي جسٽس فضل اڪبر جي سربراهيءَ هيٺ هڪ ٻي ڪميٽي جوڙي ويئي ۽ سندس ڪم لاءِ دائرو مقرر ڪيو ويو جنهن جو ذڪر اڳتي ڪنداسين. پڻ انهيءَ ڪميٽيءَ جي سفارشن کي به سنڌ جي عيوضيءَ شير محمد بلوچ غير منصافاڻو ڪوٺي ڪاميٽيءَ تان استعفا ڏيئي ڇڏي.

انهيءَ کانپوءِ وري مرحوم ڀٽي جي دور ۾ مارچ ١٩٧٧ تي هڪ ڪاميٽي جوڙي ويئي جنهن جو سربراهه چيف جسٽس آف پاڪستان مسٽر انوارالحق کي مقرر ڪيو ويو ۽ هر صوبي جي هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي ميمبر طور ڪميٽيءَ ۾ کنيو ويو. اها اڄ تائين ڪوبه فيصلو نه ڏئي سگهي آهي ۽ هن وقت پاڻي جي صورتحال سڀني جي سامهون آهي. زراعت ته ڇڏيو ماڻهن جي پيئڻ لاءِ پاڻي نه آهي ڪولاڙچي جي خبر آهي ته پنجين ڀيئي مٺ پاڻيءَ جو ملي رهيو آهي. شايد اهو وقت پري ڪونهي جو سنڌ اندر به آفريڪا واريون حالتون پيدا ٿين ۽ سنڌ جا ماڻهو به پيلا، بيلا چهرا کڻي هٿن ۾ وٽا جهليو قطارون ٺاهي تي وي جو سينگار بڻجن. ماضيءَ ۾ جڏهن سنڌ لاءِ سنڌو نديءَ تي اينترا حق تسليم ڪيا ويا هئا ۽ ١٩٤٥ ۾ پنجاب سرڪار به انهن حقن کي تسليم ڪيو هو ته پوءِ آخر انهن حقن

ڪي ڪهڙي قانون پٽاندڙ غصب ڪيو ويو وڃي؟ جڏهن تہ مٿي بيان ڪيل "رائو ڪميشن" اهو فيصلو ڏيئي چڪي آهي تہ "جتي بہ ٻن درين جي درميان ڪو معاهدو يا ايگريمينٽ آهي، تہ اها خود واسطيدارن جي حقن معلوم ڪرڻ لاءِ "پرمننٽ ڪورٽ آف انٽرنيشنل جسٽس جو ذريعو موجود ڪري ٿي"

رائو ڪميشن هيءَ بہ فيصلو ڏنو هئو تہ "اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ. گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ ١٩٣٥ ۾ ڏنل تجويز، جيڪا دنيا جي ٻين پاڻي ۾. ويجهي ماضي ۾، قبول ڪيل اصولن جي عين مطابق آهي. تنهن موجب ڪنهن بہ مهڙ واري پرڳڻي ڪي ڪو بہ حق نہ آهي تہ نديءَ جي پاڻي سان جيئن وڻيس تيئن هلت ڪري، ائين ڪرڻ سان هيٺين پرڳڻن کي نقصان رسندو."

انهن فيصلن کي سامهون رکندي آسان هيءَ چوڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهون ٿا تہ پنجاب سرڪار نہ رڳو ١٩٤٥ واري ناهہ جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، بلڪ بين الاقوامي ڏوهہ جي ڏوهاري بڻ بڻي آهي پر اجا بہ جيڪڏهن هيئن چئجي تہ اسلامي نقطہ نظر کي بہ هن پائمال ڪيو آهي جو تہ حديث شريف ۾ ايندو آهي تہ "انسان گاهہ، باهہ ۽ پاڻيءَ ۾ هڪ جيترا حقدار آهن"

تنهن ڪري پنجاب سرڪار مٿي جيڪي بہ ڊيم ۽ بئريج سنڌ جي اجازت کانسواءِ جوڙيا آهن اهي سڀ غير قانوني ۽ غيراسلامي آهن ۽ اهي بيجا دخل اندازي ۾ اچيو وڃن ٿا تنهن ڪري انهن سمورن کي رد ڪيو وڃي. باقي رڳو اهو ظاهر ڪرڻ تہ سنڌ جي پاڻيءَ ۾ لاٽ رڳو "جهلم لنڪ ڪينال" جي ڪري ٿي آهي تنهن ڪري رڳو ان کي بند ڪيو وڃي، اها سنڌ جي حق تلفين تي چشم پوشي چئبي ۽ اها بہ هڪ اٽڪل آهي تہ. جيئن باقي ڊيمن ۽ بئريجن تان توجهہ هٽائي وڃي تہ اهي جيئن آهن تيئن قائم ۽ دائم رهن ۽ انهن کي قانوني جواز ملي وڃي. سنڌ جي پاڻي جي مسئلي جو مڪمل حل اهوئي آهي تہ انهن غير قانوني دخل اندازين کي ختم ڪيو وڃي. باقي ان کان ڪنهن بہ گهٽ ڳالهہ تي سنڌ جي مسئلي جو حل ممڪن ئي ڪونہ آهي، نڪو سنڌ جا ماڻهو ٻئي ڪنهن ڳالهہ تي مطمئن ٿيندا.

سنڌ واسين لاءِ هيءَ ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ آخر پاڻيءَ جي قدرتي اثاث جو اثر بہ رڳو سنڌ تي پيو آهي جڏهن تہ پنجاب ۽ سرحد جي درياهن ۾ پاڻي موجود آهي. اتان جي ماڻهن طرفان ڪا بہ شڪايت سامهون ڪانہ آئي آهي. يا وري ائين چئجي تہ ڊيمن ۾ گڏ ڪيل پاڻي بہ رڳو انهن کي ڏنو پيو وڃي، جڏهن ڊيم پريل آهن تہ پوءِ سنڌ لاءِ پاڻي جو نہ ٿو ڇڏيو وڃي، تنهن جي معنيٰ تہ سنڌ جي پاڻيءَ تي بنايل ڊيمن ۾ بہ سنڌ جو حصو نہ آهي. اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ ۽

ڪٺان جي اسلامي برادري آهي جنهن جون اڄ وڏيون، وڏيون دعوائون ڪيون پيون وڃن ۽ ٻين کي متعصب، ملڪ دشمن، قوم پرست، اسلام دشمن سڏيو پيو وڃي. انصاف پسند ڀلين ڀلي هيءَ ڳالهه پڌري پٽ تي چڪي آهي ته اصل ملڪ دشمن، عصبيت پرست، اسلام دشمن ڪير آهن؟

تنهن ڪري اسان هيءَ گهر ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيون ته اهي ناانصافيون ختم ڪيون وڃن جن جا اڳ ۾ به ڏاڍا اگرا نتيجا نڪري چڪا آهن ۽ هيٺئر به نڪري سگهن ٿا. اسان انصاف ۽ اسلام جي علمبردارن کي اپيل ٿا ڪيون ته هو اڳتي وڌن ۽ سنڌ سان ٿيندڙ زيادتي جي خلاف حق جو آواز اٿارين. وقت جي حاڪمن ڪان گهر ڪن ته، موجوده حالتن ۾ سنڌ جو لکين ايڪڙن تي ٿيندڙ فصل تباهه ٿي چڪو آهي (جنهن جو تفصيل اڄ ڪالهه جي اخبارن ۾ شايع ٿي رهيو آهي) جنهن جا اثر سنڌ ۾ ڏڪر جي بدترين شڪل ۾ ظاهر ٿيندا، تنهن ڪري سموري سنڌ کي آفت زده علائقو قرار ڏنو وڃي ۽ اتي هنگامي حالتن وارا اپاءَ ورتا وڃن.

سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ واري مسئلي تي به چشمه جهلم لنڪ ڪئنال وارو مسئلو هٿرادو اٿاريل آهي، ته جيئن ماڻهن جي توجهه سنڌو نديءَ مٿان ٺاهيل ڪيترن ئي ٻين ڊيمن ۽ بئراجن تان هٽائي انهن کي قانوني حيثيت ڏياري وڃي، ۽ منگلا ڊيم تي به رڳو پنجاب جي حق کي تسليم ڪيو وڃي. پوءِ وري رهندو واويلا ڪري پنهنجي ڏاڍ مڙسيءَ جي زور تي چشمه جهلم لنڪ ڪئنال جي واسطي سان سنڌو نديءَ جي پاڻي تي به پنهنجو حق ڄاڻايو وڃي.

”جهلم ڪئنال“ ڇا بند ٿي- ڄڻ قيامت اچي ويئي. زور دار هائيتال مچايو ويو ته انهيءَ جي بند ٿيڻ جي ڪري، ڄڻ ته سمورو پنجاب ريگستان ٻڻجي ويندو. حالانڪ اهو ڪئنال ڪو سڄي پنجاب کي سيراب نه ڪرائيندو آهي. بلڪ پنجاب جي هڪ محدود حصي مان هن جو گذر ٿيندو آهي. باقي پوري پنجاب لاءِ ته گهٽائي ڊيم ۽ ڪئنالون آهن جيڪي پنجاب جي پنهنجن درياهن کان علاوه آهن ۽ ٽيوب ويلن جو چار الڳ آهي جنهن جو ذڪر پنهنجي جاءِ تي هيٺ ايندو. جڏهن ته سنڌ جي حالت هيءَ آهي جو هتان جي زراعت جو سمورو دارو مدار سنڌو نديءَ تي آهي ۽ ان ۾ تاريخي ڪوٽ ڪري سنڌ جي سمورن بئراجن مان نڪرندڙ مختلف ڪئنال مڪمل طرح بند پيا آهن. باقي ڪجهه پاسي وارن ڪئنالن ۾ به وارا بندي آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ لاءِ ڪيترو مشڪل وقت اچي چڪو آهي، جنهن ڪري اسانجون سرسبز ۽ من کي موهيندڙ ٻنيون اڄ ويران آهن .

انهيءَ صورتحال جو جائزو، سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر حسين هارون

پنهنجين اکين سان وٺي چڪو آهي. جنهن انهيءَ تباهہ ڪندڙ حالتن کي ڏسي هيءُ مطالبو ڪيو آهي تہ سنڌ کي آفت ستيل علائقو قرار ڏنو وڃي.

اهڙي حالت هوندي بہ وڏي پاءُ کي کهل ڪانہ آئي ۽ اٿلندو هن هيءُ چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن جهلم لنڪ ڪئنال تہ کولي ويئي تہ سنڌن سمورا ميمبر استعفائون ڏيندا. جڏهن سنڌين طرفان هيءُ مطالبو ڪيو ويو تہ سنڌ کي اهڙي خطرناڪ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ انساني همدردي جي بنياد تي ذخيري ڪيل پاڻيءَ منجهان ڪجهہ حصو ڏنو وڃي، جيڪو سنڌ جو حق بہ اهي. جڏهن تہ منگلا ڊيم منجهہ پاڻيءَ جو ذخيرو ضرورتن کان ٦٠ سيڪڙو واڌو بہ آهي، ان کي هنگامي حالتن ۾ سنڌ کي ڏيئي ڪيس مڪمل تباهيءَ کان بچايو وڃي. مگر افسوس ان جو جواب مليو تہ، اسان کي ربيع لاءِ پاڻي کپي، جيڪڏهن اهو اوهانکي ڏيئي ڇڏيون تہ پوءِ اسان ربيع ڪيئن پوکي سگهنداسون. حالانڪ سنڌ کي خريف لاءِ پاڻي کونہ آهي، هوڏي وري ربيع جون تياريون آهين، جڏهن تہ اهڙوئي ذخيرو جولاءِ مهيني کان پوءِ ڪري سگهجي ٿو ۽ عام طرح ائين ئي ڪيو ويندو آهي.

حقيقت ۾ انهيءَ ناڪار ۽ هٺ ڌرميءَ جي پٺيان هڪ وڏو مقصد آهي جيڪو لڪائڻ جي باوجود بہ لڪي نہ سگهيو آهي انهيءَ جو اظهار هنن لفظن ۾ ٿيو آهي جيڪو پنجاب جي وڏي وزير جي هڪ بيان منجهان ظاهر ٿي رهيو آهي. جو جڏهن وڏي وزير کي، وزير اعظم هڪ گڏجاڻي ۾ گهرايو هئو، جنهن ۾ سنڌ جو وڏو وزير، واپڊا جو چيئرمين ۽ مرڪزي سيڪريٽري پڻ موجود هئا ۽ ڪيس جڏهن ڏهہ سال اڳ تيل هڪ معاهدو ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ چيو ويو هئو تہ، سنڌو درياهہ جو پاڻي پنجاب کي، سنڌ جي وڏي وزير جي اجازت کان سواءِ نٿو ملي سگهي ان وقت سندس مٿان هيءُ بہ زور وڌو ويو هئو تہ، سنڌ کي سندس حق مطابق منگلا ڊيم منجهان پاڻيءَ ڏنو وڃي. اُن وقت هن صاحب هيءُ جواب ڏنو هو تہ ”منگلا تي رڳو پنجاب جو حق آهي، توهان سنڌوءَ جي ڳالهہ ڪريو، اسان تہ ان مان بہ حصو وٺڻ چاهيون ٿا. اسان کي اهو معاهدو قبول ڪو نہ آهي. اڄ اسان جيڪڏهن دباءَ ۾ اچي پنجاب جي نهرن ۾ منگلا ڊيم منجهان پاڻي ڇڏيو تہ پوءِ اسان کي سنڌو نديءَ مان ڪڏهن بہ پاڻي نہ ملندو.

حقيقت ۾ اهو ڪئنال دائمي نہ آهي بلڪہ ان ۾ سنڌوءَ جو واڌو پاڻي وهائڻو آهي. پر ان سان گڏوگڏ انهيءَ ڪئنال جي حيثيت بہ رڳو لنڪ واري آهي جيڪا سنڌوءَ جو پاڻي کڻي ”جهلم نديءَ ۾ پهچائي ٿي. قانوني طرح انهيءَ لنڪ منجهان ڪابہ آبادي ڪرڻي ئي ڪانہ آهي. اهڙو اظهار گذريل حڪومت جي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزير عبدالحفيظ پيرزادي پڻ پنهنجي هڪ خط ۾ ڪيو آهي. جيڪو ته جنگ ڪراچي ۾ ڇپيو هئو ۽ ان ۾ ان جو ذڪر هئو ته "لنڪ ڪئنال" جو مقصد هيءَ هجي سو ته هڪ درياهه جي واڌو پاڻيءَ کي ٻئي درياه تائين پهچائجي. انهن مان سنڌو سنئون هڪ ايڪڙ ايراضي به آبادي ڪرائڻ غلط آهي."

جيستائين جهلم لنڪ ڪئنال به انهيءَ ڪارج هيٺ نه آهي ويئي هئي (حالانڪه ان جي ٺهڻ وقت به سنڌ واسين سخت احتجاج ڪيو هئو. پر انڌن آڏو روئڻ اکين جو زيان) ته سنڌوءَ جي واڌو پاڻيءَ کي انهيءَ لنڪ جي ذريعي جهلم نديءَ ۾ وهايو وڃي، تان ته پنجاب ۾ وچايل نهرن جي چار جي ذريعي انهيءَ سيلابي پاڻيءَ جو رخ موڙي سگهجي. اها ان ڪري نه آهي ويئي هئي ته. سنڌو نديءَ جي عام وهڪري منجهان هن کي پاڻي مهيا ڪيو ويندو، جنهن تي رڳو سنڌ جو حق آهي.

هن وقت اهو به چوڻ غلط ٿيندو ته ڪو انهي لنڪ منجهان ٣ ملين ايڪڙ ايراضي آبادي ڪرائي پيئي وڃي جيڪا متاثر ٿي رهي آهي. ۽ جيڪڏهن ائين ڪيو به ويو آهي ته پوءِ اهو سراسري طرح غير قانوني عمل آهي. انهيءَ ڪري ئي ان کي ڪئين دفعا بند ڪيو ويو آهي اخباري خبرن جي مطابق اها نهر پنهنجي چمار ۾ هن وقت تائين پنجاهه دفعا بند ٿي چڪي آهي. (جنگ ڪراچي تاريخ ٧ جون ١٩٨٥ع)

اسان جي معلومات مطابق انهيءَ ڪئنال تي اڳ ۾ ته ڪڏهن به اهڙي واويلا ڪانه ڪئي ويئي هئي پوءِ هاڻي ڪهڙي ڪارڻ اهڙو پائيتال پاريو ويو آهي؟

ان جي ڪارڻ متعلق ڪجهه ته مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون پر جيڪڏهن تاريخ تي نظر وجهجي ته اهڙين حرڪتن جو هڪ سلسلو نظر ايندو. جن جو ڪجهه ذڪر پوئتي ڪري چڪا آهيون پر نئين معلومات مطابق اڳئين صورتحال کي واضح ڪرڻ گهرون ٿا ته جيئن تاريخ ۾ ڪيل ڪلورن تان به پردو هٽي ۽ اهڙين ستائن جي سلسلي کي اڄ جي حالتن سان ملائي سگهجي.

سنڌ جي هڪ ماهر آبپاشي (شير محمد بلوچ، جيڪو سنڌ جي آبپاشيءَ جو سيڪريٽري هجڻ سان گڏوگڏ اولهه پاڪستان جو به آبپاشيءَ جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي) جي ٻڌايل انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن گڏيل هندستان جو ورهاڱو ڪيو ويو ۽ ان ۾ پنجاب جا ٽي درياهه يعني راوي، ستلج ۽ بياس پنجاب جي ئي غلطين جي ڪري هندستان جي حوالي ٿي ويا. تڏهن مغربي پنجاب سرڪار ڏنو ته هاڻي ٽنهي درياهن جي کسجڻ جي ڪري جيڪو ٿورو گهڻو نقصان ٿيو آهي، انجو فائدو وٺي، سنڌو درياه تي به پنهنجو حق ڄاڻائجي. پوءِ پنجاب سرڪار انهيءَ

سستاءُ ذريعي اتڪلن ۾ شروع ٿي ويئي تہ ڪهڙي نموني سنڌوءَ جي پاڻي کي ڦٻائجي.

پنجاب جي ٿيل نقصان معلوم ڪرڻ ۽ ٻين صوبن کي ٿيل نقصان جي جاڻ رکڻ لاءِ پاڪستان جي سرحدن وٽ ستلج نديءَ تي "سليمانڪي بئريج" ۽ راوي نديءَ تي "جسرپل" وٽ سؤ سالن کان لڳل ماپ جي گزن منجهان معلومات ڪجي ٿي تہ مٿين پنهي جاين وٽ پاڻيءَ جو جيڪو وهڪرو پاڪستان پهچندو هئو ان جا سؤ سالن جا انگ اکر موجود آهن. جنهن مان هيءَ ڳالهہ پڌري آهي تہ، انهن پنهي جاين وٽ پاڻيءَ جو سراسري وهڪرو هر سال ٣ ملين ايڪڙ فوٽ رهيو آهي. ۽ انهن "٣" ملين ايڪڙ فوٽن منجهان سؤ سالن کان وٺي پنجند وٽ ٻہ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سدائين سنڌو نديءَ ۾ وهندو رهيو آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن انهن ٽنهي درياهن جي کسجڻ ڪري پنجاب جو جيڪڏهن نقصان ٿيو بہ آهي تہ اهو هڪ ملين فوٽ پاڻيءَ جو ٿيو آهي. ان جو اثر سنڌ تي وڌيڪ پيو آهي جو هن جو تہ ٻہ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي کسجي ويو.

پوءِ جڏهن پنجاب کي انهن درياهن منجهان، هڪ ملين ايڪڙ فوٽ ٿي پاڻي ملندو هئو تہ پوءِ وڌيڪ پاڻي ڪيڏانهن ويو؟ پنجاب ان صورتحال جو فائدو هيٺن ورتو جو هن ڏنڊي جي زور تي سنڌ جي اجازت کان سواءِ بي - آر- ڊي - لنڪ زوري ٺهرائي ورتي جنهن جي ذريعي هن پنجن ئي درياهن منجهان ڏيڍ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي کڻي ورتو. حالانڪ سندس پاڻي رڳو هڪ ملين ايڪڙ فوٽ کسيو ويو هئو. جنهن مان معلوم ٿيو تہ ورهاڱي کانپوءِ پنجاب کي پاڻيءَ جي ڪوٽا مطابق فائدو ٿي پيو نقصان نہ. اهي ئي ڏينهن هئا جو سنڌ جي هڪ عيوضيءَ مرحوم محمد هاشم گذدر دستور ساز اسيمبليءَ ۾ انهيءَ لنڪ جي ٺاهڻ تي اعتراض ورتو ۽ ان کي سنڌ، پنجاب ٺاهہ ١٩٤٥ جي ڀڃڪڙي ڪوٺيو هئو. ان اعتراض جي جواب ۾ سنڌ سرڪار کي مرڪزي سرڪار ڊي او ليٽر تاريخ ٢٦ مارچ ١٩٥٣ ع ذريعي (چيف سيڪريٽري مسٽر فاروقي ڏانهن لکيل) معافي ورتي ۽ يقين ڏياريو هئو تہ "آئنده سنڌ - پنجاب ٺاهہ جي ڪابہ ڀڃڪڙي نہ ڪئي ويندي ۽ هر ڳالهہ ۾ سنڌ کان راضپو حاصل ڪرڻ اولين فرض سمجهيو ويندو."

انهن حالتن کان پوءِ بہ پنجاب ماٺ نہ ڪئي ۽ پنهنجي پاڻيءَ جي کسجڻ جون دانهون ڪندو رهيو. حقيقت ۾ اهي دانهون رڳو سنڌ جي پاڻيءَ ڦٻائڻ لاءِ هڪ ڊونگ هيون نہ ڪہ حقيقت. جو تہ پنجاب تہ پنهنجي ڪوٽ کان بہ وڌيڪ پاڻي بي آر بي ڊي لنڪ جي ذريعي حاصل ڪري چڪو هئو. نتيجي ۾ انهن جون اهي

انڪلون ڪامياب ٿيون. جو عالمي بئنڪ وچ ۾ پيئي هڪ معاهدو ڪرايو جنهن ڪي سنڌ طاس وارو معاهدو چيو وڃي ٿو. اصل ۾ اهو زمانو ون يونٽ جو زمانو هئو ۽ عالمي بئنڪ جي وفد ۾ سنڌ جو عيوضي ڊاڪٽر محمد صالح قريشي هو- جنهن کي هڪ سازش جي تحت واپس موڪلي پنهنجي من ماني قائم ڪري اهو معاهدو ڪيو ويو هئو.

انهن حقيقتن معلوم ڪرڻ ڪان پوءِ هي ڳالهه پڌري پٽ ٿي پئي آهي ته پيا ڊيم ۽ بئريج ته ڇڏيو پر منگلا ڊيم جنهن تي رڳو پنجاب جو حق سمجهيو وڃي ٿو، حقيقت ۾ اهو به سنڌ جي پاڻيءَ ڦبائڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. انهن حقيقتن منجهان هيءَ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي ته هن وقت به، پنجاب ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جو ڪوڙو ڍنڍورو ڳهمائي، اڳي وانگيان سنڌو نديءَ تي پنهنجي واڌاو حق ثابت ڪرڻ لاءِ اهو ڊرامو رٿيو ويو آهي. سنڌ واسين لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي. ساڳي تاريخ دهرائي پيئي وڃي. اڳي به اهڙين لڳين سان سنڌ جو استحصال ڪيو ويو هئو، هاڻي به ڪيو پيو وڃي. نه ته ٻي صورت ۾ جيڪڏهن کوٽ آهي به ته، پنجاب وٽ پاڻيءَ جي کوٽ پوري ڪرڻ جا ڪيترائي ذريعا آهن. انهن ذريعن ڏانهن سنڌ وارا وقت بوقت ڌيان ڇڪرائيندا رهيا آهن. جن جو ذڪر فضل اڪبر ڪاميٽيءَ جي ضمن ۾ ايندو.

تاريخ ١٥ آڪٽوبر ١٩٧٠ تي جيڪا فضل اڪبر ڪاميٽي ناهي ويئي هئي انکي به اهڙي قسم جون ذميواريون سونپيون ويون هيون ته هوءَ:

(الف) سنڌو نديءَ ۽ انجي مددي ندين جي وهنڊڙ، توڙي تلائن ۾ ڪٺو ڪيل، پاڻيءَ جي ورڇ بابت سفارشون ڪري ۽ ائين ڪرڻ ۾ هيٺين نقطن تي ڌيان ڏيئي.

(١) چئني صوبن کي ورڇ ۾ حصو ملي. (٢) اندس واٽر ٽريٽيءَ جي اثرن تي به غور ڪري. يعني سنڌ طاس واري معاهدي تي به غور ڪري.(٣) زير زمين پاڻيءَ جي ذخيرن کي نظر ۾ رکي ۽ انهن کي نهري پاڻيءَ سان ملائي ڪتب آڻڻ لاءِ تجويزون ڏئي. (٤) صوبن جي زراعت، ڪارخانن ۽ شهري استعمال لاءِ پاڻيءَ جون ضرورتون سامهون رکي.

انهيءَ ڪاميٽيءَ جي هڪ ميمبر شير محمد بلوچ جو هي رايو ۽ تجويز هئي ته "نندي ڪنڌ جي ورهاڱي جي ڪري جيڪو پاڻيءَ جو مسئلو پيدا ٿيو هو ۽ ان جي ڪري سنڌ طاس وارو ناهه عمل ۾ آيو، جنهن ۾ چيو ويو هو ته "پاڪستان کي هيءُ اختيار رهندو ته هو مختلف طريقن سان پنهنجي کوٽ کي پورو ڪري."

انهي جو مطلب اهو آهي تہ پاڪستان لاءِ جيڪا پاڻيءَ جي ڪوٽ ٿي انجي مقدار کي، مغربي درياهن يا وري ٻين معقول طريقن سان پورو ڪيو وڃي.

انجو مطلب اِهو ڪونہ هئو تہ ڪنهن بہ بئراج يا واهہ ۾ وهندڙ پاڻيءَ جي مقدار ۾ ڪا تبديلي آندي وڃي (جيئن پنجاب سرڪار ناجائز نموني مختلف ڊيم ۽ بئراج ٺاهي پاڻي جي مقدار ۾ تبديلي آڻي چڪي آهي) اهي جائز ۽ معقول طريقا هئا ٽيوب ويل ۽ ڊيم ٺاهڻ.

ٽيوب ويل اسڪيم جو تفصيل هن ريت آهي:

ٽيوب ويل پاڻيءَ جي ذخيري پيدا ڪرڻ لاءِ اتي ڪامياب ٿيندا جتي پاڻي مٺو هوندو. هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ پنجاب ۾ مٺي پاڻيءَ جو ڪيترو ذخيرو آهي؟ ۽ ساڳي وقت سنڌ ۾ ڪيترو آهي ؟ ڪوجنائڻ مان ائين اندازو ڪيو ويو آهي تہ پنجاب ۾ زمين جي سطح کان ١٠٠ فوٽ هيٺ وڃڻ سان ٥٠٠ ملين ايڪڙ فوٽ مٺو پاڻي ملي سگهي ٿو، جيڪڏهن ٥٠٠ فوٽ هيٺ وڃجي تہ ڪل ٢٥٠٠ ملين ايڪڙ فوٽ مٺو پاڻي ملي سگهي ٿو.

پنجاب هميشہ اهو سوال پئي اٿاريو آهي تہ ٥٠٠ فوٽ هيٺ ٽيوب ويل لڳائڻ ممڪن نہ آهي. جيڪڏهن پنجاب جو چوڻ صحيح آهي تہ ٻيو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ، پنجاب چو پنهنجي سيني اسڪارپ جي پراجيڪٽن ۾ هيڏو سارو وڏو خرچ ڪري، پنج سئو فٽ اونها ٽيوب ويل هٿايا آهن؟ جيڪڏهن پنج سؤ فوٽن کان پاڻي ڪڍڻو ئي ڪونہ هئو تہ پوءِ ايڏي ساري خرچ تي اونهن ٽيوب ويلن هڻڻ جو پنجاب کي ڪو جواز ئي ڪونہ آهي.

حقيقت ائين آهي تہ، ٥٠٠ فوٽ گهرائي تان پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ حساب سان پنجاب ۾ ٢٥٠٠ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جو ذخيرو موجود آهي.

هن مقدار جو اندازو هن ڳالهہ مان ڪري سگهجي ٿو تہ پاڪستان جي سمورن درياهن جو پاڻي هڪ سال ۾ ١٦٠ ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ ڪونہ آهي. هن مان صاف ظاهر آهي تہ جيڪڏهن پنجاب کي درياهن جو پاڻي هڪ قطرو بہ نہ ملي تڏهن بہ پنجاب کي ڪا پاڻيءَ جي گهرج ڪانہ آهي.

ٻئي طرف ”هنٽنگ“ رپورٽ موجب سنڌ جي زير زمين مٺي پاڻيءَ جو ذخيرو سال ۾ ٣ ملين ايڪڙ فوٽ آهي. انهيءَ حساب جي آڌاري تي خيرپور اسڪارپ ٺاهي وئي. خيرپور اسڪارپ تيار ٿيڻ بعد اهو ظاهر ٿيو تہ ٽن حصن پاڻيءَ مان ٻہ حصا پاڻي سمنڊ جي پاڻيءَ جهڙوئي ڪڙو هو. ساري سنڌ ۾ ان اندازي موجب ڪم آڻڻ جهڙي مٺي پاڻيءَ جو ذخيرو فقط هڪ ملين ايڪڙ فوٽ

آهي.

هاڻي صورتحال اتي وڃي پهتي تہ پنجاب ۾ مٺي پاڻي جو زير زمين زخيرو ٢۵٠٠ ملين ايڪڙ فوٽ آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ سنڌ جي زير زمين پاڻيءَ جو ذخيرو هڪ ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

جيڪڏهن پنجاب کي درياهن جي پاڻي جو هڪ قطرو بہ نہ ملي تہ بہ هن لاءِ هاڻوڪين ضرورتن ۽ توڙي آئينده واڌاري Devlopment لاءِ پاڻيءَ جي کاٻہ کوٽ ڪانہ ٿيندي. پوءِ جڏهن پاڻي جي صورتحال اها آهي تہ پوءِ ڊيمن ۽ بئراجن ٺاهڻ جي ڪهڙي ضروت آهي ۽ هئي.

سنڌ طاس واري ٺاهہ وقت، ننڍن صوبن کي ائين چئي بيوقوف بڻايو ويو هئو تہ، اهي اسڪيمون رڳو عالمي بئنڪ کان پئسن وٺڻ لاءِ بڻايون پيون وڃن. مگر ٿيو ڇا اهو سمورو دنيا جي اڳو آهي ۽ اهي سڀ ڪم ون يونٽ واري عرصي دوران ڪيا ويا جنهن ۾ ڪنهن بہ ننڍي صوبي جو ڪو وجود ۽ اثر ئي ڪونہ هئو.

اخباري خبرن منجهان چاڻ ٿي چڪي آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ پنجاب ۾ تقريبا ٢ لک ٽيوب ويل ڪم ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي اڃا بہ وڌائي سگهجي ٿو. پر ان جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ فقط ڏهہ هزار ٽيوب ويل لڳل آهن، جن جو بہ زير زمين پاڻيءَ جي کاري هجڻ ڪري استعمال مشڪل آهي.

انهي سموري صورتحال بڌائڻ کان پوءِ اسان چئي سگهون ٿا تہ پنجاب سرڪار جي واويلا اجائي آهي، ۽ هن جو مقصد رڳو هي آهي تہ ڪهڙي بہ طريقي سان سنڌوَ درياهہ مان گهڻي کان گهڻو پاڻي حاصل ڪيو وڃي. ۽ سنڌوَ کي پريشان ڪيو وڃي يا وري هيئن چئجي تہ بليڪ ميل ڪيو وڃي . حالانڪہ پنجاب وٽ پاڻيءَ جي کوٽ کي پوري ڪرڻ جا تمام گهڻا ذريعا آهن جن کي استعمال ڪرڻ سان انهيءَ جهيڙي کي آسانيءَ سان ٽاري سگهجي ٿو.

پر پنجاب پنهنجي ڊپڙ دونس ۽ اثر رسوخ جي زور تي چشمہ جهلم لنڪ ڪئنال لاءِ بہ سنڌوَ منجهان پنهنجو دائمي حق ثابت ڪرائي ورتو. جو سنڌ ۾ پاڻيءَ جي خطرناڪ صورتحال جي باوجود ڪئنال کي ٨ جون تي کوليو ويو ۽ ان جو سنڌ کي اطلاع بہ ڪونہ ڏنو ويو. جنهن تي سنڌ جي وڏي وزير دانهن ڪئي تہ ڪئنال کي اسان جي مشوري کان سواءِ کوليو ويو آهي.

خبر نہ آهي تہ وزير اعظم کي بہ اطلاع ڏنو ويو يا نہ. هيءَ ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ سنڌو نديءَ تي ٺاهيل غير قانوني ڪئنال کي تہ سنڌ جي مشوري کان سواءِ کولي، سنڌو ندي تي انجي قانوني حق کي تسليم ڪيو پيو وڃي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ لاءِ وري انجي پراڻي اسڪيم يعني سيوهڻ بئراج کي بہ هن مهل تائين نظر انداز ڪيو پيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ آبپاشي جي وفاقي وزير سچ چيو هئو تہ ”جڏهن هيٺ پاڻي پهچندوئي ڪونہ“ پوءِ بئراج وري ڇا جو.“

حالانڪہ سيوهڻ بئراج جي اسڪيم ڪا اڄ جي اسڪيم ڪانہ آهي بلڪہ اها تہ انگريزن جي زماني جي رٿا آهي جنهن کي اڄ تائين نظر انداز ڪيو ويو آهي. انهيءَ وچ ۾ پنجاب ۾ ڪيترائي ڊيم ۽ بئراج نہ رُڳو ٺهي چڪا آهن ۽ اڃا بہ وڏاو اسڪيمون تياريءَ جي مرحلن ۾ آهن.

سيوهڻ بئراج جي اسڪيم ١٨٥٥ ۾ جنرل نائق رٿي هئي. ان کان پوءِ وري هڪ بين الاقوامي شهرت يافتہ انگريز صلاحڪار جماعت بہ پنهنجي لوئر انڊس رپورٽ ۾ واضح طور تي مشورو ڏنو تہ ”سنڌ جي اندروني علائقي کي سر سبز ۽ آباد ڪرڻ لاءِ سيوهڻ بئراج ناهڻ ضروري آهي. جنهن جو هڪ هيءُ بہ فائدو پوندو تہ ٻوڏن جي زماني ۾ سمنڊ ۾ ويندڙ پاڻي بہ زيان ٿيڻ کان بچي ويندو جيڪو وڏو قومي زيان آهي.“ حقيقت ۾ سنڌ جا ماڻهو بہ ڪيترن سالن کان انهيءَ رٿا تي عمل ڪرائڻ ۽ انکي پنج سالہ منصوبي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ مطالبا ڪندا رهيا آهن.

انصاف جي تقاضا بہ اهائي آهي تہ هن سائنسي دور ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين کي برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي. حقيقي صورتحال هيءَ آهي تہ سکر بئريج منجهان نڪتل واهن جي ڊيگهہ ٻن يا ٽن سؤ ميلن کان گهٽ ڪانہ آهي جيڪو هڪ عالمي مثال آهي. انهن جي انهيءَ ڊيگهہ جي ڪري اندروني علائقا يا پڇڙيءَ وارا علائقا هميشہ پريشان رهن ٿا. هن وقت سکر بئريج مان نڪرندڙ دادو ڪئنال جي ڊيگهہ ١٣٤٤٨ ڪلوميٽر آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن سيوهڻ تي بئريج ٺاهيو وڃي تہ، هڪ طرف سکر بئراج تان بار هلڪو ڪري سگهبو ۽ ٻئي طرف وري سيوهڻ بئريج جي پاڻي کي ٻين ڪئنالن جي مدد لاءِ بہ استعمال ڪري سگهبو ۽ دادو ڪئنال جي پڇڙي واري لکين ايڪڙ ايراضي کي بہ سيراب ڪري سرسبز بڻائي سگهجي ٿو. سيوهڻ بئريج جو هڪ وڏو فائدو هيءُ بہ ٿي سگهي ٿو تہ بئراج جو پاڻي آبڪلاٽيءَ جا پنج مهينا وهڻ کان پوءِ جڏهن ختم ٿي وڃي تڏهن وري انهيءَ ئي بئريج منجهان پريل منچر ڍنڍ جي پاڻي سان چشمہ وانگر گڏ ڪيل پاڻيءَ کي ربيع جي موسم ۾ بہ استعمال ڪري سگهبو ۽ انهيءَ گڏ ڪيل پاڻي منجهان لاڙ کي بہ ربيع جو پاڻي آسانيءَ سان مهيا ڪري سگهبو. پر اهي بہ سمورا خيالي پلاءُ آهن. ڇو تہ جيڪڏهن مٿي پنجاب ۾ ناجائز دخل اندازين جي اها صورتحال رهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ سيوهڻ بئراج تہ ڇڏيو پر سکر، گڊوءِ ڪوٽڙي بئراج جو بہ الله حافظ آهي.

هن سال جيڪا پاڻي جي اڻاٺ ٿي آهي ۽ ان ۾ پنجاب سرڪار جو جيڪو رويو سامهون آيو آهي، اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن اسان رڳو اخباري بيانن تائين ڪفايت ڪري ويٺاسون تہ پوءِ، سموري سنڌ چند سالن ۾ ريگستان بڻجي ويندي ۽ سنڌي ماروئڙا بوند پاڻي لاءِ ٻاڪارون ڪندا وتندا. تنهن ڪري هن وقت سنڌ جي قومي مفاد جي تقاضا اها آهي تہ سنڌ جي قيادت اڳيان اچي ۽ انهيءَ مسئلي جي نبيري لاءِ ڪي عملي اپاءُ وٺي ۽ پنجاب سرڪار کي قوت سان جواب ڏيئي چئي سگهي تہ، جيڪڏهن پنجاب جو وڏو وزير پنجاب منجهان سنڌ جي پاڻيءَ بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيئي سگهي ٿو تہ، اسان بہ پنجاب جي ساموندي ڪاروبار واري اچ وڃ کي بند ڪري سگهون ٿا ۽ جيڪڏهن پنجاب جو وڏو وزير اهڙوبيان ڏيئي بہ محب وطن آهي تہ پوءِ اسان بہ چوري ڪانہ ڪئي آهي.

سنڌي ماڻهن کان اجا گذريل سال واري پاڻيءَ جي کوٽ وسري ناهي ان جي پيل اثرن منجهان ئي جان نہ ڇڏائي سگهيا آهن تہ وري سندس مٿان ڪالا باغ ڊيم جي نالي ڪاريهر نانگ اچي کپ کوڙيو آهي. هي ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ جڏهن ١٩٤٥ وارو تاريخي معاهدو موجود آهي ۽ ان ڪان پوءِ سنڌ طاس وار معاهدو بہ اجا پراڻو ڪونہ ٿيو آهي تہ پوءِ آخر مرڪزي سرڪار کي هي حق ڪٿا ٿو پهچي تہ هو سنڌ جي اجازت کان سواءِ سنڌو نديءَ تي ڪوبہ ڊيم يا بي ڪا بہ هٿ چراند ڪري سگهي؟ پوءِ جڏهن وڏن کي ئي پنهنجن معاهدن ۽ ناهن پوري ڪرڻ جو خيال ناهي ۽ سندن دل ۾ نڀڳي آهي تہ، پوءِ ننڍن تي وري پڳ آ ڇا جو هر وقت پيا وڏن جي غلاميءَ ۾ گذاريندا.

هيءَ تاريخي حقيقت آهي تہ پاڻي جي مسئلي جي نبيري لاءِ ايوب خان جي زماني ۾ يعني ١٩٥٥ ۾ هڪ بورڊ ناهيو ويو هو جنهن جو نالو انڊس بيسن ايڊوائزري بورڊ رکيو ويو هو. اها بي ڳالهہ آهي تہ ان بورڊ جي ذريعي ڪهڙيون بدمعاشيون ڪيو ويون انهن جو ڪجهہ تفصيل تہ آءُ پوئتي ڏيئي چڪو آهيان پيهر دهرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي، هن وقت رڳو هي ٻڌائڻو آهي تہ ، ان بورڊ تربيلا ڊيم جي منظوريءَ لاءِ عالمي بئنڪ ڏانهن لهہ وچڙ ڪئي هئي پر عالمي بئنڪ انهيءَ اسڪيم کي رد ڪري ڇڏيو هئو، پر پيهر منظوريءَ لاءِ عالمي بئنڪ کي ٻڌايو ويو هئو تہ انهيءَ ڊيم منجهان سنڌ جي ضرورتن جو خيال رکيو ويندو. نيٺ ان صورتحال کي ڏسي عالمي بئنڪ ان اسڪيم جي منظوري ڏني هئي پر ان ڊيم سان سنڌ کي جيڪو فائدو پهتو اهوبہ دنيا ڏسي چڪي آهي ۽ اڄان بہ ڏسندي.

هن وقت بہ ساڳي صورتحال آهي. چيو ٿو وڃي تہ ڪالاباغ ڊيم منجهان سنڌ کي فائدو رسندو، بجليءَ جي پيداوار وڌندي.

پر سمجهڻ جوڳي ڳالهہ هي آهي تہ جيڪڏهن سنڌ کي فائدي پهچائڻ جو سرڪار کي ايترو اونو آهي تہ پوءِ سنڌ جي پراڻي اسڪيم جيڪا سئو سال پراڻي آهي انتي ڇو نٿو عمل ڪيو وڃي يعني سيوهڻ بئراج جنهن جي سنڌ کي سخت ڳهرج آهي جنهن سان هڪ تہ پاڻي ضايع ٿيڻ کان بچي ويندو جيڪو اجايو عربي سمنڊ ۾ وڃي ٿو پوي ۽ ٻيو تہ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين آباديءَ جي لائق بڻجي پوندي.

باقي رهيو بجليءَ جي واڌاري جو مسئلو، سو تہ سيوهڻ ۾ ڊيم ٺاهڻ سان بہ حل ٿي ويندو.

باقي ايتري پراڻي اسڪيم کي ڇڏي (جنهن جي انگريزن جا مشهور ماهر بہ سخت ضروت محسوس ڪري چڪا هئا) ٻيون نيون اسڪيمون ٺاهڻ، جن تي ڪيترن ماڻهن کي سخت اعتراض آهي، ڪٿان جو انصاف چئبو.

باقي انهن اسڪيمن تي ايترين مخالفتن جي باوجود بہ زور ڏيڻ سان تہ اهوئي ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ انهي پٺيان ڪي خاص مقصد ۽ ارادا آهن جنکي پوري ڪرڻ لاءِ ان ڊيم جو ٺهڻ ضروري سمجهيو ٿو وڃي.

(ماهوار الصادق ڪراچي ۱۹۸۵)

اپريل مئي، جون ۽ ڊسمبر .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽرڪ مڪ ڪلي

وڏا ڊئم: فني ناڪاميءَ جو ثبوت

ڊيم ۽ مسئلا هميشه گڏوگڏ رهيا آهن انهن مان ڪجهه جو واسطو ٽيڪنالاجي سان آهي ته ڪن جو ڳانڍاپو ڊيم ٺاهڻ دوران بي ڌياني سان آهي. بهرحال مسئلا ڊيم جي تعميراتي عمل ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا ۽ منصوبي جي موثر ٿيڻ کي پڻ روڪن ٿا. ان کان سواءِ ڊيم سان لاڳاپيل اقتصاديات تي پڻ برو اثر وجهن ٿا. ڊيم ان ڪري ناڪام ٿين ٿا جو انهن جي فائدي جي ڪٿ انهيءَ منصوبي ٺاهڻ وقت هنيا وڃن ٿا. انجنيئر ۽ سياستدان ڊيمن جي افاديت بابت بيان بنا ڪنهن فني ڄاڻ ۽ انگ اکرن جهڙوڪ ڊيم واري هنڌ جي جيالاجي جي خبرچار، مختلف موسمن ۾ پاڻي جي مقدار جي ڄاڻ ۽ ندي جي پاڻ سان آئيندڙ لٽ جو مقدار وغيره کانسواءِ ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي جو انگ اکر گڏ ڪرڻ وقت منصوبي جي ناڪام ٿيڻ وارن انگ اکرن ۽ شاهدين کي لڪايو ويندو آهي يا صرف منصوبي جي فائدي وارن انگ اکرن جي تشريح ڪئي ويندي آهي. ورلڊ بينڪ جي سوشولاجسٽ مائيڪل سيرينيا ڊيم ٺهڻ واري هنڌ کان ماڻهن کي لڏائڻ بئي هنڌ واري صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته ڊيم جي صنعت ڊيمن جي تعمير مان پئسا ڪمائي ٿي پر عام طرح کاٻه ڪمپني انهنجي ناڪامي جي قيمت ادا نه ٿي ڪري، اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته ڊيمن جي صنعت انهن ڳالهين کان بي نياز آهي ته سندن منصوبه فني ۽ اقتصادي طرح ڪيترا مضبوط آهن.

ڊيم ۽ جيالاجي:

هڪ جيالاجسٽ جي نظر ۾ اها جڳهه هڪ ڊئم ٺاهڻ لاءِ غير مناسب هئي، خبر نه آهي ته اسان جي ڪامورن جي عام فهم کي ڇا ٿي ويو آهي).

(مونٽئينا يونيورسٽيءَ جي رابرٽ ڪَري جا ٽيٽون ڊئم ١٩٧٨ع بابت خيال).

هر اها جڳهه جتي ڊئم ٺهندو آهي، انهيءَ جون جيالاجيءَ سبجيڪٽ جي حوالي سان ڪي مخصوص خاصيتون هونديون آهن. ان ڪري اهو لازمي هوندو آهي ته ڊئم جو تعميراتي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ انهيءَ جڳهه ۽ علائقي جي جيايلاجيڪل سروي ڪئي وڃي. انهي سروي ۾ ڪيترائي پئسا ۽ وقت لڳي سگهي

ٿو. اهو سڀ ڪَجهه ڪرڻ ڪانپوءِ به اهو عين ممڪن آهي ته جيالاجيڪل سروي جا نتيجا انهيءَ جڳهه تي ڊئم ناهڻ جي حق ۾ نه هُجن. انهي رقم ۽ وقت جي خرچ کان بچڻ لاءِ ڊئم ناهيندڙ ڪوشش ڪري، جيالاجيڪل سروي ڪرائڻ بغير ئي ڊئم جي تعمير شروع ڪندا آهن. انهيءَ لاپرواهي جي ڪري ڪيترائي ڊئم ويهي ويا ۽ سندن ترن ۾ وڏيون ڏارون ۽ روٽيون پئجي ويون. ١٩٩٠ ۾ ورلڊ بئنڪ جي ڪرايل هائڊرو پاور ڊئمن جي سروي وارن ۴٩ پراجيڪٽن ۾ ڪونه ڪونه جيالاجيڪل مسئلو لڌو ويو. ورلڊ بئنڪ اِنهيءَ مطالعي کي هيٺين لفظن تي ختم ڪيو ته "هائڊرو ڊئمن ۾ جيالاجيڪل مسئلي جي غير موجودگيءَ واري صورتحال هڪ غير معمولي واقعو آهي".

ري ڪليمشين بيورو اڳ ۾ ئي باخبر هُو ته ٽيٽون نديءَ تي ٺهندڙ ڊئم ۾ جيالاجيڪل مسئلا آهن، جو ته اها ڳالهه کين تڏهن ئي معلوم ٿي هُئي جڏهن هُنن تجرباتي کوٽائي شروع ڪئي. بيورو جي جيلاجسٽ کين ١٩٧٠ع ۾ اڳوات ٻڌايو هُو ته قوت جي ڪري ڊئم مان پاڻي سمندو، پر پوءِ به ان راءِ کي درگذر ڪيو ويو.

جڏهن انهيءَ ڊئم جي ٺيڪيدارن ١٩٧۴ع ۾ بُنياد کوٽڻ شروع ڪيا ته هنن ڊئم واري هنڌ جي اُترئين حصي ڪجهه ڏارون ڏٺيون پر انهي کي نظر انداز ڪيو ويو جو ته هو اڳي ئي پنهنجي شيڊول کان پوئتي هُئا.

نوي فٽن جي اوچائي وارو ٽيٽون ڊيم آڪٽومبر ١٩٧۵ع ۾ ٺهي راس ٿيو جيئن ئي بها رجي مند آئي ته ٽيٽون نديءَ ۾ برف ڳرڻ شروع ٿي ۽ پاڻي ڊئم ۾ گڏ ٿيڻ لڳو. نديءَ ۾ پاڻي هڪ اندازي موجب امير جي حساب سان وڌڻ لڳو ۽ ڊئم ۾ هڪ ڏينهن ۾ ۴ ميٽر پاڻي جي سطح بلند ٿيڻ لڳي. جون ١٩٧٦ع ۾ ڊئم تي ڪم ڪندڙ عملدارن ڏٺو ته ڊئم جي اُترئين پٽ مان پاڻي سمي رهيو هو. ۵ جون تي صبح جو هنن ڏٺو ته باقاعدي هڪ گهارو پئجي چڪو هُئو. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ ته صورتحال ئي ٻي هئي. ڊئم جي اوچي پٽ ۾ هڪ وڏو شگاف پئجي چُڪو هيو.

انهيءَ ٻوڏ ۴،٠٠٠ گهرن ۽ ٣۵٠ ڪاروبارن کي مڪمل مليا ميٽ ڪري ڇڏيو. انڪانسواءِ، ڪيترا هزار هيڪٽر زرعي زمين جو مٿيون تهه بلڪل تبديل ٿي ويو. انهيءَ ٻوڏ اڳوات اطلاعن جي باوجود به ١۴ ماڻهو ماري وڌا. انهي ٻوڏ جي نقصان جو تخمينو اُن وقت هڪ ارب آمريڪي ڊالر لڳايو ويو هُيو. انهيءَ ٻوڏ جي ڪري ايجان به وڌيڪ جاني نقصان ٿئي ها، جيڪڏهن فجر جو ئي ١٢،٠٠٠ ماڻهن کي لڏايو نه وڃي ها.

جرمن، سئز، آمريڪي گڏيل ڪمپني ايل اي ايم آء کي خبر هُئي ته چڪسائي chixoy نديءَ تي ٺهندڙ ڊئم ۾ اڳتي هلي مشڪلاتون ٿي سگهن ٿيون، جو ته انهيءَ هنڌ اڳ ۾ ئي ٻرندڙ جبل موجود هُيا ۽ شروعات واري مطالعي ۾ ڪين اُن لڪا زلزلي جا جهٽڪا پڻ نظر آيا هُئا، پر پوءِ به انهن سڀني ڳالهين کي رد ڪندي گوئٽيمالا جي بجلي پيدا ڪندڙ اداري آء اين ڊي اي کي صلاح ڏني ته هو چڪسائي ندي تي پوئبلوويهو واري هنڌ تي ڊئم ٺاهن. آخر فيبروري ۱۹۷٦ع ۾، انٽر آمريڪن ڊولپمينٽ بئنڪ کان ۱۰۵ ملين آمريڪي ڊالر قرض ورتو ويو ۽ ڪم اڃان شروع ئي ٿيڻ وارو هيو جو گوئٽيمالا ۾ هڪ خطرناڪ زلزلو آيو، جنهن جي ڪري اختيارين وري ٻيهر زلزلي کي مد نظر رکي انهيءَ ڏسيل ڊئم واري هنڌ جو سائنسي مطالعو ڪرايو. انهيءَ مطالعي جي نتيجي ۾ ڊئم جي جوڙ جڪ ۽ نقشي ۾ تبديليون به آنديون ويون. انهيءَ سڄي عرصي ۾ ۱۵ مهينا لڳي ويا ۽ غير مستحڪم معيشت جي ڪري پراجيڪٽ جي ٽوٽل لاڳت ۾ ڏهه سيڪڙو واڌ اچي چُڪي هُئي. مئي ۱۹۷۷ع ۾ الن مُلڪن کان قرض ورتا ويا ۽ چڪسائي ڊئم تي ڪم شروع ڪيو ويو. جرمن، سئز ۽ آمريڪي ڪمپني ايل اي ايم آء کي انهيءَ ڊئم جي انجنيئرنگ حصو جانچڻ لاءِ هڪ وڏي منافعي وارو حصو مليو ته جيئن هو ڊئم جي فني جانچ ڪندا رهن.

جڏهن ڊئم تي ڪم شروع ٿيو ۽ بُنياد پوڻ شروع ٿا ته معلوم ٿيو ته ايل اي ايم آء جو ڪيل مطالعو به اڻ پورو هيو ۽ هيٺ جبل ۾ تمام گهڻا ڏار ۽ اڳ ۾ آيل زلزلي جي ڪري پور لڌا ويا. اهي سڀ ايترا ته گهڻا هُيا جو ڪم کي روڪي ڊئم جي وري نئين سر ڊزائن ٺاهڻي پئي. انهي جو نتيجو اهو نڪتو ته ڊئم جي پت تي ۱۹۷۷ع جي حساب ڪتاب کان ۳۵۰ سيڪڙو وڌيڪ خرچ آيو، ان کان وڌيڪ اها ڳالهه تي ته انهن سڀني تبديلن جي ڪري پاور هائوس ۾ به مُڪيه تبديليون آڻيون پيون، جنهن جي ڪري پاور هائوس جي قيمت به ٻيڻي ٿي ويئي. آخرڪار ڳالهه وڃي اتي پهتي جو پاڻيءَ جي دٻاءَ پيدا ڪرڻ لاءِ ۲۰ ڪلوميٽر ڊگهو چينل به ٻيهر ٺاهڻو پيو جنهن جي ڪري ڊئم جو منصوبو ۱۴ مهينا وري به پوئتي رهجي ويو.

بهرحال چڪسائي ڊئم جولاءِ ۱۹۸۳ع ۾ پاور پيدا ڪرڻ شروع ڪيو پر صرف پنجن مهينن کانپوءِ دٻاءَ لاءِ ٺاهيل چينل ۾ مُکيه خرابيءَ جي ڪري آء اين ڊي اي کي پاور پلانٽ بند ڪرڻو پيو ۽ انکي درست ڪرڻ لاءِ اداري جا ۲ سال ۽ ۵۷ ملين رپيا خرچ ٿيا، اها رقم ورلڊ بئنڪ کان قرض طور ورتي وئي. چڪسائي پاور

هائوس جا ٦٠ ٽربائين اپريل ١٩٨٦ تائين هلي نہ سگهيا. ١٩٧٤ع ۾ ايل اي ايم آءِ ڪاٿــو لڳايو هو تہ ڊيم تي ٢٧٠ ملين آمــريڪــي ڊالر خرچ ايندو پر ١٩٨٨ع تائين انهي تي ٩٤٤ ملين آمريڪي ڊالر خرچ اچي چُڪو هُيو.

اهڙي طرح ٩٠ ميگاواٽ اوچايا هائڊرو پاور هائوس سان بہ اهڙئي قسم جو مسئلو درپيش آيو. اهو منصوبو گوئٽي مالاجي ڏاکڻي حصي ۾ شروع ٿيو هُيو. انهي منصوبي ۾ ٺيڪيدارن کي جبل جي پرسان تعمير ڪرڻ وقت تمام هيٺ بُنياد وجهڻا هُيا پر هنن ائين نہ ڪيو. جڏهن پاڻيءَ جو دٻاءُ ٽربائن ڏانهن ويندڙ چئنل ڏانهن ويو تہ اهو ٽٽي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ پاور هائوس ڪنهن ڪم جو نہ رهيو. ٺهڻ وقت ئي اُن ۾ پاڻي پرجي ويو. جنهن جي ڪري جيتري عرصي ۾ انهيءَ کي ٺهڻو هُيو ان کان وڌيڪ وقت لڳي ويو ۽ قيمت جيڪا ١٠٠ ملين آمريڪي ڊالر چئي ويئي هُئي انهيءَ ۾ بہ ٨٣ سيڪڙو اضافو آيو. انهيءَ ڊيم جو ٻيو ٽربائن تہ چڻ شروع کان هيو ئي نہ، نتيجي ۾ ڊيم ٢/٣ جي حساب سان ڪم ڪري رهيو آهي.

(هائيڊرو لاجي) جو سياسي استعمال Political Hydrology

(ڊيم ٺيڪ آهي، پر مسئلو پاڻي آهي)

(پال بئڪ، چيف ٽڪنيڪل ڊائريڪٽر، سر اليگزينڊر گب ۽ پارٽنرس جا ١٩٩٤ ۾ وڪٽوريا ڊيم، سري لنڪا جي ناقص ڪارڪردگيءَ تي بحث ڪندي چيل لفظ)

جيئن ڊيم اڏيندڙ جيالاجيءَ کي نظر انداز ڪندا آيا آهن، تيئن اهي شروع کان پاڻي جي انگن اکرن کي بہ غور هيٺ نہ آڻندا آهن. جو تہ ڊيم ۾ پاڻي يا سوڪ جو دارو مدار قدرت تي آهي تہ انهيءَ کي پري ڇڏي يا انهيءَ ۾ واري آڏاري. پاڻيءَ جي ماهرن جو اڳ ڪٿيون گهڻو ڪري اڳ ۾ ورتل انگن اکرن تي ٻڌل هونديون آهن. پر اهي ڪابہ ڳالهہ خاطر خواهہ ۽ اعتماد سان نٿا چئي سگهن. ڇو تہ هڪ عقلي اندازو لڳائڻ لاءِ بہ توهان کي سوَ سالن جا انگ اکر گهرجن. ڪڏهن ڪڏهن ٥٠ سال ساڳيا انگ ملي سگهن ٿا تہ ڏهن سالن ۾ بہ تبديلي اچي سگهي ٿي. انڪانسواءِ موسمي تبديلين ۽ برساتن کي بہ نظر ۾ رکڻو آهي. هاڻي تہ گرمي پد ۾ بين الاقوامي واڌ جي ڪري انهن نڪتن کي ذهن ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي.

ضرورت تہ انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ دُرست اندازي لڳائڻ لاءِ موسمي، مهيني وار ۽ ڏهاڙي انگ اکر هجن. پر ندين جي وهڪري بابت پروسي وارا انگ اکر گڏ ڪرڻ هڪ مهانگو ۽ ڏکيو عمل آهي. جيڪڏهن اهڙا انگ اکر موجود نہ آهن تہ پوءِ

ڊئم تعمير ڪندڙن کي هڪ ڊگهي عرصي تائين انتظار ڪري هڪ ٽائيم سيريز ٺاهڻي پوندي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته پاڻي جا ماهر پاڻيءَ جي وهڪري جو اندازو برسات جي انگن اکرن مان لڳائيندا آهن. جيڪو هڪ سُٺو ۽ عام طريقو آهي پر انهي طريقي ۾ به ڪافي پيچيد گيون آهن جو ته اهي انگ اکر به وري ٻين اندازن سان واسطو رکن ٿا جيئن برسات جو پوڻ، برسات جي پاڻي جو وهي وڃڻ، پاڻي جو ٻاڦ ٿي وڃڻ ۽ زمين ۾ جذب ٿي وڃڻ وغيره.

خاص ته واريا سي باراني علائقن ته سالن جي پروسي وارا انگ اکر به ڪم جا نه ٿيندا آهن، جن جي بُنياد تي توهان مستقبل بابت اڳ ڪٿيون ڪري سگهو. انهيءَ صورتحال جي وضاحت جاگرافيءَ جي ماهر وليم ائڊم هن ريت ڪئي آهي.

”ڪو جيڪڏهن واريا سي ۽ بياباني علائقن جي صورتحال کي علام علائقن سان ڀيٽي ٿو ته انهيءَ تي صرف ڪل ئي اچي سگهي ٿي ڇو ته اهو هڪ ڇتڪو عمل آهي. عام رواجي برسات جو اندازو سراسري برسات جي بُنياد تي هنيو ويندو آهي. اهو طريقو شايد عام علائقن لاءِ ته بهتر هُجي پر واريا سي علائقن ۽ بياني پرکڻن لاءِ نا مناسب آهي. انهيءَ جي مدد سان توهان آفريڪا ۾ منصوبا بندي نٿا ڪري سگهو. ڪمپيوٽر جي مدد سان ٺاهيل خيالي صورتحال هڪ رٿا بندي ڪندڙ کي ته مدد ڏئي سگهي ٿي پر ان سان آفريڪا جي ماحول ۾ منصوبا بندي نٿي ٿي سگهي“.

پروسي وارن انگ اکرن جي کوٽ ڊئم ٺاهيندڙ کي ڊئم ٺاهڻ کان نه ٿي روڪي ۽ هو چند ڏهاڪن جي انگن اکرن تي عمل ڪندي ڊئم ٺاهڻ شروع ڪندا آهن. هو اڪثر ڪري عمل ڪري پوءِ چڱائي جي اميد ڪندا آهن ته اهو ڊئم گهربل نتيجا ڏيندو. جڏهن هو غلطي ڪندا آهن ته پوءِ ساليانې وهڪري کي گهٽو ڪري ٻڌائيندا آهن ۽ وڌين پوڻن کي گهٽ ڪري ڳڻائيندا آهن.

ساليانې سراسري پاڻيءَ کي حد کان وڌيڪ گهٽو ڪري ٻڌائڻ جي ڏس ۾ اهو ڏٺو ويو آهي ته ڊئم ايترو پاور پيدا نٿا ڪن جيترو اُنهن مان توقع ڪئي ويندي آهي، ١٩٥٠ع جي آخر ۾ جنرل فرانڪو جي دور ۾ ٽئگس ۽ گئڊيلا ندين تي ڊئم ٺاهيو ويو. پر انهيءَ پنهنجي صلاحيت ۽ سگهه جيترو پاور پيدا نه ڪيو. ١٩٩٤ع ۾ انهيءَ جي سگهه، ١٧ سيڪڙو ئي رهي.

هڪ ١٩٧٧ع ۾ ٺهيل سَريوناڪاسن ڊئم ڪڏهن به پاڻي سان ڀرجي نه سگهيو ڇو ته پاڻيءَ جي ماهرن ڊئم ٺاهڻ دوران برسات بابت جيڪو سراسريءَ بُنياد تي اندازو هنيو هيو، اوتري برسات نه پئجي سگهي. ١٩٩١ع دوران اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال ٿائي لينڊ جي ۲۵ وڏن ڊئمن سان آهي حالت لاڳو ٿئي ٿي ۽ ٻي سال انهن ۾ ۲/۳ حصو پاڻي به نه هيو. اهڙي طرح ٿائيلينڊ جا به ٻيا پول ۽ سري ڪٽ ڊئم جن جي ٺهڻ ۾ ورلڊ بئنڪ مدد ڪئي هئي، انهن ۾ مارچ ۱۹۹۴ع دوران صرف سندن سگهه جو ۷ سيڪڙو پاڻي ٿي موجود هيو.

۱۹۹۳ع ۾ ورلڊ بئنڪ سان لاڳاپيل ٻن ماهرن ائڊورڊ مئسن ۽ رابرٽ ايشر، جن جو واسطو بروڪنگس انسٽيٽيوٽ سان آهي، ٻڌايو ته:

”پنگ نديءَ جي بجلي پيدا ڪندڙ صلاحيت ڪي ٻيا پول ڊئم ناهيندڙ اختياريءَ، انگن اکرن ڪي وڌائي ٻڌايو هيو ته ڊئم جي صلاحيت زراعت ۾ هٿي ڏيڻ ۽ ٻين سيني اهڙن عمل جي جانچ رکي ڊئم ٺاهڻ جو اقتصادي جواز ڏنو وڃي“.

۱۹۲۲ع ۾ ڪولوراڊو نديءَ تي پاڻيءَ جي حق تي رهواسي اتر ۽ ڏکڻ ۾ ورهائجي ويا. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهيءَ جي ڪري ئي هوور ڊئم لاءِ ماحول ساز ڪار ٿيو. انهيءَ ڊيم لاءِ ڪاغذ پٽ تيار ڪندڙن ٻڌايو ته نديءَ ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو سراسري طرح ۱۷.۵ ملين ايڪڙ فوٽ آهي. (هڪ ايڪڙ فوٽ معنيٰ پاڻيءَ جو اهو مقدار جيڪو هڪ ايڪڙ کي ريج ڪري سگهي).

۱۹۵۰ع ۾ اها ڳالهه واضع ٿي آئي ته هن صديءَ جي ٻن ڏهاڪن ۱۹۵۲ - ۱۹۳۲ع تائين ڪولوراڊو نديءَ ۾ پاڻي سراسري طرح ۱۱.۷ ملين ايڪڙ رهيو. پر پوءِ به پاڻي جي اختياريءَ واري اداري افسوس ڪرڻ بجاءِ ڪانگريس کي وڌيڪ فنڊن لاءِ گذارش ڪئي. بهرحال ۱۹۶۵ع تائين پاڻيءَ جي اختياريءَ وارو ادارو، پاڻيءَ جي انهيءَ کوٽ کي نظر انداز ڪندو رهيو ۽ پوءِ ٻڌائيائين ته پاڻي هن وقت ۱۵ ملين ايڪڙ فوٽ آهي. اها ڳالهه هندستان جي سردار سروور ڊئم سان مشابهت رکي ٿي. جتي به بالا اختياري، ڊيم جي متاثر ٿيندڙن جو موقف رد ڪندي، سراسري ڪٽ لڳائي منصوبو ناهيو هيو. سردار سرور ڊئم ٺاهيندڙ ۱۹۷۰ع ۾ ٻڌايو ته هر ۴ سالن مان ٽن سالن دوران ۲۷ ملين ايڪڙ پاڻي هيٺ نرمدا ڏانهن وهي وڃي ٿو. ۱۹۹۰ع ۾ جاري ٿيل انگر اکر ٻڌائن ٿا ته ۴۲ سالن ۾ هر چئن سالن مان ٽي سال ۲۲.۷ ملين ايڪڙ پاڻي هيٺ وڃي ٿو. پر تازا انگ اکر ته ٻڌائن ٿا ته اهو وهڪرو اڃان به گهٽ آهي.

انڊيا جي پاڻيءَ بابت مرڪزي ڪميشن اها ڳالهه مڃي ٿي ته نربدا ڏانهن پاڻيءَ جو وهڪرو ڄاڻايل وهڪري کان گهٽ هيو. پر پوءِ اها نندو ڊئم ٺاهڻ جي بجاءِ انهيءَ ڊئم ٺاهڻ جي حق ۾ آهي، جنهن جي ڪري لکين ماڻهو دربدر ٿيندا.

لٽ ۽ ڊئم

(اسين پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ڊئم ناهيون ٿا. جن کي هلائڻ لاءِ حقيقت ۾ اسين پنهنجو ماتريون ۽ ڪارخانا گروي رکون ٿا. پر پوءِ به اهي وقت گذرڻ سان پاڻي ۽ لٽ گڏ ڪندا ٿا رهن آخر ڪار انهن جو ڪردار اسان جي خوشحاليءَ ۾ محدود ٿي ٿو وڃي).

ايڊلولئو پولڊ، دي ورجن سائوٿ ويسٽ، ۱۹۳۳ع

هر ندي پاڻيءَ سان گڏ لٽ به پاڻ سان آڻيندي آهي. عام صورتحال ۾ ته اهو لٽ پاڻيءَ سان گڏ هيٺ ماتريءَ ۾ وهي ويندو آهي پر ڊئم ناهي جڏهن نديءَ جي پاڻيءَ کي روڪيو ويندو آهي لٽ ڊئم جي تري ۾ گڏ ٿيڻ لڳندو آهي. جنهن کي انگريزيءَ ۾ Trap Effciency of Dam چئبو آهي. يعني ڊئم ڪيترو لٽ پاڻ وٽ ڦاسائي يا روڪي ٿو. ڪن ڊئمن ۾ ته اها خاصيت ۱۰۰ سيڪڙو هوندي آهي. گذريل ٦ ڏهاڪن جي تحقيق ثابت ڪيو آهي ته ڊئم جي لاءِ لٽ سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ آهي.

پروفيسر خالد محمود، جارج واشنگٽن يونيورسٽي ڊسٽرڪٽ ڪولمبيا واشنگٽن، ورلڊ بينڪ طرفان ڊئمن ۾ لٽ بابت هڪ مطالعو ڪندي ۱۹۸۷ع ۾ ٻڌايو ته سڄي دنيا جي ۱،۱۰۰ ڊئمن ۾ لٽ گڏ ٿيڻ جي صورتحال هر مُلڪ ۽ علائقي ۾ مختلف آهي پر اها گهڻو ڪري نديءَ جي پاڻيءَ ۾ موجود لٽ ۽ ڊئم جي سائيز تي دارو مدار رکي ٿي. آمريڪا جا وڏا ڊئم لٽ جي ڪري هر سال سراسري طرح 0.2 سيڪڙو پاڻي گڏ ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي رهيا آهن. پئسفڪ ڊيمن ۾، لٽ گڏ ٿيڻ جا انگ اکر 0.5 سيڪڙو آهن. سڀ کان وڏو مسئلو چين ۾ آهي جتي هر سال 2.3 سيڪڙو جي حساب سان ڊئم پاڻي گڏ ڪرڻ جي سگهه وڃائي رهيا آهن.

انڪانسواءِ لٽ مشين آپريشن لاءِ به مٽي جو سور آهي ڇو ته لٽ ۽ واري ٽربائين جي بليڊن جي ڪارڪردگيءَ تي اثر انداز ٿي ٿئي. جنهن جي ڪري انهن بليڊن جي ڦرن جي رفتار رُڪجي ۽ گهٽجي وڃي ٿي. ٽربائين جا بليڊ، ٽربائين هلائڻ لاءِ ايترا اهم آهن، جيترا جهاز کي اڏارڻ لاءِ سندس پر. ٽربائين جي بليڊن جي مرمت تي ڳرو خرچ اچي ٿو ڇو ته ان کي بند ڪري صفائي ڪرڻي پوي ٿي جنهن جي ڪري ڊئم جي مجموعي ڪارڪردگي گهٽجي ٿي.

دنيا جي سڀ کان وڏيڪ لٽ واري ندي ڦڪي Yellowندي آهي، اها

اترئين مرڪزي چين ۾ موجود آهي. انهيءَ ۾ لٽ جو مقدار عام ندي. جي پيٽ ۾ ٩ ڀيرا وڌيڪ آهي. زمين جي ماهر سائنسدان ڊينيل جي. هليل ڦڪي نديءَ لاءِ چوندو آهي ته "اها صابڻ جو گهاٽو ڳار آهي".

سئنمينڪسيا ڊئم ١٩٥٧ع ۾ ڦڪي نديءَ جي ٻوڇڙ تي، اڳوڻي سوويت يونين جي فني مدد سان تعمير ڪيو ويو. ان وقت جي چيني ماهرن انهيءَ ڊئم جي انهيءَ بُنياد تي مخالفت ڪئي ته ندي پاڻ سان گڏ لٽ ڪٽي اچي ٿي. جيڪو عمل ڪُجهه عرصي ۾ ڊئم جي صلاحيت تي وڏي پئماني تي اثر انداز ٿيندو. پر سندن دليلن کي وزن ڏيڻ بجاءِ ڪميونسٽ سرڪار کين "ساڄي ڌر" جو قرار ڏيندي خاموش ڪرائي ڇڏيو. هوڏانهن ٽن سالن جي عرصي يعني ١٩٦٠ع ۾ ٥٠ بلين ٽن لٽ نديءَ جي پيٽ ۾ انهيءَ ڊئم جي رڪاوٽ جي ڪري گڏ ٿي چڪي هئي انهيءَ ڪري نديءَ جي مهڙ وٽ آتل اچڻ ڪري قديم شهر زيان ٻڏڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو، جڏهن مائوزيتنگ کي زيان شهر جي ٻڏڻ بابت ٻڌايو ويو ته هن چيو ته جيڪڏهن ڪُجهه ٿئا ڪري سگهي ته ڊئم کي بم هڻي تباهه ڪري ڇڏيو. بهرحال ١٩٦٢ع ۽ ١٩٧٣ع ۾ ڊئم جي بُنيادي جوڙ جڪ ۾ اهڙيون تبديليون ڪيون ويون جو لٽ وهي وڃي. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ اها تبديلي آندي ويئي جو جولاءِ ۽ آڪٽومبر ۾ پاڻي کي نه روڪيو وڃي جو ته انهيءَ وقت ڦڪي ندي ۾ ٻوڏ واري صورتحال هوندي آهي ۽ ساڳي وقت اها پاڻ سان تمام گهڻو لٽ پڻ آڻيندي آهي. بهرحال پوءِ به ٤٠ سيڪڙو، لٽ گڏ ٿيڻ جي ڪري ڊئم پنهنجي صلاحيت وڃائي چڪو آهي. صرف ٢٥٠ ميگاواٽ جي ڪري، انهيءَ ڊيم، ٻوڏ ذريعي دنيا جي زرخيز زمين جا ٦٦،٠٠٠ هيڪٽر زمين پاڻي هيٺ آندي ۽ ٤١٠،٠٠٠ ماڻهو دربدر ٿيا. چين ته سينمينڪسيا جو تجربو واري ساڳي ڦڪي نديءَ تي ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ ورجايو.

٥٧ ميٽر اوچو ينگ سوڪسيا ڊئم ناهيو ته ويو پر تعمير مڪمل ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي لٽ جي ڪري انهيءَ جي پاڻي گڏ ڪرڻ جي صلاحيت ٣/١ تي چُڪي هئي. ١٩٦٦ع تائين انهي جو پيٽ ٿي حصا لٽ جو شڪار ٿي چُڪو هيو. ١٩٦٧ع ۾ ته لٽ جي ڪري ڊئم ۾ پيٽ ڀلهي چُڪو هيو. جنهن جي ڪري هاڻي پاڻي جا به وهڪرا ٿي پيا آهن.

لٽ جو سفر

ڪنهن به نديءَ تي ڊئم جي رٿابندي ڪرڻ کان اڳ نديءَ جي لٽ جو مطالعو ڪيو وڃي. انهيءَ بابت مڪمل انگ اکر ڪڏهن ڪيا وڃن ته اها پاڻيءَ سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتري لٽ آڻي ٿي. لٽ بابت انگ اکر گڏ ڪرڻ هڪ ڏکيو ۽ مهانگو ڪم آهي، جو تہ پاڻيءَ جي وهڪري بابت تہ سولائي سان انگ اکر معلوم ڪري سگهجن ٿا پر لٽ بابت ائين ڪري نٿو سگهجي. هن وقت بہ دنيا جي ندين بابت ڪي بہ ڀروسي وارا انگ اکر موجود نہ آهن تہ اهي ساليانو ڪيترو لٽ پاڻ سان آڻن ٿيون. ڊيم جي ماهر محمود موجب، جنهن نديءَ تي ڊيم ٺهي ٿو، ان جي لٽ بابت انگ اکر ڊيم جي تصور ڪيل عمر جي اڌ سالن جيترا هُجڻ گهرجن. حالانڪہ اهڙا انگ اکر گڏ ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. جيڪي نديون وارياسي علائقا ٽپي سمنڊ ۾ ڇوڙڪن ٿيون انهن ۾ لٽ ٻين ندين کان گهٽو هوندي آهي.

ٻوڏ واري عرصي ۾ ندين ۾ لٽ پنهنجي عروج تي هوندو آهي. مثال طور آمريڪا ۾ سڄي سال جي اڌ جيترو لٽ صرف ٻوڏ وارن ۵ کان ۱۰ ڏينهن ۾ ندي پاڻ سان گڏ آڻيندي آهي. انڪانسواءِ، طوفان، مٽيءَ جا تودا، ۽ ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ ۽ بين الاقوامي گرمي پد ۾ واڌ جي ڪري بہ اچانڪ نديون پاڻ سان گڏ عام صورتحال کان وڌيڪ لٽ آڻي سگهن ٿيون ۽ ان صورتحال جو ڪوبہ اڳواٽ اندازو نٿو لڳائي سگهجي.

جولاءِ ۱۹۹۳ع ۾ نيپال جي ڪل خاني ڊيم جو ۱/۱۰ حصو ڪٽجي چڪو هُيو جو تہ نديءَ جي جابلو حصي ۾ ۳۰ ڪلاڪن هلندڙ طوفان جي ڪري، لٽ وهي آيو هئو. انهيءَ ڊيم بابت اها اڳڪٿي ڪئي ٿي وئي تہ انهيءَ جي تري ۾ اجان بہ لٽ جمع ٿيندي، جو تہ اڳ آيل طوفان نديءَ جي گهٽن ۽ گهيڙن ڪي لٽ سان ڀري ڇڏيو آهي ۽ ڪوبہ تيز وهڪرو انهيءَ کي هيٺ ڪٽي اچي ڊيم جي تري ۾ اڇلائيندو. هڪ اندازي موجب ايندڙ صديءَ تائين اهو ڊيم ۱۱۴ ميٽر اوچي لٽ گڏ ٿيڻ جي ڪري ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهندو. بهرحال ۱۹۸۱ع ۾ جڏهن اهو ٺهي مڪمل ٿيو تہ انهيءَ جي عمر لاءِ ٻڌايو ويو تہ سندس زندگي ۱۰۰-۷۵ سال هوندي!.

انهيءَ غير يقيني واري صورتحال ڪانپوءِ بہ ڊيم ٺاهيندڙ ڊيم جي عمر ۽ ڪارڪردگيءَ بابت خوشفهميءَ جو شڪار آهن ۱۹۷۰ع ۽ ۱۹۸۰ ۾ ڇي زاءِ ڊيم ڊيم ورلڊ بئنڪ ۽ انٽر آمريڪن ڊولپمينٽ بئنڪ جي قرض سان ٺهيل سينٽرل آمريڪا جو اهم ڊيم هيو پر لٽ جي ڪري خاطر خواهہ نتيجا نہ نڪتا. اهڙي طرح، هونڊرس ۽ ڪوسٽاريڪا بہ وڏي ڊيم جي ڪري بين الاقوامي مالياتي ادارن جا قرضي ٿيا پيا.

اڄ لٽ دنيا جي سڀني وڏن ڊيمن جو مسئلو آهي. يو ايس آرمي ڪارپس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انجنيئرنگ جي هڪ ٽيم ١٩٩٣ع ۾ ايل سلواڊور جي ١٢٥ ميگاواٽ پاور پيدا ڪندڙ سيران گرئنڊ جو مطالعو ڪيو ۽ ٻڌايو ته لٽ جي ڪري انهيءَ جي عمر هاڻي ٣٠ سال هوندي، حالانڪه، ڊئم تعمير ڪندڙن ٻڌايو هيو ته انهيءَ جي متوقع عمر ٣٥٠ سال هوندي.

انڊيا جا پنهجا انگ اکر سندن ١١ ڊئمن بابت ٻڌائن ٿا ته سندن ڊئم هڪ عام اندازي کان به وڌيڪ لٽ جي ڪري، متوقع صلاحيت وڃائي رهيا آهن. مثال طور ڀڪرا ڊئم ۾ لٽ، ١٣٠ سيڪڙو ٿي ويو آهي، جيڪو ڊئم ٺاهڻ وقت واري اندازي کان تمام گهٽو آهي. ساڳي طرح نظام ساگر نالي ڊئم، جيڪو آندرا پرديش ۾ آهي انهيءَ ۾ ١،٦٥٠ سيڪڙو لٽ پئجي رهيو آهي.

١٩٩٠ع ۾ قدرتي ڏندين ۽ ڊورن بابت ورلڊ بئنڪ هڪ مطالعاتي رپورٽ جاري ڪئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته، انڊيا ۾ لٽ ۽ پاڻي سان گڏ ايندڙ واري، مٽي ۽ ٻئي گند گاهه جي ڪري انڊيا جا ڊئم تيزيءَ سان ڀرجي رهيا آهن. هاڻي اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته ندين جي لٽ بابت انگ اکر هڪ ته فرضي ۽ ڪچا هيا ٻيو ته جيتري عرصي لاءِ انگ اکر گهربل هجن ٿا، انهيءَ عرصي لاءِ انگ اکر گڏ نٿا ڪيا وڃن. اڄ ڪلهه جديد ڊئم اهڙي طرح ٺاهيا وڃن ٿا جو لٽ جي ڪري سندن صلاحيت گهٽو متاثر نه ٿئي. اهي جديد ڊئم هڪ ٽيڪنڪ استعمال ڪن ٿا، جنهن کي هو پنهنجي فني ٻوليءَ ۾ "ڊيڊ اسٽوريج" جو نالو ڏين ٿا. اصل ۾ ڊئم جي ڪجهه حصي کي اهو نالو ڏنو ويجي ٿو. انهيءَ ٽيڪنيڪ تحت ڊئم جي سڀ کان هيٺائين چوڙ واري گيٽ وٽ، اهو ٺاهيو ويجي ٿو ته جيئن وهڪري ڪري لٽ اتي گڏ ٿيندو رهي ۽ باقي ٻين گيٽن تي لٽ جو اثر نه ٿئي. پر ٿئي ائين ٿو ته، "ڊيڊ اسٽوريج" جي بجاءِ لٽ ڊئم جي باقي حصي ۾ به گڏ ٿئي ٿي جنهن کي فني ٻوليءَ ۾ "ليو اسٽور" چون ٿا ۽ اهڙي طرح ڊئم جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيت متاثر ٿئي ٿي. مثال طور پاڪستان جي تربيلا ڊئم جو ١٢ سيڪڙو "ليو اسٽوريج" به لٽ جي ڪري ڀرجي چڪو آهي، جنهن جي عمر اڃان ١٨ سال مس ٿي آهي. هو ڏانهن ٥٥ سيڪڙو "ڊيڊ اسٽوريج" اڃان خالي پيو آهي. سچو مسئلو اهو آهي ته هر ڊئم ۾ لٽ گڏ ٿيڻ جي رفتار ۽ مقدار مختلف آهي ۽ انهيءَ لاءِ ڪا به اڳ ڪٿي نٿي ڪري سگهجي.

عام طرح اهو لٽ جنهن ۾ پٿر ۽ نهريون شيون هونديون آهن اهو لٽ ڊئم جي اترئين طرف گڏ ٿيڻ شروع ٿيندو آهي، جنهن کي فني ٻوليءَ جي "بئڪ واٽر" ڊيلٽا چوندا آهن. جيڪا آهستي آهستي ڊئم طرف وڌڻ شروع ٿيندي آهي. ١٩٨٣ع

۾ تربيلا ڊئم جي ”بئڪ واٽر“ ڊيلٽا ١٩ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هُئي پر ڊئم ناهڻ وقت ماهرن اهو اندازو لڳايو هيو تہ اها ڊئم کان ٤٨ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ٺهڻ کپندي. خبر ١٩٩١ع جي رپورٽ موجب انهيءَ ڊيلٽا جو پيڇڙو ڊئم کان صرف ١٤ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

جيالاجيءَ ڪي رجحان

ڊئمن ۾ لٽ گڏ ٿيڻ کان بچاءَ لاءِ ڊئم - صنعت گهڻيون ئي ڪوششون ڪري رهي آهي. پر اهي سڀ مهانگيون ۽ ڪن حالتن ۾ تہ گهربل نتيجن کان وانجهيل آهن. هن وقت ٻي ٽيڪنڪ عمل هيٺ آهن: هڪ تہ لٽ کي سري کان ڊيم ۾ گهڻي داخل ٿيڻ ڏجي، ٻيو تہ لٽ کي وقفي وقفي سان خارج ڪندو رهجي ۽ ٽيومشين ذريعي ڊئم جي پيٽ مان لٽ ڪڍيو وڃي.

اڄ ڪلهہ هڪ ٻيو طريقو بہ عمل هيٺ آهي، جنهن تحت نديءَ جي ڪنارن تي وڻڪاري ڪئي ٿي وڃي تہ جيئن وڻن جو پاڙون مٽيءَ کي مضبوط جهلن ۽ روڪي بيهن ۽ برساتن وغيره جي ڪري لٽ نديءَ ڊئم سمنڊ ۾ گڏ نہ ٿئي، پر جڏهن اهڙيون ڪوششون بہ ورتيون ويون تہ ندين جي ڪنارن تي آباد ماڻهو مخالفت ڪن ٿا ۽ جو لٽ تہ وڻڪاريءَ سبب سندن زمينون هليون ونديون جيڪي وڻن اڳ ۾ ئي گهٽ آهن، پوءِ هو گذران لاءِ کيتي باڙي بہ نہ ڪري سگهندا.

پر خالد محمود ٻڌائي ٿو تہ ”ندين ۾ لٽ کي روڪڻ لاءِ وڻڪاري سان گهربل اقتصادي يا انجنيئرنگ نتيجا نٿا نڪري سگهن. ڇو تہ ندين ۾ ڪنارن جي مٽي، واري ۽ گند گاهہ کان علاوه جنهن ماٿريءَ مان ندي گذري ٿي، انهي جا تهہ، جابلو گهيڙن جي ڪور بہ ندي ٻاڻ سان گڏ تيز وهڪري جي ڪري لٽ ڪري آڻيندي آهي، جنهن کي روڪي نٿو سگهجي“.

ڊئم جا دروازا کولي لٽ کي خارج ڪرڻ

هن ٽيڪنڪ جي ذريعي، ٻوڏ واري صورتحال ۾ دروازا کوليا ويندا آهن تہ جيئن لٽ ڊئم جي تري ۾ ويهڻ بجاءِ پاڻي جي تيز وهڪري سان خارج ٿي وڃي. هن ٽيڪنڪ جي ذريعي لٽ خارج تہ ڪري سگهجي ٿي پر عمل ۾ ڪاميابي تمام گهٽ آهي. هي عمل صرف ٿو آسوان ڊئم ۾ ڪاميابيءَ سان لاڳو ٿيو آهي. پر هن عمل جي ڪري ڊئم ٺاهڻ وارن بُنيادي مقصدن سان ٽڪراءُ بہ اچجي ٿو. هڪ تہ ڊئم ٻوڏ واري عرصي ۾ پاڻي گڏ ڪندو پر هن ٽيڪنڪ تحت تہ ٻوڏ واري عرصي ۾ دروازو کولڻو آهي تہ جيئن پاڻي پاڻ سان گڏ لٽ ڪڍي وڃي ائين ڪرڻ سان ڊئم

جو هڪ پيو مقصد بہ بُري طرح متاثر ٿئي ٿو. اهو آهي پاور پيدا ڪرڻ. ڊئم جا گيٽ کولڻ ڪري پاڻي جي سطح بلڪل گهٽجي ويندي آهي، جنهن جي ڪري ٽربائين جي ڪارڪردگي متاثر ٿيندي آهي ۽ پاور گهٽ پيدا ٿيندو آهي. دريون کولڻ وارو طريقو صرف ننڍن ڊئمن لاءِ ڪارگر آهي. انڪانسواءِ، هڪ ٻي ٽيڪنڪ بہ عمل هيٺ آهي، جنهن کي فني ٻوليءَ ۾ ڊئم تعمير ڪندڙ "فلشنگ طريقو" چون ٿا. جنهن تحت ڊئم جي شروع ۾ گَدُ ٺيل لٽ کي خارج ڪيو ويندو آهي، هن طريقي تحت پاڻيءَ جي تيز وهڪري کي وجهڻ ڏنو ويندو آهي. جيئن هو پاڻ سان گَدُ لٽ بہ کڻي وڃي. هن طريقي تحت ڊئم مان خارج ٿيندڙ وهڪري ۽ نديءَ جي پنهنجي وهڪري کي ۾ برابري هجڻ ضروري آهي، پر پوءِ گهربل نتيجا نٿا نڪرن جو تہ هن طريقي تحت بہ لٽ جيڪو ڊئم جي تري ۾ ڄمي تهہ ٿاهي چڪو آهي اهو نٿو نڪري.

باقي هڪ طريقو وڃي رهي ٿو، اهو آهي مشين جي ذريعي ڊئم مان لٽ ڪڍڻ. اهو طريقو تمام مهانگو ۽ وقت طلب آهي. محمود مطابق ۱۹۸۷ع ۾ انهيءَ طريقي هيٺ ڊئم مان لٽ ڪڍڻ جي قيمت في ڪيوبڪ ميٽر ۲ کان ۳ آمريڪي ڊالر هئي. اها قيمت ڪنهن نئين ڊئم ۾ ايتري مقدار ۾ پاڻي گَدُ ڪرڻ جي قيمت کان ۲۰ دفعا وڌيڪ آهي. انڪانسواءِ، اربين ڪيوبڪ فوٽ مٽي کي پيڙين ذريعي ڊئم جي ڪپن تي آڻن ۽ اُتان ٽرڪن ذريعي ڪنهن هنڌ وڃي ڦٽو ڪرڻ بہ هڪ قيمت گهرندڙ ۽ وقت طلبيندڙ معاملو آهي.

محمود جي ڪاٿي موجب، هڪ سال ۾ جيڪا لٽ تربيلا ڊئم ۾ گَدُ ٿئي ٿي. انهيءَ کي ڪڍڻ لاءِ ۴۰۰ کان ۶۰۰ ملين آمريڪي ڊالر گهرجن. انڪانسواءِ سڄي دنيا جي ڊئمن کي مان لٽ ڪڍڻ لاءِ، جيڪو هر سال جمع ٿيندي رهي ٿو. ۱۰۰ کان ۱۵۰ بلين آمريڪي ڊالر گهرجن.

ڊئم زلزلن جو سبب پڻ بنجن ٿا. عام ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کان بي خبر آهن تہ ڊئمن جي ڪري زلزلا اچن ٿا. انهيءَ حالت کي فني ٻوليءَ ۾ رزر وائر انڊيوزڊ سئسمسٽي يعني ڊئم جي ڪري ڌر تي ۾ چُر پُر اچڻ سڏبو آهي. سڀ کان پهريان، اها چُرپُر ۱۹۳۲ ۾ الجيريا جي ڪئڊ فوڊا ڊئم ۾ نوٽ ڪئي ويئي. انهيءَ کانپوءِ ۱۹۴۰ع ۾ هو ور ڊئم لاءِ هڪ وسيع مطالعو ڪيو ويو تہ ڊئمن ۽ زلزلن جي وچ ۾ ڪهڙو ڳانڍاپو آهي، جنهن ۾ ڊئم جي اونهائي کي بہ نظر ۾ رکيو ويو. اڄڪلهہ ۷۰ ڊئمن بابت انگ اکر موجود آهن، جنهن جي ڪري زلزلا آيا آهن. اها ڳالهہ مڃي ٿي وڃي تہ انڊين پٽيءَ ۾ ۱۹۸۰ع ۾ آيل ۹ زلزلن مان ۴ جو سبب وڏا ڊئم هيا. اها

زلزلا ايترا تہ زوردار هُيا جو ڪافي نقصان ٿيو هيو. پر پوءِ بہ اهو اندازو نٿو لڳائي سگهجي تہ ڪهڙي ڊئم جي ڪري ڪيترو ۽ ڪهڙي وقت زلزلو ايندو. پر پوءِ بہ اها ڳالهہ پڪ سان چئي وجي ٿي تہ اهي ڊئم جن جي اوچائي ۱۰۰ فوٽن ڪان مٿي آهي، زلزلي جو سبب بڻجي سگهن ٿا پر اُنهن ڊئم بہ ڌرتي کي چُر پُر ۾ آندو آهي، جن جي اوچائي ۵۰ فوٽ آهي. ان ڪان وڌيڪ ڳالهہ اها آهي تہ اُهي علائقا جتي زلزلو اچڻ جا امڪان ٿين ٿا اُتي اهي امڪان اڃان بہ وڌيڪ ٿي ويا آهن، پر اهي علائقا جيڪي اڳي زلزلن ڪان محفوظ هياسي بہ انهيءَ خطي ۾ ڌرتيءَ تي غير فطري وزن جي ڪري زلزلن جي زد ۾ اچي سگهن ٿا. اها پوئين صورتحال تہ تمام خطرناڪ هوندي آهي ڇو تہ انهن علائقن ۾ روڊ، اسڪول، اسپتالون، ريلوي لائينون، پلون ۽ هوائي اڏا، زلزلي ڪان محفوظ علائقا نظر ۾ رکي ٺاهيا ويندا آهن ۽ سڀ شيون زلزلي جي ٿوري بہ ست سهي نہ سگهنديون آهن.

اڪثريت انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهي تہ ڊئم جي ذريعي زلزلو هن طريقي تحت اچي ٿو تہ جڏهن پاڻي جو هڪ وڏو مقدار گڏ ٿئي ٿو تہ اهو ڊئم جي تري ۽ پرپاسي ۾ موجود ننڍن ڏارن ۽ سوراخن تي دٻاءُ ٿو وجهي. جيئن اهو دٻاءُ وڌڻ شروع ٿئي ٿو تہ انهن ڏارن لاءِ، جيڪي اڳ ۾ جيالاجيڪل سببن جي ڪري دٻاءُ ۾ آهي، انهن لاءِ هي دٻاءُ ائين آهي جيئن انجڻ لاءِ موبل. بهرحال پاڻي جو مقدار ڏارن ۽ دٻاءُ ۾ اضافو ڪري زلزلي جو سبب ٿين ٿا. عام طرح اها ڳالهہ نوٽ ڪئي ويئي تہ ڊيم جي ۲۵ ڪلوميٽرن جي چوڌرد زلزلي جي شدت گهٽي هوندي آهي. جڏهن ڊئم پنهنجي مڪمل پاڻي گڏ ڪرڻ واري صلاحيت ۾ ايندو آهي تہ ڏينهن اندر، ڪڏهن هفتي تہ ڪڏهن سال ڪانپوءِ زلزلي جا جهٽڪا ايندا آهن.

ڊئم جي ڪري سڀ ڪان وڌيڪ خطرناڪ زلزلو، ۱۱ ڊسمبر ۱۹۶۷ع ۾ مهارا شٽر جي اولهہ ۾ آيو جنهن جي ڪري ڪئونانگر ڳوٺ مڪمل تباهہ ٿي ويو ۱۸۰ ماڻهو مري ويا، ۱۵۰۰ ماڻهو زخمي ٿيا ۽ هزارين ماڻهو بي گهر ٿيا. انهيءَ جي ڪري ڊئم جي پاور هائوس کي مڪمل طور تي بند ڪيو ويو ۽ نتيجي ۾ بمبئي شهر جي بجلي بند ٿي، ۽ انهيءَ ڳالهہ شهر ۾ اٿ وٿندڙ صورتحال پيدا ڪئي. حالانڪہ اهو شهر زلزلي جي مرڪزي شدت ڪان ۲۳۰ پري هُيو پر پوءِ بہ اُتي جهٽڪو محسوس ڪيو ويو. انهيءَ زلزلي جي شدت جو مرڪز ۱۰۳ فوٽ اوچو ڪوئنا ڊيم هو يا انهيءَ جي پرسان زلزلي جي مرڪزي شدت هُئي.

انهيءَ ڊئمن جي ڪري ايندڙ چُرپُر سبب زلزلي جي ڪري اٿليءَ جو ويئنت

ڊئم جنهن جي اوچائي ٢٦١ ميٽر آهي، انجي ڪپن تان پاڻي وهڻ لڳو. اهو ڊئم ١٩٦٠ع ۾ ٽاڪ جبل جي پرسان چَن جي پٿريلي علائقي تي ٺاهيو ويو هُيو. انهيءَ جو شمار دنيا جي وڏن ڊئمن ۾ آهي ۽ سندس نمبر ٤١ بيهي ٿو. جڏهن ڊيم ٺهي راس ٿيو ۽ انهيءَ ۾ پاڻي گڏ ٿيڻ لڳو تہ جهٽڪا محسوس ڪيا ويا ۽ جبل جو هڪ وڏو ٽڪرو آهستي آهستي ڊئم ڏانهن وڌڻ لڳو. جنهن کي روڪڻ لاءِ ڊئم مان پاڻي خارج ڪرڻو پيو. وري مرمت وغيره ڪري اپريل ١٩٦٢ع ۾ ڊئم ۾ پاڻي ڇڏيو ويو تہ وري ٺئين صورتحال پيدا ٿي ۽ جهٽڪا آيا. پر پوءِ ڊئم جي انجنيئرن ۽ جياالجسٽن نڪ جي پڪائيءَ سان هيءَ رپورٽ ڏني تہ جبل ايترو تہ آهستي آهستي چري رهيو آهي جو ڪوبہ مسئلو پيدا نہ ٿيندو.

پر ماهرن جي راءِ غلط نڪتي. ١٩٦٣ع، ۾ اونهاري جي برساتن جي ڪري ڊئم ١٨٠ تائين پاڻيءَ سان پري ويو. سيپٽمبر جي پهرئين اڌ ۾ زلزلي جا ٦٠ جهٽڪا نوٽ ڪيا ويا ۽ ٽاڪ جبل جي چُر پُر ۾ تيزي اچڻ لڳي. نيٺ ٩ آڪٽومبر تي ٽاڪ جبل جو هڪ ٣٥٠ ملين ڪيوبڪ ٽڪرو جبل کان ٽٽي اچي ڊئم ۾ ڪريو جنهن جي ڪري ١١٠ ميٽر اوتاهين ڇولي، يعني ٢٨ منزل جگهہ جيتري آتل ڊئم ۾ آئي جنهن جي نتيجي ۾ ڊيم جي پاهين ٽٽي پئي ۽ ٻن منٽن کانپوءِ هڪ ڪلوميٽر مفاصلي تي موجود شهر لانگ ٽرون جو نالو نشان بہ نہ رهيو ۽ انهيءَ شهر ۽ ٽن ڳوٺن جا تقريباً ٢،٦٠٠ رهواسي اجل جو شڪار ٿي ويا.

بهرحال، اجان تائين اها خاطري ٿي نہ سگهي آهي تہ ڊئم جو جبل کي ٽوڙڻ ۾ ڪيتري حد تائين هٿ هُيو پر اها ڳالهہ تسليم شده آهي تہ ڊئم ڌرتيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ ان جي نتيجي ۾ زلزلا اچن ٿا.

ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جي ڌرتيءَ بابت تحقيقت ڪندڙ لئمونٽ ڊوهئرٽي Lamont - Doherty ۾ موجود مشاهدي گاهہ، جي هڪ زلزلن جي ماهر ليونارڊو سيبر جو چوڻ اهي تہ، اسانجي نقشن ۾ جن علائقن جي زلزلي جي حوالي سان نشاندهي ٿيل آهي، اهڙن علائقن ۾ واڌ آتي آئي آهي جتي ڊئم ٺاهيو ويو آهي. هاڻي جيڪڏهن اها ڄاڻ ڊئم جي پرسان رهندڙ آباديءَ کي پوندي تہ هو لڏڻ جي معاوضي سان گڏ زلزلي جي حوالي سان بہ معاوضو گهرندا، جنهن جي ڪري ڊئم جي مڪمل لاڳت اجان بہ وڌي ويندي.

ڊئم، جي صنعت جا سب فرد انهيءَ ڳالهہ تي چڙي ٿا پون، جڏهن عوام سان اها ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي تہ ڊئمن جي ڪري زلزلا بہ اچي سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زلزلن جي ماهر هئرش گپتا، جڪيو پارٽ جي هڪ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر به آهي ۽ ساڳي وقت ٽيڪساس يونيورسٽيءَ جو پروفيسر به آهي ان جو چوڻ آهي ته، ڊئم سان لاڳاپيل ڪميونٽي خاص طور تي انجنيئر انهيءَ ڊئم ۽ زلزلن جي ڳانڍاپي کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نه آهي. ڪورٽن جي فيصلن ڊئم جي اڏاوت سان لاڳاپيل ادارن کي مجبور ڪيو آهي ته هو زلزلن ۽ ڊئم جي ڳانڍاپي کي اهميت ڏين. ۱۹۹۴ع ۾ ماحوليات بابت قانون سازيءَ واري رسالي اها ڳالهه سيني جي ڌيان تي آندي ته اهي ماڻهو جيڪي هٿ جوڙيل زلزلن جو شڪار ٿين ٿا، تن کي قانوني حق حاصل آهي ته هو ڊئم اختياريءَ کي ڪورٽن ۾ چڪن.

ڊئم ۽ انساني لاش

(نيوڪليئر توانائي ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به انساني ڪوشش انسان کي ايترو تاراج ۽ ماريو نه آهي جيترو ڊئم جي صنعت).

جوسف ابلامر، ڊئم سيفٽي ڊائريڪٽر، پينسونيا اسٽيٽ۱۹۸۷، ۱۱ ڊئم جي حوالي سان سڀ کان خطرناڪ حادثو، چين جي هينان صوبي ۾ ۱۹۷۵ع ۾ ٿيو جنهن ڪري ۲۳۰،۰۰۰ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ اهو واقعي چيني حڪمرانن ٻن ڏهاڪن تائين لڪائي ڇڏيو. انهيءَ بابت باقي دنيا کي ڪابه خبر نه ڏني ويئي. جيڪڏهن اهو واقعو دنيا کي ٻڌايو وڃي ها ته ڊئمن جي باري عام عوام وڌيڪ باشعور ٿئي ها. ٻورن لفظن ۾، هينان واقعو ڊئم جي باري ۾ اهو ڪردار ادا ڪري ها، جيڪو چرنوبل واقعي نيوڪليئر ۽ ڀوپال حادثي ڪيميڪل صنعت لاءِ ادا ڪيو.

انهيءَ واقعي بابت سڀ احوال تڏهن اڳيان آيا، جڏهن آمريڪا جي هيومن رائٽس واچ نالي هڪ گروپ انگريزيءَ ۾ ۱۹۹۵ع ۾ ٽن گچارجز ڊئمن بابت رپورٽ شايع ڪئي. انهيءَ رپورٽ جو بنياد چيني پاڻيءَ جي ماهرن جي رپورٽن تي ٻڌل آهن. جيڪي محدود تعداد ۾ خانگي طور پڙهڻ لاءِ شايع ڪيون ويون هيون، انڪانسواءِ چين ۾ جڏهن ۱۹۸۰ ڌاري ماحول سازگار ٿيو ته انهيءَ واقعي بابت چيني صحافين جي لکڻين کي به نظر مان ڪڍيو ويو. پر سڀ کان وڌيڪ انهيءَ گروپ اڻ ڇپيل ۽ ڳجهي نالي ۾ ڇپيل رپورٽن کي به گڏ ڪيو ۽ انهن سيني گڏ ڪيل رپورٽن ۽ مشاهدن کي بنياد بنائي تباهي بابت رپورٽ شايع ڪئي، بينڪيو ۽ شيمتان ڊئم هنائي نديءَ تي ٺاهيا ويا هئا، بينڪو بابت هيومن رائٽس واچ وارن کي ٻڌايو ويو ته اهو بلڪل لوهه جهڙو مضبوط ڊئم هيو پر ۵ آگسٽ تي ڊئم مڪمل ڀرجي چڪو هيو، انهيءَ جا ايمرجنسي در کوليا ويا، پر اهو معلوم ٿيو ته ڪجهه در لٽ جي ڪري ڪم نٿا ڪن، ٻي ڏينهن تي ڊئم ۾ پاڻيءَ جي سطح ۲ ميٽر اچان به وڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺي، اها سطح ڊزائين واري سگهه ڪان ٻه وڌيڪ هئي. ٧ آگسٽ تي ڊئم ڀڄي پيو ۽ ٥٠٠ ملين ڪيوبڪ ميٽر پاڻي ٥٠ ڪليوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان ماٿري ۾ ڪاهي پيو، ۽ ٿوري دير ۾ انهيءَ ننڍو ڊئم به ٽوڙي ڇڏي ڊئم تي ڪاهه ڪئي ۽ اهڙي طرح ٦٢ ڊئم ڀڄي پيا.

هٺائي نديءَ ۾ انهن ڊئمن جو پاڻي گڏجي هزارين ايڪڙن زمين کي پاڻي هيٺ آڻي، سوين ڳوٺ ۽ شهر تباهه ڪري ڇڏيا. ڊئمن بابت اهو سوچيو ويو هُيو ته اهي ٻوڏ جي پاڻيءَ کي روڪيندا ۽ سندن پاڻي ڪارگر ٿيندو پر نديءَ جو قدرتي وهڪرو ۽ رستو بند ڪري ڊئم ٺاهيا ويا هئا، جنهن جي ڪري اچانڪ پاڻي گڏ ٿيو ۽ دٻاءُ وجهي مڪيه ڊئم کي ڊاهي وڌائين. ان صورتحال ڪانپوءِ ڊئم اختياري نديءَ تي تعمير ٿيل ٻيا ڊئم جيڪي ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ ٺاهيا ويا هُئا هٿ سان بم هٽي تباهه ڪيا ته جيئن پاڻي تڙي پکڙي وڃي ۽ انجي رفتار گهٽ ٿئي ۽ تباهي گهٽ اچي.

انهيءَ صورتحال ڪانپوءِ هڪ وسيع علائقو هڪ ڍنڍ ٿي پيو جنهن جي ڪري مددي ۽ رليف ادارن جي ڪارڪنن لاءِ اهو ڏکيو ٿي پيو ته هو متاثر ٿيلن تائين ڪنهن ذريعي پهچي سگهن. هڪ چيني صحافي پنهنجو نالو لڪائيندي ڊئم ڊهڻ ڪانپوءِ صورتحال جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي.

١٣ آگسٽ: سچي ضلعي ۾ ويهه لک ماڻهو پاڻيءَ ۾ ڦاٿل آهن روئان ۾ ١٠٠،٠٠٠ ماڻهو پاڻي هيٺ آيا. جيڪي اجان پاڻي مان نڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. شنڪائي ۾، ٦٠٠،٠٠٠ ماڻهو ٻوڏ جي گهيري ۾ آهن، هٺابو ڪميون جي 4000 ماڻهن سيني موجود وڻن جي پنن کي ڪائي ئوڙهو ڪري ڇڏيو آهي.

١٧ آگسٽ: اجان تائين 1.1 ملين ماڻهو پاڻيءَ ۾ ڦاٿل آهن. بيماري پکڙجي رهي آهي. هڪ اندازي موجب 1.13 ملين ماڻهو بيمارين جو شڪار آهن.

١٨ آگسٽ: شنڪائي ۽ ڀرپاسي واري شهر، ٻنهي کي گڏي ڪل ٨٨٠،٠٠٠ ماڻهو پاڻيءَ جي گهيري ۾ آهن ۽ روئان جي ٥٠٠،٠٠٠ ماڻهن مان ٣٢٠،٠٠٠ ماڻهو بيمار ٿي پيا آهن. جن مان ٣٣،٠٠٠ کي ته دستن جي بيماري ٿي پئي آهي. ڪُجهه هفتن ڪانپوءِ، جڏهن پاڻيءَ ۾ لاٿ آئي ته رڳو لاش ئي لاش نظر اچي رهيا هُيا ۽ اهي پاڻي ۾ ڳري ۽ تيز اُس جي ڪري ڀري ڀري تائين نڪ ساڙيندڙ بدبوءِ پکيڙي رهيا هُيا".

هيومن رائيٽس واچ جو خيال آهي ته موت ۽ تباهي بابت انگ، ڪر ڏاڍا منجهائيندڙ ۽ تضاد وارا آهن، پر پوءِ به هو انهيءَ خيال کي قبول ڪن ٿا ته ٨٥،٠٠٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ته ڊئم ٽٽڻ شرط ئي پاڻي ماريا باقي ١٤٥،٠٠٠ ماڻهو وچڙندڙ بيمارين جي ڪري مري ويا.

انگن اکرن جي ڇنڊڇاڻ:

ڊئمن جي حفاظت جو ماهر رابرٽ جينسن چوي ٿو ته هڪ اندازي موجب ٢،٠٠٠ ڊئم مڪمل طور تي يا سندن ڪجهه حصو ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري ناڪاره ٿيو آهي. اهو انگ ١٢ عيسوي صدي کان ١٩٨٠ع تائين ڦهليل آهي. ڊئمن جي ناڪامي جا ڪافي سبب آهن پر سڀ کان اهم ۽ عام طور عمل ۾ ايندڙ ناڪامي آهي ڊئم جي ڪنارن تان پاڻي جو وهڻ ۽ پيو پيڙهه جو مسئلو آهي. ڪنارن تان پاڻي وهڻ جو سڀ کان وڏو خطرو هوندو آهي متي وارن ڊئمن کي، ڇو ته پاڻي جي وهڻ ڪري بند جي مٽي لڙي ويندي آهي. اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ چينڊٽيون ٺاهيون وينديون آهن، جيڪي واڌو پاڻي کي خارج ڪري سگهن. پر انهن چينڊٽين ۾ بجلي ۽ ميڪنيڪل مسئلن جي ڪري اهي وقت تي کلي نه سگهنديون آهن، جنهن جي ڪري نقصان ٿي پوندو آهي.

رابرٽ جينسن موجب، هڪ مڪمل محفوظ ڊئم ٺاهڻ ناممڪن آهي ڇو ته اهڙي ڊئم ٺاهڻ لاءِ توهان کي بچاءَ واري انجنيئرنگ کي ذهن ۾ رکڻو پوندو، جنهن جو مقصد آهي ته هر اُنهيءَ ممڪن واقعي کي ذهن ۾ رکڻو پوندو جيڪو ٿي سگهي ٿو. هر حالت کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. ظاهر آهي ته اهو سڀ ڪجهه نٿو ڪري سگهجي. پر موجوده دور ۾ محفوظ ڊيم جي ڊيزائن ته اقتصاديات جا ماهر ئي طئي ڪن ٿا. هن وقت محفوظ ڊئم اُهو آهي جنهن ۾ هر وقت تيار پاڻي جي هڪ وڏي مقدار کي جاچ ڪرڻ لاءِ چينڊٽيون تيار هجن. انڪان علاوه انهيءَ جي تعمير ۾ بهترين متيريل استعمال ڪيو وڃي ۽ جيالاجيڪل سروي تي وڌيڪ ڪم ڪيو وڃي پر اهي ٻئي عمل ڊئم جي قيمت وڌائيندا. هميشه ڊئم ٺاهيندڙن تي اهو دٻاءُ رهيو آهي ته هو حفاظت جي قدمن تي توجهه گهٽ ڏين. جيئن هو جيالاجيڪل ۽ لٽ جي انگن اکرن کي کاتي ۾ ئي نه آڻيندا آهن. ١٩٩١ع ۾ جاري ٿيل ورلڊ بئنڪ جي هڪ رپورٽ ٻڌائي ٿي ته ”پئسا وني مقامي اختياري ڊئم ٺاهيندڙ کي ڇوٽ ڏيندي آهي ته هو ڊئم جي تعمير ۾ گهٽ خاصيت وارو متيريل استعمال ڪن. رپورٽ انڊيا جي ڊئمن بابت ٻڌائي ٿي ته ڪيترائي ڊئم مقامي، خاص هيٺين علائقن ۾ موجود آباديءَ لاءِ هڪ سنجيده مسئلو آهن ڇو ته ناقص متيريل جي ڪري ڪنهن به وقت ڪو واقعو ٿي سگهي ٿو“.

وڏن ڊئمن بابت آمريڪي ڪميٽي جي راءِ آهي ته موجوده ڊئمن ۾ زلزلي کان اڳواٽ بچاءَ جو بندوبست ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري زلزلي جو اثر ايترو نٿو ٿئي.

ڊيوڊ انگل سمٿ نيشنل يونيورسٽي آسٽريليا جو چوڻ آهي ته ڪجهه مُلڪن ته ڊئم ڊهڻ جي ڪري پاڻي هيٺ ايندڙ علائقن لاءِ امڪاني پلان ۽ نقشا اڳواٽ بچاءَ لاءِ ناهي ورتا آهن پر گهڻن مُلڪن اجان ائين نه ڪيو آهي جو ته اختياري وارا اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ئي نه آهن ته ڪو ڊئم هيٺين علائقن ۾ موجود ماڻهن لاءِ خطرناڪ به آهن.

تباهي جيڪا انتظار پئي ڪري.

(جيڪڏهن ڪنهن وڏي منصوبي ۾ ڪو مسئلو آهي ته اهو مسئلو وڏو ئي هوندو آهي).

جان لو III ۽ ولسن وي. بنگر، ٽي اي ايم ايس انجنيئرنگ ڪمپني جي پارٽنرن جا تربيلا ڊئم بابت خيال ١٩٨٢ع.

پاڪستان ۾ موجود تربيلا ڊئم، جيڪو پٿر ۽ مٽي جو ٺهيل ٣ ڪلو ميٽر ڊگهو ١٤٣ ميٽر اوچائي وارو ڊيم آهي، دنيا جي وڏن ڊئمن مان واحد ڊئم آهي جنهن کي هن وقت سيني کان وڏيڪ مسئلا درپيش آهن. صرف مهانگي مرمت ۽ ناهه لوهه جي ڪري پشاور ۽ هيٺيان علائقا تباهي کان بچيا پيا آهن. انهيءَ ڊئم ۾ روٽيون ڪٿين پيون اها خبر اجان تائين ڊئم اختياريءَ وارن لڪائي آهي. پر اهو راز ورلڊ بئنڪ طرفان مقرر ڪنسلٽنٽ سَر اليگزينڊر ۽ سندس پارٽنرن ظاهر ڪيو.

تربيلا ڊئم ۾ پهريون مسئلو ١٩٧٤ع ۾ تڏهن پيدا ٿيو هو جڏهن پوڏ جو پاڻي ڊئم ۾ گڏ ٿيڻ لڳو ته انهيءَ ساڻ آندل لٽ سبب چٺن مان ۾ لٽ خارج ڪندڙ چنبٽين کي بند ڪري ڇڏيو ۽ هڪ هفتي ڪانپوءِ هڪ چنبڻ به ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ ڊئم جي اڌ ملين ڪيوبڪ ميٽر جوڙ جڪ ڦهڪو ڪري ڪِري پئي. انهيءَ صورتحال کي، مَنهن ڏيڻ لاءِ هنگامي حالتن جو اعلان ڪندي ڊئم جي مرمت جو ڪم شروع ڪيو ويو.

اهو هنگامي ڪم ڪندي انجنيئرن ڏٺو ته تري ۾ 70 وڏا ڪڏا پئجي چڪا هئا. جيڪي هڪ ميٽر اونها ۽ 5 ميٽر ويڪرا هئا. ٻئي سال 100 ٻيا ڪڏا به لڌا ويا. ۽ ١٩٧٦ع ۾ مَکيه بند پرسان زمين جي وڏي ايراضيءَ هيٺ ويهي وئي. 1975ع ۽ 1978ع ۾ انهن ڪڏن کي مٽيءَ سان ڀريو ويو. 1984ع ۾ هڪ وڏو ڪڏو ظاهر

ٿيو. جيڪو 1991ع تائين پريشانيءَ جو باعث رهيو ته اهو نه ڪٿي ڊئم جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪري.

تربيلا ڊئم جي چنبڙين جي ڊزائن ڪندڙن کي خبر هُئي ته پاڻيءَ جو وهڪرو جڏهن چاڙهه وارن ڏينهن ۾، انهن چنبڙين مان گذرندو ته انهيءَ جي طاقت ڇا هوندي؟. ڪين اهو انديشو به هيو ته پاڻيءَ جي تيز وهڪري جي ڪري چنبڙين جي تري ۾ نرم پٿر ڳرندو ته ضرور پر هنن موجب اهو عمل آهستي ۾ دير سان ٿيندو هو. 1976ع ۾ جڏهن درياءَ ۾ چاڙهه آيو ۾ مُکيه چنبڙ مڪمل وهڻ شروع ڪيو ته پاڻيءَ جي دٻاءَ ۾ تيز وهڪري جي ڪري چنبڙ جي تري ۾ 50 ميٽر اونهو ۾ 300 ميٽر ويڪرو کڏ لڳي پيو. ڳالهه وڃي اتي پهتي ته ڊئم تباهه ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو. انهيءَ کڏ کي روڪي، پٿر واري پاهڻءَ کي بچايو ويو. اهو مهانگو عمل ٽن سالن تائين جاري رهيو.

پاڪستان سرڪار تربيلا ڊئم بچائڻ لاءِ هڪ خاص پروگرام شروع ڪيو. جنهن تحت سيني فني خرابين ۾ ڪوتاهين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ويئي، پر انهيءَ عمل جي ڪري 1968 ۾ ڪاٿو ڪيل رقم 800 ملين آمريڪي ڊالر مان ٽپي 1986ع ۾ 1.5 بلين آمريڪي ڊالر تائين وڃي پهتي.

اهڙيطرح، 1983ع ۾ ڪولوراڊو نديءَ ۾ ٻوڏ اچڻ جي ڪري گلن ڪئنيان ڊئم جي چنبڙن ۾ پڻ مسئلو پيدا ٿيو. جنهن جي ڪري اڳتي هلي انهيءَ ڊئم جي ٻنهي چنبڙين کي بند ڪيو ويو.

انهيءَ ڊئم بابت بيورو آف ريڪليميشن جي انجنيئرن، صرف پنهنجي آفيس جي استعمال ۾ اينڊڙ رپورٽ ۾ لکيو ته جيڪڏهن ڊئم ۾ پاڻيءَ جي سطح سمنڊ جي سطح کان 3,708.40 فوٽ مٿي ٿي ته پوءِ پاڻيءَ کي روڪڻ تمام ڏکيو ٿيندو. آخري مٿاهين چاڙهه ۾، ڊئم ۾ پاڻيءَ جي سطح 3,708.34 پهتي. صرف ٻه سينٽي ميٽر گهٽ. جنهن جي ڪري ڊئم کان هيٺانهين وارو علائقو انساني تاريخ جي سڀ کان وڏي ٻوڏ کان بچي ويو.

ڊئم جي عمر

ڊئم هڪ طرف نهي بس ٿو ٿئي ته ٻئي طرف هو پيچڻ ۾ پرڻ شروع ٿئي ٿو.هر ڊئم جي عمر مختلف ٿئي ٿي. ڪي ڊئم ته هزار سالن تائين به محفوظ ۽ بهترين ٿي سگهن ٿا، ته ڪن ۾ وري ڏهن سالن اندر روٽيون ۾ ڏارون پئجي وڃن ٿيون. هن وقت دنيا ۾ 5,000 ڊئم اهڙا آهن، جن جي عمر 50 سال آهي، آمريڪا

جي ڊئمن جي سراسري عمر 40 سال آهي. 1991ع ۾ ICOLD جي هڪ ڪانگريس ۾ ڊئم جي عمر بابت هڪ پئنل هي لفظ چيا ته "ڊئم جي صنعت جا مستقبل ۾ ڪم اڏاوت ۽ بناوت ڪان هتي موجود ڊئمن جي بحالي ۽ سار سنڀال هوندا".

اڳوڻي سويت يونين جي عوام کي پراڻن ڊئمن مان به ايترو ئي خطرو آهي، جيترو نيوڪليئر صنعت جي خارج ڪيل نيوڪليئر مادي مان آهي. جڏهن هائڊرو - ڪيوبڪ جي ٽن انجنيئرن، جارجيا جمهوريه جي انگيوري ڊئم جو معائنو 1994ع ۾ ڪيو ته کين معلوم ٿيو ته دنيا جي ٽئين نمبر اوچائي وارو ڊئم فني طرح ڳڻتي واري حالت ۾ آهي، ڊئم جي پنجن ٽربائينن مان صرف ٻه ڪم ڪري رهيون هيون. انڪانسواء، ٻوڏ واري صورتحال ۾ ڪم ايندڙ چئنڊٽيون پڻ ناڪاره ٿي چُڪيون هيون. انهيءَ جي تڪڙي مرمت لاءِ جارجيا جمهوريه وٽ پئسو به ڪونه هيا. انهيءَ ٽيم کي اهو به معلوم ٿيو ته ڊئم تي نوڪري ڪندڙن کي گذريل ڇهن مهينن ڪان پگهارن به نه مليون هيون. حالانڪ انگيوري ڊئم 1980 ۾ مڪمل ٿيو هيو.

فيبروري 1996ع ۾. بين الاقوامي واٽر پاور ۽ ڊئم تعميرات پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو ته يوڪرين ۾ واقع ڪاخووسڪايا ڊئم ٽهڻ شرط پڇڻ پُرڻ شروع ڪيو. حالانڪ، اهو ڊئم دنيا جي سڀ کان گهٽو پاڻيءَ روڪيندڙ ڊئم هيو، يوڪرين حڪومت کي ٻڌايو ويو ته بند جي ٽٽڻ جي ڪري 20 کان 30 ميٽر اوچائي سان پاڻي، تقريباً 130 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي حساب سان علائقي ۾ ڪاهي پوندو. جنهن جي ڪري Donier نديءَ جي ڪناري سان آباد اڌ ملين ماڻهو تاراج ٿيندا ۽ سوين گهر لڙهي ويندا. اڳوڻي سويت يونين ۾ خطرناڪ ڊئمن جو هُجڻ هاڻي هڪ عام مسئلو آهي. 1977ع کان 1982ع جي وچ واري عرصي ۾ انجنيئرن جي هڪ ٽيم آمريڪا جي خانگي ڊئمن جي جانچ لڌي، سندن رپورٽ ٻڌائي ٿي ته انهن 8,800 ڊئم ڏنا پر اڪثر ڪري سڀ خطري جي حد کي پهچي چڪا هيا. انهن مان 1/3 يعني 2,900 ته بلڪل انساني حياتين لاءِ خطرو هيا، جو ته انهن ۾ پاڻيءَ جي سطح گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪي به چئنڊٽيون ڪونه هيون. انهيءَ ڪان پوءِ 1994ع ۾ هڪ ٻئي مطالعي ۾ معلوم ٿيو ته اڃان 1,800 ڊئم ساڳي حالت ۾ موجود آهن. افسوس جي ڳالهه آهي ته آمريڪي حڪومت جي ڊئمن جي به ساڳي حالت آهي، 1987 جي رپورٽ موجب 1/5 يعني 275 ڊئم غير محفوظ ۽ خطرناڪ هيا.

اتر آمريڪا جي سوَن ڊئمن جي مطالعي اها ڳالهه واضع ڪئي آهي ته ڊئم

تهڻ جي 25 کان 35 سالن جي عرصي کان پوءِ ڊئمن جي هلائڻ واري خرچ ۾ وڌي واڌ اچي ٿي، جوته انهن کي بار بار مرمت جي ضرورت پوي ٿي. جڏهن ڊئم جا مالڪ ڏسندا آهن ته ڊئم تي جيترو خرچ اچي رهيو آهي، اوترو يا اُن کان وڌ پاور پيدا ۽ وڪرو ٿئي پيو ته پوءِ ڊئم جي مرمت جاري رکندا آهن نه ته هو آخرڪار ڊئم ذريعي پاور پيدا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن.

آمريڪا ۾ ڪيترائي پُراڻا ڊئم ڊاهيا ويا آهن. مشيگان ڊپارٽمينٽ آف نيچرل رِسورسز (MDNR) وارن جو چوڻ آهي ته ندين ۾ ٿوري چاڙهه جي ڪري پاڻي ڪيترن ئي پرَيانگ ڊئمن جي مٽي ۽ مٽيريل کي پاڻ سان لوڙهي آيو، جنهن جي ڪري، ڪيترن ئي آبي جانورن کي مٽي، ڇُن ۽ گندي پاڻيءَ نقصان ڏنو آهي. ايم ڊي اين آر جا عملدار وڌيڪ چون ٿا ته انهن ڇڏي ويل ڊئمن جي مالڪن کي ته ڪوبه نقصان نه پيو ڇو ته جڏهن اهي ڊئم ڪم لائق هُيا ته انهن مالڪن خوب ڪمايو پر جڏهن ڊئم نقصان ڏيڻ لڳا ته سندن مالڪ کين ڇڏي ويا، پوءِ ڊاهڻ جو خرچ وري عام ٽئڪس پريندڙن ادا ڪيو.

هڪ ڊئم ڊي ڪميشن ڊاهي ويئي آهي، جنهن جو ڪم پُراڻن ۽ ناڪاره ڊيمن کي ڊاهي، ندين جي پُراڻن وهڪرن ۽ رستن کي بحال ڪرڻ آهي. آمريڪا ۾ فيڊرل انرجي ريگيولٽري ڪميشن FERC گذريل 50 سالن جي عرصي ۾ تقريباً 500 خانگي ڊئمن کي پاور پيدا ڪرڻ جي اجازت ڏني هُئي، اهو اجازت نامو 2004 ۾ پورو ٿي رهيو آهي. انهيءَ لائسنس ختم ٿيڻ واري نُڪتي کي ندين جي بحالي واري اتحاد بَنياد بنائي آمريڪا حڪومت کان گهر ڪئي آهي ته ڊئم بابت هڪ مربوط ڊي ڪميشن پاليسي جوڙي وڃي. انڪانسواءِ، هائيڊرو پاور سڌاري واري اتحاد گهر ڪئي آهي ته نوان لائسنس اُنهن کي ڏنا وڃن، جيڪي ڊئم جي ڪارگر هُجڻ واري عرصي ۾ ئي ڪُجهه پئسا ڊئم ناڪاره ٿيڻ کانپوءِ ڊاهڻ واري مرحلي لاءِ رکندا وڃن. جهڙي طرح، نيوڪلر صنعت لاءِ اڳ ۾ ئي ساڳيو قانون موجود آهي. ڊئم ذريعي پاور پيدا ڪندڙ ڌر جي مضبوطي ۽ طاقت ور هُجڻ جي باوجود به فيڊرل انرجي ريگيولٽري ڪميشن، 1994ع ۾ اهو اعلان ڪيو ته ڪميشن بااختيار آهي ته اها سندس ماتحتيءَ ۾ آيل 1,800 اُنهن ڊئمن کي ڊي ڪميشن ڪري جيڪي نوان لائسنس نٿا وٺن. حالانڪ آمريڪا ۾ ڪافي ننڍا ننڍا ڊئم، ڪُجهه ميٽرن جي اوچائيءَ وارا ڊاهيا ويا آهن، پر بم ذريعي 1963ع ۾ ٽيلاهو ۾ واقع، ڪليئر واٽر نديءَ تي بڌل گرينگ وِل ڊئم کي ڊاهيو ويو هُيو. پر هڪ وڏي ڊئم کي ڊاهڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي، ڊئم ڊاهڻ تي خرچ تڏهن وڌندو

آهي جڏهن ڊئم جي تري ۾ لٽ ۽ ٻيو مواد جمع ٿي چُڪو هُجي. ٿورن لفظن ۾ ڊئم ڊاهڻ تي ڊئم ٺاهڻ کان ٻيڻو خرچ ايندو آهي.

ڊئم ڊي ڪميشن وارن جا خيال، واشنگٽن رياست ۾ موجود، 30 فوٽ اوچي اِلوها ۽ 70 فوٽ اوچائي واري ڊئم گلائنس بابت مختلف آهن. اهي ٻئي ڊئم 1910ع ۽ 1920ع ۾ ٺهيا، ٻنهي جي پاور پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 19 ميگاواٽ آهي. هنن ٻنهي ڊئمن جي ڪري مڇيءَ جون ٻه مخصوص جنسون ختم ٿي ويون، انهن ٻنهي جنسن تي الوها قبيلي جو گهڻو گذران هُيو. حالانڪ 1855ع واري صلح نامي مـوجب ڪين خاطري ڏني ويئي هُئي. جڏهن 1970 ڌاري گـلائنس ڊئم جو لائسنس نئين ٿيڻ لاءِ فيڊرل انرجي ريگيولٽري ڪميشن وٽ آيو ته ماحولياتي ڪارڪنن ۽ الوها قـبيلي انهيءَ کي رد ڪري لاءِ زور ڀـريو. سندن محنتن وجي 1992ع ۾ رنگ لاتـو، جڏهن، داخلا ڪـاتي اهو حـڪم نامـو ڪڍيو ته نديءَ جو قدرتي وهڪرو بحال ڪيو وڃي ۽ مڇيءَ جي نسل کي ٻڻ بچايو وڃي. داخلا ڪاتي پنهنجي حتمي رپورٽ ۾ لکيو ته صرف ڊئم ڊاهڻ سان خود بخود نديءَ پنهنجي قدرتي وهڪري ۽ فطرت تي پهچي ويندي.

انهن ٻنهي ڊئمن کي ڊاهڻ ۽ ڇَن، پٿر ۽ واري جيڪا ڊئم کان اڳيان نديءَ ۾ گڏ ٿي هُئي انهي کي هٽـائڻ تي لڳ ڀڳ 67 ملين آمريڪي ڊالرن ڪـان 80 ملين آمريڪي ڊالر خرچ ايندا ۽ نديءَ کي پنهنجي پُراڻي حالت ۾ آڻڻ. انهيءَ ڊئم مـان پيدا ٿيندڙ بجلي استعمال ڪندڙ ڪاغذ جي فيڪٽرين جو معاوضو، اهو سڀ ويهن سالن جي عرصي ۾ وجي 148 ملين آمريڪي ڊالرن ڪـان 203 ملين آمريڪي ڊالر ٿيندو.

اهو ڪرڻ [illegible] ٿو ڄاڻي ته وڏا ڊئم جيڪي گذريل صدي جي پهرين اڌ ۾ ٺاهيا ويا، انهن جي ڊاهڻ لاءِ پئسا ڪٿان ايندا. انهن جي ڊاهڻ جي ڳالهه تڏهن ٿئي ٿي جڏهن اهي ناڪاره ٿين ٿا يا انهن ۾ لٽ گڏ ٿي وڃي ٿو. وڏن ڊئمن بابت جڙيل ڪميشن جي صدر، 1992ع ۾ برٽش ڊئم سوسائٽي ۾ ڳالهائيندي چيو ته مون هڪ دفعو هڪ مقالو ڊئم ڊي ڪميشن بابت ڏنو آهي، پر اهو هڪ مسئلو آهي، جيڪو اڄ يا سڀاڻي ضرور منهن مقابل ٿيندو.

(ليکڪ ”درياءُن جي عـالمي نيٽ ورڪ“ نالي تنظيم ۾ مـهم هلائڻ جو ڊائريڪٽر آهي ۽ هيءُ مضمون سندس لکيل ڪتاب "Silenced Rivers" تان کنيل آهي).

(ترجمو: ظفر جوڻيجو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالمجيد قاضي

ڪالا باغ ڊيم - تصوير جو درست رخ

سنڌي ڪنڊ ۾ آبپاشيءَ جي ارتقا

پاڪستان ۾ زراعت گهڻي ڀاڱي دريائي پاڻي ۽ ٽيوب ويلن تي انحصار ڪري ٿي. دريائي سرشتو سنڌو دريا ۽ انجي شاخن تي ٻڌل آهي. اڳاٽن ڏينهن ۾ جڏهن آبادي گهٽ هئي تہ زراعت ٻوڏ يا چاڙهہ وارن ڏينهن ڪانپوءِ پاڻي جي لاٿ بعد هر سال ٻني کيڙي يا نندن وهڪرن ۾ موجود پاڻي نار وسيلي ڇڪي يا مٽي پاڻي وارن علائقن ۾ کوهہ کوٽي ڪئي ويندي هئي. آبادي وڌڻ سان زراعتي علائقي کي وسيع ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. اڻويهين صديءَ ۾ مددگار ڪينال کوٽيا ويا تہ جئين انهن وسيلي چاڙهہ وارن ڏينهن ۾ پاڻي اوسي پاسي جي زرخيز زمينن تائين رسائي فصل اپائجن. ڪئنال جو مڪمل انحصار دريا جي جولان يا چاڙهہ جي بلندي ۽ عرصي تي هو. ڪاڏ خوراڪ جي ضرورت اجائين وڌڻ تي ڪنٽرول هيٺ آبپاشي لاءِ بيراجن ۽ ڪئنالن جو هڪ سرشتو متعارف ڪرايو ويو. جيتوڻيڪ ويهين صديءَ جي وچ تائين نديءَ جي ڪُل موجود پاڻي جي پيٽ ۾ ڪئنال وسيلي پاڻي جو استعمال انتهائي گهٽ هو پر هلندڙ صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ بہ سنڌو دريا جي سرشتي تي نوان پروجيڪٽ جوڙڻ سان پاڻي جي مقدار جي وهڪري تي اعتراض ۽ احتجاج ٿيا. انهن مامرن جي نبيري لاءِ ڪيترائي ڪميشن قائم ڪيا ويا. نتيجي طور پاڻي جي حصي بندي متعين ڪئي وئي ۽ موجوده پروجيڪٽن جي پاڻي وارن حقن جي تحفظ جا اصول واضع ڪيا ويا ۽ نون پروجيڪٽن لاءِ اضافي گهر کي پيچيءَ جي قانوني حقن جي تحفظ ڪانپوءِ اهميت ڏيڻ جي ضرورت واضع ڪئي وئي.

زميني پاڻيءَ جا وسيلا

ملڪ ۾ زميني پاڻي جو وسيع تر استعمال ۽ جاچ جونچ نسبتاً نئون مامرو آهي. بهرحال اڳاٽي دور کان زميني پاڻي ڪليل کوهن ۽ نار وسيلي انتهائي محدود حد تائين کيڙيءَ لاءِ استعمال ٿيندو پئي آيو آهي. آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءُ ۽ مٿاڇري تي موجود نديءَ جي پاڻي جي محدود هوند سبب تازي ۽ مٺي زميني پاڻي جي وڌن ذخيرن جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. زميني پاڻي جا ذخيرا بہ نديءَ جي پاڻي ۽ ڪئنال جي تمڻ سان لاڳيتو ڀرُ ٿين ٿا. اهو وسيلو پاڻي جي ڪُل موجودگي ۽ زرعي ترقيءَ ۾ وڏو حصيدار ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻوڪي صورتحال
ڪئنال وسيلي آبپاشيءَ جو سرشتو

پاڪستان کي دنيا جي سڀ کان وڏن آبپاشيءَ جي سرشتن مان هڪ جي نعمت حاصل آهي، اهو ٽن ذخيرن تربيلا، منگلا ۽ چشما سورهن بيراجن، ٻارهن لنڪ ڪئنالن ۽ ٽيتاليهن مرڪزي ڪئنالن تي ٻڌل آهي. مرڪزي ڪئنالن، لنڪ ڪئنالن شاخن ورهاستي نالين وغيره جي ڪُل ڊيگهه ٢٥ هزار ميل کان وڌيڪ آهي، سرشتي کي اسي هزار کن دڳ آهن ۽ فارم چئنلن ۽ پاڻي جي وسيلن جي ڊيگهه ڏهه لک ميل کن آهي.

سال ٨٨-١٩٨٧ع دوران وڏ ۾ وڏ ڪئنال ڇوڙَ ڏهه ڪروڙ نوي لک ستر هزار ايڪڙ فٽ هئا جڏهن ته پاڻي واري ٺاهه تحت صوبن لاءِ گهربل مقدار ٻارهن ڪروڙ ٽيهتر لک پنجاهه هزار ايڪڙ فٽ آهي.

زميني پاڻي

پاڪستان ۾ سال ١٩٨٥ع جي جون تائين مٽي پاڻي جا ٽيوب ويل ٻه لک ويهه هزار هئا جن مان ٻه لک نو هزار خانگي ۽ يارنهن هزار اسڪارپ پروگرام تحت سرڪاري شعبي ۾ هنيل هئا. خانگي ٽيوب ويلن وسيلي ٽي ڪروڙ اٺويهه لک ايڪڙ فٽ ۽ سرڪاري ٽيوب ويلن ذريعي انهتر لک سٺ هزار ايڪڙ فٽ پاڻي ڇڪجيو ٿي، جيڪو ڪُل چار ڪروڙ سٺ هزار ايڪڙ فٽ ٻڌجي ٿو. بهرحال پاڻي ڇڪڻ وارو هاڻوڪو مقدار فارم جي چائنٽ واري سطح تي چار ڪروڙ چاليهه لک فٽ کان وڌيڪ آهي.

سنڌو جي پاڻي جي ورهاست

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ به جڏهن آبپاشيءَ واري سرشتي جي ترقي مڪمل ست پيري نه ٿي هئي ڪنهن به نئين رٿا شروع ٿيڻ تي صوبن ۽ رياستن ۾ تڪرار پيدا ٿيندا رهندا هئا. بهرحال اهي تڪرار گڏيل صلاح مشوري ۽ سهمت سان حل ڪيا ويندا هئا. واسطيدار مامرن جي مختلف پاسن کي جاچڻ لاءِ ڪيترائي ڪميشن جوڙيا ويا ۽ انهن جي سفارش تي عمل درآمد ڪيو ويو. آخري دستاويز جنهن تي گڏيل يڪرائپ جو اظهار ڪيو ويو سو ورهاڱي کان ڪجهه اڳ ١٩٤٥ع ۾ ٿيل سنڌ پنجاب ٺاهه هو، جيتوڻيڪ ان ٺاهه تي ڪجهه تحفظات پئي رهيا آهن پر عملي طور تي انڪانپوءِ ٿيندڙ سنڌو جي پاڻي جي ورهاست انهيءَ ٺاهه جي متعين ڪيل مقدار تحت ٿيندي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌو جي پاڻي جي ورهاست لاءِ ڪيترييون ئي ڪميٽيون ۽ ڪميشن وجود ۾ آيا آهن. بدقسمتي سان انهن مان ڪوبہ معاملي کي حل ڪري نہ سگهيو آهي. ١٩٧١ع ۾ چشما استوريج جڙڻ کان ترت پوءِ وفاقي حڪومت پاڻي تي صوبن جي حقن ۽ دعوائن کي مت پيد جو نشانو نہ بنائڻ واري اظهار سان سال بہ سال پاڻي جي عارضي حصيداريءَ لاءِ هدايتون جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهو انتظام تربيلا جي شروعات ڪانپوءِ بہ جاري رهيو. بدقسمتي سان عارضي ورهاست واري انهيءَ عرصي دوران ڪجهہ مٿين علائقن ۾ ڪئنال سسٽم وسيلي پاڻي جي استعمال ۾ تمام گهڻي واڌ آئي جنهن جي نتيجي ۾ صوبيوار پاڻي جي ورهاست ۾ عدم توازن پيدا ٿيو.

١٩٩١ع وارو پاڻي جو ناهہ

١٩٩١ع ۾ صوبن وچ ۾ پاڻي جي ناهہ تي صحيحون ٿيون جنهن موجب ڪين سنڌن موجود ۽ سرحد ۽ بلوچستان صوبن ۾ اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ پاڻي جي استعمال لاءِ حصا متعين ڪيا ويا. باقي پاڻي بہ (بشمول چاڙهہ واري فراهمي ۽ مستقبل ۾ ذخيرا) پڻ پنجاب ٣٧ سيڪڙو سنڌ ٣٧، بلوچستان ١٢ ۽ سرحد صوبو ١۴ جي تناسب سان ورهايو ويو. ناهہ تحت پاڻي جي ورهاست مڪمل طور تي موجود پاڻي جي آڌار تي ڪئي وئي جنهن جو تفصيل هيٺ ايندو. ان ريت ڪنهن نئين ذخيري لاءِ پاڻي جڻ بچيو ئي نہ ٿي.

وڏي ذخيري وارا ڊيم ناهڻ جا لوازمات

ڪنهن بہ وڏي ذخيري واري ڊيم جي اڏاوت لاءِ هيٺيان لوازمات ٿين ٿا:

١- ذخيري لاءِ پاڻي جي موجودگي

٢- ماحولياتي اثر، خاص طور تي هيٺين چوڙن تي

٣- توانائي پيدا ڪرڻ جو ست

جيڪڏهن مٿين ٽنهي اسمن جي آڌار تي بنيادي گنجائش پيدا ٿئي تہ پوءِ (الف) ماپ جي تعين ۽ ڊزائين جي انداز جو فيصلو وغيره (ب) مالياتي خرچن ۽ معاشي لاين تي ڪم ڪيو ويندو آهي. هن مضمون ۾ آءٌ پهرين ٽن لوازمن تي بحث ڪندس جيڪي بنيادي اهميت وارا آهن.

ذخيري لاءِ پاڻي جي موجودگي

ذخيرو ڪندڙ ڊيم جي رٿابنديءَ لاءِ مناسب ۽ اعتبار جوڳي پاڻي جي

موجودگي بنيادي عنصر آهي ڇاڪاڻ جو دريائن ۾ پاڻي جو وهڪرو سال بہ سال مختلف هوندو آهي. ذخيري ڪندڙ ڊيم جي اڏاوت لاءِ عمومي طور تي قابل قبول ڪسوٽي پاڻي جي پنجن مان چئن سالن تائين يعني اسي سيڪڙو موجودگي آهي. ان ڏس ۾ واپڊا جي پاليسي تضادن سان ڀريل آهي. اها پاليسي زراعت بابت قومي ڪميشن جي پاڻي وارن وسيلن ۽ انتظامي ڪميٽيءَ واري رپورٽ ۾ شامل آهي. سيپٽمبر ١٩٨٧ع واري ان رپورٽ جو هڪ اهم ٽڪرو هت ڏجي ٿو:

”ست پرئي موجود مٿاڇري واري فراهمي کي مد نظر رکندي ان ڳالهہ کي ضرور اڏو رکڻ گهرجي تہ پاڻي جا وهڪرا سال بہ سال مختلف ٿين ٿا ۽ جيستائين سراسري مقدار کان وڌيڪ وهڪرن واري پاڻي کي ايندڙ سالن ڏانهن منتقل ڪرڻ واري جوڳي صلاحيت نہ هجي، ڪوبہ ترقياتي ڪم وهڪرن جي اهڙين سطحن تي ٻڌل هجي جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان چئن سالن تي انحصار ڪري سگهن. اهو اصول نہ رڳو پاڻي جي وهڪرن جي سڌي سنئين استعمال تي لاڳو ٿيندو پر اضافي مٿاڇري وارن ذخيرن تي بہ ٿيندو“.

ذخيري واري ڊيم جي اڏاوت جو تصور بہ ڪرڻ کان اڳ اهو ضروري آهي تہ مٿي ڄاڻايل اصول تحت موجودگيءَ جي ڪٿ لڳائي وڃي.

سنڌو دريائي سرشتي ۾ پاڻي جي موجودگيءَ جو اندازو ١٩٢٠ع کان موجود وهڪرن جي انگن اکرن مان سولائي سان لڳائي سگهجي ٿو. استعمال لاءِ موجود دريائي فراهميءَ جا تازه ترين انگ اکر واپڊا جي پاڻي وارن وسيلن جي انتظام واري ڊائريڪٽوريٽ تيار ڪيا آهن ۽ اهي مٿي ڄاڻايل ڪميٽيءَ جي رپورٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. انهيءَ جدول موجب واپڊا ٻارهن ڪروڙ پنجٽيهہ لک نوي هزار ايڪڙ فٽ جي ڪٿيل مقدار جي امڪاني اسي سيڪڙو وهڪرن واري دريا جي الهندي رم اسٽيشن کي پنهنجي مشق جو ذريعو بڻائيندي هڪ ڪروڙ ايڪيتاليهہ لک پنجاهہ هزار ايڪڙ فٽ جي ذخيري ڪرڻ جوڳي پاڇي پاڻي جي دعويدار آهي. مارچ ١٩٩١ع ۾ واپڊا جي چيئرمين سرڪاري طور تي ڄاڻايو تہ آخري اپياس قومي ڪميشن ١٩٨٧ع ۾ ڪرايو ۽ تربيلا ڪانپوءِ واري واپڊا جي ڪٿ حقيقت تي ٻڌل آهي. هت اهو ڄاڻائيندو هلجي تہ واپڊا جا مٿيان انگ اکر ايرندي دريائي حصي، سرشتي جي زيان ۽ لاپ، سمنڊ ۾ ڇوڙ ۽ الهندي دريائي پاڻي جي پارت طرفان بااختيار استعمال جي ڏس ۾ غير اطمينان جوڳا ۽ مستقل مزاجي کان وانجهيل آهن، جنکي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوبن وچ ۾ پاڻي جو ناهه

١٦ مارچ ١٩٩١ع تي صوبن وچ ۾ سنڌو دريا جي پاڻي جي ورهاست واري ناهه تي صحيحون ٿيون. ناهه جي نڪتن موجب پارهن ڪروڙ ٽيهتر لک پنجاهه هزار ايڪڙ فٽ پاڻي جو مقدار صوبن وچ ۾ ورهايو ويو ۽ پاڇي بچندڙ دريائي فراهمي (بشمول چاڙهه ۽ مستقبل ۾ ذخيرو ڪرڻ) جي حصيداريءَ لاءِ پڻ ڪجهه خاص نڪتا رکي پنجاب ٣٧ سيڪڙو سنڌ ٣٧، بلوچستان ١٢ سيڪڙو ۽ سرحد صوبو ١۴ سيڪڙو جو حصو ڏنو ويو. سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ هڪ ڪروڙ ايڪڙ فٽ جو مقدار متعين ڪندي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ گهربل ڇوڙ جي تعين لاءِ اڀياس ڪرڻ جي ضرورت کي تسليم ڪيو ويو. اهي نڪتا انهي ناهه جي چوٿين، ڇهين ۽ ستين شقن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

ان ڪري پاڻي واري ناهه جي انگن اکرن کي واپڊا جي جدولن ۽ انگن اکرن ۾ شامل ڪرڻو پوندو تہ جيئن پاڻي جي موجودگيءَ جي درست پوزيشن تي پهچي سگهجي.

جيڪڏهن واپڊا جي انگن اکرن ۾ پاڻي واري ناهه جا ماپا شامل ٿا ڪجن تہ پوءِ هيانوي لک سٺ هزار ايڪڙ فٽ جو خسارو سامهون ٿو اچي. اهو خسارو واپڊا جي ڪجهه انگن اکرن ۾ اچائين بهتري ڪرڻ تي هڪ ڪروڙ هيانوي لک نوي هزار ايڪڙ فٽ تائين وڃي پهچندو. هيٺ انهن خسارن ۽ واپڊا طرفان انگن اکرن ۾ هير ڦير تي تفصيلي بحث ڪبو.

اپرندي ندين مان پاڻي جي فراهمي

١٩٦٠ع واري سنڌو جي پاڻي جي ناهه موجب ٽن اپرندي ندين جا وهڪرا مڪمل طور ڀارتي استعمال لاءِ مخصوص آهن. ڀارت ستلج ۽ بياس ندين تي اڳيئي ذخيري وارا ڊيم ناهي چڪو آهي جڏهن تہ راويءَ تي ذخيري ڪندڙ منصوبو ١٩٩٣ع ۾ مڪمل ٿيڻو هو. اهو بہ چاٽائجي تہ ڀارت ٽنهي اپرندي ندين تي ڊيمن کي ڳنڍيندڙ ڪينالن جو هڪ گرڊ سسٽم ناهي ورتو آهي. انهي سسٽم تحت ڀارت پاڪستان کي هڪ بہ ڦڙو ڏيڻ کان سواءِ سمورو پاڻي استعمال ڪري سگهي ٿو. زراعت بابت قومي ڪميشن جي رپورٽ موجب واپڊا جو خيال آهي تہ رواي تي انهيءَ ڊيم ڪانپوءِ اپرندي ندين جي پاڪستان ڏانهن چوماسي واري مُند جي پڇاڙي ۾ ايندڙ چاڙهه ڪانسواءِ پاڻي جي ڪا جوڳي فراهمي نہ رهندي. انهن حالتن ۾ اها ڳالهه سمجهه ۾ نہ اچڻ جوڳي آهي تہ واپڊا ڪهڙي ريت اپرندي ندين مان اسي سيڪڙو امڪان جي آڌار تي پندرهن لک ايڪڙ فٽ پاڻي جي فراهمي جو تعين ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڪانسواء جنوري ١٩٦٤ع ۾ اولهه پاڪستان جي واپڊا طرفان هڪ خانگي فرم ذريعي ١٩٧٥ع تائين اولهه پاڪستان ۾ پاڻي ۽ بجليءَ جي ترقياتي پروگرام لاءِ تيار ڪيل دستاويز ۾ به هر ايرندي نديءَ جي حصيداريءَ کي ٻڙي ڄاڻايو ويو هو.

جسٽس فضل اڪبر ۽ جسٽس حليم به پنهنجي رپورٽن ۾ ساڳي صورتحال ڄاڻائي آهي، جڏهن ته پاڻيءَ جي ماهر مشهور سائنسدانن ڊاڪٽر نذير احمد ۽ غلام رسول چوڌري پنهنجي ڪتاب ”پاڪستان جي آبپاشيءَ واري زراعت“ ۾ ايرندي ندين جي حصي بابت هيئن لکيو آهي:

”١٩٦٠ع واري پاڻي جي ناهه تحت ڀارت کي پاڻي جا مڪمل حق حاصل آهن ۽ ان سمورن وهڪرن کي موڙڻ جا انتظام ڪري ورتا آهن. ماڌوپور واري مٿين وهڪري جي ١٩٨٩ع ۾ انتظام مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ جولاءِ ۽ آگسٽ واري مڪمل چاڙهه وارن وهڪرن جي راهه روڪي ويندي“ هو وڏيڪ ڄاڻائين ٿا بياس نديءَ تي پانڊو ۽ پونگ ڊيم ناهيا ويا آهن. راوي بياس لنڪ ماڌوپور جو پاڻي ڪٽي ٿو. ٿئين ڊيم جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ راويءَ جو مڪمل وهڪرو ڀارت ۾ ئي ذخيرو ڪيو ۽ استعمال ڪيو ويندو“.

مٿين تجزئي جي روشنيءَ ۾ واپڊا طرفان ايرندي ندين مان ١٥ لک ايڪڙ فٽ پاڻي حاصل ڪرڻ وارن انگن اکرن کي رد ڪندي اُتان جي حصي کي ٻڙي ليکيو وڃي.

نقصان ۽ لاڀ (رم اسٽيشن ڪان هيٺ وهڪرن سميت)

ڪوبه وڏو ڊيم ناهڻ سان هيٺين وهڪري جي تاريخي ۽ ايراضي وار انداز متاثر ٿئي ٿو ۽ نتيجي طور ڊيم ناهڻ کان اڳ واري دور جي ڀيٽ ۾ پوءِ وڏيون ۽ اهم تبديليون سامهون اچن ٿيون. امريڪا ۾ ڪولوراڊو نديءَ تي هوور ڊيم ۽ ٽيڪساس ۾ پيڪاس دريا تي ڊيم ٺهڻ ڪانپوءِ گذريل ڪجهه سالن کان پاڻي جي اٿهوند انجا فقط به مثال آهن.

پنهنجي جدول ۾ واپڊا پنجن مان چار سال نقصانن جا انگ اکر اسي لک ايڪڙ فٽ ڄاڻايا آهن. اها ڪٽ ٦٧-١٩٦٦ع کان ٨٦-١٩٨٥ع تائين منگلا ڪانپوءِ واري عرصي تي ٻڌل آهي جڏهن ته ساڳي جدول ۾ ڪئنال جي چوڙن جا انگ اکر تربيلا ڪانپوءِ واري عرصي جا ڪنيا ويا آهن. اهو غير مستقل مزاج ۽ گمراهه ڪندڙ طريقو اهي ۽ انڪري اهو درست ڪرڻ جي ضرورت آهي.

واپڊا جي انگن اکرن موجب ٧٨-١٩٧٧ع کان ٩٠-١٩٨٩ع تائين تربيلا

ڪان اڳتي اصل نقصان هڪ ڪروڙ اٺونجاهہ لک ويهہ هزار ايڪڙ فٽ (هڪ سال ۾ وڏ ۾ وڏ بہ ڪروڙ ٻٽيهہ لک ڏهہ هزار ايڪڙ فٽ) درج ڪيا ويا. ويجهڙائي وارا سال وڌندڙ لاڙي جي نشاندهي ڪن ٿا. ان جي آڌار تي اسي سيڪڙو امڪانيت تي نقصان هڪ ڪروڙ سٺيهہ لک چاليهہ هزار ايڪڙ فٽ تي وڃي پهچندا جڏهن تہ واپڊا پنهنجي جدول ۾ نقصان اسي لک ايڪڙ فٽ تي ڄاڻائي.

هاڻ اسين جيڪڏهن تربيلا ڪانپوءِ واري دور ٧٨-١٩٧٧ع کان ٩٠-١٩٨٩ع ۽ شروعاتي ٻارنهن سالن (٦٧-١٩٦٦ع کان ٧٧-١٩٧٦ع) دوران سرشتي جي نقصانن وارن انگن اکرن کي جاچينداسين تہ لاڙو وڌيڪ شفاف ۽ واضع طور اسان آڏو ايندو ۽ دراصل منگلا ڪانپوءِ تربيلا جي شروع ٿيڻ وارن ٻارهن سالن دوران جي اٺهتر لک ايڪڙ فٽ نقصان جي ڀيٽ ۾ ايندڙ سالن دوران نقصان هڪ ڪروڙ پنجونجاهہ لک پنجاهہ هزار ايڪڙ فٽ تي وڌندڙ لاڙي جي نشاندهي ٿو ڪري. ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ جي صورت ۾ اهڙي ئي وڌيڪ نقصان جي توقع رکڻ گهرجي. ڪالاباغ ڊيم ڪانپوءِ نقصان جي گهٽ ۾ گهٽ ڪٿ ٽيهہ لک ايڪڙ فٽ لڳائي سگهجي ٿي.

الهندي ندين جي پاڻي جو ڀارت هٿان بااختيار استعمال

واپڊا جي جدول ۾ انهن ندين سان ڀارت جو بااختيار استعمال ويهہ لک ايڪڙ فٽ ڄاڻايل آهي. واپڊا انهيءَ انگ اکر جو ڪو ثبوتي حوالي نہ ڏنو آهي. جڏهن تہ ٻارهن آگسٽ ١٩٨٨ع تي سينيٽ ۾ پڇيل سوال نمبر ١٣٧ جي جواب ۾ پاڻي ۽ بجليءَ جي وزير ڄاڻايو هو تہ ١٩٦٠ع واري سنڌو پاڻي ناهہ تحت "ڀارت طرفان زرعي استعمال لاءِ الهندي ندين مان پاڻي حاصل ڪرڻ تي ڪا پابندي ناهي".

سال بہ سال بنياد تي پاڻي جي موجودگي

ڪالا باغ ڊيم جي حمائت ۾ هڪ دليل اهو بہ ڏنو ويندو آهي تہ هر سال چاڙهہ دوران بہ ڪان ٽي ڪروڙ ايڪڙ فٽ پاڻي سمنڊ ۾ ٿو پوي. عام شهري تہ واضع طور تي اهو سوچيندو تہ هر سال ايڏي وڏي زيان کان بچڻ لاءِ پاڻي جو ذخيرو ڪرڻ ضروري آهي. ان لاءِ سنڌو دريا تي ڪوبہ اهڙو ماڳ نہ هئڻ ڪري جت هڪ سال جو اضافي پاڻي ٻين سالن لاءِ محفوظ ڪري سگهجي، ذخيرو ڪندڙ ڊيم لاءِ اضافي پاڻي جي ذخيري کي سال بہ سال پيش ايندڙ صورتحال ٻٽاندڙ ڏسٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو. تربيلا ڪانپوءِ وارن سالن دوران سنڌو پاڻي ناهہ تحت پارٽ کي ڏنل پاڻي، پاڻي ناهہ تحت ورهاست ۾ ڪوٽ ۽ اصل چوڙن ۽ سمنڊ ۾ لازمي ڇوڙ ڪانپوءِ چوڏهن سالن مان فقط چار سال ئي اضافي پاڻي رهيو آهي. ٧٦-١٩٧٥ع کان ٨٩-١٩٨٨ع وارن انهن چوڏهن سالن جي اها تصوير ڪالاباغ جي حصي وٺڻ کان اڳ جي صورتحال آهي.

انهن انگن اکرن موجب ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت ۽ گهربل پاڻي، جيڪڏهن رائيٽ ۽ ليفٽ بينڪ ڪينال کي ڌار ڪجي تہ چوڏهن مان فقط ٻہ سال هوندو ۽ جيڪڏهن متين ٻنهي ڪينالن کان شامل ڪبو تہ پوءِ اضافي پاڻي رڳو هڪ سال (چاڙهہ وارو سال) ئي ملي سگهندو جيڪو هڪ سؤ يا ان کان بہ وڌيڪ سالن جي عرصي ۾ هڪ ئي ڀيرو ممڪن آهي.

رائيٽ ۽ ليفٽ بينڪ ڪالاباغ ڪينال

رٿيل وڏي پئماني جي رائيٽ ۽ ليفٽ بينڪ ڪالاباغ ڪينالن لاءِ پاڻي جي گهرج هڪ ڪروڙ اناويهہ لک اسي هزار ايڪڙ فٽ هوندي، اها حد خود ڊيم جي گنجائش کان هيٺي آهي. ڪالاباغ ڊيم جي فني ماهرن پنهنجي رپورٽ ۾ واضع ڪيو آهي تہ انهن ڪينالن جي اڏاوت انتهائي اڻ لاڀائتي ٿيندي. انجي تصديق پاڻي ۽ بجلي جي وزير ٢٦ جولاءِ ١٩٨٩ع تي سينيٽ ۾ منهنجي پڇيل سوال جي جواب ۾ پڻ ڪئي. واپڊا جي چيئرمين مارچ ١٩٩١ ۾ پڻ ساڳي ڳالهہ ڪئي ۽ ڄاڻايو تہ ان ڏس ۾ وڌيڪ اڀياس ڪرايا ويندا جن لاءِ واسطيدار صوبائي حڪومتن پنهنجي سر خرچ پرڻ جي آڇ ڪئي آهي. انهن وڌيڪ اڀياسن اها ڳالهہ سامهون آندي آهي تہ انهن ڪينالن تي خرچ خود ڊيم تي ايندڙ خرچ جيترو ئي هوندو. جنهن صورت ۾ خود ڊيم لاءِ پاڻي موجود ناهي انهن ڪينالن تي شاهي خرچ ڪهڙو جواز رکي ٿو!!؟.

نتيجا ۽ سفارشون

اهڙي صورتحال ۾ آبادي ۾ اضافي سبب خوراڪ ۽ وسيلن ۾ اضافي سان گڏوگڏ پرڏيهي واپار لاءِ حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ حقيقي ۽ بنيادي روش اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ ممڪن حل هيٺ ڏجن ٿا:

١- متاچري تي موجود پاڻي مڪمل طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي، تنهنڪري ڪالاباغ يا اهڙي ڪنهن بہ ٻئي ڊيم جي اڏاوت غير مناسب ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢- ترجيح ڪينالن ۽ واٽر ڪورسن ۾ خاص طور تي لوٽيائي زميني پاڻي وارين ايراضين ۾ نقصان گھٽائڻ لاءِ موجود فراهمين جي تحفظ کي ڏيڻ گھرجي.

٣- پاڻي جي ساڳي مقدار سان وڌيڪ ايراضي کي عمل هيٺ آڻي بهتر فصل حاصل ڪرڻ لاءِ آبپاشيءَ جي اثرائتي مشق لاءِ مناسب اُپاءَ ورتا وڃن.

٤- حڪومت فارم مينيجمينٽ، ڪمانڊ واٽر مينيجمينٽ، زرعي توسيعي، لاڳو ڪري سگھجندڙ تحقيق ۽ آبپاشي واري سرشتي جي بحاليءَ واري پروجيڪٽ جهڙا ڪيترائي پروگرام شروع ڪري چڪي آهي، انهن پروگرامن جي اهليت جو دارومدار بهر صورت انهن جي مسلسل ڪٽ ۽ چڪاس تي آهي ته جيئن ملڪ جي بهتري لاءِ گھربل معيار حاصل ڪري سگھجن.

٥- مستقبل لاءِ بجلي پيدا ڪرڻ وارو پروگرام حقيقت پسند ۽ معروضي حالتن تي ٻڌل هئڻ گھرجي. ذخيرو ڪرڻ لاءِ پاڻي جي عدم موجودگيءَ جي صورت ۾ اڳيئي واضع ڪيل دريا جي وهڪري واري رٿا تي ڌيان ڏنو وڃي جنهن مان پندرهن هزار ميگاواٽ بجلي حاصل ڪري سگھجي ٿي.

٦- لوڊ شيڊنگ کان بچڻ لاءِ سمورن هائيڊل پاور پروجيڪٽس جي اڻ ٽٽ حصي طور اعزازي ٿرمل جنريشن گنجائش جي رٿا بندي ڪئي وڃي.

٧- تربيلا جي باقي رهيل ١٥، ١٦، ١٧ نمبر يونٽن کي ڪالاباغ جي اڏيءَ تي قربان ڪرڻ بدران ترجيحي بنيادن تي قائم ڪيو وڃي.

(ليکڪ اڳوڻو سينيٽر آهي ۽ هيءُ مضمون ١٩٩٢ع ۾ "سائنسدانن ۽ سائنسي پيشيورن جي تنظيم PASSP جي ڪوئنايل سيمينار ۾ پڙهيائين).

(ترجمو: اسلم خواجا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انجنيئر عبدالرسول ميمڻ

ڪالا باغ بابت ڪجهہ ويچار

تعارف:

ڪالاباغ ڊئم جي اڏاوت لاءِ رٿيل هنڌ سنڌو نديءَ تي تربيلا ڊئم ڪان لهواري پاسي ١٢٠ ميلن ۽ ڪالاباغ جي شهر جي مٿين پر اٽڪل ١٢ ميلن جي فاصلي تي آهي، جتي درياءَ ميداني علائقي ۾ داخل ٿئي ٿو. اهو عربي سمنڊ ڪان ٧٧٠ ميل پري آهي (جڏهن تہ سامونڊي ڪناري ڪان هيستائين درياءَ جي ڊيگهہ ٩٨۴ ميل آهي).

سنڌو دريائي سرشتو.

سنڌوندي سنڌ طاس جي ڇهن دريائن ۾ وڏي ۾ وڏي آهي. ١٩٦٠ع واري سنڌ طاس معاهدي تحت اُپرندي وارا ٽي درياهہ راوي، بياس ۽ ستلج، جن جو ساليانو وهڪرو ٣٣ ملين ايڪڙ فوٽ هو، مڪمل طور ڀارت جي استعمال لاءِ ڏنا ويا، جڏهن تہ اُلهندي وارا ٽي درياهہ سنڌو، جهلم ۽ چناب جن جو رِم اسٽيشن تي ساليانو وهڪرو ١٢٧ ملين ايڪڙ فوٽ هو. سي ان شرط سان پاڪستان جي حوالي ڪيا ويا تہ ڀارت کي والاريل ڪشمير ۾ اولهہ وارن دريائن جي پاڻي سان ١٣ لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ جو حق هوندو.

١٩٦٧ع ۾ جهلم نديءَ تي منگلا ڊئم مڪمل ڪيو ويو جنهن جي بجليءَ جي اُپت واري شروعاتي گنجائش ٣٠٠ ميگا واٽ هئي، جيڪا ٨٠٠ ميگاواٽ تائين وڌي چڪي آهي ۽ اجان بہ هڪ هزار ميگاواٽ گنجائش وڌائڻ تي ڪم هلي رهيو آهي.

اٽڪ کان ٢٠ ميل مٿئين پر (ڪابل / سنڌو دوآبو)، تربيلا ڊئم جو وڏو ذخيرو آهي، جنهن جو پاڻي گڏ ڪرڻ وارو علائقو ٦٥،٥٠٠ چورس ميل آهي. هي ڊئم ١٩٧۴ع ۾ مڪمل ڪيو ويو، پر سرنگهہ نمبر ٢ جي ناڪامي ۽ بعد ۾ اوپاري پاسي پاڻيءَ کي روڪيندڙ تهہ ۾ سوراخ ٿيڻ سبب ڊئم پرجي نہ سگهيو، ۽ هنگامي بنيادن تي ان مان پاڻي نيڪال ڪيو ويو. ان ٧٨-١٩٧٧ع ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ اوپاري پاسي تي هر سال سوراخ ٿي وڃن ٿا جن کي هڪدم پرڻ لاءِ مناسب خيال رکيو وڃي ٿو. ان جي بجلي جي اُپت واري شروعاتي گنجائش ٧٠٠ ميگاواٽ آهي جنهن کي هاڻي ١٧٥٠ ميگاواٽ تائين وڌايو ويو آهي، ۽ ۴٣٢ ميگاواٽ

جي گنجائش وارا وڌيڪ ۴ يونٽ لڳائڻ جو ڪم هلي رهيو آهي. چشما- جهلم لنڪ ان بئراج مان ڦٽي ٿو.

اڳوڻي تاريخ

سنڌ طاس رٿا جي ٻن ڊئمن لاءِ منگلا ۽ تربيلا جا هنڌ ان ڪري چونڊيا ويا جو فقط اهي ٻه هنڌ اهڙا هئا. جن بابت ڪجهه تفصيلي کوجنا ڪئي ويئي هئي. منگلا ڊئم فوري طور تي، سنڌ طاس معاهدي ۾ مقرر ڪيل مدي اندر تعمير ڪيو ويو. جڏهن تربيلا تي غور ڪيو پئي ويو، تڏهن متبادل طور ڪالا باغ به ويچار هيٺ هو. عالمي بئنڪ جي ليف ٽنڪ رپورٽ ١٩٦٧ جا هيٺيان ٽڪرا ان ڏس ۾ روشني وجهن ٿا:

" ڪالاباغ ڊئم جي مکيه خاصيت ان جي ساڳئي وقت بنيادي نوعيت جي ڪشش توڙي مکيه ڪمزوري آهي "چاس تي مٽڻ" پاران وجود ۾ آندل هي پراجيڪٽ سلوئسنگ اسڪيم تحت ڪم ڪندو جيئن ذخيري جي پاڻي گڏ ڪرڻ واري مدي کي وڌائي سگهجي. آبڪلاٽي واري شروعاتي مَند جو گهٽيي مٽي گاڏڙ پاڻي لازمي طور تي ذخيري مان بنا ڪنهن رنڊڪ جي خارج ٿيڻ ڏنو ويندو. جنهن سان گڏريل وقت ۾ درياءَ جي مکيه وهڪري ۾ گڏ ٿيل مٽي به ڪنهن حد تائين صاف ٿي ويندي. جيتوڻيڪ ان طريقه ڪار لاءِ ڪنڪريٽ جي ڳري تهه واري ڍانچي جي ضرورت پوندي، جنهن سان پيڙهه تي وڌو دٻاءُ پئجي ويندو".

اهڙي ريت ١٩٦٨ع ۾ هيٺين سببن جي ڪري تربيلا کي ڪالاباغ تي اوليت ڏني ويئي:

(الف) سائٽ بابت وڌيڪ تفصيل ڄاڻ.
(ب) ڊئم مان ذيلي ذخيرن جي وڌي تعداد کي ترقي وٺرائڻ جو امڪان.
(ج) تربيلا ۾ بجليءَ جي وڌيڪ اپت ٿيڻ جو امڪان.

درحقيقت جن ماڻهن ڪالاباغ کي تربيلا جي متبادل طور رد ڪري ڇڏيو هو، تن جي ذهن ۾ ڪالاباغ جي مکيه ڪمزوري اُتي مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ وارو مسئلو هو.

تربيلا جي اڏاوت شروع ٿيڻ ڪانپوءِ. اُن جي ۵۵ سالن جي مختصر امڪاني زندگيءَ جي پيش نظر ڪالاباغ جي تعمير تي ويچار ڪيو ويو. ميسرس اي. سي. اي. کي ڪنسلٽينسي جو ڪم ڏنو ويو، جن ١٩٧۵ع ۾ ان جي فزيبلٽي رپورٽ پيش ڪئي. ١٩٨٢ع ۾ ڪالاباغ بابت اڳوٽي اپياس کي يو اين ڊي پي ۽ پاڪستان

سرڪار جي مالي سهڪار سان ڪنسلٽنٽس نين حالتن سان نهڪايو. سرحد صوبي طرفان، پاڻي گڏ ڪرڻ جي بُلند سطح ٩٢٥ تي اعتراض ڪانپوءِ ان اپياس تي نظرثاني ڪندي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي سطح کي گهٽائي ٩١٥ ڪيو ويو ۽ رپورٽ جون ١٩٨٨ع ۾ واپڊا کي پيش ڪئي ويئي.

پاڪستان سرڪار کي پراجيڪٽ رپورٽ پيش ٿيڻ کانپوءِ سرحد ۽ سنڌ جي صوبن ڊيم جي اڏاوت تي اعتراض آثاريا جنهن بعد ٽيڪنيڪي معاملن جي نبيري لاءِ صوبن ۽ واپڊا جي عيوضن تي مشتمل هڪ ڪالاباغ ڪميٽي جوڙي ويئي. ٻئي پاسي ٢٥ جون ١٩٩٠ع تي سياسين پارٽين سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري وفاقي حڪومت کي سفارش ڪئي ته پراجيڪٽ کي رد ڪيو وڃي. سرحد اسيمبلي ٩ آڪٽوبر ١٩٩١ع تي چوٿون ڀيرو ٻيڪراءِ ٺهراءُ پاس ڪري ڊيم جي اڏاوت ترڪ ڪرڻ جي گهر ڪئي. ايستائين جو واپڊا جي ماهرن ۽ اڳوڻي سينيٽر قاضي عبدالمجيد جي مضمونن کي قومي اخبارن شه سرخين سان شايع ڪيو. سنڌ طرفان مکيه اختلاف پاڻيءَ جي دستيابي ۽ ماحولياتي اثرن بابت هو، جڏهن ته سرحد طرفان مخالفت جو ڪارڻ ڊيم جي ڇڏيل پاڻي جي اثر (Back water effect) ۽ پشاور ۽ مردان جي وادين تي پوندڙ ماحولياتي اثر هئا. انهن ٻنهي تڪراري معاملن توڙي مکيه ٽيڪنيڪي مسئلن جهڙوڪ بنياد ۽ سلوئسنگ جو تجزيو ڪرڻ ضروري آهي.

پاڻيءَ جي دستيابي

هڪ ڀيرو اهو فيصلو ٿي وڃي ته آبپاشيءَ لاءِ مختلف مدن ۾ پاڻيءَ جي استعمال لاءِ ڪيترو ڪيترو پاڻي ڏنو ويندو ته پوءِ اهو ڏکيو سوال باقي ئو رهي ته مختلف ڏسن ۾ استعمال لاءِ واقعي ايترو پاڻي ميسر ٿي سگهندو، جيتري سپلاءِ مهيا ڪرڻ لاءِ ناهه ڪيو ويو آهي. ان سوال جي جواب جو بنياد تفصيلي انجنيئرنگ اسٽڊيز تي ٻڌل هئڻ گهرجي. جن ۾ ڪي طريقه ڪار اختيار ڪيل هجن ۽ آهي ڪجهه مفروضا تي ٻڌل هئڻ گهرجن. ان ڏس ۾ هيٺيان سوال اهم آهن:

١- اهو اپياس گهٽ سالن جي تعداد تي ٻڌل آهي.

٢- سرشتي ۾ ٿيندڙ پاڻيءَ جو زيان ڪيترو آهي.

٣- دريائي سرشتي ۽ ماحولياتي معاملن کي مد نظر رکڻ بعد پاڻي جو ڪيترو مقدار استعمال ٿيڻ جوڳو هوندو.

اپياسي سالن جو تعداد:

اهو معلوم ڪرڻ جو ڪوبه طريقو ڪونهي ته ڪنهن دريائي سرشتي ۾

مستقبل ۾ پاڻيءَ جو ڪيترو مقدار دستياب هوندو. ان ڏس ۾ سڀ کان بهتر اهو طريقو ٿيندو تہ فرض ڪجي تہ مستقبل ۾ پاڻيءَ جي موجودگي ايتري ئي هوندي، جيتري ماضيءَ ۾ رهي آهي. اڳياس جو مدو جيترو قدر ڊگهو هوندو پاڻيءَ جي مقدار بابت اڳڪٿي اوتري ئي وڌيڪ درست هوندي. هڪ اهڙي معاملي (پاڻي) لاءِ جنهن جي تاريخ بحرانن سان ڀرپور ۽ انساني ڄاڻ کان متيري هجي، اسان کي ڪنهن قطعي نتيجي تي پهچڻ کان اڳ سموري رڪارڊ کي جاچڻ گهرجي. "پاڻيءَ جي وسيلن واري انتظامي ڪميٽي ١٩٨٧ع" جي ڪارروائي دوران، جنهن جو چيئرمن ميمبر واٽر واپڊا هو، ١٩٢٢ کان ١٩٨٨ع تائين ٿنهي دريائن جي موسمي ۽ ساليانن وهڪرن جا انگ اکر سهيڙيا ويا، ۽ انهن جي هيٺين خاصيتن جو ڪاٿو لڳايو ويو.

سراسري	137.27 ملين ايڪڙ فوٽ.
Median	137.164 ملين ايڪڙ فوٽ
وڌ ۾ وڌ	186.79 ملين ايڪڙ فوٽ (سال 60-1959)
گهٽ ۾ گهٽ	100.31 ملين ايڪڙ فوٽ (سال 75-1974)
۵ مان ۴ ڀيرا	123.59 ملين ايڪڙ فوٽ.

اهو ظاهر آهي تہ هنن انگن ۾ ڪافي لاها چاڙها آهن. اسان ماضيءَ ۾ ڪيل ڪن اڳياسن جي حوالي سان ڪنهن مناسب انگ تي پهچي سگهون ٿا. پاڻيءَ جي وسيلن واري انتظامي ڪميٽي ۵ مان ۴ سالن ۾ دستياب پاڻيءَ جي مقدار کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. "امڪاني طور دستياب پاڻيءَ جي وهڪري تي ويچار ڪندي اهو پيش نظر رکڻ گهرجي تہ اهي وهڪرا هڪ کان ٻئي سال ۾ ڦرندا گهرندا رهيا آهن ۽ پاڻيءَ جي ذخيري ڪرڻ جي ايڏي گنجائش ڪانهي جنهن سان مٿين سراسري وهڪرن کي بعد جي سالن لاءِ سنڀالي رکجي. تنهنڪري اندازن جو دارو مدار وهڪري جي اهڙي سطح تي رکڻ گهرجي، جنهن تي پنجن مان گهٽ ۾ گهٽ چئن سالن تائين انحصار ڪري سگهجي. ميسرس هرزاس، نظرثاني ٿيل ايڪشن پروگرام کي سهيڙڻ مهل پاڻيءَ جي سراسري مقدار کي "دستياب مقدار" فرض ڪيو هو.

جيڪڏهن اسان انڊس ڪميشن جلد - ١، ١٩٤٢ع جي رپورٽ تي نظر وجهون جنهن جو سربراهہ جسٽس راؤ هو جنهن سنڌ ۽ پاڪستان کان اڳ واري پنجاب ۾ ٿياڪڙي ڪندي آمريڪي سپريم ڪورٽ جي ان فيصلي جو حوالو ڏنو هو جيڪو ان ويومنگ جي ڪولوراڊو خلاف ڪيس ١٩٢٩ع ۾ ڏنو هو. ويومنگ

رياست لارامڪ درياءَ جي مٿين واري رياست ڪولوراڊو خلاف ڪيس داخل ڪيو هو. جيڪا پنهنجي رياستن وچ ۾ وهندڙ ان درياءَ جو رخ موڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. فيصلي جي لاڳاپيل پيرا (٩)، هيٺ پيش ڪجي ٿي.

"(٩) ڪولوراڊو واري شاهديءَ ۾، درياءَ جو هڪ ڊگهي مدي تائين سراسري سالياني وهڪرو ڄاڻايو ويو آهي جڻ اهو پاڻيءَ جي دستياب سپلاءِ ماپڻ جو مناسب پيمانو هجي پر عدالت سمجهي ٿي ته پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وڏي ڦير گهير سبب اهو مناسب پيمانو ڪونهي". عملي طور تي پاڻيءَ جي دستياب هجڻ لاءِ سپلاءِ نسبتا لاڳيتي ۽ قابل انحصار هئڻ گهرجي". "فصل پاڻيءَ جي اُن سراسري وهڪري جي اُميد تي نٿا آپائي سگهجن جيڪو ڪونه ايندو، نه ئي پاڻيءَ جي اُنهن غير معمولي وهڪرن جي يادگيريءَ تي آباد ڪري سگهجن ٿا. جيڪي گذريل سالن ۾ درياءَ مان لنگهي چڪا آهن. جڏهن پاڻي حقيقي طور ڏبو آهي تڏهن ئي ڌرتي اُن جي موٽ ڏيندي آهي". عدالت پاڻيءَ جي دستياب سپلاءِ بابت هڪ خاص مدت ۾ گهٽ ۾ گهٽ پاڻيءَ واري وهڪري کي به درست پيماني طور قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. "عملي طور آبپاشي ڪندڙن ۽ تجربيڪار اريگيشن انجنيئرز وچ ۾ ان ڳالهه تي عام اتفاق راءِ آهي ته گهٽ ۾ گهٽ قدرتي وهڪرو ئي ان ڏس ۾ پرک جو پيمانو ڪونهي" عدالت سمجهي ٿي ۽ سندس خيال آهي ته عملي طور تي ڪن خاص حدن اندر، هڪ نسبتاً لاڳيتو انحصار جوڳو پاڻيءَ جو وهڪرو، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ مقدار کان وڌيڪ هجي، ذخيرن جي مدد سان حاصل ڪري سگهجي ٿو". ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته عدالت نه هڪ ڊگهي مدي جي سراسري وهڪري کي ۽ نه ئي گهٽ ۾ گهٽ ڪن ٻن لاڳيتن سالن جي سراسري گهٽ ۾ گهٽ وهڪري کي قبول ڪري ٿي. واضح طور تي عدالت انهيءَ مفروضي کي اهميت ڏني آهي ته اهو ممڪن آهي ته پاڻيءَ کي هڪ سال ذخيرو ڪري اُن کي ٻئي سال استعمال ڪجي، پر اهو وڌيڪ ڊگهي مدي لاءِ گڏ نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن اسان پاڻيءَ جي ميسر هجڻ جو ڳاٽو آمريڪي سپريم ڪورٽ واري فيصلي جي بنياد تي لڳايون ته پاڻيءَ جي حاصل ٿي سگهندڙ سپلاءِ 124.58 ملين ايڪڙ فوٽ ٿيندي جيڪا 80% دستيابيءَ (123.59 ملين ايڪڙ فوٽ) جي لڳ ڀڳ آهي.

سسٽم ۾ پاڻيءَ جو زيان

جيئوٽيڪ دريائن ۾ پاڻيءَ جي زيان جي ڏس ۾ مختلف ابياس ڪيا ويا آهن پر ڪابه نظرياتي يا تجربي فارمولا نهي ڪانه سگهي آهي، جنهن مان دريائن ۾ پاڻيءَ جي زيان جو تعين يا ڪنهن سال دوران ان ۾ ڪيترو پاڻي هوندو تنهنجي

اڳڪٽي ڪري سگهجي. جو تہ ان ڏس ۾ ڪيترائي پاسا آهن، جن جي اٿرن بابت اڳڪٽي نٿي ڪري سگهجي، جهڙوڪ رڪارڊ نہ ٿيل وهڪرا، چئنل سرشتي ۾ ڦير گهير، اڳين بوڏن جو نمونو ڪهڙو هو وغيره. اهوئي سبب آهي جو اڻ واپريل پاڻيءَ جي سپلاءِ جي بنياد تي اپياس ٿيڻ گهرجي. اهڙي ريت پاڻمرادو طور تي ٿيل زيان ڳڻپ ۾ اچي ويندا. سنڌ طاس ۾ پاڻيءَ جي زيان سال بسال ڦرندو گهرندو رهيو آهي. ١٩٦٧ع ۾ منگلا تعمير ٿي ويو جنهن پاڻيءَ جي زيان جي تاريخي طريقي ۾ تبديلي آڻي ڇڏي. ساڳي ريت ١٩٧٧-٧٨ع ۾ تربيلا چالو ڪيو ويو، جنهن پاڻيءَ جي زيان واري نموني کي وڏيڪ تبديل ڪري ڇڏيو. پاڻيءَ جي زيان واري نئين لاڙي جو اپياس ڪرڻ لاءِ اهو بهتر ٿيندو تہ انهن ٻنهي دؤرن ۾ ٿيندڙن نقصانن جو ڪاٿو لڳايو وڃي.

اڻ واپرايل پاڻيءَ، جي سپلاءِ جي بنياد تي پاڻي جي وسيلن واري انتظامي ڪميٽي پاران پاڻيءَ جي زيان جو، موجب هيٺين ريت ڪاٿو لڳايو ويو آهي.

منگلا ڊئم چالو ٿيڻ بعد		تربيلا ڊئم چالو ٿيڻ بعد	
1966-67	- 10.23	1977-78	6.00 - ملين ايڪڙ فوٽ
68	- 2.77	79	8.67 - ملين ايڪڙ فوٽ
69	- 8.46	80	8.28 - ملين ايڪڙ فوٽ
70	- 10.74	81	17.94 - ملين ايڪڙ فوٽ
71	- 6.28	82	16.75 - ملين ايڪڙ فوٽ
72	- 12.50	83	18.50 - ملين ايڪڙ فوٽ
73	- 12.43	84	14.33 - ملين ايڪڙ فوٽ
74	+ 6.76	85	16.45 - ملين ايڪڙ فوٽ
75	- 12.02	86	16.49 - ملين ايڪڙ فوٽ
76	- 9.83		
77	+ 2.39		
سراسري	- 6.92	سراسري	13.71 - ملين ايڪڙ فوٽ

مٿين جدول مان ظاهر ٿئي ٿو تہ نئين ڊئم تربيلا جي اڏاوت سان پاڻيءَ جي زيان ۾ اچان بہ واڌري وارو لاڙو رهيو آهي. اهو پڌرو آهي جو تہ تربيلا جو ذخيرو 100 چورس ميلن جي ايراضيءَ تي پکڙيل ۽ ٥٠ ميل ڊگهو آهي. جنهن مان پاڻي سج جي تپش سبب ٻاڦ ٿيو، ذخيري واري ايراضيءَ ۾ ٽمڻ سببان زمين جي گهرائي ۾ ويندو ۽ ٻين طريقن سان بہ ضايع ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جو قابل استعمال مقدار

پاڻيءَ جي دستياب مقدار ۾ زيان جي لاڙي جو ڪاٽو لڳائڻ بعد اسان دريائي پاڻيءَ جي ورچ واري ٿاهه جي روشنيءَ ۾ پاڻيءَ جي قابل استعمال مقدار جو ڪاٽو لڳائي سگهون ٿا. اهو واضح آهي تہ هڪ وڏيڪ ذخيري جي اڏاوت سان پاڻيءَ جو زيان اجان بہ وڌندو. بين الاقوامي تجربي مان پڻ ان ڳالهہ جي پٺڀرائي ٿئي ٿي. اوچي اسوان ڊئم ۾ ساليانو 8.1 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سج جي تپش سببان ٻاڦ بڻجي ضايع ٿئي ٿو. جيڪو ساليانو سراسري وهڪري جو ١٢ سيڪڙو آهي. لنڊن جي "ورلڊ واٽر" (اپريل ١٩٨٩ع) ۾ اها ڳالهہ ڇاپائي وئي آهي. اهڙي ريت پاڻيءَ جو ذخيرو جيڪو پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ٺاهيو وڃي ٿو. اهو پاڻيءَ کي محفوظ رکڻ بدران ضايع ڪري ٿو. سراسري ٨٠% ۾ آمريڪي عدالت جي فيصلي جي بنياد تي پاڻيءَ جو استعمال جوڳو مقدار پاڻيءَ واري ٿاهہ تي عمل جي صورت ۾ هيٺين ريت هوندو:

سنڌ طاس ۾ پاڻيءَ جو استعمال جوڳو مقدار

جريان نمبر	تفصيل	سراسري	80%	آمريڪي عدالت	رمارڪ
١	الهندي دريائن جو رم اسٽيشن وارو وهڪرو.	137.27	123.59	124.58	1922-86 جو رڪارڊ
٢	رم اسٽيشن کان هيٺيون وهڪرو نقصان (−)/ فائدو (+) واپڊا	- 13.71	- 10.96	- 10.96	واپڊا موجب
٣	پاڻيءَ جو سمنڊ ۾ نيڪال	- 10.00	- 8.0	- 8.0	پاڻيءَ واري ٿاهہ موجب فقط سراسري لاءِ
۴	صافي موجود پاڻي.	113.56	104.63	105.62	
۵	صوبن لاءِ رکيل پاڻي.	114.35	114.35	114.35	پاڻيءَ جو ٿاهہ
٦	هندستان کي استعمال جو ڏنل اختيار.	2.0	2.0	2.0	معاهدي موجب
٧	استعمال لاءِ صافي موجود پاڻي.	- 2.79	- 11.72	- 10.73	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين جدول واضح طور تي ڄاڻائي ٿي ته ان حقيقت جي باوجود ته پاڻيءَ جي زيان جو لاڙو وڌندو (گهٽ ۾ گهٽ 4.0 ملين ايڪڙ فوٽ واڌو). پر موجوده زيان جي حساب سان به صوبن کي سنڌن پوري ڪوٽا ڏيڻ ڪانپوءِ پاڻي جي دستيابي نفي ۾ آهي. اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي ته سنڌ کي آبپاشيءَ واري زراعت لاءِ ٨٠% پاڻي ملڻ گهرجي، ڇو ته اها خشڪ علائقي (Aridzone) ۾ اچي ٿي. اهو آمريڪي سپريم ڪورٽ واري فيصلي سان پڻ نهڪندڙ آهي.

سرحد صوبي تي ٿيندڙ اثر

ڪالاباغ وٽ پاڻيءَ جي ذخيري جي حد آر. ايل. ٩١٥ تائين وڌائي ويئي ته اهو اٽڪ کان سون دوآبي تائين سنڌو جي وڏي واديءَ کي ٻوڙي ڇڏيندو جيڪو فاصلو ٩٠ ميلن جو آهي. ۽ ڪابل، سنڌو، دوآبي وٽان ڪابل نديءَ کان پڻ ڏهاڪو کن ميلن تائين مٿي هليو ويندو. اهو سون نديءَ کان پڻ ٣٦ کن ميل مٿي تائين پکڙجي ويندو. پاڻيءَ جي ذخيري جي گهٽ ۾ گهٽ سطح آر ايل ٨٢٥ تي اهو سنڌو درياءَ کان ٧٥ ميل مٿي تائين پکڙبو ۽ نوشهره کان ٢٥ ميل هيٺ پرو هوندو.

ڪالاباغ تي درياءَ جي آندل مٽي، واري ۽ پٿر جي ساليانو وزن جو ڪاٿو ٤٧٠ ملين شارٽ ٽن (هڪ شارٽ ٽن = ٢ هزار پائونڊ) لڳايو ويو آهي، جنهن مان ٣٢ سيڪڙو وڏن داڻن تي ٻڌل واري هوندي. ان ۾ ڪابل درياءَءَ جو حصو ٧٥ ملين شارٽ ٽن ساليانو هوندو جنهن مان ١٢ سيڪڙو وڏن داڻن واري واري هوندي. سنڌو درياءَ جو پاڻي تمام گهڻو لڙاٽيل هوندو آهي. جنهن ۾ ٧٥ کان ٨٠ سيڪڙو اهڙا پٿر ۽ گرٽول هوندي آهي جنهن جي داڻن جي سائيز ١٠ ملي ميٽر کان وڏيڪ هوندي آهي. جڏهن ته ١٥ کان ٢٠ سيڪڙو کن ١ ملي ميٽر کان ننڍا هوندا آهن.

جيئن ئي ڊئم سان پاڻيءَ جي سطح وڌندي درياءَ جي بئڪ واٽر جي حد پاڻي جي ذخيري کان اوپاري پاسي وڌندي ۽ درياءَ جي آندل مٽي بئڪ واٽر ايريا جي مٿئين ڇيڙي تي گڏ ٿيڻ لڳندي. بئڪ واٽر ۽ مٽيءَ جي جمع ٿيڻ جو گڏيل اثر ساڳي ڏس ۾ اڳتي وڌندو. ڊئم جي اڏاوت سان ڪيڏو وڏو علائقو ۽ ڊنډ جو ماحول ڪهڙي حد تائين متاثر ٿيندو. تنهن جو فيصلو گهٽي پاڳي مٿئين پر مٽي جي گڏ ٿيڻ ۽ وڌڻ جي شرح ۽ چئنل جي ان ايراضيءَ سان ٿيندي آهي جنهن تي اهو پکڙيل هوندو آهي.

سنڌوءَ جهڙن گهڻي مٽي گڏڙ پاڻي وارن دريائن ۾ ڊنډ جي پاڻيءَ واري سطح کان مٿي ڪافي مقدار ۾ مٽي گڏ ٿيڻ لڳندي آهي. چين ۾ "زرد درياءَ" واري

ذخيري تي بئڪ واٽر ۾ گڏ ٿيندڙن ۽ پاڻيءَ جي بلند ترين سطح وچ ۾ تفاوت ١٢ کان ٢٣ ميٽرن تائين آهي. مٽيءَ جو گهڻو مقدار آڻيندڙ دريائن جي هڪ ئي خاصيت اها آهي ته انهن ۾ بئڪ واٽر جو پاڻي عام اڳڪٿيءَ کان گهڻي وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙجي ويندو آهي.

دريائي پاڻي جي آندل مٽيءَ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته آبڪلاٽيءَ وارن مهينن ۾ پاڻيءَ جي سطح جنهن حد تائين ٿي سگهي، گهٽ رکي وڃي. ڪالاباغ ۾ وچٿري سلوئسنگ وارو طريقو اختيار ڪرڻ سبب پاڻيءَ جي سطح کي پهرين جون کان ٢٠ جولاءِ تائين آر. ايل ٨٢٥ تي برقرار رکيو ويندو. جڏهن نارمل ۽ خشڪ سال ۾ پاڻي مشڪل سان ڏيڍ کان ٻه لک هوندو. جڏهن جولاءِ جي پڇاڙي ۽ آگسٽ ۾ سيلابي وهڪرا اچڻ شروع ٿيندا ته ڊئم مٽي گاڏڙ پاڻي گڏ ڪرڻ شروع ڪندو، جيستائين رٽينشن ليول ٩١٥ تائين پاڻي نه پهچي، جنهن کي آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي مهينن ۾ برقرار رکيو ويندو. اهو دريائي مٽيءَ جي بندوبست واري مڃيل طريقي جي خلاف آهي. ۽ "چاس تي مٽن" جي ماهرن جي اصلوڪين سفارشن جي به ابتڙ آهي، جن پاڻيءَ جي سيلابي وهڪري کي هيٺ سطح جي سلوئسنگ ذريعي گذاري ان کي آر. ايل 700 تي رکڻ جي سفارش ڪئي هئي. تنهنڪري ان سان مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ وارو عمل وڌيڪ تيز ٿيندو ۽ بئڪ واٽر جي چيڙي ۽ ان مٿئين پر پاڻي پکڙبو جيڪو نوشهري کان 10 ميل هيٺ تائين هوندو درياءَ زرد وارو ڊئم جنهن جي اوچائي ٣١٥ فوٽ هئي. تنهن جي بئڪ واٽر جو پاڻي ٢٠ سالن ۾ اوپاري پاسي پاڻيءَ وڌڻ جي لڳايل ڪاٿي کان به اٽڪل ٤٠ ميل مٿي تائين پکڙجي ويو. اهڙي ريت بئڪ واٽر واري ڊنڍ جي نوشهري کان به اڳتي وڌڻ جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي، جو ته وچين سطح واري سلوئسنگ جو طريقو گڏ ٿيندڙ مٽي ۽ پٿرن جي لوڊ کي بد انتظامي سبب صاف نه ڪري سگهندو جنهن جي نتيجي ۾ ڪابل نديءَ ۾ پاڻيءَ جي سطح بلند ٿيڻ سان ناقابل برداشت مسئلا پيدا ٿيندا. اهي تلخ حقيقتون، سرحد صوبي طرفان ڊئم جي مخالفت جو بنياد بڻجن ٿيون.

بنياد

ڪالاباغ بابت سڀ کان اهم نقطو پڻ ان جي بنيادن جي ارضياتي نوعيت آهي، جنهن اُن کي پاڪستان معدني ترقياتي ڪارپوريشن جي ارضياتي ماهرن توڙي ٻين غير وابسته ارضياتي ماهرن جي نظرن ۾ مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪي اُن ساڳئي علائقي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. اهو بهتر ٿيندو ته ان ڏس ۾ واپڊا جو نقطہ

نظر هتي پيش ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪجي جيئن بنياد وارين ارضياتي حالتن کي سمجهي سگهجي. واپڊا جي پراجيڪٽ رپورٽ جون ١٩٨٨ جي پئرا ٥ع۔٢ ۾ ڄاڻايل آهي ته ڊئم جي سائٽ سون ماڙيءَ جي ڪنڌيءَ تي آهي جيڪو علائقو ارضياتي قوتن جي سرگرميءَ کان نسبتاً گهٽ متاثر ٿئي ٿو. رزروائر ايريا جي اُترئين ڪنڌيءَ تي بنون هزاره فالٽ سسٽم مختلف ارضياتي جوڙ جڪن وچ ۾ غير آرامده لاڳاپن کي وڌائي ٿو .... ڊئم جي ڏکڻ ۾ ارضياتي خلل اندازي وڌي ٿي ۽ سالٽ رئنج وارا جبل پنجاب جي ميداني علائقي کان مٿي وڌندي ڪالاباغ فالٽ وٽ ختم ٿين ٿا". (پئرا ٦ع۔٢ تازو تيل ايپاس مان معلوم ٿيو آهي ته سالٽ رئنج ۽ هزاره سسٽم جي وچ واري علائقي هيٺان هڪ اُفقي اڻ ٺهڪندڙ فالٽ آهي. لڳي ٿو ته ان جي ڪافي ايراضي لوڻ جي تهه سان ڍڪيل آهي. جنهن سببان ارضياتي چرپر ٽيڪٽانڪ پليٽن جي حرڪت سان هم آهنگ ٿئي ٿي. اهو تهه ڊئم واري سائٽ تي ١٠ هزار فوٽ کان وڌيڪ اونهائي ۾ تصور ڪيو وڃي ٿو. اهو لوڻ ذخيري واري علائقي ۾ زميني سطح تي نروار نه ٿيندو. ڪالاباغ فالٽ ۽ ان سان لاڳاپيل فالٽ واري علائقي ۾ ويجهي ۾ ويجهو هنڌ جتي اهو لوڻ جو تهه ڏسي سگهجي ٿو. اهو ڊئم واري سائٽ جي لهواري پاسي ساڍا ست ميلن جي فاصلي تي آهي.

"پئرا ٢.٧ لوڻ جا ذخيرا. جڏهن مٿن سخت دٻاءُ پوندو آهي ته متحرڪ ٿي ويندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ لوڻ ڦٽن ۽ ٻين شڪلن ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ڪالاباغ فالٽ ويجهو ٻاهر نڪتل لوڻ انهي ارضياتي عمل جو ئي نتيجو آهي. ڊئم واري هنڌ پرسان اهڙي ڪنهن ارضياتي بگاڙ جي شاهدي نٿي ملي. "ڊئم ۽ پاڻي جي ذخيري وارو اضافي وزن انهن دٻائن جي پيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. جيڪي اڳيئي ان ايراضيءَ ۾ لوڻ تي موجود آهن. ۽ ڊئم جي وزن سان موجوده صورتحال ۾ ڪا به تبديلي ڪانه ايندي".

مٿيون آخري جملو بنيادن جي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ لاءِ لکيو ويو آهي. ڪالاباغ جو ذخيرو ١٠٠ چورس ميلن جو هوندو جنهن جي ڊيگهه ٥٠ ميل هوندي ۽ ان جي اونهائي ٢٠ کان ١٣٥ فوٽن تائين ڦرندڙ گهرندڙ هوندي. ڪنهن به لحاظ کان ان وزن کي تمام گهٽ نٿو چئي سگهجي. ڊاڪٽر ناصر گذدر ٥ مارچ ١٩٨٨ع واري "ڊان" ۾ لکيو هو ته "ڪالاباغ ۽ ذخيري واري علائقي سان لاڳاپيل ايراضين ۾ جوڙ جڪن جي ارضياتي نوعيت، زميني مٿاڇري تي ٽوڙي زير زمين لوڻ، ڪاربونيٽس ۽ ٻين ٻاف ٻڌجڻ جوڳن جزن جي ڳرڻ ۽ تبديل ٿيڻ جو ڪارڻ بڻجندي. جڏهن لوڻ ڪنهن وڏي وزن جهڙوڪ ڊئم جي ڍانچي ۽ پاڻيءَ جي ذخيري

هيٺان ڊهيل هوندو آهي ته اُهو وڏين چادرن جي شڪل ۾ مٿاڇري تي تري ايندو آهي. سالٽ رينج واري جوڙ جڪ جي اها خاصيت ڪثافت (Density) کي تبديل ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجندي. هلڪين چين مٽان ڳرين چين جي ترتيب ڦرندڙ گهرندڙ ۽ غير پائيدار هوندي آهي. تهه دار چيون لوڻ ۾ ڊهڻ شروع ٿينديون. ۽ لوڻ کي مٿي ڌڪي ڇڏينديون. جيڪو مٿين سطح تي اُتلي پوندو. گهڻن سالن کان ايران ۾ پڻ اهڙو رد عمل ڏٺو پيو وڃي".

پي.ايم.ڊي سي. جي ماهرن جي حوالي سان واپڊا اهو ڪيس ٺاهيو آهي ته گهاٽي جابلو لوڻ ۽ جپسم جي جيڪا ترتيب ڪالاباغ. مري انڊس ايريا ۾ ڏسجي ٿي. سا ڊيم لاءِ ڪو خطرو ڪونه بڻبي. جو ته اها هزارين ميٽرن جي اونهائي ۾ آهي. جڏهن ته پاڪستان معدني ترقياتي ڪارپوريشن (P.M.D.C) جي ارضياتي ماهرن طرفان ڪالاباغ. مري انڊس ايريا ۾ لوڻ جي ورتاءَ بابت ڪيل تفصيلي اپياسن مان ظاهر ٿئي ٿو ته لوڻ ڪيترن ئي ننڍن ۽ وڏن ميدانن ۾ ٻاهر نڪري آيو هو. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن علائقي ۾ هر ڪمزور مٿاڇرو. چاهي اُهو ڪيڏي به اونهائي تائين ڦڪڙيل ڇو نه هجي لوڻ کي مٿانهين ڏانهن وهي ٻاهر نڪرڻ جو رستو ڏئي ٿو".

"پاڻيءَ جو رٽيل وڏو ذخيرو. جيڪو سنڌو ۽ سون ندين جي مٿين ايراضين ۾ ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تي ڦڪڙيل هوندو. علائقي ۾ پاڻيءَ جو وڏو دٻاءُ پيدا ڪندو. پاڻيءَ جي ذخيري جو اهو زبردست دٻاءُ موسمي ڦير گهير سان علائقي ۾ "ذخيري جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ارضياتي لرزش" جو ڪارڻ بڻبو. ساڳئي ئي نموني. جيئن تربيلا واري علائقي ۾ ڏٺو ويو آهي." ڪالاباغ ڊيم وارو علائقو جنهن ۾ سوين ميٽرن جي ڦڪيڙ وارا لوڻ جا ذخيرا آهن. وڌيڪ متحرڪ بڻبو. جنهن سببان ڊيم جي بنياد لاءِ مسئلا لاڳيتو پيدا ٿيندا رهندا ۽ علائقي ۾ موجوده ارضياتي توازن پڻ غير پائيدار بڻجي ويندو".

ماهرن جي ٻنهي گروپن ساڳي ڳالهه ڪئي آهي. پر ان جو اظهار مختلف لفظن ۾ ڪيو آهي. جيڪو هي آهي ته ڊيم جي بنيادن بابت نئين سر راءِ معلوم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪو ٦ ارب ڊالرن جي ڳري سيڙپ لاءِ مشڪوڪ آهي.

سلوئسنگ

ٻيو اهم پاسو جنهن تي پاڻيءَ جي ذخيري جي جٽاءَ جو دارو مدار هوندو. اهو "سلوئسنگ آپريشن" آهي. پاڻيءَ ۾ مٽيءَ جي مقدار بابت لڳايل ڪاٿي مان

ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪالاباغ کان مٿئين پرڪئچمنٽ جي علائقي ۾ درياءَ سان ايندڙ مٽيءَ جو ساليانو مقدار ۴۷۰ ملين شارٽ ٽن آهي. جيستائين ان علائقي ۾ تربيلا يا پاڻيءَ جا ٻيا ذخيرا دريائي مٽي ۽ پٿر کي روڪيندا رهندا، تہ ڪالاباغ ۾ پهچندڙ مٽي جملي مقدار کان گهٽ هوندي، جيڪو وزن ۾ مهل ساليانو ۷۰ ملين شارٽ ٽن آهي. جڏهن ڪالاباغ شروع ٿيندو تہ پوءِ تربيلا ذريعي وڌيڪ مٽي ۽ پٿر هيڏانهن ايندو ۽ نتيجي ۾ ۷۵ پائونڊ فوٽ جي گهاٽائي سان قدرتي حالتن ۾ مٽيءَ جو ساليانو مقدار ۲۸۷ع۰ ملين ايڪڙ فوٽ ٿيندو.

ڪالاباغ ڊئم جنهن جو ساليانو وهڪرو ۸۷ ملين ايڪڙ فوٽ ۽ پاڻي گڏ ڪرڻ جي گنجائش ۱ع۶ ملين ايڪڙ فوٽ هوندي Burne's Curve موجب ان جي مٽي روڪڻ جي شروعاتي گنجائش ۸۰٪ هوندي. ماهرن موجب سنڌونديءَ تي پاڻيءَ جي ڪنهن بہ ذخيري لاءِ مٽيءَ گڏ ٿيڻ واري عمل کان مناسب بچاءُ ضروري آهي، جيئن اهو وڌيڪ مدي تائين جٽاءُ ڪري سگهي.

"چاس. ٽي مئن" طرفان هن رٽا کي جيئن جوڙيو ويو هو، ان موجب ڊئم جي پاڻي گڏ ڪرڻ جي صلاحيت کي ڊگهي عرصي تائين برقرار رکڻ لاءِ، ان کي سلوئسنگ اسڪيم، طور هلائڻ لاءِ رٿيو ويو هو. جنهن موجب شروعاتي آبڪلاٽي مُند جو گهٽو لڙاٿيل پاڻي، بنا روڪڻ جي ذخيري مان گذرڻ ڏنو ويندو، جنهن سان گذريل مدي ۾ مکيہ دريائي چئنل ۾ گڏ ٿيل مٽيءَ جي ڪنهن حد تائين صفائي ٿي ويندي. پر هن طريقہ ڪار لاءِ ڪنڪريٽ جي ڳري حفاظتي ڍانچي جي ضرورت پوندي، جنهن سان ڊئم جي پيڙهہ تي وڏو دٻاءُ پئجي ويندو". هيءُ عالمي بئنڪ جي ليفٽنڪ رپورٽ ۱۹۶۷ مان ورتل ٽڪرو آهي. جيئن اڳتي ئي ٻڌايو ويو آهي.. ڪالاباغ جي موجوده ڪنسلٽنٽس ڊئم کي وڌ کان وڌ ڪفايتي نموني هلائڻ لاءِ "هيٺين سطح جي سلوئسنگ" ۾ تبديلي آندي آهي ۽ تجويز ڪيو آهي تہ پاڻيءَ جي ذخيري جي سطح کي جون کان ۵۰ ڏينهن تان آر. ايل. ۸۲۵ واري هيٺين سطح تائين رکيو وڃي. ڊئم جي آپريشن جو اهو طريقو "وچين سطح جي سلوئسنگ" سڏبو آهي.

مٽي گڏ ٿيڻ وارو عمل، ڊئم جي نهايت ئي اهم پاسن مان هڪ آهي، جنهن تفصيلي اڀياس ٿيڻ گهرجي، سنڌونديءَ تي ڊئمن جي اڏاوت ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ پاڻيءَ جي ذخيري جي گهٽ زندگي آهي. تربيلا جي اڏاوت هڪ بنيادي ڍانچي طور ڪئي ويئي هئي ۽ عالمي بئنڪ جي اسٽڊي گروپ نهايت زورائتي نموني سفارش ڪئي هئي تہ اڳتي هلي تربيلا مان ٻيا ضمني ذخيرا تعمير ڪيا وڃن. پر

هاڻي انهن ذيلي ذخيرن تان ڪالاباغ ڊئم جي حق ۾ هٿ کنيو ويو آهي. اصل ۾ "چاس. ٽي. مئن" جي ماهرن ڊئم جي جتاءَ جو عرصو وڌائڻ لاءِ هيٺين سطح جي سلوئسنگ جي سفارش ڪئي هئي. ڪالاباغ مان مٽيءَ جي اخراج وارو اهو تصور اصل ۾ هيٺانهين اسوان ڊئم جي هلڻ واري طريقي مان ورتو ويو هو. جتي ٻوڏ جي پاڻيءَ کي خارج ٿيڻ ڏنو ويندو آهي ۽ ذخيري ۾ ٻوڏ واري مُند کان پوءِ پاڻي گڏ ڪيو ويندو آهي، جڏهن سموري مٽي ڊئم مان گذري ويندي آهي. اهو تصور ان ڳالهه تي ٻڌل هو تہ دريائي پاڻيءَ جي موجوده سطح کان پاڻي جي ليول کي نہ وڌايو وڃي. جيڪا آر. ايل ٧٠٠ تي آهي.

ڪالاباغ لاءِ موجوده "وچين سطح جي سلوئسنگ" واري سفارش سان ڊئم جي وڌيڪ عرصو جتاءَ ڪرڻ جي امڪان جي ڏس ۾ ماهرن وچ ۾ اختلاف راءِ آهي، جنهن تحت ذخيري جي گهٽ ۾ گهٽ سطح کي آر. ايل 825 تائين اوچو رکيو ويندو جيڪا گهٽ ۾ گهٽ پاڻيءَ جي سطح کان ١٢٥ فوٽ مٿي آهي. حقيقت ۾ ان ڊئم کي سلوئسنگ ڊئم سڏڻ ان نالي جو غلط استعمال ٿيندو. ماهرن جي سمجهاڻي موجب تربيلا ڊئم کي سلوئسنگ ڊئم سڏي سگهجي ٿو جنهن جي ذخيري جي سطح آر. ايل ١٥٥٠ کان گهٽائي ١٣٠٠ ڪئي ويئي آهي. ۽ ان کي مٽي ۽ جون تائين آر. ايل ١٣٠٠ جي لڳ ڀڳ رکيو ويندو آهي. درياءَ طرفان آندل مٽي ۽ گپ جي وڏي مقدار سبب تربيلا جي ذخييري جي گنجائش گهٽ ٿيندي وڃي ۽ ان ۾ ساليانہ هڪ ڪلوميٽر کان بہ وڌيڪ جي حساب سان ڊيلٽا اُسري رهيو آهي (نيو سائنٽسٽ ٢٦ جنوري ١٩٩٢ع) تازي ڪيل سروي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڊيلٽا جو مرڪز ڊئم کان مٿئين پر ساڍا اٺن ميلن تائين پهچي ويو آهي ۽ سنهي مٽي ۽ واريءَ جا ڍير ١٦ سالن جي مدي ۾ ١١٦٦ جي ليول تائين پهچي ويا آهن، جيڪي ڊئم جي سرنگهہ ٣ ۽ ٤ جي پاڻي ڪڍڻ واري ليول کان بہ ٦ فوٽ مٿي آهن. اندازن موجب وڌ ۾ وڌ ١٥ کان ٢٠ سالن اندر مٽيءَ جا ڍير ڊئم تائين پهچي ويندا.

"پاڪستان انجنيئرنگ ڪانگريس" جي پيپر نمبر ٥٢٤ موجب جيڪو ڊاڪٽر اظهار الحق پڙهيو هو، وارسڪ ڊئم جو ڊگهو ذخيرو چالو ٿيڻ جي پنجن سالن اندر مٽيءَ سان پرجي ويو. اُن ۾ واپڊا ١٩٧٦ع کان وني پاڻيءَ جي تيز وهڪري ذريعي ذخيري جي صفائي جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جيڪو پاڻيءَ جي ساليانی وڏي وهڪري جي آخري ڏينهن ۾ ڪيو ويندو آهي. جڏهن يونٽن مان پاڻيءَ جي لنگهہ کي روڪيو ويندو آهي. ذخيري جي اها صفائي هاڻي هر سال ٿيندي آهي پر ان جو اثر محدود آهي ۽ گهڻو جٽادار ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي ريت، سلوئسنگ جي لحاظ کان سنڌو درياءَ تي بئراجن وارو اسانجو تجربو بہ ساڳيو ئي وارسڪ جهڙو آهي. اهو جتادار ڪونهي، جيتوڻيڪ پرڏيهي ماهر ڊاڪٽر آئنسٽين ۽ ڊاڪٽر سائمنز، سلوئسنگ جي ان طريقي سان متفق آهن پر اسان جو سنڌوءَ تي بئراجن ۽ وارسڪ ڊئم وارو تجربو پرڏيهي ماهرن جي خيالن جي ابتڙ آهي. اسان جي پنهنجي تجربي جي پيش نظر اهو يقين ڪرڻ ڏکيو آهي تہ سلوئسنگ واري رٿيل طريقي سان ذخيري جي جتاءَ جو مدو وڌي ويندو. سمجهيو ٿو وڃي تہ مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ واري اٽڪل ٨٠ سيڪڙو ترپيب ايفيشيئنسي سان ذخيرو ٣٠ کان ٤٠ سالن تائين جتاءَ ڪري سگهندو. جڏهن ڊيلٽا ڊئم جي سطح تائين پهچي ويندو تہ مٽي گڏ ٿيڻ وارو عمل بہ ذري گهٽ برابر ٿي ويندو، جنهن بعد ان جي معمولي گنجائش ڊئم کان ٿورو مٿي باقي رهندو. ڊاٽيدار مٽيءَ جي وڏيڪ گڏ ٿيڻ جو امڪان گهٽ ٿي ويندو ۽ اُها درياءَ ۾ ڪنهن هنڌ تي مرڪز بڻائيندي، جنهن کان ان جو اڳتي وڌڻ گهٽ هوندو (جان اي ڊرسڪو تربيلا بابت) جنهن بعد ڊيلٽا مٿئين پر وڌندو ۽ نتيجي ۾ نوشهري کان بہ اڳتي وڌي ويندو، ڇو تہ اٽڪ واري ماٿري ان جو مرڪز بڻيل هوندي جنهن کان مٿي سلوئسنگ اثرائتي ڪانہ رهندي.

ان کان علاوه ڪالاباغ ڊئم بابت صلاحڪار ڊاڪٽر سائمنز، وچٿري سلوئسنگ واري طريقي جي پرک لاءِ هڪ طبعي ماڊل جي پرک ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي پر بدقسمتيءَ سان ان ڏس ۾ ڪا بہ پيشرفت ڪانہ ٿي آهي. جنهنڪري ڊئم "وچين سطح واري سلوئسنگ" جو شڪار ٿي سگهي ٿو. افسوس جيڪڏهن وچين سطح واري سلوئسنگ" ڪم نہ ڏيکاريو ۽ ذخيري جي جتاءَ جو عرصو ٣٠ کن سالن تائين گهٽجي ويو تہ اهو پاڪستان لاءِ ڪيڏو نہ وڏو الميو هوندو. ٻئي طرف ڊيلٽا نوشهري کان بہ اڳتي وڌي ويندو ۽ ٻئڪ واٽر جو ذخيرو پنهنجي سطح کان وڌي ويندو، جيئن چين ۾ درياءَ زرد وارو مثال اسان جي اڳيان آهي.

وڏن ڊئمن واري خام خيالي

آخر ۾ اهو مناسب ٿيندو تہ وڏن ڊئمن واري خام خياليءَ تي روشني وجهجي، وڏن ڊئمن بابت اهو خيال عام آهي تہ اهي پاڻيءَ جي بهتر انتظام ۽ زراعت لاءِ مددگار ثابت ٿين ٿا، ۽ انهن مان وڏا اقتصادي ۽ سماجي فائدا ٿين ٿا، ڇو تہ اهي هاڃيڪار ٻوڏن کي روڪين ٿا ۽ آبپاشيءَ لاءِ پاڻي مهيا ڪري ٻڪ سان ويڙهہ ۾ مدد ڏين ٿا. انهن خيالن مان جيڪا ڳالهہ واضح نٿي ٿئي سا اها آهي تہ وڏا ڊئم پڻ پنهنجي پويان ثقافتي ۽ اقتصادي بربادي، ماحولياتي تباهي ۽ سياسي اختلافن جو

ورڻو ڇڏين ٿا. ڊئم جو ڪوبہ فائدو انهن نقصانن جو مقابلو نٿو ڪري سگهي.

ماڻهن جي آبادڪاريءَ جو مسئلو تمام وڏو ۽ مُنجهائيندڙ آهي. وولٽا ڊئم سان ۷۸ هزار ماڻهو بي گهر ٿيا. ڪالاباغ ڊئم جي صورت ۾ ۸۳ هزار ماڻهو ۽ متاثهين اسوان ڊئم سان جنهن جي گنجائش ڪالاباغ کان ۲۰ ڀيرا وڌيڪ آهي، هڪ لک ويهہ هزار ماڻهو بي گهر ٿيا. عام طور تي انهن ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاري اندرون ملڪ زمينن تي ۽ اڻپورو معاوضو ڏيئي ڪئي ويندي آهي. ان کان علاوه بي گهر ٿيل ماڻهن جي سندن وڏڙن جي ڌرتيءَ سان جذباتي ۽ روحاني وابستگيءَ سبب سماجي ۽ ثقافتي بربادي‍ءَ جا ڏورس اثر ٿيندا آهن. خاص طور تي قبائلي سماجن ۾ اهو وڌيڪ درست آهي. اهي قدر جيڪي مغربي دنيا لاءِ ڏاريا آهن، مشرقي ڪلچر لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. نئين سر آبادڪاريءَ جي صورت ۾ سماجي ۽ ثقافتي ويڇن سبب نسلي ۽ لساني مسئلا پيدا ٿين ٿا ۽ بي گهر ٿيل ماڻهن کي سدائين "تڙيل" ماڻهو سڏيو ويندو آهي.

وڏن ڊئمن جو معيشت تي پيو مکيہ اثر سم ۽ ڪلر سببان قيمتي زمين جي تباهي ۽ ان جو پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ، زمين جي زرخيزيءَ لاءِ گهربل مٽيءَ جو زيان ۽ سيني کان وڌيڪ اهم پاڻيءَ جو زيان آهي. جيڪو تيز هوائن، سيمي وغيره جي ڪري وڏي ذخيري مان ضايع ٿيندو آهي، جنهن جو مقصد پاڻيءَ کي اڳتي لاءِ بچائڻ هوندو آهي.

رڪارڊ نہ ٿيل وهڪرن کي روڪيو ويندو آهي، اهڙي ريت درياءَ جا هيٺانهان علائقا پاڻيءَ تي صديون پراڻو هن وڃائي ويهندا آهن جن کي صدين کان اهو حق حاصل هو. ان سان سسٽم ۾ عدم توازن پيدا ٿئي ٿو ۽ پاڻيءَ جي زيان ۾ واڌارو ٿئي ٿو. اهي حالتون گڏجي زمين ۽ دريائي سرشتي جي ماحوليات، زراعت ۽ ٻيلن کي وڏو نقصان رسائين ٿيون.

ورلڊ واچ (اپريل ۱۹۸۹ع) لنڊن ڄاڻايو آهي تہ متاثهون اسوان ڊئم، ساليانو ۱عـ۸ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ٻاڦ جي شڪل ۾ ضايع ڪري ٿو. پاڪستان ۾ منگلا جي اڏاوت ڪانپوءِ (۱۹٦۷ کان ۷۷-۱۹۷٦ع) پاڻيءَ جو زيان ۹۲عـ٦ ملين ايڪڙ فوٽ هو. جيڪو تربيلا جي اڏاوت ڪانپوءِ (۷۸-۱۹۷۷ کان ۸۹-۱۹۸۸ع تائين) وڌي ۴۴عـ۱۵ ملين ايڪڙ فوٽ تي وڃي پهتو. افسوس! ڊئم مان ان پاڻيءَ جو زيان ٿئي ٿو، جنهن کي بچائڻ لاءِ اُن جي اڏاوت ڪئي وڃي ٿي. اندازن موجب ڪالاباغ ڊئم ۸۸عـ۵ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جو زيان ڪندو. اسان ان ڳڻس ۾ جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ ڪاٿو لڳايون تہ بہ پاڻيءَ جو اضافي زيان ۴ ملين ايڪڙ

فوت جي لڳ ڀڳ ٿيندو. اهو تخمينو مقامي توڙي بين الاقوامي ماهرن جي اندازن سان ٺهڪندڙ آهي. جيڪو درياءَ جي هيٺين علائقن ڪي ٿيندڙ جملي نقصان ۾ شامل ٿي ويندو. تنهنڪري هاڻي وقت آهي ته اسان متبادل بين طريقن تي سوچيون، جيڪي هتي بحث هيٺ آڻجن ٿا.

متبادل ٽيڪنيڪي رٿون

١٩٦٠ع واري معاهدي ۾ مجيل سيٽلمنٽ پلان کي قبول ڪيو ويجي.

(الف) ذيلي ذخيرن کي ترقي وٺرائڻ.

(ب) منگلا ڊئم ۽ تربيلا ڊئم جي گنجائش وڌائڻ.

ذيلي ذخيرا

ڊاڪٽر ليفٽننٽ جي سربراهي هيٺ گروپ هڪ "اسپيشل اسٽڊي گروپ" جوڙيو جنهن ۾ سمورا ناميارا بين الاقوامي ڪنسلٽنٽ گروپ شامل هئا. جنهنجو مقصد پاڪستان جي پاڻي ۽ بجلي جي وسيلن خاص طور تي تربيلا ۽ سنڌونديءَ تي ان جي متبادل وسيلن جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ هو. بئنڪ گروپ تربيلا تي سنڌس پهرين رپورٽ فبروري ١٩٦٥ع ۾ مڪمل ڪئي. جنهن ۾ تربيلا کي ٽيڪنيڪي طور تي قابل عمل قرار ڏنو ويو. جنهن جي ذخيري جي گنجائش ١ء ١١ ملين ايڪڙ فوٽ هئي. بين متبادل هنڌن جهڙوڪ اٽڪ ۽ ڪالاباغ بابت چيو ويو ته اُتي قيمتي زمين جا وڏا حصا ۽ اهم شهر پاڻيءَ هيٺ ٻڏي ويندا. تربيلا کي قبول ڪندي چيو ويو ته ان جي ذخيري جي زندگي مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ سبب نسبتا مختصر (اٽڪل ٥٣ سال) هوندي. پر پرپاسي جي وادين ۾ ذيلي ذخيرن جي ترقي فني طور تي قابل عمل ۽ گهٽي پرڪشش آهي، جنهن سان ذخيري جي گنجائش گهٽجڻ جو ازالو ٿي سگهندو.

هنن رٿائن ۾ هاڙو درياءَ تي گهڙيالاوٽ ۽ سون نديءَ تي ڊوڪ پٺاڻ وٽ ذخيرن جي اڏاوت رٿي ويئي. جنهن مان ترتيبوار ٢ء٨ ملين ايڪڙ فوٽ. ۽ ١٢ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ٿي سگهي ها. اُتي بجليءَ جي اُپت پڻ ممڪن هئي. فقط ڊوڪ پٺاڻ واري سائٽ تي ١٦٠٠ ميگاوات بجلي پيدا ڪرڻ جي گنجائش هُئي.

ڪالاباغ ڊئم واري فني يادداشتنامي ٥٠ ۾ تربيلا ذخيري جي گنجائش ۾ گهٽتائي ڏيکاريندي اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ذخيري ۾ مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ جو عمل ذري گهٽ سنوت واري حالت ۾ اچي ويندو، سال ٢٠٧٥ ۾ ان جي باقي بچيل گنجائش ۴ ملين ايڪڙ فوٽ هوندي ۽ مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ واري اهليت تلهي ليک ٦٠ سيڪڙو تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽجي ويندي. جيئن تہ ذيلي ذخيرا تربيلا کان پاڻي حاصل ڪندا تنهنڪري عملي طور تي اهي تمام گهٽي عرصي لاءِ جٽادار هوندا. (مسٽر بي. اي. ملڪ انجنيئرنگ نيوز جون ١٩٦٣) آءِ. بي پي ٤٩ واپڊا موجب "پاڪستان ۾ دريائي رخ تبديل ڪرڻ وارو هڪ ڍانچو هجي، جيڪو سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جو هاڙو ۾ سون ندين جي ماترين ۾ نون ذيلي ذخيرن ذانهن موڙڻ کي قابل عمل بڻائي جنهن سان جملي ٥عـ٣٠ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪري سگهبو ۽ چار هزار ميگاواٽ بجليءَ جي اپت تي سگهندي".

ساڳي ريت منگلا واري معاملي ۾ مسٽر ايس. ايس. ڪرماني روهتاس (٨عـ٣ ملين ايڪڙ فوٽ) ۽ ڪانشي (٩عـ٣ ملين ايڪڙ فوٽ) ذيلي ذخيرن لاءِ مناسب هنڌن طور تجويز ڪيا هئا، جن کي منگلا ۽ ڪماليور ڊئمن مان ڀري سگهبو. البت ماهرن منگلا کي ترجيح ڏني ۽ آءِ.بي.پي. ورڪس جي هڪ حصي طور ان جي اڏاوت ڪئي. ذيلي ذخيرن جا اهي امڪان گهٽ ڪونهن ۽ وچٿرن ذخيرن (ہہ ڪان تي ملين ايڪڙ فوٽ) لاءِ انهن بابت ڪوجنا تي سگهي ٿي. ان مان چٽي طرح ظاهر ٿئي ٿو تہ عالمي بئنڪ کي سنڌوَ جي ذخيرن جي گهٽ جٽادار هجڻ بابت چڱي ريت ڄاڻ هئي ۽ اُن ذيلي ذخيرن کي انهن جو مناسب متبادل تصور ڪيو ٿي. بدقسمتيءَ سان هاڻي ڪالاباغ کي اوليت ڏني ويئي آهي، جڏهن تہ ذيلي ذخيرن واري رٿا کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪيو ويو آهي.

ڊئمن جي گنجائش وڌائڻ

"انجنيئرنگ نيوز جون ١٩٦٣ع" موجب تربيلا کي 12.1 ملين ايڪڙ فوٽ ذخيري جي گنجائش تائين وڌائي سگهجي ٿو. بعد ۾ بئنڪ جي اسٽڊي گروپ، سيٽلمنٽ پلان ۾ ڊئم جي اصل گنجائش ٦عـ٦ ملين ايڪڙ فوٽ تي ١عـ١١ ملين ايڪڙ فوٽ جي گنجائش کي ترجيح ڏني، جڏهن تہ ان ۾ وڌيڪ اضافي کي آئنده جي نسلن جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو. پر ان رٿا کي پهتل مختلف ڌڪن سبب هاڻي اهو گهٽ خرچ ڪم ڪونهي.

جيستائين منگلا جو واسطو آهي تہ نومبر ١٩٦٧ع ۾ مسٽر ڪرماني چئي ٿو تہ "جڏهن مستقبل ۾ منگلا کي (چاليهہ فوٽ) وڌايو ويو تہ اهو اضافي ٧عـ٣ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي گڏ ڪندو. روهتاس وٽ اٺ ملين ايڪڙ فوٽ جو ذيلي ذخيرو مستقبل ۾ منگلا ۾ مٽي گڏ ٿيڻ ڪري گنجائش گهٽجڻ سبب ان جي متبادل طور استعمال تي سگهندو. انهن امڪانن جي پيش نظر منگلا واري ذخيري جي ڪيترين ئي صدين تائين موجود رهڻ جي خاطري ٿئي ٿي".

عالمي بئنڪ جي ڊاڪٽر ليفٽنيڪ مشن پاران ١٩٦٧ ۾ متاچري وارن ذخيرن جي ترقي لاءِ هيٺين ريت، امڪاني منصوبي جي تجويز ڏني ويئي، جيئن گهرجن جو پورائو ٿي سگهي.

پراجيڪٽ	سال	ذخيرو (ملين ايڪڙ فوٽ).
١- منگلا	١٩٦٨	٢٢ع٥
٢- چشما	١٩٧٢	٥١ع٠
٣- تربيلا	١٩٧٥	٦ع٨
٤- سيوهڻ / منڇر	١٩٨٢	٨ع١
٥- وڌايل منگلا	١٩٨٦	٦ع٣

مٿين جدول مان چاڻ ٿي پوي ته وڌايل منگلا کي هاڻي ان پوزيشن ۾ هئڻ گهرجي، جو ته ان ۾ واڌاري جي اندروني سهوليت موجود آهي.

اهي سمورا امڪان موجود آهن تنهنڪري ڪالاباغ کي غير ضروري اوليت ڏيندي، انهن کي رد نه ڪرڻ گهرجي.

پاڻي کي محفوظ ڪرڻ

ٽيوب ويلن جي لڳائڻ ڪانپوءِ هاڻي پاڻيءَ جي حصول جو هي طريقو پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

مستقبل ۾ پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ جي وڏي پروگرام تي عمل ڪيو وڃي، جنهن ۾ واٽر ڪورسن کي سڌارڻ ۽ واٽر ڪورسن ۽ آبپاشيءَ جي ننڍن واهن کي پڪوڪيو وڃي، هڪ اندازي موجب زمين ۾ مٺي پاڻيءَ واري علائقي ۾ پاڻيءَ جي عام سطح کي گهٽ ٿيڻ ڏجي ته پنج ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ کي غير ضروري طور ٻاڦ ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو.

ڪئنال سسٽم جنهن ۾ مٿن ڪئنال، شاخون، ڊسٽريبيوٽريون ۽ مائنراچي وڃن ٿا. تنهن مان لڳايل ڪاٿن موجب ٢٥ ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ضايع ٿئي ٿو. (IV-5.1) جنهن جو وڏو حصو زير زمين پاڻيءَ ۾ شامل ٿئي ٿو. ڪاري پاڻي وارن علائقن ۾ واهن کي پڪو ڪري اٽڪل اٺ ڪان نو ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي بچائي سگهجي ٿو.

واٽر ڪورس جي سطح تي پاڻي کي محفوظ رکڻ وارو پروگرام آر اي پي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(روائزڊ ايڪشن پروگرام) تحت شروع ڪيو پيو وڃي. هن پروگرام جي لڳايل تخمين موجب ١٦ ڪان ١٨ سيڪڙو پاڻيءَ جي سپلاءِ ۾ واڌ ٿيندي. جيڪڏهن سسٽم جي سمورن واٽر ڪورسن تي غور ڪجي ته ١٥ ملين ايڪڙ فوٽ تائين پاڻي بچائي سگهجي ٿو. (IV - 6.2).

دريائي Reaches ڪي زميني پاڻي جي ذخيري طور ترقي ڏيئي زمين پاڻيءَ جي سطح وڌائي سگهجي ٿي. ٽيوب ويلن ذريعي زمين مان پاڻي حاصل ڪري ربيع جي فصل لاءِ پاڻيءَ جي مقدار کي وڌائي سگهجي ٿو. RAP ۾ تخمينو لڳايو ويو آهي ته صافي ١٢ ملين ايڪڙ فوٽن جي امڪاني گنجائش کي ترقي وٺرائي سگهجي ٿي. اها مٿاڇري واري ذخيري جي متبادل هوندي. (IV.4.9) ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته جيڪڏهن پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ جي ڏس ۾ پوري جفاڪشي سان ڪم ڪيو وڃي ته تمام وڏي گنجائش موجود آهي.

بچائي

متبادل ٽيڪنيڪي رٿن بابت مٿئين بحث مان ظاهر ٿئي ٿو ته پرڏيهي ماهرن طرفان مستقبل جي امڪانن طور رٿيل ڏيلي ذخيرن، موجوده ڊئمن جي گنجائش وڌائڻ، ۽ پاڻيءَ جي بچت ذريعي موجوده ڊئمن ۾ مٽيءَ گڏ ٿيڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن کي منهن ڏيئي سگهبو ۽ موجوده ذخيرن جي گهٽجندڙ گنجائش جي مسئلي کي حل ڪري سگهبو.

جيستائين بجليءَ جي اُپت جو معاملو آهي ته چيو وڃي ٿو ته جيتوڻيڪ ڪالاباغ (پهرئين مرحلي) جي اڏاوت جي ستين سال ۾ گنجائش ۲۴۰۰ ميگاواٽ هوندي، پر لوڊشيڊنگ جي خاتمي جي ڏس ۾ مئي ۽ جون جي مهينن ۾ سندس حقيقي گنجائش محض ۱۰۴۰ ميگاواٽ هوندي. سن ۲۰۰۰ع ۾ بجليءَ جي رٿيل ضرورت ۱٦۳۰۰۰ ميگاواٽ هوندي جڏهن ته ڪالاباغ واري اُپت ان جو محض ۴ع۔٦ سيڪڙو هوندي. هاڻي واپڊا تاجڪستان سان پاڪستان کي ۲٦۰۰ ميگاواٽ بجلي "رنگوسنستڪايا" هائيڊل پاور پراجيڪٽ مان گهرائڻ جو ٺاهه ڪري چڪي آهي، جنهن جو پهريون مرحلو سال ۱۹۹۷ع ۾ مڪمل ٿيڻو هو. جنهن کان سواءِ واپڊا جي ڪنسلٽنٽس ميسرس ميڪوسيڊا درياءَ سان اهڙا ڪيترائي هنڌ ڄاڻايا آهن، جن کي ترقي وٺرائي سگهجي ٿي. جن جي گنجائش ۱۷۰۰۰ ميگاواٽ تائين آهي.

مٿي ڄاڻايل ڳالهين جي پيش نظر اسان کي سنجيدگيءَ سان ان وقت بابت سوچڻ گهرجي. جڏهن اسان پاڻيءَ جو وڌ کان وڌ بهتر استعمال ڪنداسين، جيڪو

ڏورانهين مستقبل ۾ نه هجي پر يا ٽن منصوبن جي مدي اندر هئڻ گهرجي. تنهنڪري اسان کي نون ذخيرن جي اڏاوت بدران موجوده سهولتن جي بهترين استعمال سان گڏوگڏ پاڻي کي محفوظ ڪرڻ بابت سوچڻ گهرجي.

تنهنڪري نئين ڊيم لاءِ موجوده سرگرمي خطرناڪ نتيجن سان پرپور آهي، جن بابت ڊئم لاءِ پروپيگنڊا ڪندڙ ماڻهن کي ڪابه ڄاڻ ڪانهي، جن پنهنجو پاڻ کي اهو ميجرائي ورتو آهي ته اهو خوشحالي ۽ ترقيءَ جي جنت ڏانهن وڃڻ جو واحد رستو آهي. درياءَ جي هيٺانهين پاسي جو آواز صحرا جي صدا وانگر گم ٿي ويو آهي.

نئين ڊيم جي اڏاوت واري تجويز کي پاڪستان جي وسيع تر مفاد کي آڏو رکندي رد ڪري ڇڏڻ گهرجي. سيلابي وهڪرن سميت پاڻيءَ جي صوبائي ڪوٽا کي ڪئنالن جي ري ماڊلنگ ذريعي سولائي سان استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو، جنهن تي خرچ پڻ گهٽ ٿيندو ۽ پاڻيءَ کي محفوظ رکڻ جي طريقن سان ۽ پاڻيءَ جي ذيلي ذخيرن کي ترقي وٺرائي ڊئمن ۾ مٽي گڏ ٿيڻ واري مسئلي کي منهن ڏيئي سگهجي ٿو. جنهن سان اجائي سياسي بحث کان به بچي سگهبو. خدا پاڪستان کي پنهنجي امان ۾ رکي.

(ليڪڪ اڳوڻو جنرل مينيجر واپڊا ۽ "ارسا" جو اڳوڻو چيئرمين آهي ۽ هيءُ مضمون 1992ع ۾ PASSP جي سيمينار ۾ پڙهيائين).

(ترجمو: شڪور نظاماڻي).

ابرار قاضي

ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ ڪيس

جڏهن سنڌوندي کي زنجير وڌا ويا

شاندار سنڌونديءَ جو آغاز سمنڊ جي سطح کان ١٦٠٠٠ فوٽ (٥١٨٣ ميٽر) مٿي تبت ۾ ڪيلاش پربت جي اترين لاهي جي گليشئرن ۾ ٿئي ٿو. "ٽرڪل" (ٽمڻ) طور آغاز ڪندي اها برسات جو پاڻي ۽ ٣٦٠٠٠٠ چورس ميل (٩٤٠٠٠٠ چورس ڪلوميٽر) واري ڪيچمنٽ ايريا (جتي برسات جو پاڻي گڏ ڪيو ويندو آهي) مان برف جو پاڻي گڏ ڪندي دنيا جي سيني کان وڏين ندين مان هڪ نديءَ آهي جيڪا ڪولوراڊو ندي کان ڏهه ڀيرا وڌيڪ ۽ نيل ندي کان ٻه ڀيرا وڏي آهي.

٢ هزار ميل (٣ هزار ڪلوميٽر) واري پنهنجي ڊگهي سفر ۾ سنڌونديءَ ڏهن مکيه ندين ڪابل، سوات، ڪوهاٽ، هرو ۽ سٺان (سرحد)، جهلم، راوي، ستلج ۽ بياس (پنجاب) ذريعي سگهه حاصل ڪري ٿي. ندي جيڪا ٻوڏ واري مند ۾ ڏهن لکن ڪيوسڪ (ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ) کان به وڌيڪ هوندي آهي پوءِ سنڌ جي ۴ سو (٦ سو ڪلوميٽرن) جي ميدانن مان گذري عربي سمنڊ جي کاري پاڻي کي نيڪال ڪري ٿي.

سنڌونديءَ ۽ ان جي ٽريبوٽريز جو پاڻي پنجاب ۽ سنڌ جي ميدانن کي سيراب ڪري ٿو. هر سال چار سؤ ملين ٽن لٽ آڻي ٿي جنهن ميدانن کي سرسبز بڻايو آهي ته ٻئي طرف پنهنجي رستي ۾ خوبصورتي واري زندگي ۽ ڊيلٽا جي چوڙ واري علائقي جي مدد ڪئي آهي. سڄي پنجاب ۽ سنڌ ۾ پکڙيل انساني آبادي سنڌونديءَ جي ان احسان جي تصديق ڪري ٿي.

چيو وڃي ٿو ته جراسڪ دور (١٦٠ ملين سال اڳ) سنڌ جو وجود اڳ موجوده ملتان تائين هو ۽ ان سمنڊ ۾ نيڪال ڪندي هئي جنهن کي ٽيٿيس (Tethyes) سمنڊ سڏيو وڃي ٿو. سنڌوندي روزانو ملين ٽن لٽ کڻي ٿي ۽ هر سال سمنڊ مان اٽڪل زمين جي ٦٠ فوٽ جي دعوئي ڪري ٿي. ميسوزوئڪ ۽ سينوزوئڪ دور کان وٺي جيئن ئي لٽ ڪري سنڌو جو پيٽ وڌيو ۽ ندي پنهنجي رخ کي بدلائڻ شروع ڪيو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ لکيل تاريخ ۾ ست ڀيرا ٻڌايو ويو آهي سڄي سنڌ تي سمنڊ جي دعوئي هئي. شايد ان ٿيوري جو وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان جائزو وٺڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ضرورت آهي پر رڻ ڪڇ بيابان جي وچ ۾ مٽي جي ڍڙن جي موجودگي جتي سنڌونديءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ نيڪال ٿيندو هو ۽ اها حقيقت ته سنڌ ۾ زمين هيٺ پاڻي ايترو ئي کارو آهي جيترو سمنڊ جو پاڻي جڏهن ته سچي سرحد ۽ پنجاب جي وسيع علائقي ۾ پاڻي مٺو آهي. سا حقيقت ان مفروضي کي سچو ثابت ڪري ٿي. سرحد ۽ پنجاب مان گذرندي سنڌو جا ٽريبوٽريز سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ صوبن جي ڊيگهه ۽ وسعت مان گذرن ٿا. پر سنڌ مان گذرندي ادبي ٻولي ۾ ان کي ٻه اڌ ڪندي عظيم ندي وڏي مقدار ۾ پاڻي ڪٽي داخل ٿئي ٿي جيڪو ٦ سو ملين (هڪ هزار ڪلوميٽر) واري زمين کي سراب ڪري ٿو ۽ سراسري طور ۵ ميل (۸ ڪلوميٽر) سيراب ڪري پوءِ عربي سمنڊ ۾ وهي ٿو.

زمين جو اهو ٽڪروجيڪو ڪل ۹ءِ ۱ ملين ايڪڙ (۷٦۰۰۰۰ هيڪٽر آهي) ۽ جنهن کي سنڌ ۾ ڪچو سڏيو وڃي ٿو روراٺ ٻيلن جي ۵۹۸۸۰۰ ايڪڙ (۲۴۰۰۰۰ هيڪٽر) سر سبز ۱۰۰۰۰۰۰ ايڪڙ (۴۰۰۰۰۰ هيڪٽر) آباد ڪري ٿو.

اڄان به هيٺ ويندي سموري ڊيلٽا علائقي کي سيراب ڪندي سنڌو ٦۵۰۰۰۰ ايڪڙ (۲٦۰۰۰۰ هيڪٽر) گهري تمر ٻيلي کي جنم ڏنو آهي جيڪو دنيا ۾ ڇهين نمبر تي آهي جتي رنگا رنگي ساموندي جيوت ۽ نباتاتي زندگي روان دوان آهي.

سنڌوندي ۽ ان جي ٽريبوٽريز جي پاڻي واري مقدار جو وهڪرو مختلف وقتن ۾ مختلف رهي ٿو ان جو دارومدار برف جي مقدار ۽ ڪيچمنٽ ايريا ۾ برسات جي پاڻي تي آهي.

سال ۷۴-۷۵ع ۾ رڪارڊ ڪيل مقدار ۱۰۰ ايم اي ايف جو گهٽ ۾ گهٽ آهي جيڪو ۱۴۰۰۰۰ ڪيوسڪ نمائندگي ڪري ٿو اهو مقدار سڄو سال وهندو رهي ٿو جڏهن ته سال ۵۹-٦۰ع ۾ ۱۸٦ ايم اي ايف کان به وڌيڪ مقدار رڪارڊ ڪيو ويو هو.

انگريزن طرفان سنڌ جي فتح (۱۸۴۳ع) ۽ پنجاب جي فتح (۱۸۴۷ع) کان وٺي پنجاب جي ميدانن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌونديءَ جي پاڻيءَ کي ڪتب آڻڻ لاءِ لڳاتار ڪوششون شروع ٿي ويون. هن وقت ٽائين ۲ ڊئم، ۱۹ بئراج، ۴۳ ڪئنال سب سسٽم جنهن ۾ ۱۱ مکيه لنڪ ڪئنال شامل آهن سنڌونديءَ تي تعمير ڪيا ويا آهن ۽ ان جي ٽريبوٽريز دنيا جي سڀ کان وڏي انسان جي ٺهيل ايريگيشن نيٽ ورڪ کي پيدا ڪيو آهي جيڪو ڪئنال، ڊسٽريبوٽريز ۽ مائنر جي ۴۰ هزار ميل (٦۴ هزار ڪلوميٽر) تي مشتمل آهي.

اهو وسيع آبپاشي وارو نظام ۵عـ ۲۴ ملين ايڪڙ زمين کي آباد ڪري ٿو جنهن مان ۵عـ ۲۹ ميلن ايڪڙن (۱۱۷ ملين هيڪٽر ۸۸-۸۹ع ڊيٽا) ڪئنال ذريعي آبادي ٿئي ٿي جنهن لاءِ ۱۰۵۰۰۰ واٽر ڪورسز استعمال ڪيا وڃن ٿا. پوک لائق وسيع زمين ۳۰ لک انفرادي فارمن ۾ پکڙيل آهي ۽ هر سال انڊس رور سسٽم مان ۱۰۵ ايم اي ايف پاڻي کپت ڪري ٿي.

شاهي ندي کي زنجير

انگريزن جي دور کان اڳ انڊس بيسن ۾ آبپاشي جو دارو مدار ڪئنال تي هو مثال طور اپر سنڌ ۾ نارا ڪئنال ۽ حيدرآباد ۾ ڦليلي ۽ پينجاري ڪئنال. شايد بهرين انساني ٺاهيل ڪئنال جو بنياد علي مردان خان رکيو هو جنهن جو بنيادي مقصد راوي کان شاليمار گارڊن تائين پاڻي آڻڻ هو پر پوءِ ان پاڻي کي لاهور جي چوڌاري زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو.

سنڌ ۾ ڪلهوڙا حڪمران (۱۷۰۱ع کان ۱۷۸۳ع) ڪئنال جا باني ۽ زراعت جا اڏيندڙ هئا. انهن ۱۰ ميل ڊگهي نور واهه شاخ نهرائي جنهن مان بعد ۾ بيگاري ڪئنال ڪڍيو ويو. ۲ ميل ڊگهي شاهه جي ڪور ۽ ۲۰ ميل ڊگهي (Date) جي ڪور جيڪا هاڻي وارهه ڪئنال ۾ جذب ٿي ويئي آهي نهرائي ويئي. ڪلهوڙن نصرت واهه، مراد واهه ۽ سينٽرل سنڌ ۾ باغ شاخ ۽ فيروزه شاخ نهرايون جيڪي روهڙي ڪئنال ۾ جذب ٿي ويون.

پر انگريزن سنڌوندي ۽ ان جي ٽريبوٽريز جي پاڻي جي افاديت سڄي پاڪ - هند ۽ مئنچسٽر جي ٽيڪسٽائيل صنعتن لاءِ به ڄاڻي ورتي. تنهن ڪري هنن ۱۸۴۷ع ۾ پنجاب فتح ڪرڻ کان ترت پوءِ راوي ندي مان سينٽرل باري دوآب ڪئنال تي ڪم شروع ٿي ويو.

سينٽرل باري دوآب ڪئنال جي ڪاميابي کانپوءِ سڌنئي ڪئنال، لوئر چناب ۽ لوئر جهلم ڪئنال ۱۸۸۵-۱۹۰۱ع، پهاڙپور ڪئنال (۱۹۰۸ع)، اپرسوات ڪئنال (۱۹۱۴ع) ۽ اپر جهلم، اپر چناب، لوئر باري دوآب ڪئنال (۱۹۱۵ع) ۾ نهرايا ويا.

ستلج ندي رٿا جي ۱۹۳۲ع ۾ تڪميل سان جيڪا ۱۱ ڪئنال ۽ ۴ هيڊ ورڪس تي مشتمل آهي پنجاب جي زمين جي گهٽي حصي کي پوک لائق بڻايو ويو.

ساڳي سال (۱۹۳۲ع) ۾ سنڌوندي تي سکر بئراج ٺاهي سنڌ جي ميدانن کي پوک هيٺ آندو ويو. چناب تي ٽريمو هيڊورڪ ۱۹۳۹ع ۾ ٺاهيو ويو جنهن بعد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوندي تي ڪالاباغ (يا جناح) بئراج ٺاهيو ويو. ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌو تي ٣ وڏيڪ بئراج جوڙيا ويا. ڪوٽڙي بئراج ١٩٥٥ع ۾ جوڙيو ويو ان ڪانپوءِ ١٩٨٥ع ۾ تونسه بئراج ۽ ١٩٦٢ع ۾ گڊو بئراج جوڙيا ويا.

ڪيترن ئي ڪئنالن ۽ بئراجن جي نهڻ سان انڊس رور سسٽم مان پاڻي وڏي مقدار ۾ ملڪ جي وڌندڙ آبادي جي ايريگيشن ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنيو ويو. انڊس رور سسٽم جي پاڻي وارن وسيلن ۾ وڏي ڪوٽ پارت ۽ پاڪستان وچ ۾ انڊس واٽر ٽريٽي ڪانپوءِ واقع ٿي جڏهن پنجاب جون ٣ نديون پارت حوالي ڪرڻ بعد ٣٣ ايم اي ايف پاڻي گهٽايو ويو. ٣٣ ايم اي ايف پاڻي ڪيترو آهي اهو جاچڻ لاءِ رکو ايترو مثال ڪافي آهي ته اوائلي ڪئنال مثال طور روهڙي ڪئنال ۽ قليلي ڪئنال سڄو سال وهڻ بعد به صرف ٣ ايم اي ايف پاڻي کڻن ٿا.

انڊس واٽر ٽليٽري تي سيپٽمبر ١٩٦٠ع ۾ ٻنهي ملڪن صحيح ڪئي جنهن جا ڪجهه نقطا هيٺين ريت آهن.

آرٽيڪل-٢

١- اوڀارين ندين (ستلج، بياس ۽ راوي) جو سمورو پاڻي بنا روڪ پارت استعمال ڪندو.

٢- گهرو استعمال ۽ غير کپت استعمال ڪانسواءِ پاڪستان جي ذميواري هوندي ته پاڻي وهڪري کي نه روڪي ۽ ان ۾ مداخلت جي اجازت نه ڏئي.

آرٽيڪل-٣

١- پاڪستان اولهائين ندين (سنڌو، جهلم ۽ چناب) جو پاڻي بي روڪ استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻي جو وهڪرو نه روڪڻ لاءِ پارت پابند هوندو.

اهڙيءَ طرح معاهدي هيٺ انڊس رور سسٽم کي ٽن ندين جي پاڻي کان محروم ڪيو ويو ۽ ان جي بدلي ۾ قرض ورتو ويو جنهن ذريعي ٢ ڊئم، ٥ بئراج ۽ ٨ لنڪ ڪئنال ٺاهڻا هئا. معاهدي موجب پاڪستان ٢ ڊئم ٺاهيا.

١- جهلم تي ١٩٦٧ع ۾ ٣عـ ٥ ايم اي ايف پاڻي جمع ڪرڻ لاءِ منگلا ڊئم ٺاهيو ويو.

٢- سنڌو تي ١٩٧٤ع ۾ ٣عـ ٩ ايم اي ايف پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ تربيلا ڊئم ٺاهيو ويو.

ٽن ندين جي نقصان ۽ ان سبب ٣٣ ايم اي ايف جي محرومي، ٦عـ ١٤ ايم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ايف جمع ڪندڙ ٢ ڊئم ۽ هر سال ١٠٥ ايم اي ايف حاصل ڪندڙ ١٩ بئراج ۽ هڊورڪس جي تعمير دنيا جي عظيم ندي سنڌو کي زنجير وجهڻ واري عمل جي تڪميل هئي جنهن ندي جو وهڪرو اڳي عربي سمنڊ ۾ ويندو هو.

اڄ اڪثر سالن ۾ سنڌونديءَ جي پيٽ مان واري اڏامندي آهي رڳو انهن سالن ۾ جوڳو پاڻي هوندو آهي جڏهن ڪيچمينٽ ايريا ۾ برسات جي پاڻي جو غير معمولي مقدار هوندو آهي جنهن وقت کي ٻوڏ جي حوالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

ڪالاباغ ڊئم تي سنڌ جا 9 اعتراض:

١- سنڌو ۾ گهڻو پاڻي نہ رهيو آهي.

سنڌونديءَ ۾ پاڻي جو وهڪرو ڪيترو آهي جڏهن اهو سنڌ مان گذري ٿو اهو هڪ اهڙو نقطو آهي جيڪو سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ شديد اختلاف جو ڪارڻ آهي. سنڌونديءَ ۾ ٻوڏن وارين خبرن ۽ حفاظتي بندن جي ٽٽڻ پنجاب ۾ اهو تصور پيدا ڪيو آهي تہ هر سال سنڌ جي ٻوڏ ڪري وڏي مقدار ۾ پاڻي ”ضايع“ ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ان پاڻي کي ڪالاباغ وٽ جمع ڪيو وڃي تہ پاڪستان جي زراعت خود انحصاري ڏانهن پيش قدمي ڪندي. واپڊا ۽ پنجاب جي آبپاشي کاتي جي اهلڪارن انهي غلط تصور کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي بلڪہ حقيقت ۾ ان غلط تصور کي سگهہ ڏيڻ لاءِ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي.

سنڌو ۽ انجي ٽربيوٽريز ۾ پاڻي جي وهڪري جو مقدار هر سال مختلف ٿئي ٿو ۽ ان جو دارومدار هماليہ ۾ برفباري ۽ ڪيچمنٽ ايريا ۾ برسات تي آهي.

انگن اکرن مان ٥ ماپا واضح آهن.

١- ٽن مغربي ندين جو سال ٥٩-٦٠ع ۾ وڌ ۾ وڌ وهڪرو ٧٩عـ١٨٦ ايم اي ايف آهي.

٢- ٧٤-٧٥ع ۾ وڌ ۾ وڌ وهڪرو ٢١عـ١٠٠ ايم اي ايف آهي.

٣- سراسري طور هر سال ٽن مغربي ندين جو وهڪرو ٢٧عـ١٣٧ ايم اي ايف آهي.

٤- پنجن سالن جي وهڪري مان ڇئن سالن جو وهڪرو ٥٩عـ ١٢٣ ايم اي ايف آهي.

٥- پنجن سالن ۾ هڪ ڀيرو سپر ٻوڏ اچي ٿي جنهن سان هر سال سراسري ٢٧عـ١٣٧ ايم اي ايف تائين وڌي سگهي ٿي. پر باقي ڇئن سالن ۾ پاڻي جي موجودگي ٥٩عـ١٢٣ ايم اي ايف آهي.

ڪالا باغ ڊئم لاءِ پاڻي جي موجودگي بابت پنهنجن جائزن سان واپڊا ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ سراسري وهڪرو ۲۷ع۱۲۷ ايم اي ايف آهي. جيتوڻيڪ واپڊا جي پنهنجن تجويزن، ڪامن سينس ۽ بين الاقوامي طور مڃيل اصول موجب پاڻي جي موجودگي ۸۰ سيڪڙو آهي يا اهو مقدار ۵ سالن مان چئن سالن ۾ موجود آهي.

واپڊا جي ميمبر آصف قاضي جي سربراهي ۾ پاڻي جي وسيلن ۽ انتظام بابت نيشنل ڪميشن (سيپٽمبر ۱۹۸۷ع) جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي:

"موجود پاڻي جي سطحي سپلاءِ واري گنجائش کي جاچيندي اهو خيال ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت آهي تہ هر سال پاڻي جي وهڪري ۾ فرق ٿئي ٿو ۽ جيستائين پاڻي گڏ ڪرڻ واري وڏي گنجائش موجود نہ هجي جنهن ذريعي بعد جي سالن لاءِ وهڪرن کي جذب ڪجي تيستائين ڪنهن بہ ڊولپمينٽ جو بنياد پنجن ڪان چئن سالن واري وهڪري جي سطح تي هئڻ گهرجي. ان سان نہ رڳو وهڪرن جو سڌيءَ طرح استعمال ممڪن ٿيندو پر ان سان اضافي سطحي پاڻي پڻ پيدا ڪري سگهبو".

قانون جنهن ذريعي پاڻي موجودگي جو جائزو ورتو سگهجي ٿو تنهن جي آمريڪا جي سپريم ڪروٽ سٺي نموني سان وضاحت ڪئي آهي. ان قانون ذريعي رياست منجهہ پاڻي جي تڪرار واري سڀ ڪان منجهيل مسئلي کي حل ڪيو ويو، ڳالهہ هيئن آهي تہ آمريڪا جي ٻن رياستن وومنگ ۽ ڪولوراڊو وچ ۾ ۱۹۲۲ع ۾ پاڻي تان تڪرار پيدا ٿيو. وومنگ رياست ڪوشش ڪئي تہ باهمي ندي "لارامڪ" جو پاڻي ڪولوراڊو رياست ۽ ڪولوراڊو جي ٻن ڪارپوريشن ڏانهن منتقل ڪرڻ ڪان روڪيو وڃي جڏهن ڪولوراڊو رياست پاڻي جي سالياني سراسري وهڪري جو تفصيل پيش ڪيو تہ آمريڪي سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ هيئن چيو: "پاڻي جي واقعي موجودگي واري صورت ۾ سپلاءِ کي منصفانہ نموني جاري رکيو وڃي. فصلن جي واڌ کي سراسري وهڪرن جي اميدن حوالي نٿو ڪري سگهجي جيڪي اڇٽا ناهن ۽ نہ وري غير معمولي وهڪرن جي ٻيهر ڪليڪشن تي ڀاڙي سگهجي ٿو جيڪي وهڪرا گذريل سالن ۾ لهواري پاسي ڪان گذري چڪا آهن. زمين رڳو ان وقت جواب ڏيندي جڏهن پاڻي جو واقعي اطلاق ٿئي" ليڪي واري مقصد لاءِ آمريڪا جي سپريم ڪورٽ گهٽي وقت تائين سراسري وهڪري کي اختيار ڪرڻ جي حمايت نہ ڪئي پر ٻن سالن واري گهٽ وهڪري کي اختيار ڪرڻ جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ استشنائي طور گهٽ وهڪرن واري سالن کي خارج ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اهو ڪيس ڪالاباغ ڊئم تي لاڳو ڪجي ته پوءِ آمريڪي سپريم ڪورٽ جو فيصلو هن طرح هجي ها: ”جيڪڏهن پاڻي واقعي موجود هجي ته پوءِ سپلاءِ کي جاري رکڻ ضروري آهي.... ڊئم سراسري وهڪرن وارين اميدن تي نتا پري سگهجن جيڪي اڄڻا ناهن ۽ نه وري غير معمولي وهڪرن جي پيهر ڪليڪشن تي ياڙي سگهجي ٿو جيڪي گذريل سالن ۾ لهواري پاسي وهي چڪا آهن“ تنهن ڪري ڪالاباغ ڊئم کي پرڻ وارو اصول ساڳيو هئڻ گهرجي جيڪو آمريڪي سپريم ڪورٽ بيان ڪيو آهي يعني ڪن ٻن سالن جي سپ کان ننڍي سطح ۽ استشنائي طور گهٽ وهڪري وارن سالن کي خارج ڪيو وڃي.

جيڪڏهن ٦٩ سالن جي انگن اکرن کي خبرداري سان پڙهيو وڃي ۽ جيڪڏهن استثنائي طور ١٢٠ ايم اي ايف کان به گهٽ وارن ٩ سالن کي خارج ڪيو وڃي ته پوءِ باقي ٻن سالن وارو گهٽ وهڪرو ٣١-٣٢ع ۾ ٥٩عـ١٢٢ ايم اي ايف ۽ ٣٢-٣٣ع ۾ ٢٦عـ١٢٥ ايم اي ايف آهي جنهن جي سراسري ٤هـ١٢٤ ايم اي ايف آهي. اها صورتحال پنجن سالن مان چئن سالن واري ٥٩عـ ١٢٢ ايم اي ايف يا ٨٠ سيڪڙو وهڪرو جي ويجهو آهي. واپڊا ان کي سٺي پاليسي طور قبول ڪيو هو پر ڪالاباغ ڊئم جي معاملي ۾ چالاڪي سان انکي وساري ڇڏيو.

جام صادق علي حڪومت طرفان ١٩٩١ع ۾ ٿيل پاڻي واري ٺاهه کي سنڌي عوام من ماني ۽ ناانصافي وارو ٺاهه سڏي ٿو. ان ٺاهه ۾ چئن صوبن جي هاڻوڪي ۽ تجويز ڪيل مستقبل جي ضرورتن لاءِ پاڻي جي ورڇ ٿيل آهي.

پاڻي واري ٺاهه کي ڏسندي انڊس رور سسٽم جي پاڻي وارن وسيلن جو سادو ۽ صحيح ليکو هن طرح آهي:

ٽن مغربي ندين ۾ پاڻي جي موجودگي (رم اسٽيشن جي هيٺ) ٥٩عـ١٢٢ ايم اي ايف.

١٩٩١ع جي پاڻي واري ٺاهه موجب چئن صوبن جي ضرورت (رم اسٽيشن جي هيٺ ٣٥عـ١١٤ ايم اي ايف).

ڪوٽڙي جي هيٺين پاسي لاءِ پاڻي (پاڻي واري ٺاهه ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي صحت لاءِ منظور ٿيل ٠٠عـ١٠ ايم اي ايف).

باقي ٧٦عـ ٠ ايم اي ايف پاڻي جو خسارو.

اهو سادو ليکو نشاندهي ڪري ٿو ته جيڪڏهن پاڻي جي ورڇ واري هاڻوڪي صورتحال برقرار رهي ته پوءِ ٨٦عـ٠ ايم اي ايف پاڻي جي کوٽ پيدا ٿيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ۾ ١٩عـ١٥ ايم اي ايف شامل ناهن جيڪي سسٽم جي خرابي سبب يا رم اسٽيشن ۽ مختلف بئراج وچ ۾ مکيه رور بيدس ۾ پاڻي تمي ضايع ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن ان نقصان يا (سياري جي ٨٠عـ٢ ايم اي ايف فائڊن) جو حساب ڪيو وڃي تہ پاڻي جي ڪوٽ ٩٥عـ١٥ ايم اي ايف ٿي وڃي ٿي.

صوبن طرفان ٣٥عـ١١٤ ايم اي ايف استعمال ٿيندڙ پاڻي.

سسٽم وارو نقصان ١٩عـ ١٥ ايم ايف ايف ڪوٽڙي جي هيٺ لاءِ پاڻي ٠٠عـ١٠ ايم اي ايف ٽوٽل ٥٤عـ١٣٩ ايم اي ايف.

٨٠ سيڪڙو پاڻي جي (-) ٩٥عـ١٥ ايم اي ايف موجودگي واري ڪوٽ.

(اهو تفصيل سرفيس واٽر پوٽينشل) پلاننگ ڊويزن واپڊا ١٩٨٩ع (اپينڊڪس ٨ ۾ ڄاڻايل آهي).

پاڻي جي ان مقدار جو بہ ليکو ٿيڻ گهرجي جيڪو ذخيرن جي خاتمي ۽ سيپيج سبب ضايع ٿي وڃي ٿو.

خود واپڊا طرفان تربيلا ڊئم مان سسٽم واري خساري جو نقصان هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

منگلا ڪانپوءِ تربيلا کان اڳ:

سراسري ساليانو (سسٽم) نقصان ١٩٦٦-١٩٧٧ع) ٩عـ٦ ايم اي ايف.

تربيلا ڪانپوءِ:

سراسري ساليانو (سسٽم) وارو نقصان (١٩٧٦-١٩٨٧ع) ٢عـ١٦ ايم اي ايف.

ٻين لفظن ۾ تربيلا ڊيم کي انڊس رور سسٽم ۾ شامل ڪرڻ سان خسارو ٨عـ٦ ايم ايي ايف کان وڌي ٢عـ١٦ ايم اي ايف ٿي ويو.

رڳو تربيلا ڊئم هر سال ٣عـ٩ ايم اي ايف خسارو آندو آهي. ڪالاباغ ڊئم جي اڏاوت ڪري سسٽم وارو خسارو ويتر وڌي ويندو.

جڏهن سادي ليکي کي ڪنهن بہ ڪنڊ کان جاچيو وڃي تہ ان مان انڊس رور سسٽم ۾ پاڻي جي ڪوٽ جي نشاندهي ٿئي ٿي پوءِ ائين چو آهي تہ هوڏ جو پاڻي سمنڊ ڏانهن چو ٿو وڃي ۽ اهو تصور ڪيو ويو آهي تہ هر سال گهٽي مقدار ۾ پاڻي "ضايع" ٿي وڃي ٿو ۽ ان مان ڪجهہ پاڻي ڪالاباغ ڊئم جي تعمير ذريعي جمع ڪرڻ گهرجي؟.

پاڪستان جي پاڻي ۽ بجلي واري وفاقي وزير قومي اسيمبلي ۾ اعلان ڪيو ته پارٽ ٧٥عـ٦ ايم اي ايف پاڻي استعمال ڪندي ٧٥٥٧٩٩ ايڪڙ پوک لائق بنائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. اهو چوڻ مناسب رهندو ته باقي رهيل ٥٥٧٦٧٨ ايڪڙن جي آبادي لاءِ پارٽ وڌيڪ ٧٩عـ٤ ايم اي ايف حاصل ڪندو. تنهنڪري سمنڊ ۾ پاڻي جو وهڪرو وڌيڪ گهٽجي وڃي ٧٢عـ٣ ايم اي ايف بيهي ٿو.

٥- ٨٢عـ٣٤ ايم اي ايف جيڪو سمنڊ ڏانهن وڃي ٿو اهو "مين ڊسچارج" آهي نه ڪي پنجن سالن مان ڇئن سالن وارو نيڪال جيڪو ١٠ کان ١٤ ايم اي ايف تائين گهٽ ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري ايستائين جو جيڪي ڪالاباغ ڊئم جي حمايت ڪن ٿا پنجن سالن مان ڇئن سالن ۾ سمنڊ ۾ پاڻي جو وهڪرو قطعي نه هوندو نه رڳو باقي ٧٢عـ٣ ايم اي ايف غائب ٿي ويندا بلڪ انڊس ڊيلٽا جي صحت لاءِ پاڻي واري ناهه ۾ رکيل ١٠ ايم اي ايف پاڻي وارو مقدار به ختم ٿي ويندو.

٦- سنڌ ۽ پنجاب يا پارٽ جي ميدانن ۾ غير معمولي برسات سنڌو جي پاڻي ۾ اضافو ڪرڻ ڪانسواءِ ڪوٽڙي جي لهواري وهڪري جي نيڪال ۾ اضافو ڪري ٿي. سيپٽمبر ١٩٩٧ع ۾ چناب جون ٻوڏون ان جو مثال آهن. والاريل ڪشمير ۾ آگسٽ ١٩٩٧ع جي ٻجاڙي ۾ اوچتو برسات چناب ندي جي نيڪال جي صورتحال ٦٠٠٠٠٠ ڪيوسڪ وڌائي ڇڏي. جڏهن ته سنڌو ۽ جهلم ندي ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ هئي. چناب ۽ اوپارين ندين ڪوٽڙي جي لهواري وهڪري کي مناسب سطح تائين وڌائي ڇڏيو پر ڇئن ڏينهن واري ٻوڏ اتر طرف پاڻي جي سهولتن کي ڪو فائدو نه پهچائي سگهي.

٧- جيڪي ماڻهو ٻوڏ جي پاڻي کي زيان تصور ڪن ٿا اهي نه رڳو هلڪڙا بلڪ اڻ ڄاڻ به آهن. سنڌونديءَ جي ڪينل لٽ وارو بار سيني بئراج ۽ ڊئم وٽ ڊپازٽ ٿئي ٿو. تربيلا ڊئم پنيان لٽ واري جبل بابت خبرن جي سيني کي خبر آهي پر جيڪي مشاهدو ڪن ٿا اهي هر بئراج پٺيان واريءَ ۽ لٽ جا دڙا ڏسي سگهن ٿا. وڏين ندين ۽ بئراج جي تعمير سبب ملين ٽن لٽ صاف ڪرڻ لاءِ ڪو مڪينيڪل طريقو موجود ناهي پر ٻوڏ جي پاڻي واري وهڪري جي طاقت سبب گڏ تيل ڪجهه لٽ صاف ٿي ويندي آهي. وڏيون ٻوڏون ندين کي لٽ کان پاڪ ڪرڻ لاءِ قدرتي طريقو آهن (پر اسان جي معاملي ۾ ان سان بئراج جي زندگي ۾ اضافو ٿئي ٿو).

انهن منجهيل سوالن جا جواب تفصيل ۾ ڏسي سگهجن ٿا. انڊس رور سسٽم آپريشن جا ۱۱ سال (۷٦-۷۷ع کان ۸٦-۸۷ع) ظاهر ڪن ٿا ته ڪوٽڙي کان هيٺ سراسري طور جاري ڪيل پاڻي ۸۳ء۲۴ ايم اي ايف آهي. يعني ۸۳ء۲۴ ايم اي ايف پاڻي هر سال سمنڊ ۾ "ضايع" ٿي وڃي ٿو.

۱- مذڪوره تفيصل مان جيڪڏهن ۱۹۹۱ع جي ناهه ذريعي ۱۰ ايم اي ايف پاڻي سمنڊ ۾ ڇڏڻ واري ڳالهه ڪي هٽايو وڃي ته سمنڊ ڏانهن "اٽ گهربل" وهڪرو ۸۳ء۲۴ ايم اي ايف ٿي ويندو.

۲- هن وقت پاڪستان ۾ سيئي بئراج ۽ ڪئنال پاڻي واري ناهه ۾ منظور ٿيل ۳۵ ۽ ۱۱۴ ايم اي ايف جي برعڪس ۱۰۵ ايم اي ايف حاصل ڪري سگهن ٿا. باقي ۳۵ء۹ ايم اي ايف صوبن جي مستقبل جي ضرورتن لاءِ آهن. اهي ۳۵ء۹ ايم اي ايف هن وقت سمنڊ ڏانهن وڃن ٿا ۽ ان وقت غائب ٿي ويندا جڏهن صوبا پنهنجي ڪوٽا جو ڀرپور استعمال ڪندا. اهڙيءَ طرح "زيان" ۴۸ء۱۵ ايم اي ايف ٿي وڃي ٿو.

۳- اوڀاريون ندوين ستلج، بيز ۽ راوي جو سنڌو ۾ وهڪرو ڪل ۹۷ء٦ ايم اي ايف آهي جنهن مان راوي جو حصو ۷ء۴ ايم اي ايف، ستلج ۽ بياس جو حصو ۲۳ء۲ ايم اي ايف آهي. (انڊس بيسن ايريگيشن سسٽم ائبسٽريڪٽ آف آپريشنل ڊيٽا ۸۰-۸۱ع کان ۹۰-۹۱ع واپڊا تان ورتل).

انڊس بيسن ناهه هيٺ ٽئي نديون ڀارت حوالي ڪيون ويون آهن. جيڪو پاڻي انهن ندين ڏانهن جاري ڪيو وڃي ٿو سو به سنت رکجي ويندو ڇاڪاڻ ته ڀارت ستلج جي ٦ء۸ ايم اي ايف گنجائش وارو ڪيري اوور ڊئم ڀاکرا تي ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ بياس ندي تي هڪ ٻيو ڊئم ٺاهيو پيو وڃي جنهن جي گنجائش ۳ ايم اي ايف آهي. قصو اڃان اتي ختم نٿو ٿئي راوي ندي تي "ٿين" نالي هڪ ٿيون ڪيري اوور ڊئم تعمير هيٺ آهي جنهن جي گنجائش ۳ ايم اي ايف. ان ڊئم جي تعمير ڪانپوءِ پاڪستان ڏانهن پاڻي جو وهڪرو بند ٿي ويندو سواءِ وڏي ٻوڏ جي مند جي. جيڪڏهن ان مقدار جو ليکو ڪيو وڃي ته رڳو ۵۱ء۸ ايم اي ايف پاڻي سمنڊ ۾ "زيان" ٿئي ٿو.

۴- انڊس بيسن واٽر ٽريٽي ۱۹٦۰ع هيٺ نه رڳو ستلج، بياس ۽ راوي جو پاڻي ڀارت کي ڏنو ويو پر مغربي ندين مان ۱۳۴۳۴۷۷ ايڪڙن لاءِ پاڻي ڪڻڻ جو پڻ حق ڏنو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي ته سيمينارن، مضمونن، پريس بيان ۾ سرڪاري شعبي ۾ ١٠ ارب ڊالرز واري رٿا ڪالاباغ ڊئم لاءِ راهه هموار ڪرڻ لاءِ واپڊا ۽ پنجاب جي آبپاشي کاتي جي اهلڪارن عوام کي غلط معلومات فراهم ڪرڻ وارو رجحان ظاهر ڪيو آهي. ان لاءِ پاڻي جي موجودگي بابت تڪراري ۽ ساڳي وقت حقيقتن کان وانجهيل تفصيل مهيا ڪيو آهي. ايستائين جو پنجاب ۽ سنڌ ۾ آبادي جوڳي زمين ۽ ٻنهي صوبن ۾ آدمشماري واري تعداد جو پڻ من پسند تفصيل ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح سمنڊ ۾ پاڻي جي زيان بابت غلط تصور کي درست ڪرڻ لاءِ ڪي ڪوششون نه ونديون ساڳين اهلڪارن انهي خواهش جو اظهار ڪيو آهي ته هر قيمت تي ڪالاباغ ڊئم ٺاهيو ويندو. سنڌ جا ماڻهو اهڙي قسم جي تفصيل ۽ ڪالاباغ ڊئم جي حامين جي سازشن ڪري گهٽتي ۽ شڪ ۾ ورتل آهن. ڇاڪاڻ ته انهن کي ڏکوئيندڙ تجربو آهي ته پاڻي جي کوٽ کي نيٺ سنڌ جي حصي جي کوٽ ۾ تبديل ڪيو ويندو.

2- ڪڇي وارو علائقو برباد ٿي ويندو.

سنڌ جي مان گذري ٦٠٠ ميل (١٠٠٠ ڪلوميٽر) اتر ڪان ڏکڻ ورن وڪڙن وارو سفر ڪندي سنڌو پنهجي ٻنهي پاسن واري وڏي علائقي کي آباد ڪري ٿو. ان علائقي کي ڪچو سڏو وڃي ٿو جيڪو شاندار نيڪال واري سسٽم ۽ لٽ کان بچاءَ ڪري سر سبز زمين ۾ تبديل ٿي چڪو اهي. ڪچي جو علائقو ٩ء١ ملين ايڪڙ آهي.

صدين کان ڪچي جي ٻيلي وارو علائقو وڌندي ويجهندي ٥٩٨٨٨٠ ايڪڙ (٢٤٠٠٠٠ هيڪٽر) ٿي ويو آهي جتي وڻن جا مختلف قسم آهن جن ۾ مشهور وڻ ٻاهڻ به شامل آهي جنهن مان خوبصورت رنگ واري جندي پڻ ٺاهي ويندي آهي. ڪچي جي ويڪر ۾ ٣ء١ ملين ايڪڙ (٥٢ء٠ ملين هيڪٽر) سر سبز زمين پکڙيل آهي.. ان مان اٽڪل ٦٠٠٠٠٠ ايڪڙ (٢٤٠٠٠٠ هيڪٽر) زمين کي پوک هيٺ آندو ويو آهي جتي مختلف فصل ٿين ٿا جن ۾ تيلي ٻج به شامل آهن.

سنڌ جي معيشت لاءِ ڪچي جي اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ڪچي جي علائقي جو اڃان تائين آزاد سروي نه ڪيو ويو آهي پر ڪچي جي انساني آبادي ۽ جانورن جو تعداد هيٺين ريت آهي:

آبادي	في خاندان	في چورس ميل	ٽوٽل ڪچو.
ماڻهو	8	32	100,000
چوپايو مال	4	150	450,000
مينهون	6	150	450,000
ٻڪريون/رڍون	6	225	675,000
پولٽري	20	750	2,250,000

زرعي پيداوار، کير، گوشت ۽ پولٽري تي نہ رڳو ڪچي جي ١٠ لک آبادي جو دارومدار آهي پر اهو علائقو سنڌو جي ٻنهي ڪنارن تي آباد سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن لاءِ خوراڪ جو وسيلو آهي. ان کان علاوه ٢٠٠٠٠٠ ماڻهو عمارتي ڪاٺ جو واپار مان فائدو حاصل ڪن ٿا جن جا وڻ ٥٩٨٥٠٠ ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڪاٺ انهن ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن لاءِ توانائي جو وسيلو آهي جتي اجا گئس نہ پهتي آهي. اجان بہ اٽڪل ٣ لک مهاڻن جي زندگي جو دارومدار سنڌونديءَ تي آهي.

ڪچي جو سڄو دارومدار سنڌو جي پاڻي تي آهي. جڏهن سنڌو جو پاڻي ڪچي جي علائقي ۾ نہ پهچندو آهي تہ فصل، خوراڪ ۽ گاهہ متاثر ٿيندو آهي ۽ ايستائين جو پيئڻ جي پاڻي وارن کوهن ۾ بہ کوٽ هوندي اهي. ان لاءِ ٨٥-٨٦ع وارو خشڪ سالي وارو مثال آهي جڏهن ڪچي ۾ سنڌو جو پاڻي نہ پهتو نتيجي ۾ ڪيترائي خاندان گذر سفر لاءِ ٻين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا.

خشڪ سالي وارن سالن يا سنڌو جي پاڻي ۾ ڦيرو آڻي يا ڊئم جي اڏاوت سبب ڪچي جي علائقي ۾ نقصان هيٺين ريت ٿيندو.

١- سطحي آلاڻ ختم ٿي ويندي جنهن سان زمين جي برباديءَ جو آغاز ٿيندو. ڪلر ۽ هوا جي خاتمي سبب آباد زمين بنجر بنجي ويندي.

٢- زمين جو ڪاج ٻوٽن جي زوال جو ڪارڻ آهي جنهن ڪري ٥٠ سالن جي عرصي ۾ ٻيلي وارو سڄو علائقو ختم ٿي ويندو.

٣- ڪچي جي علائقي ۾ رهندڙ ١٠ لک ماڻهن سماجي ۽ معاشري برباديءَ کي منهن ڏيندا نتيجي ۾ لڏ پلاڻ ڪري ويندا.

۴- ٻيا ٢ لک ماڻهو (جن ۾ عمارتي ڪاٺ جو ڪاروبار ڪندڙن جا خاندان بہ شامل آهن)، شديد متاثر ٿيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- مکڻ، گوشت ۽ پولٽري جي پيداوار ۽ ٻيلي جي بربادي جي صورت ۾ سنڌ کي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي.

٦- خشڪ مند وارن سالن ڪري ڪڇي جا ڪوهه ۽ تلاءَ سڪي ويندا نتيجي ۾ انسانن ۽ جانورن لاءِ شديد مشڪلات پيدا ٿينديون.

3- تمر جا ٻيلا اجايا ٿاهن:

انڊس ڊيلٽا ۾ تمر جو ٻيلو ٦٥٠٠٠٠ ايڪڙن کان وڌيڪ علائقي تي پکڙيل آهي ۽ اهو دنيا ۾ ڇهون نمبر وڏو ٻيلو آهي. هر سال سنڌونديءَ جي ٤٠٠ ملين ٽن لٽ مان خوراڪ حاصل ڪندڙ (ڊئم ۽ بئراج جي اڏاوتن کان اڳ) تمر ٻيلو سڀ کان وڌيڪ پيداواري ٻيلو آهي جيڪو هزارين ٻوٽن، درياهي پاڻي ۾ رهندڙ جاندار شين ۽ جهنگلي جيوت جو تحفظ ۽ خوراڪ فراهم ڪري ٿو.

آءِ يو سي اين جي ١٩٩١ع جي رپورٽ موجب "تمر جا وڻ ڊيلٽا جي ايڪو سسٽم جا بنيادي جزا آهن انهن کانسواءِ خوراڪ جيڪي اهي ري سائيڪل ڪن ٿا ۽ جيڪو تحفظ فراهم ڪن ٿا ان کان سواءِ ايڪو - سسٽم جاٻيا جزا جيئرا رهي نه سگهندا. تمر جي ڇوڙ وارو علائقو واپاري مقصدن لاءِ مڇي جي ڪيترن ئي قسمن خاص طور تي جهينگي / گانگٽ جي پيداوار لاءِ آئڊيل ميدان آهي.

تمر جو ٻيلو ٻين جن جهنگلي جيوت جو تحفظ ڪري ٿو تن ۾ ٻلهڻ، گدڙ، جهنگلي سوئر، ريڙهيون پائيندڙ جانور، پرڏيهي پکي ۽ ڊالفن جا ٣ قسم آهن. جيڪڏهن تمر کي برباد ڪيو ويو ته پوءِ انڊس ڊيلٽا ۾ رهندڙ سيني خاندان جو وجود خطري ۾ پئجي ويندو. (آءِ يو سي اين، ڪورنگي ايڪو سسٽم پراجيڪٽ ١٩٩١ع) آءِ يو سي اين پنهنجي تحقيق ۾ وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته تمر جي ڇوڙ وارو علائقو تمر کانسواءِ گرم علائقي کان ٤ کان ٥ ڀيرا وڌيڪ پيداواري آهي.

اجان ڪا چڱيءَ طرح تحقيق نه ٿي آهي پر شايد اهو چوڻ صحيح رهندو ته تمر وڻ وارو علائقو زرعي زمين جي ڀيٽ ۾ ٣ ڀيرا وڌيڪ فائدي مند آهي. تمر ٻيلي جا اهم معاشي فائدا هيٺين ريت آهن.

١- ساحلي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ اهو عمارتي ڪاٺ ۽ ٻارڻ جو وسيلو آهي.

٢- اهو چوپائي مال، ٻڪرين ۽ خاص ڪري اٺن لاءِ سرسبز ۽ گاهه وارو علائقو آهي سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ اٺن جو هڪ عمده نسل آهي جن لاءِ آلي زمين گاهه فراهم ڪري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣- ڊيلٽا ۾ مڇيون:

ڊيلٽا ۾ موجود ٤٤ مڇين جا قسم آهن مثال طور: پلو، سول، ڪڳو، ڏنيرو، پاپليٽ، سرمئي، ڏوٿ، جهينگو وغيره.

٤- مڇيون ڊيلٽا کي پنهنجي نرسري طور استعمال ڪن ٿيون اڪثر مڇيون خاص ڪري جهينگن جي زندگي جو ڪجهه حصو تمر واري علائقي ۾ گذري ٿيو. ١٩٨٩ع جي تفصيل موجب پاڪستان مڇي جا ٤عـ٠ ملين ٽن ٻاهر وڪرو ڪري ٢٥عـ٢ ارب رپيا ڪمائي ٿو. ان مان ٥عـ١ ارب رپين جي ماليت واري ٢٤٢٠٠٠ ٽن مڇي سنڌ جي ساحلي علائقن مان حاصل ڪئي وڃي ٿي.

٥- ١٩٨٩ع جي تفصيل موجب مڇي جي پڪڙڻ واري ڪاروبار ۾ ٢٧٣٠ ٽرالر ۽ ٻيڙين تي ٨٤٦٢٠ کان به وڌيڪ ماهيگير ملازم آهن. انهن سڀني جي گذر سفر جو دارومدار ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان تمر واري ٻوڙ جي علائقي تي آهي (سورس: بيورو آف اسٽيٽڪس سنڌ طرفان ١٠ ساله ايگريڪلچر اسٽيٽڪس آف سنڌ ٨٠-٨١ع کان ٨٩-٩٠ع تائين).

٦- ساحلي تحفظ: تمر ٻيلي جي ڪري سنڌ جو ساحل لهرن جي ڪاچ کان محفوظ آهي. ٻيلي ڪانسواءِ ٢٠٠ ميل (٣٠٠ ڪلوگرام) طويل ساحل جي لهرن واري طاقت آسانيءَ سان علائقي تي ڪرندي جيئن اڄڪلهه بنگلاديش ۾ ٿي رهيو آهي.

٧- تمر ٻيلي جو هڪ ٻيو فائدو موجود بندرگاهن ڪراچي پورٽ ۽ قاسم پورٽ کي لٽ کان بچائڻ آهي.

تمر ٻيلا سمنڊ جي پاڻي مان واري صاف ڪندا آهن. جيڪڏهن سمنڊ جي بندرگاهن ۾ واري کي ڇڏيو وڃي ته پوءِ واري آسانيءَ بندرگاهن کي لٽي ڇڏيندي.

ياد رهي ته فطري ٻيلن يا تمر ٻيلن جي ترقي هڪ عمل آهي جنهن ۾ وڻن کي بالغ ٿيڻ ۾ ٥٠ کان ٦٠ سال لڳي وڃن ٿا. پر جڏهن زمين ڪاچ جو شڪار ٿي رهي هجي ۽ تازي پاڻي جي کوٽ سبب انجي خوراڪ اڻ لڀ ٿي وڃي ته پوءِ ٻيلن جي بربادي جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. اڄ ڪلهه سنڌونديءَ جي ڀرسان ڪنارن تي ساحلي علائقن ۾ تمر ٻيلي سان اهڙي ئي حالت ٿيندي پئي وڃي. واپڊا دفاع ۾ لڳاتار اصرار ڪري رهيو آهي ته ٻيلي واري علائقي کي بربادي کان بچائڻ لاءِ انڊس ڊيلٽا ۾ لوڻ، روڪ شيون متعارف ڪرائي سگهجن ٿيون ۽ ڪرائڻ گهرجن. پر اهڙو تدارڪ تمام مهانگو هوندو ۽ اهو به ضروري ناهي ته اهو ڪامياب وڃي. ان ڏس ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي هڪ آمريڪي شهري وليم تي آروش جو خط پيش ڪجي ٿو جيڪو ڊان اخبار ۾ ١٣ جولاءِ ١٩٩٦ع تي ليٽرس ٽو ايڊيٽر ۾ شايع ٿيو هو:

"تمر وڻ ۽ ڊئم"

ڊاڪٽر ثريا خاتون جو خط ته "ڇا اهي زنده رهندا" معلومات ڏيندڙ ۽ ٻن اهم مسئلن کي ظاهر ڪندڙ آهن جنهن سان انهن ماڻهن جو به واسطو آهي جيڪي ان بابت خبرداري ۾ ويساهه نٿا رکن ۽ تمر ٻيلي جي بربادي ۽ وڏي پئماني تي هائڊرو. بجلي جي ڊولپمينٽ. تمر جا ٻيلا ساحلي ماحول لاءِ وڏا فائدي مند آهن تنهن حقيقت کي تازو محسوس ڪيو ويو آهي. ان کي گهڻو وقت نه گذريو آهي ته ڪجهه بااثر پر اڻ ڄاڻ "اسڪالرن" تمر جي وڻن جي بربادي جي وڪالت ڪئي هئي ۽ دليل اهو ڏنو هو ته اهي وڻ "قدر واري" ساحلي زمين جي بي قدري ڪن ٿا پر هنن پنهنجي دليل ۾ ڪا معمولي سائنسي شهادت به پيش نه ڪئي هئي. هنن جي صلاح تي تمر جا ٻيلا ترقي جي نالي تي برباد ڪيا ويا پر ان بيوقوفي جي خطرناڪ اثرن کي ترت محسوس ڪيو ويو. اهي خطرناڪ اثر هي هئا: سامونڊي زندگي جي بقا داءُ تي لڳي ويئي (ڳانگٽ / جهينگا ۽ ٻيون ڪيٽريون ئي مڇيون پنهنجي جواني جا مرحلا تمر ٻيلن جي تحفظ ۾ گذارين ٿيون) زمين جو ڪاڄ. ٻيلن طرفان لٽ صاف ڪرڻ واري گنجائش ۾ گهٽتائي ۽ اهو احساس ته تمر ٻيلي سان واڳيل ايسڊ سلفيٽ واري زمين زرعي استعمال جي لائق ناهي جيتوڻيڪ تمر جو ٻيلو جيڪو فائدو پهچائي ٿو ان آڌو في ايڪڙ بنياد واري پيداوار ڪجهه به ناهي. آمريڪي آرمي ڪورجي انجنيئرن طرفان فلوريڊا رياست کي ڪئنال ذريعي ٻن حصن ۾ ورهائڻ واري رٿا کي ان وقت ترت رد ڪيو ويو جڏهن اهو ٺوس ثبوت ملي ويو ته فلوريڊا جي ساحل وٽ تمر وڻ جي صحت لاءِ تازو پاڻي نهايت ضروري آهي. ڪئنال ٺاهڻ جي صورت ۾ گلف آف ميڪسيڪو ۾ رهندڙ مڇي جو نسل خطري ۾ پئجي ويندو ان کان علاوه ايورگليڊس جي جاندارن جي زندگي داءُ تي لڳي ويندي، پر شروع ۾ فوجي انجنيئرن ماحول بابت ماهرن جي شڪن کي بلاجوز قرار ڏنو پر پوءِ جڏهن سائنسي شاهدي آڏو رکي ويئي ته پوءِ ايستائين جو جيڪي ڪئنال جا سخت حامي هئا تن کي پنهنجي خطرناڪ غلطي جو احساس ٿيو.

ان کان اڳ جو پاڪستان سنڌو جي وهڪري کي ڪنهن به بهاني روڪڻ واري غلطي ڪري يا پاڻي جي خاصيت کي بي روڪ آلودگي ذريعي نقصان رسائي نهايت ضروري آهي ته دنيا جي ٻين هنڌن تان سبق سکيا وڃن. جن "ترقي" جي نالي تي تمر جا وڻ برباد ڪيا اهي هاڻي وڏي قيمت تي تمر جا وڻ پوکي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمر ٻيلي جي برٻادي جا هاڃيڪار اثر ترت نروار ٿين ٿا ۽ ڪنهن ويجهي عرصي ۾ ان جو تدارڪ ممڪن نہ هوندو آهي. تمر جي فطري ترقي هڪ آهستہ عمل آهي نوان وڻ ان زمين ۾ وڌندا آهن جنهن کي اڳ ۾ هموار ڪيو ويندو آهي. جڏهن زمين ڪاچ جو شڪار هجي ۽ مدد لاءِ وڏا وڻ موجود نہ هجن تہ پوءِ تمر جي ٻيلي جي ٻيهر آبادڪاري تي تمام گهڻو وقت لڳي ٿو ۽ وڏو خرچ اچي ٿو. اڻ چاڻ "اسڪالرن" کي ان جو احساس ان وقت ٿيندو آهي جڏهن اهي فطرت جي ملپل سوکڙي کي برباد ڪري چڪا هوندا آهن.

مان ترقي جو مخالف ناهيان بشرطيڪ ان لاءِ فطري ماحول کي برباد نہ ڪيو وڃي ۽ نہ وري مان پاڪستان کي توانائي ۽ ماحولياتي واري پاليسي لاءِ سبق ڏيئي رهيو آهيان تہ اوهان ٻين جي غلطين مان سبق پرايو. اسان هاڻي آمريڪا ۾ محسوس ڪري ورتو آهي تہ وڏي پئماني تي هائڊرو - اليڪٽرڪ ڊئم جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. فطرت جا ڪيترائي انمول تحفا اسان جي ڊئم واري سسٽم ۾ برباد ٿي ويا. ڪولوراڊو ندي جهنهن جو وهڪرو سمنڊ ڏانهن ويندو هو سا غائب ٿي ويئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ ميڪسيڪو جي مڇين وارا ڳوٺ برباد ٿي ويا ۽ اتر اولهہ ميڪسيڪو جي علائقي کي ڪولوراڊو جي پاڻي واري حصي کان محروم ڪيو ويو. آمريڪا ميڪسيڪو جي مرمت واري قيمت تہ هميشہ ادا ڪندو رهندو.

وڏي ڊئم کي هاڻي هر هنڌ پسند نٿو ڪيو وڃي پر ننڍا ڊئم مني اينڊ مائڪرو هائڊرو پروجيڪٽس جن تي گهٽ خرچ اچي ٿو، گهٽ برٻادي واري متبادل، ننڍي سطح واريون هائڊرو - اليڪٽرڪ رٿائون امريڪا ۾ مقبول ٿي رهيون آهن. وڏي پئماني تي هائڊرز اليڪٽرڪ ڊولپمينٽ جي نتيجي ۾ ماڻهن جي لڏپلاڻ زمين ۽ ٻيلن جي ناقابل واپسي برٻادي هڪ اهڙي قيمت آهي خاص ڪري جيڪڏهن ان سان تمر ٻيلي جي صحت تي اثر پوندو هجي. جيڪا مذڪوره رٿائن جي جواز کي بي اثر بڻائي ڇڏي ٿي. خاطري سان پاڪستان کي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي.

جيڪڏهن دولت هڪ وڏي ڊئم تي خرچ ڪرڻ بدران تعليم، صحت، آبادي تي ڪنٽرول ۽ جٽاءُ دار توانائي وارن متبادل تي خرچ ڪئي وڃي تہ بجلي جي پيداوار لاءِ ڊئم ناهڻ وارو مطالبو ئي نہ ڪيو ويندو.

زميني آلاڻ، ڳپ چڪ، ڳتيل ٻيلا، جيت ۽ نانگ انهن اڻ چاڻ ماڻهن لاءِ روماني شيون ناهن جن "ترقي" جو عزم ڪيو آهي. اهي "اسڪالر" انهن شين کي

ڪارائتو نٿا سمجهن. پر ان ڪان اڳ جو "ڊيولپرس" کي پنهنجون خواهشون پوريون ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي انهن کي اهو ياد ڪرڻ گهرجي تہ انهن شين کي هتي ڪنهن آندو آهي. تازي ڄاڻ جي روشني ۾ رڳو اڻ ڄاڻ ۽ لاپرواهہ ماڻهو اهڙين رٿائن جو اظهار ڪري سگهن ٿا جن جي نتيجي ۾ تمر ٻيلي وارو ماحول برباد ٿيندو هجي. جهالت ۽ لاپرواهي بہ اهڙيون شيون آهن جن جي محدود فائدي کي وسيع نقصان تي ترجيح ڏني ويندي آهي".

آروش جي خط ۾ سڀ کان وڏيڪ فڪر انگيز جملو "سيني آڏو موجود نوس سائنسي ثبوت" وارو آهي. اهو ثبوت واپڊا ۽ پنجاب جي اهلڪارن اهو ليکو ڪرڻ لاءِ آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿو تہ ڇا سنڌونديءَ تي ڪالاباغ ڊئم يا ٻيو ڪو ڊئم قومي مفاد ۾ آهي. پر بدقسمتي سان اهڙي ثبوت جي جستجو بدران واپڊا ۽ پنجاب جي نمائندن ورلڊ بئنڪ جي تحقيق کي رد ڪري ڇڏيو جيڪا ان جو تعين ڪرڻ لاءِ هئي.

5- پاڻي جي وسيلن جي آلودگي:

پاڪستان جي ۱۲۰ ملين انسانن لاءِ آبپاشي ۽ پيئڻ جي پاڻي جو مکيہ وسيلو سنڌوندي سسٽم آهي، پاڻي جي وسيلن جي خاصيت ۾ خرابي سان نہ رڳو زرعي پيداوار وارو فصل متاثر ٿيندو بلڪہ ان جا انساني صحت تي اثر پوندا. خاص ڪري سنڌ جي هيٺين پاسي وارا ماڻهو سڌيءَ طرح متاثر ٿيندا.

پاڻي جي ڪوالٽي جي خرابي جا مکيہ سبب هيٺين ريت آهن:

۱- پوک لاءِ پاڻي پاڻ سان گڏ لوڻ ۽ جيت بہ کڻي ايندو آهي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ مناسب رهندو تہ پاڪستان هر سال ۲۵ هزار ٽن آرگنڪ فاسفورس ۽ آرگنو، ڪلورين جيت مار دوائون استعمال ڪري ٿو. جيئن تہ اهي جيت مار دوائون نہ نان بايوڊي گريڊبل هونديون آهن تنهنڪري نقصانڪار زهر جو وڏو مقدار سنڌونديءَ سسٽم ۾ ڊوبجي وڃي ٿو.

۲- سنڌونديءَ جي ڪناري تي آباد ۴۰ شهرن ۽ سوين ڳوٺن جي آلودگي نديءَ جي پاڻي حوالي ڪئي وڃي ٿي وڌندڙ آبادي ۽ صنعتي ترقي ۽ پاڻي کي بهتر بنائڻ وارين سهولتن جي عدم موجودگي ڪري اٽڪل ۲۰ ملين انسان جيڪي سنڌونديءَ جي مکيہ شهرن مثال طور چشمہ، ڊي آءِ خان، تونسہ، ڊي جي خان، گڊو، سکر، روهڙي، حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ سوين ڳوٺن ۾ رهن ٿا اهي سنڌونديءَ ۾ آلودگيءَ جو سبب آهن جيڪا آلودگي ناقابل برداشت حد تائين وڌي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌونديءَ ۾ گهٽ وهڪرو ۽ سنڌوءَ جي هيٺين پاسي گرم ۽ خشڪ موسم پڻ سنڌونديءَ ۾ آلودگيءَ آڻيندڙن ۾ شامل آهي. سنڌونديءَ جي پاڻي ۾ آلودگيءَ جي مقدار ۽ ان جي اثرن بابت ڪا تحقيق نہ ڪئي ويئي آهي پر سنڌ ۾ گردي، پيٽ سور ۽ آنڊن جي بيمارين جو وڌندڙ رجحان آلودگي واري پاڻي ۽ بيمارين ۾ لاڳاپي کي ظاهر ڪري ٿو انهي صورتحال جو جائزو انساني نقصان ۽ آبادي جي معاشي قيمت جي حوالن سان وٺڻ گهرجي.

6- فطري ڍنڊون - پکين جي پناهہ گاهہ

لکين سالن ۾ سنڌونديءَ پنهنجي وهڪري جو رخ ڪيترائي ڀيرا تبديل ڪيو آهي. هر سال سنڌوندي ۴۰۰ ملين ٽن لٽ ڪٽي ٿي جيڪو نديءَ جي تري ۾ رهجي وڃي ٿو جنهن سان ان جي سطح وڌي وڃي ٿو تنهن ڪري اها نازڪ نقطي تي پهچڻ ڪانپوءِ پنهنجو رستو بدلائي ڇڏي ٿي. لکيل تاريخ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌونديءَ پنهنجو رخ ۷ ڀيرا بدلايو آهي. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ موئن جو دڙو ۽ ٺٽي ۾ ڀنڀور سنڌو جي ڪناري تي آباد خوشحال شهر هئا پر انهن جو معاشي اثر رسوخ ختم ٿي ويو ۽ آهستي آهستي برباد ٿي ويا.

سنڌونديءَ جي بدلجندڙ رخ ڪيترن ڍنڍن کي جنم ڏنو جڏهن انهن کي پاڻي سان ڀريو ويو. تنهن ڪري سنڌ ايشيا جي سڀ کان وڏين فطري ڍنڍن جو گهر آهي، مثال طور دادو ضلعي ۾ منڇر ڍنڍ، ٺٽي ۾ ڪينجهر، هاليجي ۽ هيڊرو، سانگهڙ ۾ چوٽياري ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ننڍيون ڍنڍون سنڌ ۾ آهن.

منڇر ڍنڍ ڪي ٻوڏ واري موسم ۾ ڀريو ويندو آهي. جيڪا ۵۰ چورس ميل (۱۵۰ چورس ڪلوميٽر) آهي ۽ ۵عـ۰ ايم اي ايف کان وڌيڪ پاڻي جمع ڪري ٿي. ڪينجهر ڍنڍ ۴۰ چورس ميل (۱۲۰ چورس ڪلوميٽر) آهي جيڪا پيئڻ جي پاڻي جو مکيہ وسيلو آهي ۽ ڪراچي وارن لاءِ پسنديدہ تفريحي هنڌ آهي چوٽياري هڪ ٻي وڏي ڍنڍ آهي جيڪا ۴عـ۰ ايم اي ايف پاڻي گڏ ڪري سگهي ٿي ۽ علائقي جي آبپاشي لاءِ مکيہ ڪردار ادا ڪري ٿي. بدين، ٺٽي، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ ماڻهن ۾ اهو شعور وڌي رهيو آهي تہ ننڍين ڍنڍن ۾ مڇيون ڇڏي ان مان تجارتي فائدا حاصل ڪيا وڃن. وڌندڙ آباديءَ ۽ گوشت جي گهٽجندڙ پيداوار سبب ايندڙ سالن ۾ مڇي پروٽين جو مکيہ وسيلو بڻجي ويندي.

پر سنڌ ۾ انهن ڍنڍن جو هڪ دلچسپ پهلو هيءَ آهي تہ ڍنڍون سياري توڙي اونهاري ۾ لکين پرڏيهي پکين جو گهر آهن جيڪي قزاقستان، سائيبيريا ۽ ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪن مان هزارين ميل سفر ڪري "انڊس فلاءِ وي" نالي ڪاريڊور استعمال ڪندي ڏاکڻين سنڌ ۾ داخل ٿين ٿا. سڄي دنيا ۾ فطرت سان محبت ڪندڙ فطرت جي معجزن جي حفاظت لاءِ جاڪوڙي رهيا آهن ۽ ڪينجهر، هاليجي، هيڊرو ۽ چوٽياري ڍنڍن تي تفريح لاءِ اچن ٿا ته جيئن فطرت جي نظارن کي ويجهڙائي سان ڏسجي.

هن وقت تائين سنڌ جي ڍنڍن ۾ پکين جا ۲۲۲ قسم ڏٺا ويا آهن. سنڌ وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ "هاليجي ڍنڍ" جي عنوان سان هڪ ڪتابڙو شايع ڪرايو آهي جنهن ۾ پکين جا مختلف قسم ڏسي سگهجن ٿا ۽ ڍنڍن کي پکين جي پناهه گاهه سڏيو ويو آهي.

7- کاري پاڻي جي مداخلت

سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جو ۷۰ سيڪڙو وهڪرو جون کان سيپٽمبر تائين هوندو آهي جڏهن چوماسي موسم سان گڏ هماليه ۽ قراقرم ۾ برف ڳرندي آهي. باقي ۳۸ سيڪڙو وهڪرو انهن مهينن آڪٽوبر کان مئي تائين پکڙيل آهي.

سنڌونديءَ جي پاڻي جو وهڪرو عربي سمنڊ مان کاري پاڻي جي مداخلت اثرائتي انداز ۾ چڪاس ڪري ٿو. اهڙي طرح جمع ۽ کپت وارو پاڻي سنڌونديءَ جي اترين پاسي جاري رهي ٿو ۽ سمنڊ جو پاڻي سنڌو ۽ ان جي ڇوڙ واري علائقي ڏانهن وهڪري جو آغاز ڪندو آهي.

سنڌ جي ڏاکڻي پاسي ڏانهن عربي سمنڊ جي کاري پاڻي جي وهڪري سان مٺو پاڻي متاثر ٿئي ٿو ۽ آبپاشي واري زمين ۾ ڪلر وڌي وڃي ٿو.

اونهاري ۾ عربي سمنڊ مان وير ۽ چوماسي ويڪٽر ايس ڊبليو ۽ اين اي هوندو آهي. ان وقت ۾ عربي سمنڊ ۾ کاري پاڻي جي مداخلت ۷۵ ڪلوميٽر وڌي نٽي تائين پهچي ويندي آهي. نتيجي ۾ ٺٽي ۽ گهاري ۾ ڪلورائيڊ سطح تمام گهڻو وڌي ويندي آهي جيڪا علائقي جي زرعي نقصان جو سبب بڻجي ٿي.

سياري ۾ ويڪٽر قري اين اي ايس ڊبليو رخ تي هوندو آهي ته جيئن کاري پاڻي جي مداخلت گهٽجي ۽ تازي پاڻي سان کارو پاڻي صاف ٿئي.

اها ڳالهه واپڊا جي ساليانی رپورٽ ۸۸-۸۹ع (صفحو ۲۴) ۾ پڌري آهي جنهن ۾ "انڊس پلين" جي پاڻي جي ٽيبل ڄاڻايل آهي. سنڌ لاءِ چوماسي مند کانپوءِ جي ٽيبل (آڪٽوبر ۱۹۸۷ع) نشاندهي ڪري ٿي ته ۷۷ سيڪڙو علائقي جي پاڻي واري ٽيبل ۰-۱۰ فوٽ اندر آهي ۽ چوماسي کان اڳ پاڻي جي ٽيبل (اپريل - مئي

١٩٨٨ع) ظاهر ڪري ٿي تہ علائقي جو ٧٩ سيڪڙو ٠-١٠ فوٽ اندر آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جڏهن سنڌو ۾ پاڻي جي وهڪري جي سطح گهٽ هوندي آهي تہ سمنڊ جي پاڻي جي مداخلت سنڌ جي وڏيڪ ٢ سيڪڙو زمين کي متاثر ڪري ٿي. ان چوڻ جي ضرورت ناهي تہ چوماسي کان اڳ ٢ سيڪڙو سمر ۽ ڪلر واري زمين جو واسطو ٺٽي ۽ بدين ضلعن سان آهي جيڪي سنڌ جي ڏکڻ ۾ آهن.

ڪراچي ۾ ١٩٨٢ع ۾ پاڪستان نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اوشنيو گرافي ۽ نيشنل سائنس فائونڊيشن طرفان ڪرايل سمپوزيم ۾ اهو تسليم ڪيو ويو تہ سنڌ جي هيٺين ميدانن ۾ کاري پاڻي جي مداخلت جو سڌيءَ طرح واسطو سنڌونديءَ ۾ وهڪري جي گهٽتائي سان آهي.

آبهوائي تبديلي جنهن جو دنيا مشاهدو ڪري رهي آهي ۽ سال ٢٠٢٥ع کان اڳ ٽيمپريچر ۾ ٥ء١ ڊگريون سيلس واڌارو سامونڊي پاڻي جي پڻ ٥ء١ ميٽر (٥ فوٽ) وڌائي ڇڏيندو. (ڏسو ورلڊ ميٽريا لاجيڪل آرگنائيزيشن جي رپورٽ ١٩٨٩ع).

جيستائين ڪوٽڙي جي هيٺين وهڪري لاءِ جوڳو پاڻي جاري نٿو ڪيو وڃي سمنڊ جي پاڻي جي مداخلت عربي سمنڊ جي وڌيل سطح سان گڏ ٺٽي، بدين ضلعن ۽ حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي حصن واري زمين سمر ۽ ڪلر حوالي ٿي ويندي.

8- تمام ڳري قيمت:

ڪالاباغ ڊئم پراجيڪٽ جي اسٽيج ٽين جي پي سي ٻہ موجب پراجيڪٽ جي سول ۽ پاور سهوليت واري ڪل قيمت جيڪا ماهرن جون ١٩٨٧ع ۾ طئي ڪئي هئي سا آهي ١٥٣ء٥ ارب آمريڪي ڊالر. ان ۾ تعمير دوران وياج، ڪسٽم ڊيوٽز ۽ ٽيڪس ۽ اتفاقي قيمت پڻ شامل آهي پر ان ايڏي ڳري قيمت ۾ ٥٠ ڪلوميٽرن واري روڊ جي ٻيهر اڏاوت واري رقم شامل ناهي جيڪو روڊ اٽڪ کي نوشهرو سان ملائي ٿو ۽ ٦ ريل ۽ روڊ جي پلن جي ٻيهر اڏاوت واري رقم پڻ شامل ناهي جيڪي ڪالاباغ ڊئم جي اڏاوت سبب غرق ٿي ويندي يون.

١٩٨٧ع کانپوءِ قيمت ۾ واڌ ۽ ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ لڳاتار گهٽتائي سبب ڪالاباغ ڊئم جي قيمت ويتر وڌي ويئي آهي. تازي صورتحال کان عوام کي آگاهہ نہ ڪيو ويو آهي ان تي شرط لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪالاباغ ڊئم جي اڏاوت تي خرچ ٨-١٠ بلين ڊالر جي وچ ۾ هوندو. جيڪا رقم اسان جي موجوده پرڏيهي قرض جي ٢٥ سيڪڙو کان بہ وڌيڪ آهي.

جيڪڏهن ملڪ جي معيشت ٢ ڪرب رپين جي پرڏيهي ۽ ڏيهي قرض جي وزن هيٺ دٻجي رهي هجي، جڏهن ادائيگي جو توازن ٣ ارب ڊالرن کان وڌيڪ هجي، جڏهن وزيراعظم قرض لاهڻ لاءِ عوام کي چندي جي اپيل ڪري رهيو هجي ۽ جڏهن قرضن جي ادائيگي نه ڪرڻ ڪري ملڪ ڊيفالٽ جي خطري ۾ هجي تڏهن ڏاهپ تقاضا ڪري ٿي ته ١٠ ارب ڊالرز واري رٿا جو آغاز ڪرڻ کان اڳ هزار ڀيرا سوچيو وڃي. انهي رقم ذريعي پاڪستان جي زراعت ۽ آبپاشي واري نظام کي سنواري سگهجي ٿو جنهن سان ڪالاباغ ڊئم کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ پاڻي پيدا ڪري سگهجي ٿو.

٩- **سنڌ في ايڪڙ پاڻي پنجاب کان گهٽ حاصل ڪري ٿي**، وفاقي وزير سيده عابده سلطانه پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ”جڏهن سنڌ ۾ پاڻي ججهي مقدار ۾ هو تڏهن پنجاب ۾ پاڻي جي ڪوٽ هئي“.

ڪيترائي سال اڳ ١٩٧٢ع ۾ پنجاب جي آمدني، آبپاشي ۽ بجلي جي وزير چوڌري انور سما سنڌ حڪومت ڏانهن هڪ خط ۾ لکيو هو ته ”پنجاب ۾ في ايڪڙ لاءِ پاڻي ٧ء٢ فوٽ آهي جڏهن ته سنڌ ۾ ٣ء۴ فوٽ آهي“.

اهي ٻئي اعلان ٻن صوبن ۾ پاڻي جي موجودگي بابت پنجاب ۽ واپڊا جي اهلڪارن جي ذهنيت جي وضاحت ڪن ٿا. پر حقيقتون ٻڌائن ٿيون ته صورتحال ۾ ٿورو فرق آهي.

پاڪستان ۾ پوک لائق ڪل علائقو ٨٦ ملين ايڪڙ آهي جنهن مان ٥ء٣۴ ملين ايڪڙن جي پوک ڪئنالن ذريعي ٿئي ٿي. هيٺ ڄاڻايل تفصيل موجب ان مان به رڳو ٦٧ء٢٨ ملين ايڪڙن جي اصل ۾ آبادي ٿئي ٿي.

٢- ١٩٩١ع جي پاڻي واري ناهه موجب سنڌ ۽ پنجاب کي هيٺين ريت پاڻي ڏنو ويو آهي:

صوبو	خريف	ربيع	ٽوٽل
پنجاب	٠٧ء٣٧	٨٧ء١٨	٩۴ء٥٥
سنڌ	٩۴ء٣٣	٨٢ء١۴	٧٦ء۴٨

٣- پنجاب ۾ زمين هيٺ (Sub-Soil) پاڻي اڪثر مٺو آهي. سنڌوندي ۽ ڪئنال بيڊس جو پاڻي جيڪو ٿورو ٿورو ٿي ڪري زمين هيٺ مٺي پاڻي سان ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي ٿو اهو هر سال ۴٠ ڪان ۵٠ ايم اي ايف تائين آهي. سم ۽ ڪلر جي خوف کي محسوس ڪندي واپڊا پبلڪ سيڪٽر ۾ ١۵ هزار ٽيوب ويل خاص ڪري ڇڄ ۽ ريچنا ڊوب ۾ لڳايا آهن ته جيئن مٺو پاڻي برقرار رکجي. ان ڪان علاوه پرائيوٽ سيڪٽر ۾ ٣ لک ۵٠ هزار ٽيوب ويل لڳايا آهن جنهن ڪري هر سال آبپاشي جي مقصد لاءِ ۴٠ ايم اي ايف ڪان به وڌيڪ پاڻي حاصل ڪيو وڃي ٿو. پاڻي جو اهو ۴٠ ايم اي ايف مقدار صوبن وچ ۾ موجود پاڻي واري ٽيبل ۾ ضرور شامل ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ١٩٦٠ع ڪان وٺي واپڊا طرفان ٽيوب ويل لڳائڻ ۽ انهن کي هلائڻ تي اربين رپيا خرچ آيو آهي جيڪا رقم ڇئن صوبن وفاق پاڪستان ذريعي ادا ڪئي آهي. پنجاب ۾ مٺو پاڻي برقرار رکڻ واري صلاحيت جي برعڪس سنڌ سمنڊ جي پاڻي تي بيٺل آهي. روهڙي ڪئنال واري زمين جي هڪ ٽڪري ڪانسواءِ سڄي سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ زمين هيٺ پاڻي عربي سمنڊ جيئان کارو آهي. ڪئنال جو سيپيج (ٽورو ٽورو ٽي وهڻ) ويتر سم ۽ ڪلر کي وڌائي رهيو آهي.

۴- پنجاب هر سال اونهاري ۽ سياري جي برسات جا ۵ انچ حاصل ڪري ٿو. پنجاب سياري جي برسات مان ٢عـ١ ايم اي اقيف مقدار حاصل ڪري ٿو ۽ اونهاري جي برسات مان ٨ ايم اي ايف ڪان به وڌيڪ مقدار حاصل ڪري ٿو. پوک جي مقصدن لاءِ برسات وارو پاڻي ڪئنال جي پاڻي ڪان ڪيترائي ڀيرا اعليٰ آهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ زمين جي نقصان وارو عنصر شامل ناهي.

ياد رهي ته پنجاب ۽ سنڌ جو ڪئنال ڪمانڊ ايريا جنهن جو سنڌ جائزو ورتو آهي ۽ ڇاڻايل آهي اهو ١٩٨٨ع ۾ زراعت بابت نيشنل ڪميشن جي جائزي ڪان ڪو گهڻو مختلف ناهي. فرق صرف ايترو آهي ته ١٣عـ٢٠ جي خلاف پنجاب ۵عـ١٩ ملين ايڪڙ حاصل ڪري ٿو ساڳي طرح سنڌ جا ٢عـ١٢ ملين ايڪڙ خلاف ٧۵عـ١٢ ملين ايڪڙ آهن. پر ١٩٨٣ع جي جائزي موجب پنجاب ۾ زمين هيٺ استعمال جوڳو پاڻي ٧٧عـ١٣ ايم اي ايف آهي جڏهن ته ١٩٩٧ع ۾ ٣ لک ۵٠ هزار ٽيوب ويل زمين هيٺ وسيلن مان ۴٠ ايم اي ايف حاصل ڪري ٿو ان سان پنجاب ۾ پوک وارو علائقو وڏي پئماني تي وڌي ويندو.

مذڪوره تفصيل کي اهو تعين ڪرڻ لاءِ ڄاڃي سگهجي ٿو ته سنڌ ۽ پنجاب مان ڪهڙو صوبو پاڻي جو ڪيترو حصو حاصل ڪري رهيو آهي. ان دوران ان نقطي

کي ياد ڪرڻ تمام اهم آهي تہ سنڌ ۾ پيئڻ ۽ آبپاشي لاءِ پاڻي جو وسيلو رڳو سنڌو ندي آهي جڏهن تہ پنجاب ٢٣ ايم اي ايف جهلم مان، ٢٣ ايم اي ايف چناب مان، ۴٠ ايم اي ايف زمين هيٺ پاڻي مان ۽ ٩ ايم اي ايف ڪان بہ وڌيڪ پاڻي برسات مان حاصل ڪري ٿو.

سيده عابده جو بيان ان وقت صحيح هجي ها جڏهن هوءَ چوي ها تہ سنڌ سمر ۽ ڪلر ۾ غرق ٿي رهي آهي. هن جو اهو خيال بہ غلط آهي تہ پنجاب کي پاڻي کان محروم ڪيو پيو وڃي پر حقيقت هيءَ آهي تہ پنجاب سنڌ کان تمام وڌيڪ پاڻي حاصل ڪري ٿو.

(هي مضمون ليکڪ جي انگريزي ڪتاب The Kala Bagh Dam & Sindh Case تان ورتل آهي)

(ترجمو: امتياز چانڊيو)

پيٽر جان مئينل

ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌو ڊيلٽا تي پوندڙ نقصان

تعارف

ڪالا باغ ڊيم ۱۹۵۳ع ۾ پنهنجي پهرين رٿيل اعلان کان وٺي وڏو تڪراري موضوع رهيو آهي. شروعات ۾ گهڻي ڀاڱي تڪراري معاملو سرحد صوبي ۾ ڊيم جي اوسي پاسي واري علائقي ۾ پوندڙ اثرن بابت هو. گهڻي عرصي کانپوءِ ئي سنڌو جي مٿاهين وهڪري ۾ تبديلين سان ڇوڙ وارن علائقن تي پوندڙ اثرن جو ادراڪ ڪيو ويو ۽ انجو حتمي ادراڪ سنڌو ڊيلٽا تي پوندڙ اثر آهن. گذريل ڏهاڪي ۾ ڊيلٽا جي اهميت کي محسوس ڪرڻ کانپوءِ ئي ان پهلو تي نظر وجهڻ جو عمل شروع ٿيو آهي.

هن مقالي جو مقصد ڪالا باغ ڊيم ٺهڻ جي صورت ۾ ڊيلٽا جي حصي ۾ ايندڙ مٺي پاڻي ۽ لٽ جو ڪيترو وڏيڪ مقدار گهٽ ٿيندو بابت منجهيل تصوير کي اجاگر ڪرڻ نه آهي. هن مقالي جو مقصد انهيءَ اهم سوال جو جواب ڏيڻ به ناهي ته تمر کي ڪيترو مٺو پاڻي گهرجي. مقالي ۾ ڊيلٽا جي ماضيءَ قريب واري تاريخ جا پيرا کڻڻ ۽ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته سنڌو جي مٿاهين وهڪري ۾ آيل تبديلين جي نتيجي ۾ انجو زوال ڪيئن اچڻ لڳو آهي. انڪانپوءِ اهو سوال آتاريو ويو آهي ته ڇا مٿاهين وهڪري ۾ اڻڄاتل ترقيءَ وگهي اڳيئي هاڃي جي شڪار انهيءَ ڊيلٽا کي ايندڙ ڏينهن ۾ ڪالاباغ ڊيم جهڙين ٻين رڪاوٽن سان ڪي جوڳا نقصان رسڻ جا امڪان آهن. انهيءَ ڳالهه جو اخلاقي پهلو اهو آهي ته اهڙي ماحولياتي اهميت جهڙا فيصلا ڪرڻ کان اڳ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ان سان اسين ڇا ڪجهه جوکم تي پيا وجهون ۽ ڪهڙا معاشي ۽ سماجي لاڀ وڃائي رهيا آهيون.

گذريل پنجاهه سالن دوران سنڌو - ڊيلٽا ۾ تبديليون
(پاڻي جي ڇوڙ ۽ لٽ جي مقدار ۾ گهٽتائي)

سنڌو ڊيلٽا سدائين ست پري رهي آهي، جيڪا چاليهه ڪروڙ ٽن في سال جابلو لٽ جي مدد سان ڪن دورن ۾ ته ٽيهه ميٽر في سال جي انتهائي تيز واڌ به ڏيکاريندي رهي آهي. بهرحال گذريل پنجاهه سالن دوران انساني سرگرمين ڪري انتهائي تيزيءَ سان وڌندڙ ويجهندڙ انهيءَ ڊيلٽا جو ست پنجن ورهاستي چئنلن مان

گهٽجي هڪ تي بيٺو آهي جيڪو به نديءَ جي وهڪري سبب سال جا ڪي به ٽي مهينا ئي پاڻيءَ جو منهن ڏسي ٿو.

نديءَ جي لٽ جي وهڪ بابت پنهنجي ۱۹۸۴ع واري انتهائي ڪارائتي تجزئي ۾ ملمٽن، قريشي ۽ بيگ گذريل پنجاهه سالن دوران تازي پاڻي ۽ لٽ جي وهڪ جا ٽي اهم دور ڄاڻايا آهن. هو انهن ٽنهي دورن کي هيٺين ريت واضع ڪن ٿا:

۱- ۱۹۳۱ کان ۱۹۴۷ تائين، جڏهن ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي جو عمومي وهڪرو ست ڪروڙ ٽيهه لک ايڪڙ فٽ يا انکان وڌيڪ ۽ روڪيل بار (Suspended load) ويهه ڪروڙ ٽن في سال کان به وڌيڪ هو.

۲- ۱۹۴۸ع کان ۱۹۶۱ع تائين سنڌو دريا لاڳيتو وڌي وهڪري وارو ته هو پر Suspended Load گهٽائڻ پئي لڳو. هڪ يا ٻن مٿاون سالن ڪانسواءِ اهو ڏهه ڪروڙ ٽن في سال کان به گهٽ رهيو پر پاڻي جو وهڪرو ساڳي مٿاهين سطح تي رهيو. دريا ۾ اها تبديلي پڪ سان ڪيترائي بيراج ٺاهڻ سبب آئي هوندي.

۳- ۱۹۶۱ع کانپوءِ وهڪرو ڊرامائي انداز ۾ گهٽ ٿي اڪثر چار ڪروڙ چوراسي لک ايڪڙ فٽ في سال تائين وڃي پهتو. جڏهن ته Suspended Load پنج ڪروڙ ٽن في سال جي سراسري مقدار جو وڃي رهيو. اها گهٽتائي پاڻي جي مٿاهين وهڪري تي وڏا ڊيم ٺاهڻ کان اڳ آئي. هو نتيجو اهو ٿا ڪڍن ته اها گهٽتائي بيراج ٺاهڻ ۽ دريا جي هيٺين حصي ۾ آبپاشي جو نتيجو هئي.

انڪانپوءِ دريا جي پاڻي جو آبپاشي، پاڻي جي فراهمي ۽ گڏوگڏ توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال اجائين وڌي ويو آهي. ۱۹۷۶ع کان ۱۹۸۷ع تائين وارن يارهن سالن دوران ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ پاڻي جو وهڪرو ساڍا ٽي ڪروڙ ايڪڙ فٽ ساليانو نظر ٿو اچي ۽ لڳايل ڪٿ موجب انجو اڌ ڪن ئي ڊيلٽا تائين پهچي سگهيو. انهيءَ وهڪري سان گڏ آيل لٽ جو پوتا ميل نه ڪيو آهي پر عام حساب ڪتاب موجب اها ٽي ڪروڙ سٺ لک ٽن في سال ڪن مس هوندي. اهي وهڪرا جولاءِ ۽ سيپٽمبر دوران چاڙهه واري عرصي ۾ ڇڏيا ويا آهن. انهن مهينن کان علاوه ڇوڙ انتهائي گهٽ آهن.

مارچ ۱۹۹۱ع ۾ ٿيل سنڌو پاڻي ٺاهه ڪوٽڙيءَ کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ ايڪڙ فٽ پاڻي جي ڇوڙ جو تعين ٿو ڪري. انجو نتيجو اهو نڪرندو جو پاڻي جي گهٽ وهڪرن وارن سالن دوران (جڏهن درياءَ ۾ چاڙهه نه هجي) ڊيلٽا ۾ تازو پاڻي بلڪل نه هوندو. ان ريت اهو سنڌو دريا جي وهڪرن جي زوال جو حتمي دور سامهون ٿو آڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل پنجاهہ سالن دوران ڊيلٽا ۾ تبديليون

سنڌو جي هيٺ وارن وهڪرن ۾ اينڌڙ انهن ڊرامائي تبديلين وگهي جيوت تي پوندڙ اثر آهستي آهستي ظاهر ٿي رهيا آهن. ان مان هڪ تمر جي وڻ جي حيات جو چرخو آهي جيڪو سٺ کان ستر سالن تي بدل ٿيئي ٿو. انڪري سنڌو ڊيلٽا ۾ اسانکي نظر اينڌڙ جوان جماڻ وڻ انهن ڏينهن جا نسريل آهن جڏهن تازي پاڻي جو وهڪرو اڄ کان ٽي چار ڀيرا وڌيڪ هو ۽ تن ڏينهن ۾ ڊيلٽا لٽ جي مناسب مقدار ملڻ سبب چگيرڙي خوراڪ حاصل ڪري رهي هئي.

تمر جي جيوتي سرشتي ۾ پنهنجي جوين وڃائڻ جو ڀهريون اشارو تمر جي ريڪارڊ ٿيل ائن جنسن مان گهٽجي هاٿوڪي اڪيلي جنس تائين گهٽجڻ آهي. انجو وڏو سبب ڪريڪس ۽ زميني پاڻي ۾ لوڻيات جو وڌندڙ مقدار آهي. ان سان گڏوگڏ تمر کي انساني ڪپت طور ٻارڻ، چاري يا عمارتي ڪاٺ لاءِ استعمال ڪرڻ واري عنصر سان گڏوگڏ تازي پاڻي جو مقدار گهٽجڻ واري عمل بہ تمر جي ايراضي گهٽائي آهي. بدقسمتي سان اسان وٽ انهن پنجاهہ سالن جي شروعات کان ٿمر جي ايراضيءَ جا جوڳا انگ اکر ناهن. بهرحال ٥٤-١٩٥٣ جي هڪ فضائي تصوير جي مدد سان ٺهيل نقشي وسيلي اسين تمر جي ايراضيءَ جو ادراڪ ڪري پيا سگهون. ان نقشي مان اهو چٽي ريت ظاهر آهي تہ ڪيٽي بندر کان هيٺ دريا جي مهاڙيءَ جي چوڌاري علائقو گهٽي ياگي تمر سان ڀريل آهي. انجي ڀٽيرائي ١٩٦٩ ۾ Snead جو اهو بيان بہ ٿو ڪري جنهن موجب Densest ٻيلو هاٿوڪي زرخيز ڊيلٽا ڀرسان هو جت مرڪزي سنڌو دريا ۽ انجا ڀيا وهڪرا وڏي مقدار ۾ تازو پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا. هن وقت تمر نديءَ جي ڪنارن تائين محدود آهي، ڇاڪاڻ جو اوسي پاسي واري ايراضي اوچي، وڌيڪ خشڪ ۽ تمر جي واڌ ويجهہ لاءِ گهٽ مناسب آهي. اهو نقشو ملمئن جي ٻئي دور سان تعلق رکي ٿو جڏهن لٽ جو مقدار گهٽجي رهيو هو.

اسان تائين انڪانپوءِ وارو خاڪو ٧٧-١٩٧٦ ۾ اسپارڪو جي ابتدائي سيٽلائيٽ تصوير ذريعي پهچي ٿو. اهو زرخيز ڊيلٽا جي چوڌاري پکڙيل تمر عام سبزي مائل ڏيکاري ٿو. اهو ان وقت تائين بهتر ايراضي تي ڇانيل هو. اهو خاڪو ملمئن جي ٽين دور جي نشاندهي ٿو ڪري جڏهن تازي پاڻي جا وهڪرا گهٽجي رهيا هجن.

آخري اسپارڪو جو ١٩٩٠ع وارو Spot خاڪو آهي جنهن ۾ زرخيز ڊيلٽا جو ساڳيو علائقو بنجر ٿو نظر اچي جڏهن تہ اتر ۽ اوڀر ڏانهن باقي ايراضي پنهنجي تمر واري حصيداري برقرار رکيل آهي.

اسان آڏو انهن پنهي تصويري خاڪن جي آڌار تي تمر جي ايراضي بابت ڪٿ بہ آهن. اهي پئي سنڌو ڊيلٽا ۾ تمر جي ايراضي ١٩٧٧ ۾ ہہ لک سٺ هزار هيڪٽرن کان گهٽجي ١٩٩٠ ۾ هڪ لک سٺ هزار هيڪٽر ٿيڻ جو ثبوت ڏين ٿا. اهو زيان ٣٨ سيڪڙو ڪن آهي.

ابتدائي خاڪو پاڪستان ۾ تمر جي ايراضيءَ جي ڪٿ جي پهرين ڪوشش هئي تنهنڪري ان ۾ وڌاءُ جا امڪان تي سگهن ٿا. انڪانسواءِ ڪچيل ايراضيءَ ۾ Density جي هر هڪ تصوير جي اپٽار ۾ پڻ تفاوت آهي. اهو بہ امڪان آهي تہ ١٩٩٠ واري اپٽار بذات خود وڌاءُ هجي ڇاڪاڻ جو ڊيلٽا جي ١٩٩٠ع واري هڪ تي اڌائي لک واري اپٽار جي پيٽ ۾ ڊيلٽا جي اترئين حصي جي اپٽار هڪ تي پنجاهہ هزار جي انگ سان وڌيڪ خالي ايراضي ۽ گهٽ ڀلائي علائقو ڏيکاري ٿي.

گپ جي ميدانن ۽ ڪريڪس سان ڀريل علائقي ۾ مشاهدي هيٺ ايندڙ فرق ١٩٧٧ واري وڏي وير جي خاڪي جي ١٩٩٠ع واري هيٺانهين وير جي خاڪي سان ڀيٽ ۾ پروڙي سگهجن ٿا. وڏي ويرن ۾ گپ ۽ مٽيءَ وارا ميدان پاڻي سان ڍڪجي ڪريڪس جو روپ ڌارين ٿا. انڪري ئي ١٩٧٧ع واري خاڪي ۾ ڪريڪ جي ايراضي وڌيڪ جڏهن تہ ١٩٩٠ع واري خاڪي ۾ گپ ۽ مٽيءَ واريون ايراضيون وڌيڪ پکڙيل نظر آيون.

ساحلي پٽيءَ جي جوڙ جڪ ۾ تبديليون ڇڪاسڻ لاءِ پنهي خاڪن وچ ۾ هڪ عمومي ڀيٽ بہ ڪري سگهجي ٿي. اهو ظاهر ٿيندو تہ هاٺوڪي سرگرم ۽ زرخيز ڊيلٽا اجڙڻ ۽ لٽ جي ڇوڙ لاءِ نارن وسيلي وهڪري جي اٿوند ۾ مضبوط ساموندي پيشقدمين ڪري ميسارجڻ شروع ٿي وئي آهي. ١٩٨٤ع ۾ ويلس ۽ ڪوليئن جي ڪيل اڪتي موجب اسان ڊيلٽا جي وٽيل ستيل روپ ڏسڻ ۽ ساحل علائقي جي مزاحمت ساٿي ٿيندي ڏسي رهيا آهيون جيئن ١٩٩٢ ۾ ليکڪ ۽ ابو الفرح ظاهر ڪيو هو.

مستقبل تي ان صورتحال جا اثر: ڊيلٽا ۾ تمر جو مستقبل انتهائي خراب آهي. اهو ضرور آهي تہ زرخيز ڊيلٽا ۾ تمر جو خاتمو انساني دٻاءُ ۽ علائقي ۾ ساموندي صورتحال ۾ ايندڙ ڊرامائي تبديلين جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي.

جيئوٽيڪ اها ايراضي چاڙهہ وارن ڏينهن ۾ ڪنهن حد تائين تازي پاڻي ۽ لٽ جو منهن ڏسي ٿي پر لٽ جي پيچ ڊاهہ ۽ سامونڊي ڪارگذارين سبب پائڻ ڪري ڪريڪس جا ڪنارا نئين تمر جي پنهنجي سر واڌ ويجهہ لاءِ اڻ مناسب آهن. اهو اڳ ۾ ئي واضع ڪيو ويو آهي تہ ڪريڪس جي ڪنارن پويان ايراضي وڏيڪ اوچي، وڏيڪ خشڪ ۽ انتهائي لوٽياڻي آهي جو ان ۾ تمر نئو ٿي سگهي. وڻ هڪ پيرو ڪيچڻ ڪانپوءِ (اهو علائقو پيلي ڪاٽي بدران سينٽرل ريونيو بورڊ تحت آهي) پيهر پنهنجي سر نسري نہ سگهندا.

ڊيلٽا کي پاڻي جا هاٿوڪا چوڙ جولاءِ کان سيپٽمبر دوران چاڙهہ جي منڊ ۾ ڏيڻ سان اها ڳالهہ ڪٿي سگهجي ٿي تہ ڪوٽڙي کان هيٺ خارج ٿيندڙ تازو پاڻي اصل ڊيلٽا جي انتهائي گهٽ ايراضيءَ تائين پهچي ٿو. هاٿوڪو وهڪرو سامونڊي ساحل ڏانهن اتر اولهہ کان ڏکڻ اوير پاسي آهي تنهنڪري پاڻي ۽ لٽ جو جيڪو بہ مقدار خارج ٿيندو سو ڏاکڻي پاسي رڻ ڪچ ڏانهن وهي ويندو. اڳي جڏهن سنڌو دريا چاڙهہ ۾ هوندو هو تہ هڪ آڳاٽي برطانوي سروي (برنس ١٨٣٢) موجب سمنڊ ۾ ڪو چئن ميلن تائين مٺي پاڻي جي اڇ هوندي هئي. انهي صورت حالت ۾ اهو سمجهڻ انتهائي سولو آهي تہ ڊيلٽا جي وسيع تر ايراضيءَ ۾ پکڙيل لوٽياڻي ڪيفيت کي گهٽائڻ ۽ تمر جي واڌ ويجهہ کي هٿي ڏيڻ ۾ سنڌو دريا جي حصيداري انتهائي اهم پئي رهي آهي / رهندي.

هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن ڊيلٽا ۾ تازو پاڻي نئو پهچي تہ پوءِ ڊيلٽا جي اترئين ۽ ڏاکڻي حصن ۾ تمر جو پيو ٿئي. انجو جواب ١٩٨٤ع ۾ سنيڊيڪر جي پيش ڪيل خيال تہ ۾ سؤ سالن کان وڏيڪ واري عرصي دوران اهي هائيڊرو لاجيڪل طور تي جوڳا مضبوط ٿي ويا آهن، ۾ لهي سگهجي ٿو. انڪانسواءِ اهي اترين حصي ۾ ڪريڪس آڏو مٽيءَ جي ڦهيل مورچن سبب سگهاري ترين سامونڊي اٿل پٿل کان محفوظ بڻيل آهن. ان ريت اهي وسيع تر ڊيلٽا جا بنيادي روائتي نشان آهن جيڪي انڪري پنهنجو وجود بچائي سگهيا آهن جو ڏار ۽ پائڻ وارو عمل بچاءُ بندن جهڙيون چيون ناس ڪري نہ سگهيو آهي. ويرن جي سطح واري ايراضيءَ وچ ۾ گپ جا ڦهليل ميدان آهن جيڪي باقاعدگي پاڻي چڪيندا ٿا رهن ۽ انڪري اُهي تمر جي واڌ ويجهہ ۽ وڌڪاريءَ لاءِ انتهائي ست پريا آهن.

بهرحال ان ڳالهہ جا اهڃاڻ موجود آهن تہ اترين ڪريڪس ۾ لوٽياڻ وڌي رهي آهي. مثال طور ڪورنگي ڪريڪ ۾ لوٽياڻ جو مقدار سمنڊ جي پاڻي واري مقدار جي ڀيٽ ۾ ورلي گهٽ هوندو آهي بلڪہ اهو اڪثر عمومي سامونڊي لوٽياڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان گهٽو وڌيڪ پڻ هوندو آهي. جڏهن ته ابتدائي سالن ۾ لوٽيات جو مقدار بنهه گهٽ هو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته تمر اهڙي يا ڪنهن حد تائين انڪان به وڌيڪ لوٽيات ۾ جيئرو رهي سگهي ٿو پر اهو جيئن پوءِ تيئن پنهنجو ست وڃائيندو ويندو. ان ريت جيڪڏهن انساني دٻاءُ تي ڪنٽرول ڪيو ٿو وڃي ته هن مهل وڌي وڻ ٿيل تمر ته تيهارو کن سال هلندو پر ڪونپلون ۽ ڪچڙا وڻ اڳي جيترا ڏکيا ۽ ست ڀريا نه ٿي سگهندا. جيڪڏهن انهيءَ عرصي دوران تمر مڪمل طور تي ختم نه به ٿي ويو تڏهن به اسانکي هاٺوڪي زرخيز ايراضي ۽ حياتياتي زرخيزيءَ ۾ اهم تبديلين جو منهن ڏسڻو ئي پوندو.

جيستائين ڊيلٽا جي انهيءَ اترين حصن ۾ ساموندي چڙهائي نسبتاً گهٽ ناهي ۽ گپ ڀريل ميدان ويرن جي وچ واري زون ۾ لاڳيتو پاڻي سان تر ٿا رهن، تمر جي هاٺوڪي وهڪري واري صورتحال ۾ به برقرار رهڻ جا امڪان رکي سگهجن ٿا. تمر جي پيداوار گهٽجڻ سان علائقي جي زرخيزي گهٽبي. ان ڳالهه جا امڪان آهن ته اهي علائقا بلوچستان جي ساحلي علائقي مثال طور سونمياڻي جي تمر وارن علائقن وانگر ٻڃي وڃن.

ڊيلٽا جي معاشي اهميت

ڊيلٽا جي معاشي اهميت کي سدائين نظر انداز ڪيو ويو آهي. ڊيلٽا جي اهم ترين خاصيت ڪاروباري اهميت وارين مڇيءَ جي جنسن خاص طور تي جهينگن وغيره لاءِ نرسري هئڻ آهي پر تمر مان حاصل ٿيندڙ ٻارڻ جي ڪاٺ ۽ خشڪ خوراڪ جي اهميت کي به رد نٿو ڪري سگهجي. ان سان گڏوگڏ ساحلي تحفظ ۾ به تمر جو ڪردار انتهائي اهم آهي.

تمرتي نرسري طور انحصار ڪندڙ ماهيگيريءَ تي پوندڙ اثرن جو هن مهل ڪاٿو نٿو لڳائي سگهجي. بهرحال مجموعي طور تي تمر جي زرخيزي گهٽجڻ سان مڇين جي ڪاڌ خوراڪ جي اسمن ۾ به گهٽتائي اچڻ اٽتر آهي. ان ريت ڪوٽڙي بيراج جي عمل پذير ٿيڻ سان في ٻيڙي شڪار جي مقدار ۾ گهٽتائي ٿيڻ وانگر ايڪو سسٽم زرخيزي ۾ گهٽائي ٿيڻ سان مڇين جي زرخيزيءَ ۾ آهستي آهستي زوال اچڻ لازمي آهي.

مڇين جي شڪار لاءِ تمر جي ايراضين جي اهميت IUCN جي ڪرايل مهاڻن جي هڪ سروي مان چٽي ريت واضع ٿي سامهون آئي. ان سروي جي نتيجن موجب مهاڻا تمر سان ڍڪيل ايراضيءَ ۾ يا انجي پسگردائيءَ ۾ شڪار ڪرڻ کي ترجيح ٿا ڏين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجو

انهيءَ سڀني ورتا جو اثر اهو ٿيو آهي جو سنڌو ڊيلٽا ڪي تمام گهڻو ماحو اڳيئي رسي چڪو آهي ۽ انجي مڪمل پوائنٽي شڪل اڃان ظاهر ٿيڻ باقي آهي. اهو ماحو پيڙيءَ تي پوندڙ اثرن ڪي نظر انداز ڪندي مٿانهين وهڪري تي ڪيل ترقياتي ڪمن سبب رسيو آهي.

هن مهل تمام ٿورڙو تازو پاڻي ۽ لٽ حاصل ڪندڙ ايراضيون (ڪٽ موجب تقريباً ٻه لک سٺ هزار هيڪٽر) تمر جي گهڻي ڀاڱي ايراضيءَ تان هٽ ڊوئي چڪيون آهن. اهي ايراضيون جت تمر بهتر انداز ۾ وجود برقرار رکي ٿو، دريا مان ننهن نه يا تمام ٿورڙو تازو پاڻي حاصل ڪن ٿيون ۽ گهڻي ڪري اٿ پوندڙ تمام ٿورڙي بارش، زرعي نڪاس جي ٿمندڙ پاڻي، گهريلو نڪاس يا صنعتي فضلي تي انحصار ڪن ٿيون.

دريا وسيلي ايندڙ تازو پاڻي، لٽ ۽ سٽ پريا جزا سنڌو ڊيلٽا جي وڌيڪ تباهي روڪڻ ۽ ساحلي فشريز جي بچاءَ لاءِ انتهائي ضروري آهن. فيصلو ڪندڙن اختيارين کي ڪالاباغ ڊيم بابت يا سنڌو جي پاڻي واري ناهم جي پوئواري ۾ پاڻي جي استعمال بابت ڪنهن به رٿا تي عمل يا فيصلو ڪرڻ کان اڳ انتي ضرور ويچارڻ گهرجي ته اهڙن فيصلن سان سنڌو ڊيلٽا کي ڪيترو نقصان رسندو. اهو چوڻ غير ذميوار رويو آهي ته جيئن ته ماحو رسي چڪو آهي انڪري ڊيلٽا ۾ پاڻي ۽ لٽ جي کهڙي ضرورت يا پاڪستان کي زراعت ۽ توانائي لاءِ مٿاهن وهڪرن تي پاڻي جو ذخيرو ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ريت اسين ساحلي علائقن ۾ وسندڙ ماڻهن ۽ خود پاڪستاني معيشت کي ڊيلٽا مان پهچندڙ فائدن کان انڪار ٿا ڪريون.

اهو واضع آهي ته سنڌو ڊيلٽا ماحولياتي تباهي جي ڪناري تي آهي ۽ فيصلو ڪندڙن کي اهو چٽي ريت سمجهڻو پوندو ته ڇا ڪجهه جوکم تي آهي. ڇاڪاڻ جو ماضيءَ ۾ پاڻ جهڙن جي پيٽ ۾ هو ماحولياتي شعور کان وڌيڪ مکا ميل ۽ واقف آهن. انهي معاملي کي سمجهڻ جي ڏس ۾ سندن ۽ ڪ رويو سنڌو ڊيلٽا جي ماحولياتي، معاشي اهميت جو تجزيو ڪرڻ ٻه آهي، انڪانپوءِ هو ڪنهن ٻه مٿانهين وهڪري جي استعمال مان حاصل ٿيندڙ لاڀن جي نتيجي ۾ پهچندڙ مقامي نقصان جي ڪٽ لڳائي سگهندا.

ٻيو سوال اهو هئڻ گهرجي ته ڊيلٽا [illegible] پاڻي ۾ ايندڙ وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھٽتائي جا اثر گھٽائڻ لاءِ ڪھڙا جوڳا قدم کڻڻ گھرجن. انھن جوڳن قدمن ۾ ڊيلٽا جي ايراضيءَ ۾ تازي پاڻي جي ڇوڙ جي اوسي پاسي تمر جي سرگرم وٽڪاري ڪرڻ بہ آھي. اھي گھٽ ست پريا تمر جا ٻيلا ٻڄي سگھن ٿا. ان ڏس ۾ سنڌو جو ھاٺوڪو وات ڪنھن سرگرم ڊيلٽا ۾ تازي پاڻي جو سڀ کان وڏو ڇوڙ ٻڄي ٿو. سرگرم ڊيلٽا تي اختيار مڪاني طور سنڌ ٻيلي کاتي جي حوالي ھئڻ گھرجي. جيڪو پنھنجي تجربي کي عالمي مدد سان ڊيلٽا ۾ تمر جي وٽڪاري لاءِ استعمال ڪري سگھي ٿو، ان سان ساحل کي مستحڪم ڪرڻ ۽ علائقي ۾ ماھيگيريءَ جي ست کي بھتر بنائڻ ۾ مدد ملندي.

سرگرم يا عملي ڊيلٽا جي اھا ايراضي بہ لک سٺ ھزار ھيڪٽر سمجھي ٿي وڃي. سنڌ ٻيلي کاتي جي تمر جي عام واڌ ويجھہ لاءِ سٺ ڏينھن تائين تازي پاڻي جو ھڪ ڪيوسڪ فٽ في ايڪڙ واري اصل ڪٿ کي استعمال ڪندي پاڻي جو ڪُل گھربل مقدار بہ ڪروڙ ستر لک ايڪڙ فٽ ٻڄي ٿو. انڪري اھو زور ڏيڻ گھرجي تہ پاڻي جي انھيءَ مقدار جي موجودگيءَ جي ھر صورت ۾ خاطري ڪئي وڃي ۽ گڏوگڏ وٽڪاري ڪندي ماحولياتي حالتن جو تحفظ ڪرڻ گھرجي.

(ليکڪ فطرت جي تحفظ واري عالمي اداري IUCN ۾ ساحلي ايڪو سسٽم يونٽ جو پروگرام ڪو آرڊينيٽر ھو ۽ ھيءُ مقالو ١٩٩٢ع PASSP جي سيمينار ۾ پڙھيائين).

(ترجمو: اسلم خواجا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي ارسلان ۽ محمد نعمان

ڪالا باغ تي ڊيم

رياست بمقابلي عوام، مرڪز بمقابلي ديس ۽ وفاق بمقابلي ملڪ

ڇا رياست ڪالاباغ ڊيم ناهڻ تي زور ڀريندي عقل کان ڪم پئي وٺي؟ اڄان مهينو اڳ ئي گڏيل مفادن واري ڪائونسل ان رٿا کي هڪ پاسيرو رکندي ٻين صوبن کان بنيادي طور تي پنجاب جي انهيءَ ڪيس تي سهمت اختيار ڪرائڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي هئي. بعد ۾ پيدا ٿيندڙ نيوڪليائي تجربن واري گهوٽالي انهيءَ ڪميٽيءَ جي عمل کي جڻ پوئتي ڌڪي ڇڏيو. غير ضروري تڪڙ ۽ بنيادي حقن جي معطليءَ جو فائدو وٺندي مرڪز ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. جنونيت واري رنگ ۾ اسلام آباد ۽ لاهور ۾ ڪيترائي ترجمان ڪالاباغ جي فائدي بابت اٽڪل پرچار ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻيا وري انجي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن ۽ گهوٽالن تي رکو جذباتي ڳالهيون ڪري رهيا آهن. پاڪستان ۾ ترقياتي ايجنڊائن جي جڙڻ ۽ انهن تي عمل ٿيڻ واري اشرافيائي طريقي تي عمل ڪندي رياست واسطيدار ۽ متاثر ماڻهن جو موقف ٻڌڻ بدران رڳو صوبائي حڪومتن وچ ۾ ئي سهمت پيدا ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺي آهي.

ڪالا باغ ڊيم جا حمائتي، جيئن سدائين ڊيم جا حمائتي ڳالهائيندا آهن، مستقبل ۾ گوشت کانسواءِ خوراڪ ۽ تيزي سان وڌندڙ آباديءَ (خواهشن جي باوجود تي سيڪڙو جي لڳ ڀڳ) جي توانائي واري گهرجن جي پورائي لاءِ انتهائي ڀوائتي تصوير چٽي رهيا آهن. سمورن حوالن سان وڏي تعداد ۾ اٽڪل مسلمان مردن ۽ عورتن کي خوراڪ ۽ بجلي رسائڻ لاءِ ڊيمن جو اٽڪل سلسلو ناهڻ جي مقابلي ۾ آباديءَ جي وڌندڙ شرح گهٽائڻ ۾ سيڙپڪاري انتهائي سستي پوندي. اسلام به ڪو هرويرو ننڍن ڪٽنبن جو مخالف ناهي. ايران ۽ انڊونيشيا ان ڏس ۾ بهترين مثال آهن جن پاڪستان ۾ پنجن کان وڌيڪ ٻار في ڪٽنب جي اُبتڙ پنهنجا ٻار پيدا ڪرڻ وارو انگ في ڪٽنب ٽن ٻارن کان گهٽ تي رسايو آهي. اسين پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائرن ۽ مستقبل ۾ مائرون ٿيندڙ ٻارن ۽ ڏيئرن جي خراب صحت ۽ ناخواندگيءَ واري ٻوڏ آڏو بند ڇونه ٻڌون؟.

ڪالا باغ ڊيم اعلان موجب "سمنڊ ۾ ضائع ٿيندڙ پاڻي" جي بنياد تي ڪم ڪندڙ ڄاڻايو ٿو وڃي. واپڊا جي چيئرمين سميت ڪيترن ئي ماڻهن جو اهو پسنديده جملو ۽ موقف افسوس سان ٿو چوڻو پوي ته ڄاتل حقيقتن کي رد ڪرڻ لاءِ تصوراتي تمثيل آهي. پهرين ڳالهه ته فطرتي ايڪولاجيڪل سرشتن ۾ "زيان جوڳي" ڪابه شيءِ نه ٿيندي آهي. تازي پاڻي جو وهڪرو سڄي ساحلي ماحولياتي وايو منڊل کي هٿي ٿو ڏي ۽ ان ۾ ڪابه وڌيڪ گهٽتائي سنڌو ڊيلٽا تي اڳيئي نهيل ڊيمن جي نتيجن ۾ رسيل هاڃي کي اڃان وڌيڪ ڪندي. ان سان رڳو تمر جا ٻيلا ۽ مڇيون ئي متاثر نه ٿيندا پر ساحلي علائقن ۾ رهندڙ لکين هارين ۽ مهاڻن جي روزگار جا ذريعا پڻ ختم ٿي ويندا. سمورا جوڳا ڪٿ ڄاڻائين ٿا ته موجوده ايڪولاجيڪل سرشتي کي برقرار رکڻ لاءِ گهربل پاڻي جي مقدار کان گهٽ وهڪرو سنڌو ۾ آهي ۽ معاملو اوڏي مهل اڃائين ڳنڀير صورتحال اختيار ڪندو جڏهن ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ڪراچي شهر سنڌو مان وڌيڪ پاڻي حاصل ڪرڻ چاهيندو. پاڻي جي کنهن بچڙي ناهه جو مطلب اهو ناهي ته اسين معاملن کي اڃائين خراب ڪريون ۽ اڳيئي مالي طور تي تباهه سنڌ کي قومي مالياتي ايوارڊ جي نالي ۾ پنڻ جوڳو بڻائي ڇڏيو.

"ضائع ٿيندڙ پاڻي" واري داستان جو هڪ ٻيو راڳ اهو آهي ته پاڻي واري ناهه جي ورچ ۾ طئي ڪيل پاڻي کان وڌيڪ پاڻي مٿي اتر ۾ موجود آهي. واپڊا انگن اکرن ۾ گهوٻين جي پراڻي ماهر آهي ۽ هت به انجو ساڳيو ڪارنامو ورجايل آهي. مخصوص انگ اکر استعمال ڪندي واپڊا طرفان پيش ڪيل ڪالا باغ ۾ سڄي سال جو وڏو حصو ذخيري واري ڍنڍ ۾ گهربل حد پوري ڪرڻ لاءِ مناسب حد تائين پاڻي موجود هئڻ جي دعوى ڪئي ٿي وڃي. ٻين سميت عبدالمجيد قاضي ۽ اي اين جي عباسيءَ طرفان ڪيل ڳالهه موجب معاملو انجي اُبتڙ آهي ۽ مناسب مقدار ۾ پاڻي پنجن سالن مان فقط هڪ سال ئي هوندو. ٻي صورت ۾ پاڻي واري ناهه جي ڀڃڪڙي ڪري ٻين صوبن جو رٿيل پاڻي ڪالاباغ ڏانهن منتقل ڪرڻو پوندو ۽ جيڪڏهن اهو نٿو ڪيو وڃي ته ڪالاباغ ڊيم پنهنجي ڪارج کان گهٽ استعمال ۾ ايندو. امڪاني طور تي ٿيندو اهو جو سخت سالن ۾ پاڻي جي منتقليءَ لاءِ ڪالاباغ ڊيم ڌاڙي تي هرڪائيندو. اهو عمل مرڪز جي راضپي سان يا انڪانسواءِ ٿيندو جيئن ڪيترن ئي سالن کان ناهه جي ڀڃڪڙي ڪندي چشما ۾ ڪيو پيو وڃي. بد اعتمادي ۽ ٽوڙ ڦوڙ انجا اٽر نتيجا بڻجي سامهون ايندا.

وفاقي وزير اهو چئي ڪالاباغ ڊيم جي حمائت ٿا ڪن ته ان سان تربيلا تي واريءَ سبب ذخيري جو مقدار گهٽجڻ واري صورتحال کي منهن ڏئي سگهبو. هڪ نئين عالمي اڀياس کان سندن لا علمي يا اکبوت کي ڇا تو ڪري سگهجي. DFID جي پاڻي بابت صلاحڪارن موجب ڊيم تي مٽي ۽ واري گڏ ٿيڻ واري مسئلي کي منهن ڏيڻ ڪنهن نئين ڊيم ٺاهڻ تي ايندڙ لاڳت جي رڳو ڏهه سيڪڙو خرچ سان اوتري پاڻي جي مقدار جي گنجائش پيدا ڪري سگهجي ٿي. سرڪاري ترجمان اسانکي اهو به ڇاٽائڻ ۾ ناڪام رهيا آهن ته تربيلا جي ڊيزائين ۾ گنجائش رکيل انجي ذخيري جي اوچائي وڌائڻ کهڙي ريت وڌيڪ مهانگو يا اڻٽيڻو ڪم آهي.

اسلام آباد طرفان ڪالاباغ سميت سمورن وڏن ڊيمن جي انتهائي مناسب متبادلن کي چڪاسڻ کان گوتنات کي پڻ ڏسڻ گهرجي، هن مهل آبپاشيءَ واري پاڻي جو رڳو ٽيون حصو فصل استعمال ڪري رهيا آهن. PIEDAR جي ايوب قطب وانگر جن به همراهن ان ماهري جو اڀياس ڪيو آهي تن موجب سڄي ملڪ ۾ پاڻي جي تحفظ ۾ سيڙپڪاريءَ واري پروگرام تي ڪنهن به ڊيم تي ايندڙ خرچ جي ڀيٽ ۾ ڀڳڙن مٺ خرچ ٿي ايندو. جڏهن ته تربيلا ڊيم جي واريءَ جي حل سان لکين ماڻهن جي بي دخلي ۽ بي گهريءَ جو مسئلو به پيدا نه ٿيندو.

انهيءَ عدم مرڪزيت ۽ عوام دوست حل جو هڪ غير معمولي لاڀ اِهو به آهي ته اهو اسانجي حياتين کي برقرار رکندڙ زمين ۽ مٽيءَ سان لهڪندڙ آهي. پاڻيءَ جو زيان بچائڻ وارو عمل سم ۽ ڪلر کي گهٽائيندو. انجي اُبتڙ ڪالاباغ ڊيم نه رڳو پنهنجي ويجهڙائي واري وڏي شاهي ايراضي کي بنجر ڪندو پر آبپاشي لائق نين ايراضين ۾ به لوٽياٽ جو مقدار تيزي سان وڌائيندو. جيڪڏهن ڪالا باغ ڊيم ٺهي ٿو ته اهو ٢٥ سالن واري قومي ڊرينج رٿا ۾ رٿيل اربين گيلن پاڻي کان وڌيڪ نيڪال لاءِ وڏا شاهي وسيلا ڪتب آڻيندو. انڪانسواءِ خود اها رٿا ساموندي ساحلي ضلعن ۾ ايڪولاجيڪل تباهيءَ جو سبب بڻبي جيڪي رٿا موجب سنڌ ۽ پنجاب کان ايندڙ سمورو نڪاس وصول ڪندا.

اسلام آباد ۽ لاهور سان تعلق رکندڙ توانائي جا هيجي ڪالاباغ ڊيم جي وڏي پئماني تي توانائي جي پئداوار کي ملڪ لاءِ سون ٿا سڏين. سندن دليل جو اهم نڪتو اهو آهي ته سرڪاري هائيڊل پاور تاريخي طور تي هاٽوڪي خانگي ٿرمل پاور جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو سستو آهي. انهيءَ دليل ۾ ڪيترائي نقص آهن. ڀهريون هائيڊل پاور ان صورت ۾ ئي سستو آهي جڏهن ڊيم جي اڏاوت لاءِ ناڻو انتهائي گهٽ وياج تي حاصل ڪجي ۽ انجا متاثر ٿيل انتهائي گهٽ معاوضو ۽ غير مناسب

نئين سر آبادڪاريءَ کي قبول ڪن. بيو ته هائيڊل پاور ان صورت ۾ قطعي سستو نه پوندو جڏهن تربائن پنجن مان چار سال خاموش ۽ سڪل رهن. تيون جيستائين اسلام آباد خانگي شعبي ۾ توانائي جي معاهدن جي خلاف نٿو وڃي ۽ غازي بروٿا هائيڊرو پاور پراجيڪٽ مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو ٿئي يا يقين ۾ نه اچي سگهندڙ وڏي شاهي واڌ ۾ وچڙي تيستائين توانائي جي کوٽ جا کي به حقيقي مسئلا پيدا نٿا ٿي سگهن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وڏيڪ ڊيم ناهڻ اٽر هجي. چوٿون، انجا کي به اهڃاڻ ناهن ته اضافي "سستي" هائيڊل توانائي سڄي ملڪ ۾ به انهيءَ تناسب سان تقسيم ڪئي ويندي جهڙي "قومي" پراجيڪٽ ڪالا باغ جي پسگردائي ۾.

متي ڄاڻايل نقصانن ڪانسواءِ ڪالاباغ جي پسگردائي ۾ رهندڙن کي ڊپ آهي ته هو ٻوڏن وسيلي تباهيءَ جي جوکم جو شڪار هوندا. رٿيل ٽيڪنيڪل تبديليون کين مطمئن نٿيون ڪن ۽ اسان ٻنهي ليکڪن جي شرڪت ڪيل هڪ تازي سيمينار ۾ ڊيم جي حمائيتن جون ڳالهيون واقعي مطمئن ڪرڻ جو ڳيون نه هيون. نيوڪليائي جنگ وانگر سئي ڪمان ۽ ڪنٽرول سسٽم ۾ تباهيءَ جي گهٽ امڪانن جي ڳالهه بهرصورت عقل ۾ اچڻ جوڳي ناهي.

ڪالاباغ ڊيم جي نتيجي ۾ هڪ لک مرد، عورتون ۽ ٻار ته سڏوسنئون بي گهر ٿيندا جن جا گهر ۽ زمينون ذخيري واري ڍنڍ ۾ ٻڏندا. ڊيم جا ترجمان بي گهر ٿيندڙن لاءِ گهرن، اسپتالن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي فراهميءَ جو راڳ آلاپي رهيا آهن. اهي پاڙهو طوطا پيهر آبادڪاريءَ جو ريڪارڊ نظر انداز ٿا ڪن. ذري گهٽ ٽن ڏهاڪن ڪانپوءِ به تربيلا ڊيم جا متاثر تيل اڻ سنڀاليندڙ رياست، هيڃي قوم ۽ خود غرض صوبائي قيادت طرفان پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ اوسيئڙو ٿا ڪن. چوٽياريءَ جي متاثر تيلن جي آبادڪاري هڪ ڳنڀير مسئلو آهي. جڏهن ته غازي بروٿا جا ماٿهو اجان تائين سڪٿن واعدن تي ڀاتون ڏئي رهيا آهن. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون ۽ ادارا، مقامي ۽ بين الاقوامي ماهر ۽ امداد ڏيندڙ ادارا مطلب ته سيئي اسانجي عوام جي پيڙائن جي رٿابندي، انهن تي عمل درآمد ۽ نگراني لاءِ وڏا اجورا ٿا ماٿين.

رٿا جا حمائتي ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت لاءِ انتهائي رعائتي اگهن تي عالمي امداد/رقمون حاصل ڪرڻ جي توقع ٿا رکن. جيڪڏهن اسانجي نيوڪليائي هيج سبب لڳل پابنديون نه به هجن ها تڏهن به عالمي بينڪ يا ايشيائي ترقياتي بينڪ اهڙي رٿا لاءِ ايڏي رقم نه آڇين ها. ڪالاباغ ڊيم کي رد ڪرڻ لاءِ سندن دليلن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانگي ٿرمل گنجائش جي مڪمل ڪارج لاءِ سندن حمائت ۽ ناهڪاري ماحولياتي ۽ نئين سر آبادڪاري جي ڳنڀير صورتحال پيدا ڪندڙ انا ۾ شامل ٿيڻ کان پاسو ڪرڻ ئي ڪافي هجن ها. حقيقت ته اها آهي جو جڏهن عالمي بينڪ پنهنجي خيرات (امداد) بند ڪرڻ چاهيندي ته ان وٽ جواز طور تربيلا جي نئين سر آبادڪاريءَ ۾ غير معمولي تاخير کي حل ڪرڻ ۾ حڪومت جي ناڪامي ڪري غازي بروٿا لاءِ رقمن جي معطلي ڪافي هوندو.

بنيادي ڍانچي لاءِ خانگي رقمون ڪنهن به ريت سستيون ناهن. اهو اسين ٿرمل پراجيڪٽس مان پلي پت چاٿون ٿا. جيڪڏهن ڪالاباغ جي سمورن متاثر ٿيلن کي جوڳو معاوضو ڏنو ويو ته اهي خانگي ڏريون رٿا کي "هائي پائڻ" سمجهي رقم سيڙائڻ کان ڪيبائينديون. پئي پاسي ڊيم جا حمائتي آبپاشي واري پاڻي کي مڪمل طور تي خانگائڻ جا واضع حمائتي ناهن جيڪو عمل خانگي سيڙپڪارن کي هرکائي سگهي ٿو.

ملڪي سطح تي ٽيڪسن وسيلي گڏ ٿيندڙ رقم کي انهيءَ رٿا ڏانهن منتقل ڪرڻ جي صورت ۾ ڇا ٿيندو؟ جيستائين ڊيم جي لاڳت ۽ لاڀ جي غير منصفاڻي ورهاست جا امڪان موجود آهن وفاق لاءِ انهيءَ مقصد تي وفاقي وسيلا ڪتب آڻڻ انتهائي غير شاناٿو قدم ٿيندو. وڌيڪ مناسب اهو ٿيندو ته جن علائقن کي ان مان لاڀ رسڻو آهي اتان ئي ان لاءِ پئسا گڏ ڪجن ۽ انجي استعمال ڪندڙن کان ئي قرض چڪائڻ لاءِ رقم وٺجي.

ڪالاباغ ڊيم وارو تڪرار انتهائي سخت ۽ گهڻ پاسائو آهي جيڪو ايڏي وڏي ڊيم جي ضرورت کان وٺي ناهڪاري ماحولياتي ۽ سماجي اثرن لاءِ مناسب ۽ اثرائتي سهائتاجي اهليت تائين پکڙيل آهي. نتيجي طور ڊيم جي مخالفت به سخت ۽ وسيع آهي جنهن جي عالمي چڪاس هيٺ اچڻ جا امڪان موجود آهن. جيڪڏهن حڪومت انهن مخالفتن ۽ للڪارن کي منهن ڏئي سگهي ٿي ته ڪالاباغ ڊيم جي رٿا چڪاس لاءِ عالمي ڊيم ڪميشن ڏانهن اماڻي وڃي. جاچ ۾ وٽيون معلوماتي بحث مباحثن جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن انجو وڏو سبب وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ انهن جي ادارن جي انتهائي ڪريل ساک آهي.

اسين سمجهون ٿا ته مرڪز ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت رٿي انتهائي غير دانش منديءَ جو ثبوت ڏنو آهي. هيل تائين موجود سموري جاچ واضع ٿي ڪري ته اها رٿ ڪيترين ئي خامين جو ڳاڏڙ آهي. جنهن جي نتيجي ۾ آبپاشي ۽ توانائي جا لاڀ مشڪوڪ بڻيل آهن. جيڪڏهن انجا لاڀ ملڪ جي انتهائي قليل دولتمند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبادگارن ۽ صنعتڪارن کي حاصل ٿيندا تہ ملڪ جي عام شهرين جي وڏي اڪثريت انجي ڪري اهنجن جو شڪار ٿيندي.

پاڻي سان لاڳاپيل حياتي ۽ روزگار جي ذريعن جي اخلاقي ۽ قانوني حقن جي تعين لاءِ وسيع تر راءِ عامہ جي صلاحڪاري جي فوري ضرورت آهي. انڪان اڳ رياست ۽ انجي سهائتا ڪارن طرفان ڪابہ مداخلت جيڪا سنڌونديءَ جي پاڻي تي تاريخي دعوائن تي اثر انداز ٿيندي وسيع طور تي جمهوري وفاق جي آبادين ۽ شهرين جي بنيادي حقن تي رياست ۽ مرڪز طرفان راتاهو ليکي ويندي. ان ڳالهہ کي تسليم ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اسين ڪالاباغ ڊيم يا ڪو بيو ڊيم ناهڻ يا نہ ناهڻ بابت قومي اتفاق راءِ ڏانهن ڪا وک کڻي سگهون ٿا. بي صورت ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جون گڏجاڻيون ذميواري ۽ عوام ڏانهن جوابده راڄ جو انتهائي بي پهچ متبادل ئي رهنديون.

جيڪڏهن ڊيم جا حمائتي پنهنجي ڪيس جي بهتر سمجهاڻي سان سچا آهن تہ کين ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پهرين تہ حڪومت ۽ انجي ادارن کي ڪالاباغ ڊيم بابت سمورن دستاويزن سان هٿ چراند کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ٻيو اهڙا اضافي دستاويز تيار ڪيا وڃن جيڪي ڊيم جي فائدن، نقصانن ۽ سڌي ۽ اڻسڌي خرچن جا ايماندارڻا انگ اکر عوام تائين رسائين. ٽيون ڊيم جا حمائتي اها ڄاڻ مرڪز ۽ صوبائي حڪومتن ۾ سياسي اشرافيا سان نہ ونڊين، جن سان هو طبقاتي، ثقافتي ۽ مفادي بنيادن تي سوديبازي ڪري سگهن ٿا. رياست آڏو اصل ترقياتي للڪار ملڪ جي سمورن صوبن ۾ رهندڙ هزارين برادرين ۽ گروهن جي ڪروڙين عام شهرين سان شفاف ڳالهيون ڪرڻ آهي.

جڏهن لاهور ۽ اسلام آباد ۾ مرڪز وفاق جي سرڪاري وسيلن سان ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جو دفاع ٿو ڪري تہ ان وٽ انهيءَ جي جواز لاءِ رڳو قومي ترقي جو ميرانجهڙو ۽ تجريدي نعرو ۽ اڪثريتي رياست جو نظريو ئي آهي جيڪو پنهنجي سر عوام جي غربت ۽ اڻبرابري جو جواز ٿو پيدا ڪري. وسيلن تي واسطيدار ڌرين جي حقن کي ڇيهو ٿو رسائي ۽ مرڪز طرفان علاقائي توسيع پسندي کي اگهاڙي روپ ۾ همٿائي ٿو. پاڪستان جي منصفاڻي برابري جي حيثيت ۽ جمهوري وفاق جي راهہ تي سفر ۾ اهي ڳالهيون رڪاوٽن کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهن. انڪري اسان سيني کي انهيءَ هيج ۽ بي عقلي جي مزاحمت ڪرڻ گهرجي جيڪي ملڪ جي غريب عوام جي نڙي تي نهن آهن.

(دي نيوز جي ٿورن سان).

(ترجمو: اسلم خواجا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضميمو - 1

ليٽر نمبر بي - ١٩ (٦٧) / ٥٣ تاريخ ٢٦ - ٣ - ١٩٥٣

ڊيئر فاروقي،

آئون سمجهان ٿو تہ مرڪزي قانون ساز اسيمبلي جي موجوده بجيٽ اجلاس ۾ دريائي پاڻيءَ بابت سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ اختلافن جي ڏس ۾ هاشم گذدر جي تقرير اوهان جي ڌيان تي آندي ويئي هوندي جنهن اِن ڏس ۾ هيٺيان نقطا اٿاريا آهن:

١ - i. ورهاڱي کان اڳ واري هندستان سرڪار سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جي ورڇ بابت فيصلو سنڌ جي حق ۾ ڏنو هو جنهنتي عمل نہ ٿي رهيو آهي.

ii. پنجاب، سنڌ، خيرپور ۽ بهاولپور کان سنڌو جي پاڻيءَ تي سندن جائز حصو "کسي" رهيو آهي.

iii. پنجاب، ڊئم ۽ بئراج تعمير ڪري رهيو آهي ۽ پنجاب جي دريائي شرستي کي پاڻ ۾ڳنڍڻ لاءِ رٿائن تي عمل ڪري هيو آهي جنهن سبب سنڌو جو پاڻي هيٺ مشڪل سان ئي پهچي سگهندو.

٢ - هنن نقطن جو نهايت خبرداريءَ سان جائزو ورتو ويو آهي حقيقت تہ اها آهي تہ مرڪزي حڪومت پنجاب لاءِ ڪابہ اهڙي رٿا منظور نہ ڪئي اهي، جيڪا سنڌ پنجاب ٺاهہ واري مسودي ۾ نہ ڇاٽائي ويئي هجي. مون کي ڄاڻ آهي تہ ٻنهي صوبائي حڪومتن هن ٺاهہ جي رسمي منظوري ڪانہ ڏني هئي، پر اهي اختلاف مالي معاملن بابت هئا.

٣ - مرڪزي حڪومت کي اهڙي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي تہ پنجاب ۾ ڪو ڊيم ٺهي رهيو آهي. لڳي ٿو تہ مسٽر گذدر کي ان ڏس ۾ غلط ڄاڻ ملي آهي، مرڪزي حڪومت، پنجاب ۾ جنهن واحد بئراج جي اڏاوت جي منظوري ڏني آهي، سو تونسا بئراج آهي، جنهن جو ذڪر سنڌ-پنجاب ٺاهہ ۾ ٿيل آهي جيستائين لنڪ جو تعلق آهي تہ جيئن اوهان ڏانهن اماڻيل صنعتن واري وزارت جا ليٽر نمبر بي - ١٩ (٤٨) / ٥٣ تاريخ ١١ / ١٢ مارچ ١٩٥٣ ۾ ڇاٽايو ويو آهي تہ بمباوالا - راوي- بيديان لنڪ رڳو اوپر چناب ڪئنال جي پاڻيءَ جي نئين سر ورڇ جو ڪم ڪندو. اُن جر گنجائش بہ هزار ڪيوسڪ وڌيڪ آهي پر اضافي گنجائش، سنڌ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشوري بنا استعمال هيٺ نہ آندي ويندي. ٻيو لنڪ ڪئنال بلوڪي- سليمانڪي لنڪ آهي، جنهن جو ذڪر انڊرسن ڪميٽي رپورٽ ١٩٣٥ ۾ پڻ مليو ٿو ۽ گورنمينٽ آف انڊيا پڻ انڊس راؤ ڪميشن جي رپورٽ ۾ ان جي توثيق ڪئي هئي. سنڌ - پنجاب ناهہ واري مسعودي ۾ چاڻايو ويو آهي تہ پنجاب، چناب کي راوي ۽ ستلج سان ڳنڍڻ لاءِ19300 ڪيوسڪس جي گنجائش تائين لنڪ تعمير ڪري سگهجي ٿو. بلوڪي سليمانڪي لنڪ جي گنجائش ١٥ هزار ڪيوسڪس کي منٽگمري- پاڪ پتڻ لنڪ جي گنجائش سان ملائجي تہ بہ اِها مقرر حد جي اندر آهي. بلوڪي ، سليمانڪي لنڪ جو مقصد ايس وي ڪئنال جي قدرتي ڪوٽ جو پورائو ڪرڻ آهي، جيئن اڳ حوالو ڏنل ليٽر ۾ وضاحت ٿيل آهي.

۴ - آئون اوهانجو نهايت ٿورائتو رهندس جيڪڏهن اوهان مون کي سنڌونديءَ جي پاڻي جي ورڇ جي ذڪر ۾ ڪنهن اهڙي ڳالهہ جي ڄاڻ ڏيندا، جنهن بابت سنڌ سرڪار مطمئن نہ هجي.

ان ذڪر ۾ آئون اوهان جو ڌيان ليٽر نمبر پي ١٩ (٢١) ۵٣ تاريخ ١٦ جنوري ١٩۵٣ ڏانهن ڇڪائيندس جيڪو مون مسٽر فوئي کي لکي مرڪزي حڪومت طرفان اها خاطري ڏني هئي تہ سنڌ سان صلاح مشوري لاءِ اڳ آهي ڪنهن بہ رٿا جي منظوري نہ ڏيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضميمو -2

پاڪستان وفد جي ميمبر ڊاڪٽر ايم ايس قريشيءَ جو سنڌ حڪومت ڏانهن نوٽ

صوبائي نقطه نظر کي فيصلن ۽ عملن تي اثرانداز ٿيڻ ڏنو ويو. پهريائين وفد جي ڪنهن به سينئر ميمبر کي ٻڌائڻ بنا حڪومت کي انڊس لنڪ بابت سفارش ڪئي ويئي، جيڪا تجويز حڪومت رد ڪري ڇڏي. اُن هندستاني وفد يا بئنڪ سان اسان جي ڳالهين ۾ ڪوبه ڪردار نه ڪيو . جڏهن سينئر ميمبرن سان مشورو ڪيو ويو ته اُنهن يڪراءِ لنڪ جو ذڪر ڪرڻ جي به مخالفت ڪئي. مسٽر حامد ته مسٽر حسن کي جيڪو بهاولپور جو عيوضي هو اهو به چارو وڌو ته اُن لنڪ سان سليمانڪي تي بهاولپور جي واهن کي سنڌوءَ مان ربيع ۾ پاڻي ملي سگهندو. مسٽر حسن کي پاڻي جي مقدار جي جاچ هئي ۽ اصولي طور تي به هُن سنڌس مخالفت اهو چئي ڪئي ته هو هتي پاڪستان جو ڪيس وڙهڻ آيو آهي. ڪنهن خاص صوبي يا رياست جو نه. بهتر اهو ٿينو ته اندرين جهيڙن کي مستقبل لاءِ ڇڏيو وڃي.

ساڳي نموني اُلهندن دريائن مان سنڌ جي استعمال واري پاڻيءَ کي رد ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي. پاڪستاني پلان ۾ ان حد تائين غلط تخمينا پيش ڪيا ويا ته اپريل ۽ مئي ۾ نه رڳو سنڌونديءَ تي نون بئراجن کي سندن لاءِ رکيل پاڻي ملي سگهندو، پر وڌيڪ ترقيءَ لاءِ پڻ اضافي پاڻي بچندو. مون ۽ مسٽر حسن پنهي ان موقف سان اختلاف ڪيو ۽ مسٽر ٽيٽنس جي انداز ن اسان جي ڪڍيل ان نتيجي جو پٺڀرائي ڪئي ته حقيقت ۾ سال ۾ گهٽو ڪري پاڻيءَ جي اڻاٺ رهندي. گهٽي زور ڀرڻ ڪانپوءِ مسٽر حامد طرفان هڪ ضميمو جاري ڪيو ويو جنهن ۾ انهن مهينن ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي سنگين نوعيت ظاهر ڪئي ويئي.

مسٽر حامد پاڪستان جي پاڻيءَ کي پڻ ذاتي ملڪيت سمجهي رهيوهو. پهرين سندس سيڪٽري خليل الرحمان جنهن کي سندس اندوروني احساسن جو نگهبان هئڻ گهرجي پاڻي جي ڪوتا جي اهميت کي گهٽائڻ ۽ اهو چوڻ شروع ڪيو ته آخر ڪار انهن حقن تان هٿ ڪڻڻو پوندو. مون سندسن غير ذميدار روش تي

مسٽر حامد سان احتجاج ڪيو ۽ اهو واضع ڪيو تہ پاڻي جي مقرر ڪوٽا جو هڪ ڦڙو بہ نہ ڇڏيو. بعد ۾ مسٽر حامد پاڻ سرور جان خان کي چيو تہ معاهدي جي لاءِ هو پٽي جي مقرر ڪيل ڪوٽا تان بہ هٽ ڪٽي سگهي ٿو ۽ ساڳئي ڏينهن هن مسٽر حسن کي چيو تہ هو ماڌو ٿنل لاءِ پڻ راضي ٿي ويندو. جيڪڏهن زمين جي اُن پٽيءَ کي پاڪستان جي ڪنٽرول ۾ ڏنو وڃي. مسٽر حامد کي ان ڳالهہ جي ڪا ڳڻتي ڪانہ هئي تہ پاڻيءَ جو اهو اضافي مقدار انڊيا کي ملڻ سان پاڪستان کي ڪو نقصان ٿيندو.

پاڪستان جي ڊزائين (مسٽر حامد جي ناهيل) بدقسمتيءَ سان وفد جي سينئر ميمبرن جي اعمتاد تي پڻ پورو لهڻ ۾ ناڪام ٿي. ياد رهي تہ ورهاڱي مهل مسٽر حامد پنجاب ۾ سڀ کان سينئر مسلم انجنيئر هو. پارٽيشن ڪميشن ۽ بعد ۾ ثالثي ٽربيونل آڏو پاڻي جي ورڇ جو ڪيس اُنارڻ ۾ ناڪام ٿيو. هو ساڳيوئي ماڻهو هو جنهن اپريل ١٩٤٨ ۾ سندس حڪومت جي مسودي ڪانسواءِ هٽ ٺوڪي شملا ٺاهہ تي صحيحون ڪيون جنهن تحت هن راوي ۽ ستلج جي پاڻيءَ تي اولهہ پنجاب حڪومت جي سمورين دعوائن تان هٽ ڪنيو ۽ Seighiorage چارجز ادا ڪرڻ جو واعدو ڪيو تنهنڪري هو هر قيمت تي ڪنهن معاهدي تي پهچڻ جو خواهشمند هو. ٻئي پاسي وفد جي سينئر ميمبرن جو اصرار هو تہ ناٽي واري وزير محمد علي جي مشوري تي عمل ڪيو وڃي جيڪو هن ٢ سيپٽمبر ١٩٥٢ تي هيٺ ريت ڏنو هو:

”وفد کي معقول رويو اختيار ڪرڻ گهرجي پر ساڳئي وقت رکو ڪنهن معاهدي تي پهچڻ لاءِ اُن سيڪجهہ تان هٽ نہ ڪٽڻ جڳائي جن تان هٽ ڪٽڻ پاڪستان جي مفاد ۾ نہ هجي. تنهنڪري وفد کي معقول پر مضبوط موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. اهڙي ريت نقطہ نظر ۾اختلاف هو. جيڪو سُٺي ٽيم ورڪ لاءِ ساز گار نہ هو.

مسٽر نصير طرفان جنرل وهيلر کي اهي منٿون تہ هُو ڪنهن معاهدي ڪانسواءِ واپس نتا وڃي سگهن بيئنڪ کي ان ڳالهہ تي قائل ڪيو تہ پاڪستان ٺاهہ تي پهچڻ لاءِ ڪا بہ ڳالهہ کي قبول ڪري وٺندو. ايستائين جو حامد لاءِ نهايت هاجيڪار تجويز پڻ قابل قبول هئي سندس سيڪريٽري (خليل الرحمان) ۽ هو پاڻ سرور جان خان سان پهرين اپريل ١٩٥٤ تي ان ڳالهہ سهمت ٿيا تہ اهڙي حڪومت لاءِ ڪنهن فيصلي جي اميد نٿي رکي سگهجي جيڪا پاڻ لوڏن ۾ هجي ۽ فيصلو واشنگٽن ۾ ٿي ڪرڻ گهرجي، جنهن جي ذميواري انجنيئرن ٿي نہ پر ڪنهن ٻئي تي هوندي. شايد هو ناصر احمد جو حوالو ڏيئي رهيا هئا.

سرور جان خان اهڙي ڪنهن بہ ڪوشش جو مذاق اُڏائيندي چيو تہ ”اِها سندن دائره ڪاره ٻاهر آهي.“

ضميمو - 3

آبپاشي ۽ بجلي کاتو

موضوع: ون يونٽ ٽٽڻ بعد دريائي پاڻيءَ جي ورڇ جو بندوبست

ايس ڪي بلوچ سيڪريٽري آبپاشي بجلي کاتو اولهه پاڪستان ۽ سيڪريٽري (نامزد) پاڻي ۽ بجلي سنڌ ۽ ميان عليم الدين سيڪريٽري (نامزد) پاڻي ۽ بجلي پنجاب وچ ۾ ١٨ ۽ ١٩ جون ١٩٧٠ تي هڪ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ون يونٽ ٽٽڻ کانپوءِ آبپاشي لاءِ دريائي پاڻيءَ جي ورڇ جي مختلف پاسن جي نظر داري لاءِ ضروري مشينري جي جوڙ جڪ واري مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ هيٺين تجويزن تي يڪراءِ رضامندي جو اظهار ڪيو ويو:

الف) مستقبل جي پاڻي جي ڪوٽا جي تعين لاءِ پاڻي جي ورڇ وارو ڪميشن جوڙيو وڃي. اهو معاملو نهايت نازڪ نوعيت جو آهي جنهن جو چئني صوبن جي آبپاشي ڪاتن وچ ۾ سڌين ڳالهين ذريعي حل نٿو ڳولي سگهجي، اهو اهڙي قسم جو معاملو آهي جنهن ۾ چارئي صوبا گهڻي دلچسپي رکن ٿا.

ڪميشن جو چيئرمين سپريم ڪورٽ جو هڪ جج هئڻ گهرجي. جنهن جا چار ميمبر هجن، جيڪي ترجيحي طور تي اريگيشن انجنيئر هجن ۽ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي چئني صوبن مان هرهڪ طرفان هڪ هڪ ميمبر نامزد ڪيو وڃي.

سيڪريٽري (نامزد) سنڌ جو خيال آهي ته چيئرمن اوپر پاڪستان مان هئڻ گهرجي.

ب) دريائي پاڻيءَ جي انتظام جي سلسلي ۾ پنجاب ۽ سنڌ وچ ۾ روزانو جي بنياد تي پيدا ٿيندڙ اختلافن جي نبيري لاءِ هڪ ٻن ميمبرن وارو بورڊ مقرر ڪيو وڃي. جنهن ۾ پنجاب ۽ سنڌ جو هڪ هڪ ميمبر شامل هجي. اهي ميمبر چيف انجنيئر جي درجي جا هجن.

جنهن حد تائين ممڪن ٿي سگهي گڏجاڻيون واري واري سان لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ گهرجن، جنجي ميزبان ميمبر صدارت ڪري.

ان ڏس ۾ ڪابه شڪايت واسطيدار صوبي جي چيف انجنيئر ميمبر کي

ڪرڻ گهرجي. اهو ان ميمبر جو ڪم هوندو تہ اهو معاملو بورڊ ۾ سنڌس هم منصب وٽ کڻي وڃي. جيڪڏهن بورڊ ڪنهن نبيري تي نہ پهچي سگهي تہ اهو معاملو پاڻيءَ جي ورهاست واري ڪميشن کي اماڻيو وڃي. جنهن جو مٿين الف ۾ ذڪر ٿيل آهي.

ج) پاڻيءَ جي انگن اکرن جي درست هئڻ جي خاطري لاءِ پاڻيءَ جي وهڪري جا مشاهداتي سيل (ڊسچارج آبزرويشن سيل) قائم ڪرڻ گهرجن. سيلن جا سربراهہ ايگزيڪيوٽو انجنيئر هجن. جن جي مدد لاءِ چار اسسٽنٽ انجنيئر هئڻ گهرجن.

سنڌ حڪومت جا ڊسچارج آبزرويشن سيل، سنڌ حڪومت جي انتظامي ڪنٽرول ۾ هجن، جيڪي پنجاب ۾ مختلف بئراجن جو گڏيل طور مشاهدوڪن ۽ پاڻيءَ جي ضروري پئمائش ۽ نيڪال جا ڊسچارج آبزرويشن سيل، پنجاب آبپاشي کاتي جي انتظامي ڪنٽرول ۾ هوندا جيڪي سنڌ جي بئراجن جي ضروري پيمائش ۽ پاڻي جي نيڪال جو جائزو وٺندا ۽ انهن جا انگ اکر اماڻيندا. ميزبان حڪومت جي ذميواري هوندي تہ مختلف هيڊ ورڪس جي اسسٽنٽ انجنيئر ۽ سندن عملي کي مناسب رهائش مهيا ڪري.

هنن سيلن جي قائم ڪرڻ سان غلط ڄاڻايل غلط انگن اکرن جي ڏس ۾ شڪايتن ۽ جوابي شڪايتن کان بچڻ ۾ مدد ملندي.

اسان پنهي جو خيال آهي تہ مٿين ٽن تجويزن تي عمل سان ون يونٽ جي ٽٽڻ ڪانپوءِ پيدا ٿي سگهندڙ مسئلن جو مناسب اڪلاءَ ٿي سگهندو.

(مياں عليم الدين)
نامزد سيڪريٽري
پاڻي ۽ بجلي
حڪومت پنجاب.

(ايس - ڪي - بلوچ)
سيڪريٽري
پاڻي ۽ بجلي
حڪومت اولهہ پاڪستان ۽
سيڪريٽري
پاڻي ۽ بجلي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۸٦۰ کان رڪارڊ ڪيل ناڪام ڊيمن جو وچور، جن جي نتيجي ۾ ماڻهو اجل جو بہ شڪار بڻيا.

ڊيم	ملڪ	اوچائي (ميٽرن ۾)	مڪمل ٿيڻ جو سال	ناڪام ٿيڻ جو سال	مارجي ويل ماڻهن جو تعداد
ڊيل ڊائيڪ	برطانيا	29	1858	1864	250
آروهئيڪ	جاپان	28	1633	1868	1000 کان وڌيڪ
مل ندي	امريڪا	13	1865	1874	143
ايل هابارا	الجزائر	36	1853	1881	209
ويل پئرسو	چلي	17	1888	1888	100 کان وڌيڪ
ڏڪڻ فارڪ	امريڪا	22	1881	1889	2209
والنٽ گروو	امريڪا	34	1909	1890	150
بائوزي	فرانس	15	1897	1895	150
آسٽن	امريڪا	15	1915	1911	80
هيٺانهون اوٽي	امريڪا	40	1917	1916	30
بيلا ڊيسنا	چيڪو سلواڪيا	17	1923	1916	65
ٽگرا	ڀارت	24	1908/1924	1917	1000 کان وڌيڪ
گلينو	اٽلي	44	1926	1923	600

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۸۶۰ کان رڪارڊ ڪيل ناڪام ڊيمن جو وچور، جن جي نتيجي ۾ ماڻهو اجل جو بہ شڪار بڻيا.

ڊيم	ملڪ	اوچائي (ميٽرن ۾)	مڪمل ٿيڻ جو سال	ناڪام ٿيڻ جو سال	مارجي ويل ماڻهن جو تعداد
ايئجئاو/ڪائوڊٽي	ويلز	11	1923	1925	16
سينٽ فرانسس	امريڪا	62	1957	1928	450
ايلا سيلازربينو	اٽلي	12	1954	1935	100 ڪان وڌيڪ
ويگاڊي ٽيرا	اسپين .	34	اڏاوت هيٺ	1959	145
مالپاسيٽ	فرانس	61	اڏاوت هيٺ/ ۱۸۷۹	1959	421
اورس	برازيل	54	1960	1960	1000 ڪان وڌيڪ
ڊبل يار	يوڪرين	54/42	1962	1961	250
پينشت/خاداڪواسلا	ڀارت	261	اڏاوت هيٺ	1961	600
هيوڪيري	ڏکڻ ڪوريا	12	1938	1961	2600
ڪوالالمپور	ملائيشيا	16	1950 ڌماڪو	1961	250
وايونٽ	اٽلي	54	1976	1963	19
ڦوئبرا ڊلاچاپا	ڪولمبيا	15	1899	1963	96
سوئفٽ	امريڪا	32	1972	1964	100

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٨٦٠ کان رڪارڊ ڪيل ناڪام ڊيمن جو وچور، جن جي نتيجي ۾ ماڻهو اجل جو بہ شڪار بڻيا.

ڊيم	ملڪ	اوچائي (ميٽرن ۾)	مڪمل ٿيڻ جو سال	ناڪام ٿيڻ جو سال	مارجي ويل ماڻهن جو تعداد
زڪوريگراڊ	امريڪا	6	1980	1966	200
نانڪ ساگر	امريڪا	90	1980	1967	42
سيمپور	چين	13	1960 جو ڍانچو	1967	125
فرياس	امريڪا	26	1952	1970	237
بفيلو ڪريڪ	امريڪا	77	1980	1972	230,000
ڪينيان ڊيم	امريڪا	15	1962	1972	14
بانقيائو، شمنتان	ڀارت	23	1987	1975	39
ٽيٽون	ڀارت	18	1917	1976	39

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيمن جي نتيجي ۾ ذرتي ڌُٻڻ (زلزلا) جا رپورٽ ٿيل واقعا (ريڪٽر اسڪيل تي 4.0 ميگنيٽيوڊ کان وڌيڪ)

ڊيم	ملڪ	ذخيري جو مقدار (m3x106)	شروع ٿيڻ جو سال	سڀ کان وڏو زلزلو	ماپ
ڪوئينا	ڀارت	2780	1962	1967	6.3
ڪيريبا	زيمبيا/زمبابوي	175000	1958	1963	6.2
ڪريماستا	يونان	4750	1965	1966	6.2
جينفينگ زيانگ	چين	14,000	1959	1962	6.1
سريناڪارن	ٿائيليند	17,745	1977	1983	5.9
ميراٿن	يونان	41	1929	1938	5.7
اوروائل	امريڪا	4400	1967	1975	5.7
اسوان	مصر	164000	1964	1981	5.6
بين موري	نيوزيليند	2040	1964	1966	5.0
ايوڪمبيني	آسٽريليا	4761	1957	1959	5.0
هوور	امريڪا	36703	1935	1939	5.0
بجينا - بستا	يوگوسلوايا	340	1966	1967	5.0
ڀستا	ڀارت	947	1981	1983	4.9

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيمن جي نتيجي ۾ ڌرتي ڌٻڻ (زلزلا) جا رپورٽ ٿيل واقعا (ريڪٽر اسڪيل تي 4.0 ميگنيٽيوڊ کان وڌيڪ)

ڊيم	ملڪ	ذخيري جو مقدار (m3x106)	شروع ٿيڻ جو سال	سڀ کان وڏو زلزلو	ماپ
ڪير	امريڪا	1505	1958	1971	4.9
ڪروبي	جاپان	149	1960	1961	4.9
مونٽي نارڊ	فرانس	275	1962	1963	4.9
شينوو	چين	540	1972	1974	4.8
اڪوسومبو	گھانا	14,8000	1964	1964	4.7
ڪينيليس	اسپين	678	1960	1962	4.7
ڊينجيانڪوئو	چين	16000	1967	1973	4.7
گرانڊويل	فرانس	292	1959	1963	4.7
ڪستراڪي	يونان	1000	1968	1969	4.6
ليڪ پڪاڪي	نيوزيلينڊ	9000	1976	1978	4.6
نوريڪ	تاجڪستان	10500	1972	1972	4.6
فيوزيلنگ	چين	470	1954	1973	4.5
خائولائيم	ٿائلينڊ	8860	1984	1985	4.5

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيمن جي نتيجي ۾ ڌرتي ڌٻڻ (زلزلا) جا رپورٽ ٿيل واقعا (ريڪٽر اسڪيل تي 4.0 ميگنيٽوڊ کان وڏيڪ)

ڊيم	ملڪ	ذخيري جو مقدار (m3x106)	شروع ٿيڻ جو سال	سڀ کان وڏو زلزلو	ماپ
پياسترا	اٽلي	13	1965	1966	4.4
واگلينس	فرانس	605	1968	1971	4.4
ڪلارڪ هل	امريڪا	3517	1952	1974	4.3
پي ڪولبيا/والتاگريندي	برازيل	1500/2300	1973/4	1974	4.2
ڪاماريلاس	اسپين	37	1960	1964	4.1
مانيڪائوگن	ڪينيڊا	10423	1975	1975	4.1

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُلهندن دريائن جا موسمي ۽ ساليانا وهڪرا (ملين ايڪڙ فوٽن ۾)

سال	خريف	ربيع	مجموعي وهڪرو
1922-23	212.47	25.23	146.70
1923-24	130.47	23.55	154.02
1924-25	109.56	20.13	129.69
1925-26	100.50	18.21	118.71
1926-27	99.16	18.15	117.31
1927-28	90.44	20.41	110.85
1928-29	108.21	22.09	130.30
1929-30	97.20	26.96	124.16
1930-31	117.14	19.72	136.86
1931-32	101.28	22.31	123.59
1932-33	107.63	17.63	125.26
1933-34	125.68	18.76	144.44
1934-35	108.19	18.66	126.85
1935-36	116.81	22.29	139.10
1936-37	124.92	20.92	145.84
1937-38	110.10	21.35	131.45
1938-39	125.37	22.59	147.96
1939-40	127.25	17.55	144.80
1940-41	107.48	15.82	123.30
1941-42	106.61	25.61	132.22
1942-43	145.96	23.40	169.36
1943-44	130.54	19.61	150.15
1944-45	119.42	20.37	139.79
1945-46	131.64	19.10	150.74
1946-47	112.01	18.42	130.43
1947-48	101.36	23.31	124.67
1948-49	132.15	23.57	155.72
1949-50	132.29	23.71	156.00
1950-51	151.27	20.38	171.65
1951-52	93.60	20.21	113.81
1952-53	112.33	17.97	130.30
1953-54	116.31	26.77	143.08
1954-55	119.98	20.27	140.25
1955-56	107.51	25.02	132.53

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُلهندن دريائن جا موسمي ۽ ساليانا وهڪرا (ملين ايڪڙ فوٽن ۾)

سال	خريف	ربيع	مجموعي وهڪرو
1956-57	131.92	25.46	157.38
1957-58	123.00	28.10	151.10
1958-59	124.47	34.09	158.56
1959-60	154.74	32.05	186.79
1960-61	124.97	20.74	145.71
1961-62	119.58	20.93	140.51
1962-63	89.96	19.85	109.81
1963-64	113.40	21.66	135.06
1964-65	116.11	22.39	138.43
1965-66	117.81	21.09	138.90
1966-67	116.84	23.83	140.47
1967-68	120.42	25.76	146.18
1968-69	115.63	23.21	138.84
1969-70	114.49	19.76	134.25
1970-71	90.20	15.90	106.10
1971-72	88.27	15.74	104.01
1972-73	101.62	24.45	126.01
1973-74	145.20	19.77	164.97
1974-75	80.64	19.67	100.31
1975-76	116.30	23.22	139.52
1976-77	116.85	18.43	135.28
1977-78	104.36	23.10	127.46
1978-79	137.45	26.02	163.47
1979-80	108.84	23.12	131.96
1980-81	109.81	26.59	136.40
1981-82	117.68	22.93	140.61
1982-83	97.11	25.27	122.38
1983-84	128.29	21.67	149.94
1984-85	115.99	18.93	134.92
1985-86	91.66	26.02	117.68

وهڪري جون خاصيتون

سراسري	115.24	22.03	137.27

هن ڪتاب جا ليکڪ

جي ايم سيد

شير محمد بلوچ

پيٽرڪ مڪ ڪلي

پيٽر جان مئنل

قاضي عبدالمجيد

عبدالرسول ميمڻ

حافظ محمد صديق ميمڻ

ابرار قاضي

علي ارسلان/ محمد نعمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ
کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاءَ خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book